


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽين دُنيا جا سُور

مرلي ڌر

پيڪاڪ

پرنٽرس اينڊ پبلشرس ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليک جا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب: تين دُنيا جا سُور
ليکڪ: مرلي ڌر
تعداد: هڪ هزار ڪاپيون
ڪمپوزنگ: اقبال ابڙو
لي آئوٽ: فهيم سولنگي
ڇاپو پهريون: آگسٽ 2016ع
ڇپائيندڙ: پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس، ڪراچي
قيمت: 300 رپيا

ISBN # 978-969-9543-51-7

Book: **Teen Dunya Ja Soor**
Written by: Murli Dhar
Edition: August 2016
Print run: 1000 copies
Composer: Iqbal Abro
Layout: Fahim Solangi
Title: Zafar Aftab Abro
Published by: Peacock Printers & Publishers, Karachi
Price: Rs.300/=

ڪتاب ملڻ جو هنڌ

**پيڪاڪ بُڪ هائوس**

404 رفيق سينٽر، ويجهو زينب مارڪيٽ،
عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- سنڌ
فون نمبر: 021-35680607, 021-35682020

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارپنا

نثري نظم جي نالي واري شاعره

پشپا ولڀ جي نالي

- مرلي ڌر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| • اداري پاران | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | 7 |
| • مهاڳ | اعجاز منگي | 14 |
| • پيش لفظ | ڊاڪٽر قاسم راڄپر | 21 |
| • ٽين دنيا جا سور | ادل سولنگي | 26 |
| • پنهنجي پاران | مرلي ڌر | 32 |
| 1. وروڪڙ آ ڪيترو، سرڪاري علاج | | 35 |
| 2. جڏهن مسيحائي پيشو، هٽ وڪر بڻجي ويو | | 42 |
| 3. سهانگو موت-مهانگي زندگي | | 47 |
| 4. سرنديءَ وارا ۽ سرڪار گڏجي ڪي اپاءَ وٺن | | 52 |
| 5. ملڪ جي ٻهراڙي صحت جي ميدان ۾ پوئتي پيل آهي | | 55 |
| 6. معجزن جا منتظر مسڪين ماڻهو! | | 59 |
| 7. اسٽيم سيل ريسرچ ۽ انسان جو طبي سرشتو | | 62 |
| 8. ٻارن سان جنسي ڏاڍائي ۽ هيٺين ذات جا هندو | | 69 |
| 9. ٽين دنيا جا سور سوايا | | 75 |
| 10. ڏکڻ ڪوريا جي ترقي جو راز ڇا آهي؟ | | 89 |
| 11. ملائيشيا ۾ خوشحالي! | | 96 |
| 12. ٿائلينڊ | | 99 |
| 13. ڪراچي کان سکر تائين آس نراس جو سفر | | 112 |
| 14. سنڌي دانشورن جو بي وقتائتو موت ۽ رهجي ويل سوال! | | 121 |
| 15. ارشاد گلاباڻي سان گهاريل آخري ڏينهن! | | 125 |
| 16. اڻ هوند سبب هڪ معصوم جو موت! | | 129 |
| 17. اديب ۽ فنڪار قوم جو اثاثو آهن | | 132 |


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

18. راز ناٿن شاهي جي راءِ ۾ وڏو وزن آهي 136
19. تنهنجا منهنجا سور ٻه ساڳيا! 137
20. پڙهيل لکيل سنڌ ڪٿي آهي؟ 140
21. ٻوڏ ستايلن سان گهاريل 12 ڏينهن 147
22. مها ٻوڏ: ڀهراڙي ڪي ويران ۽ برباد ڪري ڇڏيو 152
23. ڪيڏو نه بي رحم آهي، اهو سڀ ڪجهه!! 156
24. عورتن جي جدوجهد 161
25. موهتا پيليس 165
26. گلوبل وارمنگ: ماحول ۾ گرمي جو وڌندڙ پڌ 167
27. اوم ڪمار جو اغوا 172
28. معاشري جا اڌوهي ڪاڙل ذهن! 174
29. گردن جو عالمي ڏينهن 179
30. هڙتال بدران ٻک هڙتال عوام دوست عمل آهي 182
31. انساني عضون جي پيوندڪاري وارو قانون 184
32. ڪاهي ڊر: غير فعال ۽ ڇڙوڇڙ 188
33. ڪاهي ڊر ڪي متحد ٿيڻو پوندو 190
34. هولي 194
35. ڏياري رڳو ڏيئا ٻارڻ جو نالو ناهي 196
36. هندو جنرل پنچائت ۽ سماجي ڀلائي 198
37. هندو جنرل پنچائت جو حساب ڏيو 202
38. آمريڪي پاليسي ۾ وڏي تبديلي 204
39. اڳوڻي چيف آف اسٽاف سعدالدين شاذلي جو هڪ اهم انٽرويو 208
40. عراق جنگ جون تباهيون 211
41. بلوچي ادب: محمد سردار خان گشڪوري 214
42. ڇوت ڇات جو سماجي پس منظر 218
43. ڪوٽا سسٽم 221
44. ڪتاب "اڪڙيون ڏيلا، من گهايل" هڪ تعارف 225
45. ڪتاب "صحت سيني لاءِ" هڪ تعارف 227


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اداري پاران

ڊاڪٽر مرليڌر پنهنجي شوق ۽ ذوق سان، اخبارن ۾ ليک لکندو آهي. ڪيس اديب، عالم يا محقق ٿيڻ جو ڪو شوق نہ آهي. سندس لکڻين جو مکيہ مقصد طبي معاملن بابت عوام ڪي آگاهي ڏيڻ آهي، خاص طور اهڙيون بيماريون جيڪي احتياط ۽ ڪِريءَ سان روڪي سگهن ٿيون. اهڙيون بيمارين جي سببن ۽ انهن جي احتياط لاءِ هو سنڌي ۽ اردو ۾ ليک لکندو آهي. جيئن تہ انهن مضمونن جو مقصد عوامي آگاهي هوندو آهي، ان ڪري ڊاڪٽر صاحب ٻولي بہ اهڙي آسان ۽ عام فهم استعمال ڪندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انگريزيءَ ۾ بہ طبع آزمائي ڪندو آهي. اهڙن مضمونن جو مقصدي پهلو چٽو ۽ واضح هوندو آهي. اهڙي خوبيءَ سبب ڊاڪٽر صاحب کي آل پاڪستان نيوز پيپرس سوسائٽي (APNS) پاران ڪيئي ڀيرا معياري مضمون لکڻ تي انعام اڪرام سان نوازيو ويو آهي. طبي مضمون کان علاوه ڊاڪٽر صاحب سياسي ۽ سماجي حالتن تي بہ لکندو آهي، ڇاڪاڻ تہ شاگرديءَ واري دور ۾ سندس لاڳاپو سياسي پارٽيءَ سان رهيو آهي. اهڙي طرح هو پنهنجي مطالعي ۽ مشاهدي مان بہ پڙهندڙن کي ونڊ ڪرائيندو آهي، ڪيس ڪو ڪتاب بہ پسند آيو تہ ان بابت پنهنجي راءِ مضمون جي صورت ۾ هڪ تاثر طور لکي ڇڏيندو آهي. ڪيس ڪنهن ٽريننگ يا گهمڻ جي حوالي سان ڪنهن ٻاهرين ملڪ ۾ وڃڻ ٿيو تہ اتان جي سماج جون ڪي خوبيون ۽ خصلتون بہ لکي پڙهندڙن جي آگاهي ۾ اضافو ڪندو آهي، جهڙي ريت اسان جو مانائتو ليکڪ سائين الطاف شيخ ڪندو آهي. ڀانئجي ٿو تہ ڊاڪٽر صاحب اها خاصيت هن وٽان ورائي آهي.

- ڊاڪٽر مرليڌر جي شخصيت، ڪردار ۽ عملي پهلوئن بابت اسان جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڄاڻ دوست اعجاز منگيءَ تمام سنو ۽ تفصيل سان لکيو آهي. منگي صاحب مرليڌر جي موضوعن تي بہ پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي، جيڪو پڙهڻ وٽان آهي. هو لکي ٿو تہ:

”هو جيڪو سنڌ جي سکي ستابي هندو فيمليءَ جو اهو فرزند هو، جنهن تي ڪنهن بہ سماجي برائيءَ جو ڪوئي پاڇو نہ هو. اهڙا ڇوڪرا هندو ڪميونٽيءَ جي حوالي سان هيرا سمجهيا ويندا آهن پر هن پنهنجي ان حيثيت جو بہ ڪڏهن سون تي سودو نہ ڪيو. هو جيڪو نوجوان شاعر بہ هو ۽ تنهن کي اتفاق انعام ۾ اها جيون ساٿي اربي جيڪا ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌ جي پهرين هندو شاعره هئي. جنهن جو جديد انداز سان ”دريءَ کان ٻاهر“ نالي وارو هڪ مجموعو بہ منظر عام تي اچي چڪو هو. ان پشپا ولڀ جي والد کان مرلي ڌر صرف هڪ مطالبو ڪيو تہ: هو ڏاج ۾ ڪجهہ نہ وٺندو!!“

اهو مرلي ڌر جنهن ننڍ ۽ آرام جي ويري وارڊ ”ايس آءِ يو ٽي“ ۾ پنهنجي ڪيريئر جي جدوجهد ڪئي پر پوءِ بہ هو لکڻ واري ڪم سان بيوفائي جو مرتڪب نہ ٿيو. هو جيڪو پنهنجي مزاج ۾ هڪ سچو، مخلص ۽ ڪميٽيڊ شخص آهي، تنهن ڪڏهن بہ ان جي تمنا نہ ڪئي تہ پنهنجن خيالن کي لفظن ۾ لاهڻ لاءِ هن کي لنڊنڊ پرڏن وارو اهو خاموش ڪمرو گهرجي، جنهن ۾ سمنڊ جي هلڪي هوا ايندي رهي ۽ ان پنهنجي پسند جي اسٽڊي ٽيبل تي دنيا کي تبديل ڪندڙ انسانن جا خوبصورت مجسما رکيل هجن ۽ ديوار تي بنگال جي مهاڪوي ٽيگور جي تصوير آويزان هجي ۽ هو هن ڌيان گيان جي ڪيفيت ۾ فينسي ڪاغذن مٿان مهانگو قلم هلائي!“

سنڌي ڊرامن کي نئين جوت بخشيندڙ مانوارو محقق ڊاڪٽر قاسم راڄپر بہ سائين مرليڌر کان متاثر نظر اچي ٿو. هن پنهنجي مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب جي شخصي گڻن جي ساراهہ ڪئي آهي ۽ سندس انسان دوست ڪردار کي وڏي اتساهہ سان پيش ڪري، نوجوان نسل کي سندس آدرشي اصولن تي هلڻ جي هدايت ڪئي آهي. هو لکي ٿو:

”ڊاڪٽر مرلي ڌر سماجي انارڪيءَ تي لچيندڙ ۽ ڦٿڪندڙ روح وارو اهڙو مسيحا آهي، جنهن جي اندر ۾ هڪ معصوم ٻارڙي جي دل ڌڙڪندي محسوس ٿيندي آهي. هو بنيادي طور تي هڪ ڊاڪٽر ۽ مسيحا آهي، جيڪو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسيحائي پيشوراڻين سرگرمين ۾ مصروف رهيو آهي. هو ادب،شاعري، سماجي جاڳرتا، روشن خيالي ۽ سيڪيولر سماج جي اڏاوت ڪندڙ اهڙو ڪردار آهي، جنهن جو اعليٰ انساني قدرن ۾ بي انتها ويساھ ۽ اُتساھ رهيو آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر ديس جي ڏکايل فردن جي نبض تي هٿ رکي اُنهن جي ڏکن کي ڏور ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪامياب ڪوششون ڪيون آهن، جنهنجو ذڪر ڪرڻ لاءِ به هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر جو پهريون ڪتاب ”اڪريون ڏيلا من گهايل“ آهي، جيڪو 2011ع ۾ شايع ٿيو. ان جو پيش لفظ نندي ڪند جي وڏي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ لکيو هو. سندس ٻيو ”صحت سيني لاءِ“ سماجي سجاڳي ۽ صحت جي بحالي بابت انهن ڪوشش جو ذڪر آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان بيمارين جي مٿان ضابطي رکڻ ۽ انهن جي مڪمل خاتمي تائين واريون رٿائون شامل آهن.“

ڊاڪٽر مرليڌر جي مضمونن ۽ موضوعن بابت نالي واري نقاد ۽ شاعر ادل سولنگي پڻ تفصيلي مضمون لکيو آهي، جيڪو هن ڪتاب ۾ شامل آهي. ادل سولنگيءَ ڪتاب ۽ ليکڪ بابت دل سان لکيو آهي ۽ بهتر انداز ۾ لکيو آهي. ان مضمون پڙهڻ سان، ڪتاب جو تت ۽ مقصد سامهون اچي وڃي ٿو. ادل، اڄ جي دور جي ڪن اعليٰ مثالي خدمت گذار انسانن جو به ذڪر ڪيو آهي، جيڪي انسانيت جي خدمت ۾ يقين رکن ٿا. پر هن اُتي سنڌ جي مها انسان 'ڏيارام گدومل' جو نالو به نه ڪنيون آهي، شايد هو سندس ڪارنامن کان اڻ واقف آهي. انڪري ضروري سمجهيو ويو ته اهڙي آدرشي انسان جو به ذڪر ٿيڻ گهرجي. ته جيئن نئين ٽهي سرڳواسي گدومل جي ڪارنامن کان واقف ٿئي. ان لاءِ به چار پيراگراف لکيا ويا آهن.

مونکي ذاتي طور ڊاڪٽر صاحب جو سياءُ ۽ عملي ڪردار گهڻو متاثر ڪندو آهي. هو سيني سان اخلاق سان ملندو آهي ۽ وس پڄندي، سيني جي مدد ڪندو آهي. وٽس ذات پات، رنگ نسل جو ڪو ڀيد ڀاءُ نه آهي. آنڌي مانجهي وٽس ڪو لڙي ويو ته ان جي مدد ضرور ڪندو. اهو ڪونه ڏسندو ته هو غريب آهي يا اميرُ هِتان آيو آهي يا هُتان. بقول ڀٽائي جي، ”ڪانه پڇي ٿو ذات، جيڪي آئيا سي اگهي ويا“ ڊاڪٽر صاحب انسانيت ۾ ويساھ رکي ٿو. ان فلسفي تي عمل ڪرڻ بنهه اوکو آهي. اهي ڏونگر اُهي ڏوريندا، جن جو اندر اڌ

هوندو! اها ڪا رواجي ڳالهه نه آهي. اڄ هر شعبي ۾ 'اول ڪيس پوءِ درويش'، نظر اچي ٿو. پلاڻي وارا ڪم ته ڪوڙ سارا ڊاڪٽر انجنيئر، حڪيم، طبيب، استاد، سياسي اڳواڻ ڪن پيا، پر انسانيت جي خدمت ڪرڻ لاءِ 'ڪو هيو فهم' گهرجي. اهڙو ڪريڊٽ، اسان اڄ عبدالستار ايڌي کي ڏيون ٿا. بيشڪ، هن اهڙا ڪم ڪري ڏيکاريا. ايڌي صاحب، زماني جي ليکي ۾ ناجائز ٻار به سنڀاليا، ته يتيم گهر ڪراڙن لاءِ اجها، عورتن لاءِ الڳ آشرم جوڙايا، جنهن ۾ سيني ذاتين ۽ ملڪ جا ماڻهو رهندا آهن. اُهي ندورا ماڻهو جن کي پنهنجا به ڪن سببن: بيمارين، ناجائز ولادت، پيسي جي تنگي، ڪمرن جي ڪوٽ، اولاد جي نافرماني وغيره ڪري گهران تڙي ڇڏيندا هئا، انهن جو اَجهو عبدالستار ايڌي هو. هن گهڻ مقصد وارو ادارو جوڙي ايندڙ پنجاهه سالن تائين ساڳي جذبي کي جاودان رکيو آهي. اهو وڏو ڪارنامو آهي ان تي اسان سڀ ساڃاهه وند کيس سلام پيش ڪيون ٿا.

ساڳي جذبي وارو انسان، ڊاڪٽر اديب رضوي به آهي، جنهن هڪ ننڍي اسپتال کان وٺي اڄ جديد انداز وارو ادارو SIUT جوڙيو آهي، جتي اڄ گردن، رت جي مٽاسٽا (Dialysis) مٿاني جون بيماريون ٻارن جون بيماريون، جگر جون بيماريون، آپريشن وغيره مفت، بلڪل مفت، اعلىٰ پيماني تي ٿين ٿا. انهن جو مثال پوري پاڪستان ۾ ڪو به سرڪاري ادارو ڏئي نه سگهندو! ڊاڪٽر رضوي جو پڻ ساڳيو ايمان آهي، 'انسانيت' ۽ انسانيت! هن اداري کي هلائڻ ۽ مستقل بنيادن تي بيهارڻ لاءِ ڪيئي ڪشالا ڪديا آهن. ايڌي وڏي گهڻ مقصدي مفت اسپتال، جنهن ۾ روزانه 43 سؤ مريضن جو علاج ٿيندو هجي ڪا مذاق نه آهي!! انڪان علاوه ڊاڪٽر رضوي جو اهو به ڪارنامو آهي ته هن پاڪستان جهڙي بنياد پرست رياست مان عضون جي پيوندڪاري بابت پارليامينٽ مان بل پاس ڪرايو آهي.

بلاشڪ، محترم ڊاڪٽر اديب رضوي طب جي شعبي ۾، لاثاني خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهي. جنهن ۾ پڻ ڪنهن رنگ، نسل ۽ مذهب جو ڪو به عمل دخل نه آهي. ڊاڪٽر رضوي جو ٻيون ڪارنامو اِهو آهي ته هن ڊاڪٽرن ۽ رضاڪارن جي هڪ ٽيم پڻ جوڙي آهي، جيڪي بلاشڪ ساڳئي جذبي سان، بنان ڪنهن وڌيڪ اجوري يا اعزاز جي ڪم ڪندي رهي ٿي. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽيم جي پهرين پنجن اهم فردن ۾، ڊاڪٽر مرليڌر بہ شامل آهي، جيڪو ڏينهن رات، ساڳي جذبي ۽ ولولي سان ڪم ڪندو رهي ٿو.

آءُ، ان ڏس ۾، ٿورو پوئتي نهاريان ٿو: مونکي ساڳين جذبن ۽ اعلىٰ آدرشن وارو هڪ مهاپرش سرڳواسي ڏيارام گدومل شاهواڻي نظر اچي ٿو. جنهن جا ايترا تہ ڪارناما آهن، جو سائين عبدالستار ايڌي، ڊاڪٽر اديب رضوي، سيلاني، رحماني، رمضان ڇيپا، الخدمت سميت سيئي فلاحي ادارا هڪ طرف ۽ ڏيارام گدومل شاهاڻي جون سماجي ڀلائي، تعليم، طب، انساني ڀلائي غريب پروري واريون خدمتون ٻئي طرف، پوءِ بہ ڏيارام جو پلوڙو ڳورو نظرايندو. سندس قصا ۽ خدمتون بيپناهہ آهن، جن بابت پروفيسر قيرواڻي، پير علي محمد راشدي، سائين علي محمد بروهي وغيره، جا ڪتاب ۽ تفصيلي ليک پڙهڻ گهرجن. اڄ جي نئين نسل کي اهڙن عظيم ڪردارن، جن صرف انسانيت جي عزم کي اوچو رکيو بابت تفصيل سان ٻڌائڻ جي ضرورت آهي.

ڏيارام پهريون ماڻهو هو، جنهن سنڌ ۾، اعلىٰ تعليم جو بنياد رکيو. هڪ آرٽس ڪاليج ڪراچي ۾ ۽ ٻيو حيدرآباد ۾ پنهنجي خرچ سان جوڙايو. جڏهن جج ٿيو تہ گڏيل هندستان جي مختلف رياستن ۾ ڪم ڪندي اهڙا تہ فيصلا ڪيائين جو پوري نندي ڪنڌ ۾، سنڌ جي جڊيشري نظام جي هاڪ هئي. هو علم، عدل تورڙي طبي معاملن ۾ ذات پات، رنگ نسل کي نہ ڏسندو هو. هن هڪ طرف 'ڪوڙهہ' جي علاج لاءِ اسپتال کولي تہ ٻئي پاسي ٽي بي لاءِ سينٽوريم، چرين جي علاج لاءِ 'گدو' اسپتال جوڙائي. غريب شاگردن لاءِ حيدرآباد ۾ "غريبڙي بينڪ" کولائي، جتي هڪ آنڪ بہ جمع ٿيندي هئي. بنگال واري گرامين بينڪ کان 80 سال اڳ هن اهڙو تصور ڏنو هو.

هتي مان پير علي محمد راشدي جي ڪتاب "اهي ڏينهن، اُهي شينهن" مان هڪ ٽڪرو پيش ڪيان ٿو. جنهن مان سندس سماجي خدمتن جي جهلڪ نظر ايندي.

"ڏيارام گدومل جي سماجي خدمتن، خواه خير خيراتين جي ذڪر لاءِ علحده ڪتاب گهرجي. هڪ گهڙي بہ زندگيءَ جي اجائي نہ وڃايائين. حيدرآباد ۾ ٻہ دفعا پليگ پئي. ٻئي دفعا پنهنجي خرچ سان اسپتالون کوليائين. جن ۾ روزانہ پاڻ وڃي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بيمارن جي چيٽ ڪندو هو ۽ خود پليگ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ قاسڻ جو ڪو انديشو ڪونہ رکندو هو.ڪچ پاسي ڏڪار پيو تہ سهائتا لاءِ هزان انتظام ڪيائين. انهن ئي ڏينهن ۾ خانديش ۾ بہ اهڙو ڏڪار پيو جو ماڻهو ٻارڙا ڦٽي ڪري گم ٿي ويا يا مرندا ٿي رهيا. ڏيارام انهن يتيم ٻارڙن جي پرورش لاءِ ادارو کوليو ۽ اٺ سؤ ٻارن جي پالنا ڪيائين. حيدرآباد ۾ عورتن جي تعليم لاءِ اسڪولن جو هڪ وسيع ڄار پکيڙي ڇڏيائين. سندس عقيدو هو تہ جيستائين مائن ۾ تعليم ۽ شعور نہ آيا آهن، چڱي نسل جي اُپڙڻ جو ڪو امڪان ٿي نٿو سگهي. آخر ۾ رهڻ جي جاءِ ڇڏي باقي ساري ملڪيت خيراتي ٽرسٽ جي حوالي ڪري ڇڏيائين. سندس خيرات سنڌ تائين بہ محدود ڪانہ هوندي هئي.

ڏرمپور جي سلهہ گهر جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي، ان ڪانسواءِ امرتسر ۾ پنهنجي خرچ سان لائبريري ۽ شانتي آشرم قائم ڪرايائين. ڪلڪتي جي سائنسي انسٽيٽيوٽ، (جتي سرجگديش بوس وڻن جي ٻولين سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي) لاءِ مستقل گرانٽ مقرر ڪيائين، جنهن جي رقم اڳواٽ سرڪار جي حوالي ڪري ڇڏيائين. ساڳي طرح ٽيگور جي شهره آفاق اداري 'شانتي نڪيتن' کي بہ وڏانس امداد ملندي رهي. ڪراچي ۾ مشهور سيوا ڪنج ۽ شرن گنتي لائبريري سندس پئسي مان قائم ٿيا. ڪوڙهين جي اسپتال ڪولرائڻ ۾ بہ سندس هٿ ۽ پسئو هو. (جن ٻين ادارن کي سندس ٽرسٽ مان پئسا ملندا هئا، تن جي لسٽ تمام طويل آهي.) 1911ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ مان رٽائر ڪري، هوميوپيٿي سکي غريبن جي دوا درمل ڪرڻ لڳو. ان سان گڏ ڪتاب بہ لکندو رهيو. وڏن ماڻهن سان گڏجڻ بلڪل ڇڏي ڏنائين. گانڌي جي ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ان پايي جا ٻيا ڪيترا ماڻهو ملاقات لاءِ وٽس ويا تہ انهن کي موٽائي ڇڏيائين. ڦاٽل پراڻا چتين لڳل ڪپڙا پائيندو هو. جيڪي هو ڏوئيندو بہ پاڻ هو. جيترو وقت خدمت خلق کان بچندو هوس، سو ڌيان گيان ۾ گذاريندو هو. 1927ع ۾ سندس چالاڻو ٿيو. رٽائر ٿيڻ کان پوءِ جو زمانو بمبئي پاسي رهيو. ["اُهي ڏينهن، اُهي شينهن" گڏيل جلد سال 2011ع-ص، 716]

جيتوڻيڪ مرليڌر ان پد تي ناهي پهتو، پر جيڪڏهن حالتن کيس موقعو فراهم ڪيو تہ هرڳز بہ پوئتي نہ ٿيندو. مونکي الائي چو ڪاڪي گدومل ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جو ماضي هڪ ٿو نظر اچي، پاڻيان تہ هو ساڳي ڪَلُ مان آهين.

هو اجا ننڍو آهي، پنجين ڏهاڪي ۾ پيو هَلي، جڏهن هو سٺ کي سلام ڪري سَتر واري ڏهاڪي ۾ پهچندو ته اوهان کيس متي ذڪر ڪيل شخصيتن وارا ڪم ڪندي ڏسندا. ستاري جو اپارُ اهو پيو بڪائي، ڏٺي پاڪ کيس وڏي جمار ۽ همت ڏيندو، جو اسان جي اڳ ڪٿي صحيح ثابت ٿيندي نظر ايندي.

سندس ڪتاب جي نالي ”ٽين دنيا جا سور“ مان به اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سندس سوچ ڪهڙي آهي. هيءَ دنيا صوفي مت مطابق ٻن طبقن ۾ ورهايل آهي: هڪڙا ”دردمند ٻيا غرضمند“ مرليڌر جو لاڳاپو ’اهل درد‘ سان آهي.

اميد ته پڙهندڙ ڪتاب پڙهي پاڻ پرائيندا ۽ خوبين خامين کان اداري کي آگاهہ ڪندا.

**ڊاڪٽر آفتاب ابڙو**
چيئرمين
پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبلشرس
ڪراچي- سنڌ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

اتر سنڌ جو اهو سنهڙو ڇوڪرو، هاڻي وڏو ٿي ويو آهي. پر هن کي پوءِ بہ اياز جهڙي، اهڙي ڪا شڪايت ناهي تہ:

”سون جهڙي جواني، اسان ڪان وئي
وار چاندي ڪيئہ، عمر ايڏي نڳي!“

هاڻي هو پنهنجن ”سالٽ اينڊ پيپر“ وارن سوڌو ڪنهن بہ ارهائيءَ ۾ ناهي. هو جنهن کي ڪڏهن ڪجل جي رنگ جهڙا اهي ڪارا گهاٽا وار هئا، جيڪي هاڻي رک وانگر هلڪا ۽ بيلڪ ان وائٽ ٿيڻجي ويا آهن. پر انهن وارن واري مٿي ۾ هن جو دماغ اڄ بہ انقلابي باهہ جون چڻيون ڇٽي ٿو. هن جي سوچ اڄ بہ پرهہ جي پانڌ جهڙي آهي. هو اڄ بہ احساس ۽ عمل کي هڪ مناسب توازن جي تارازيءَ ۾ توري وقت جي هر پل سان انصاف ڪري ٿو.

هو جيڪو سائنسي سوچ سان سلهاڙيل انسان آهي. هن کي معلوم آهي تہ جسم آهستي آهستي جهري ٿو. انسان جا عضوا رشتن وانگر ساٿ ڇڏيندا وڃن ٿا. وقت هڪ ڦوروءَ وانگر ماڻهوءَ کي مسلسل ڦريندو رهي ٿو. پر اهو وقت جنهن کي جديد نفسيات جي ابي سگمنڊ فرائڊ سڀ کان وڏو فاتح قرار ڏنو هو. تنهن هن جي حوصلي کي اڃان تائين شڪست نہ ڏني آهي ۽ عمر جو ڌاڙيل هن جي مک تان اها معصوم مرڪ نہ ڦري سگهيو آهي، جيڪا هن جي سڃاڻ آهي. هن جي چهري تي اڄ بہ سنجيدگي ۽ سڪون جا پر خم پاڇا لهرائن ٿا ۽ هو اڄ بہ ان وفا جي مورت آهي، جنهن جي پارت ڪندي يونان جي عظيم ناول نگار ڪازانت زاڪس لکيو هو تہ ”حقيقت کي ڦيرائي سگهين يا نہ پر اهي اکيون ڪڏهن بہ ڦيرائجانءِ جيڪي حقيقت کي ڏسن ٿيون“ هو اڄ بہ شين کي

سائنسي نقطہ نظر سان ڏسي ٿو. هو اڄ بہ سوچي ٿو تہ "تبديليءَ جي ابتدا جيڪڏهن انسان جي، پنهنجي ذات ناهي تہ پوءِ ان جو جائزو ٻيهر وٺڻ گهرجي"

منهنجي معلومات مطابق اسان جي دوست مرلي ڏر زندگيءَ جي ڪڏهن بہ پلاننگ نہ ڪئي آهي. هو جنهن جيڪب آباد جي ساڙيندڙ سرداري نظام ۾ جنم ورتو، تنهن جڏهن پنهنجي ڪٽنب جي پريس هلائي، تڏهن بہ هن جي ذهن ۾ ڪا وڏي پلاننگ نہ هئي. هن جڏهن ضياءَ جي آمريت دوران لاڙڪاڻي جي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ "ڊي ايس ايف" جهڙي جمهوري ۽ ترقي پسند اسٽوڊنٽ فرنٽ کي آرگنائيز ٿي ڪيو، ان وقت بہ هن ۾ ليڊر ٿيڻ جي ڪا لالچ نہ هئي. هن جي مزاج ۾ قلمڪار ٿيڻ جو لاڙو منڊ کان وٺي موجود هو.ضياءَ جي آمريت دوران نہ صرف ادب دوست ساٿين سان گڏجي "جاڳرتا" جهڙي انمول ميگزين جا بہ پرچا ڪڍيا پر هن هندو ڪميونٽيءَ ۾ روشن خياليءَ جو سوجهرو ڦهلائڻ لاءِ "ڏياري" جي نالي سان هڪ منفرد ميگزين ڪڍڻ ۾ ڪامياب ٿيو. هو جنهن ايم بي بي ايس پاس ڪرڻ بعد ڪامريڊ سوڀي گيانچندا ڻيءَ سان عملي ڪم جي سلسلي ۾ صلاح مصلحت ڪئي تہ ڪامريڊ سوڀي هن کي ميڊيڪل جي محاذ تي انسان دوست ۽ روشن خيال ڪردار ادا ڪرڻ جو مشورو ڏنو ۽ هن هڪ سدوري سرخي وانگر ڪجهہ وڳا ٿيلهي ۾ وڌا ۽ ڪراچي هليو آيو. لالو کيت جي ٽين واري ڇت واري ڪمري ۾ گرمين ۽ سردين سهندي هو دکي انسانيت جي خدمت ۾ مشغول ٿي ويو.

هو جيڪو سنڌ جي سڪي ستابي هندو فيمليءَ جو اهو فرزند هو، جنهن تي ڪنهن بہ سماجي برائيءَ جو ڪوئي پاڇو نہ هو. اهڙا ڇوڪرا هندو ڪميونٽيءَ جي حوالي سان هيرا سمجهيا ويندا آهن پر هن پنهنجي ان حيثيت جو بہ ڪڏهن سون تي سودو نہ ڪيو. هو جيڪو نوجوان شاعر بہ هو ۽ تنهن کي اتفاق انعام ۾ اها جيون ساٿي ارپي جيڪا ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌ جي پهرين هندو شاعره هئي. جنهن جو جديد انداز سان "دريءَ کان ٻاهر" نالي وارو هڪ مجموعو بہ منظر عام تي اچي چڪو هو. ان پشپا ولڀ جي والد کان مرلي ڏر صرف هڪ مطالبو ڪيو تہ: هو ڏاج ۾ ڪجهہ نہ وٺندو!!

اهو مرلي ڏر جنهن ننڍ ۽ آرام جي ويري وارڊ "ايس آءِ يو ٽي" ۾ پنهنجي ڪيريئر جي جدوجهد ڪئي پر پوءِ بہ هو لکڻ واري ڪم سان بيوفائي

جو مرتڪب نہ ٿيو. هو جيڪو پنهنجي مزاج ۾ هڪ سچو، مخلص ۽ ڪميٽيڊ شخص آهي، تنهن ڪڏهن بہ ان جي تمنا نہ ڪئي تہ پنهنجن خيالن کي لفظن ۾ لاهڻ لاءِ هن کي لڏندڙ پردن وارو اهو خاموش ڪمرو گهرجي، جنهن ۾ سمنڊ جي هلڪي هوا ايندي رهي ۽ ان پنهنجي پسند جي اسٽڊي ٽيبل تي دنيا کي تبديل ڪندڙ انسانن جا خوبصورت مجسما رکيل هجن ۽ ديوار تي بنگال جي مهاڪوي ٽيگور جي تصوير آويزان هجي ۽ هو هن ڌيان گيان جي ڪيفيت ۾ فينسي ڪاغذن مٿان مهانگو قلم هلائي!

هن جيڪو ڪجهہ بہ لکيو، اهو او پي ڊي هلائيندي پنهنجي ايپرن ۾ پيل پنن جي ٽڪرن تي پنهنجا خيال هڪ مريض کان ٻي مريض جي وچ واري وقفي يا چانهن پيئڻ واري وقت دوران منتقل ڪندو رهيو ۽ اهڙي ماحول ۽ ڪيفيت ۾ هڪ ڪالم يا مضمون لکڻ تہ ممڪن آهي پر هڪ پورهيت اديب ۽ شاعر وانگر مرلي ڌر سماج جي سورن ۽ پنهنجي اندر جي احساسن کي شاعريءَ جي صورت ۾ اظهاريو ۽ ان سان گڏوگڏ هو جيڪي سنڌ جي ماڻهن کي صحت جي ڄاڻ ڏيندو رهيو، ان ڪرت کي بہ هو ڪاغذن تي منتقل ڪندو رهيو. جنهن سبب ڇهہ سال اڳ هن جو شعري مجموعو ”اڪڙيون ڏيلا من گهايل“ منظر عام تي آيو ۽ هڪ سال بعد هن سنجيده نثري لکڻين جو ڪتاب ”صحت سيني لاءِ“ پڙهندڙن تائين پهچايو. محنت ۽ محبت سان لکڻ جي مسلسل مشق جو ٽيون ڦل هن ڪتاب جي صورت ۾ سنڌ آڏو آهي، جنهن ۾ مرلي ڌر جا مضمون آهن.انهن مضمونن ۾ نہ اجائي لفاظي آهي ۽ نہ پاڻ پڏاءُ جو ڪوئي پهلو! اهي مضمون مرلي ڌر مشهور ٿيڻ جي لاءِ بہ نہ لکيا ۽ نہ وري هن کي ڪڏهن اها خواهش رهي تہ هن کي ڪنهن ساهتي سنگهاسن تي ويهاري هن جي ادبي آرتي اتاري وڃي. هو هڪ وقت ٻن فرضن کي ادا ڪندو رهيو. هڪ معالج جو فرض ۽ ان محقق جو فرض جيڪو فرانز فينن وانگر جسماني بيمارين جا سماجي ۽ سياسي سبب بيان ڪندو رهيو. جهڙي ريت روس جي عظيم انارڪسٽ انقلابي ڪروپاٽڪن پنهنجي ڪتابن ۾ اهو سوال اٿاريو هو تہ ”اسان غريب ڇو آهيون؟“

تهڙي ريت مرلي ڌر پنهنجن انهن مضمونن ۾ سنڌ جي ماڻهن کي اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ ”اسان بيمار ڇو آهيون؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو هر مضمون، هن جي مضمون جي هر سٽ، هر لفظ، صرف اهو سٽ سلجهائي ٿو تہ اسان آخر اگها ڇو آهيون؟

مرلي ڌر پنهنجن مضمونن ۾ پنهنجي ديس جي ماڻهن کي اها ڳالهہ ٻڌائي آهي تہ اسان بيمار ان ڪري آهيون، ڇو تہ اسان جو معاشرو بيمار آهي. انهن مضمونن جو تت اهو آهي تہ هڪ اگهي معاشري ۾ سگها ماڻهو ممڪن ناهن!! ۽ انهن مضمونن ۾ اهو پيغام بہ آهي تہ اگها ماڻهو سگهي سماج جي جوڙجڪ ڪري نہ ٿا سگهن.

مرلي ڌر ڊاڪٽر جي حيثيت ۾ جسماني بيمارين جو علاج ڪري ٿو ۽ هڪ ليکڪ جي حيثيت ۾ هو پنهنجي ڌرتيءَ جي انسانن جو ذهني علاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هن جا بيئي ڪم هڪ ٻئي کي ڪٽين نہ ٿا. هڪ ٻئي سان الجهن بہ نہ ٿا. اهي بيئي ڪم ٻن ساٿين وانگر ساڳي مقصد ماڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن. اهي بيئي ڪم هڪ ٻئي جا ساٿاري آهن. ان ڪم مان تہ هي ڪتاب وجود ۾ آيو آهي، جيڪو بنيادي طور تي ”صحت سڀن لاءِ“ واري انقلابي نعري مان نڪتو آهي ۽ هن ڊاڪٽر هجڻ جي باوجود هن منظرعام تي اچي ان سچائيءَ جو انڪشاف ڪيو آهي تہ ”سرمائيدار نظام ۾ علاج هڪ انڊسٽري آهي“

مرلي ڌر هن ڪتاب جي مضمونن ۾ ميڊيڪل سائنس جي منجهيل مسئلن کي انسان دوست ۽ سائنسي سوچ سان سلهاڙي پيش ڪيو آهي. هو ڪنهن بہ صورت برداشت نہ ٿو ڪري سگهي تہ هڪ عورت جو استحصال صرف ان ڪري ڪيو وڃي تہ هن مرداڻي سماج ۾ جنم ورتو جو جرم ڪيو آهي. هو سيڪس جهڙي انتهائي حساس موضوع ۾ بہ مرداڻي سوچ جو پيرو کڻي ان کي تنقيد جو نشانو بڻائيندي اسان کي هڪ فيمينسٽ خاتون مفڪر جي حوالي سان سمجهائي ٿو تہ ”مرد سيڪس جهڙي فطري طور تي رومانوي دائري ۾ بہ عورت مٿان پنهنجي حاڪميت مڙهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو“

اهڙا خيال اسان کي انهن مضمونن ۾ ٻڌايا آهن. ان مرلي ڌر جيڪو صرف مريض جي گردن جو معانو نہ ٿو ڪري پر ٻوڏ دوران علاج لاءِ آيل هڪ ڪمزور ۽ رت کان وانجهيل ٻهراڙيءَ جي غريب ڇوڪريءَ جا اگهاڙا پير بہ ڏسي

ٿو ۽ ڪيس جُتي پائڻ جي هدايت ڪري ٿو ۽ ان جواب تي هن جو جيءُ جهري پوي ٿو ته ”جتي بکايل پيٽ کي ماني ڳيي جو حق حاصل نه هجي، اتي اگهاڙن پيرن ۾ جُتي پائڻ جو حق ڪيئن حاصل ٿيندو؟“

مرلي ڌر جا اهي مضمون صرف ميڊيڪل جي دائري ۾ داخل مريضن جون مشڪلاتون بيان ڪرڻ تائين محدود ناهن. هو مسڪين ماڻهن کي ”صحت جو حق“ ڏيڻ واري مشن جي دوران جڏهن پنهنجي ڪيپٽن ۽ ٽيم سميت ڪراچيءَ کان سکر تائين سفر ڪري ٿو ته هو سنڌ ۾ تباهه ٿيل ريلوي نظام تي به لکي ٿو.

مرلي ڌر هڪ بيحد مصروف وارڊ ۾ هجڻ جي باوجود نه صرف هن ملڪ بلڪ هن دنيا کان ڪٽجي رهڻ افورڊ ڪري نه ٿو سگهي. ان ڪري جڏهن آمريڪا بغداد تي بم وسائي ٿو، تڏهن هو ترسي پوي ٿو، جان ميڪم جي انهن لفظن تي ته ”جنگ ۾ ونيون بيواه ۽ ٻار يتيم ٿي ويندا آهن.“

هو اسلحي جي فيڪٽرين ۽ ٽين دنيا ۾ ان لاءِ پيدا ڪيو ويندڙ مارڪيٽ کان به آگاهه آهي.

هو آگاهه آهي ان ”آس نراس جي سفر“ کان جنهن ۾ هڪ انقلابي پنهنجي حوصلي کي هٿيار ڦٽائي مايوس خيالن سان وڙهندو رهي ٿو. جيڪو پنهنجي جهرندڙ جيءَ کي انهن خيالن سان سهيڙي ٿو ته: ”آخري فتح مظلوم انسانيت جي ٿيندي“

مرلي ڌر جي انهن مضمونن ۾ ماتم ناهي. انهن ۾ سوچ ۽ سمجهه جو سڏ آهي. انهن مضمونن ۾ اسان جي دوست صرف اهو ڪجهه نه لکيو آهي، جيڪو ڪجهه نه ڏٺو آهي، پر انهن مضمونن ۾ هن پنهنجي سوچ ۽ سمجهه سان ڪوڙ جي ڪوٽ مٿان ڀرپور حملا ڪيا آهن.

تبصرو ڪرڻ تمام آسان ڪم آهي. مرلي ڌر انهن مضمونن ۾ تحقيق به ڪئي آهي ۽ ان ۾ صرف مشاهدي جا پهلو ناهن پر انهن ۾ مطالعي کي به ڀرپور انداز سان هڪ مددي اوزار طور ڪتب آندو ويو آهي. جڏهن هو جهاز ۾ آهي تڏهن هو پنهنجي سيٽ جي سامهون واري اسڪرين تي ڪائي مووي ڏسڻ يا من پسند ميوزڪ ٻڌڻ بدران ارون ڌتي راءِ جهڙي انقلابي عورت جون لکڻيون ٿو پڙهي ۽ ڪالا باغ ڊيم جي لاءِ راهه هموار ڪندڙ دور ۾ هو وڏن ڊيمن جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نقصانن جي باري ۾ لکي ٿو.

هو جتي جتي ويو آهي، اتي هن جيڪو ڪجهه به ڏٺو آهي، ان کي هن سوچ، سمجهه ۽ تحقيق جي ڇاڻيءَ ۾ ڇاڻي پنهنجن ماڻهن آڏو پيش ڪيو آهي.

مرلي ڌر پنهنجي سوچ جي ان سفر دوران ان ڳالهه کي هڪ پل لاءِ به فراموش نه ڪيو آهي ته ڪاهي ڌر کي وري پنهنجي انقلابي فڪر ۽ عمل سان سلهاڙجي ميدان ملهائڻ گهرجي. هن معاشري ۾ بهتر تبديليءَ جي حوالي سان هو اڄ به ان ڌر جي ضرورت محسوس ڪري ٿو، جنهن لاءِ سياست ڪوئي ڪاروبار ناهي. جيڪا پنهنجي ضمير ۽ شعور جي سڏ تي تبديليءَ جي لاءِ تاريخي ڪردار ادا ڪري.

مرلي ڌر صرف ذاتي ڪچهرين ۾ ڪاهي ڌر جي سياسي ڪردار جي اهميت تي اصرار نه ڪندو آهي پر هو انهن مضمونن ۾ لکيو به آهي ته:

"ڪاهي ڌر: غير فعال ۽ ڇڙوڇڙ"

"ڪاهي ڌر کي متحد ٿيڻو پوندو"

هو اڄ به ان صبح لاءِ تڪجي سمهي ٿو، جنهن صبح جي دامن تي ڪنهن به استحصال جو ڪوئي داغ نه هجي!!

هو جيڪو پنهنجي روشن خيال قافلي کي ان وقت به ساري ٿو، جڏهن آمريت انصاف جي سپ ڪان وڏي اداري تي حملو ڪري ٿي. تڏهن هو هڪ پڙپانگ صورتحال ۾ اهو سوال ٿو پاري ته:

"چيف جسٽس جو مامرو: ڪاهي ڌر ڪٿي آهي؟"

پر جڏهن بلديا ۾ مزدور فيڪٽريءَ جا در بند ڪري زنده جلايا وڃن ٿا. تڏهن به هو ميڊيا تي پنهنجا اهي ماڻهو تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، جن جي لاءِ اياز لکيو هو:

"هو جو پڳڙن مٿ تي ڳهاري
پنهنجي نفس کي ماري
پيٽ بکين لاءِ وڙهندا آهن
پيٽ پرين ڪان چڙندا آهن!
سي ڪيڏانهن ويا آهن؟"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جيڪو پنهنجي منتشر قافلي کي متحد ٿيڻ جي صدا ڏئي ٿو. اهو مرلي ڌر صرف وڏن اشوز جي آڙ ۾ روايتي ظلمن کي لڪائڻ جي ڪائي ڪوشش نہ ٿو ڪري.

مرليءَ پنهنجي انهن مضمونن ۾ ان هندو ڪميونٽيءَ کي تنقيد جو نشانو بڻايو آهي، جيڪا اڄ تائين ذات پات جي ذليل سسٽم کان نجات حاصل ڪري نہ سگهي آهي.

هن ڪتاب جا سڀ مضمون ان تصور جي هٿان تحرير ٿيا آهن تہ "تاريخ جي ڌارا کي تبديل ڪرڻ کان اڳ ۾ سوچن کي تبديل ڪرڻ ضروري هوندو آهي"

مرلي ڌر پنهنجي پيشي جي حوالي سان ڊاڪٽر آهي پر منهنجي آڏو پيل مسودي تي هن پنهنجي نالي آڏو لکيل "ڊاڪٽر" لفظ کي ايڊٽ ڪري ڪٽيو آهي ۽ هن ڪتاب جي معرفت هن سنڌ کي اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن کي ادبي لفظن سان سينگاري اياز هن طرح سان پيش ڪيو هو تہ "آئون اهائي مارئي"

بلڪل اهڙي ريت سنڌ جي ادبي ۽ فڪري دنيا آڏو ڪوئي ڊاڪٽر مرلي ڌر نہ پر صرف اهو مرلي ڌر پنهنجا مضمون پيش ڪري رهيو آهي، جنهن جي قلم جي بانسريءَ ۾ ڪرشن جهڙا سرور آٽينڊڙ سر نہ پر اهي آلاپ آهن، جيڪي نند کي نهوڙيندا آهن. جيڪي پنهنجا خيما خطرناڪ سچ جي سانت ۾ کوڙيندا آهن. جيڪي پنهنجي دکي ديس کي اهو سڏ ڏيندي چوندا آهن:

"سور تہ مون وٽ سهسين آهن
سر بہ تہ ڪوئي سلي
مين جاڻان جهوڪ رانجهن دي
نال ميري ڪوئي چلي"

**اعجاز منگي**
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

ڊاڪٽر مرلي ڌر ڪنهن بہ تعارف جو محتاج ناهي. هو مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ علم، ادب، شاعري، صحت، صحافت بابت پنهنجا ويچار پيش ڪندو رهي ٿو. ڊاڪٽر مرلي ڌر سماجي سجاڳي ۽ روشن خياليءَ جي حوالي سان مسلسل جاکوڙيندڙ، سماج جو هڪ ذميوار ۽ متحرڪ ڪردار رهيو آهي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر سماجي انارڪيءَ تي لڇندڙ ۽ ڦٿڪندڙ روح وارو اهڙو مسيحا آهي، جنهن جي اندر ۾ هڪ معصوم ٻارڙي جي دل ڌڙڪندي محسوس ٿيندي آهي. هو بنيادي طور تي هڪ ڊاڪٽر ۽ مسيحا آهي، جيڪو مسيحائي پيشوراڻين سرگرمين ۾ مصروف رهيو آهي. هو ادب،شاعري، سماجي جاڳرتا، روشن خيالي ۽ سيڪيولر سماج جي اڏاوت ڪندڙ اهڙو ڪردار آهي، جنهن جو اعليٰ انساني قدرن ۾ بي انتها ويساهہ ۽ اُتساهہ رهيو آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر ديس جي ڏکايل فردن جي نبض تي هٿ رکي انهن جي ڏکن کي ڏور ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪامياب ڪوششون ڪيون آهن، جنهنجو ذڪر ڪرڻ لاءِ بہ هڪ الڳ ڪتاب لکڻ جي ضرورت آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر جو پهريون ڪتاب ”اکڙيون ڏيلا من گهايل“ آهي، جيڪو 2011ع ۾ شايع ٿيو. ان جو پيش لفظ نندي ڪنڌ جي وڏي ڪامريڊ سوڀي گيانچنداڻيءَ لکيو هو. سندس ٻيو ”صحت سيني لاءِ“ سماجي سجاڳي ۽ صحت جي بحالي بابت انهن ڪوشش جو ذڪر آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان بيمارين جي مٿان ضابطي رکڻ ۽ انهن جي مڪمل خاتمي تائين واريون رٿائون شامل رهيون آهن.

ڊاڪٽر مرلي ڌر جو هي ٽيون ڪتاب ”ٽين دنيا جا سور“ آهي، جنهن ۾ سنڌ ۾ پيدا ٿيندڙ معاشي بدحالي، سبب جنم وٺندڙ خطرناڪ بيمارين ۽ انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي علاج بابت ڪوڙ ساريون لڪٿيون شامل آهن. صحت بابت سرڪاري بجيٽ، مشينري، دوائن جي فراهمي، اسپتالن جو نيٽ ورڪ، عملي جي ذميواري، ادارن جي فعاليت، عام مريض سان سندن پيشوراڻي تعلق، آفيسراڻي روش، ڪرپشن، غير ذميواري ۽ ادارن کي عام ڀلائي بدران ذاتي ملڪيت تصور ڪرڻ واري رويي بابت لڪٿيون شامل آهن.

آمريڪا جي سچي دنيا مٿان وڏيرپ/صوبيداري واري ڪردار جي چندڇاڻ، عراق مٿان مڙهيل جنگ جي اثرن ۾ لکين انسانن جي رت جو وهندڙ درياهه ۾ اهڙن آمرن جي نڪ جي نرجائي جي مڪمل تصوير هن ڪتاب مان نظر اچي ٿي. عراق، واري جنگ ۾ مرندڙ لکين بي گناهه شهرين جي خوبصورت خوابن جي بدصورت ۾ پوائتي ساپيان ڏيندڙ انسانيت جي دشمن حڪمرانن جي ڀرپور نندا بہ هن ڪتاب ۾ نظر اچي ٿي.

آمريڪا، ملائيشيا، سوئيڊن، ٿائليند، ناروي ۾ ڪوريا جي دورن دوران انهن ملڪن جي سياسي، سماجي، معاشي، علمي، ادبي، ثقافتي، ڪاميابين ۾ ناڪامين جو جنهن خوبصورت انداز ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، محسوس ٿئي ٿو تہ ڄڻ انهن ملڪن جي ڇاٽايل مختلف ادارن ۾ پڙهندڙن پنهنجي موجودگي محسوس ڪري ٿو. ڊاڪٽر مرلي ڌر ڇاٽايل ملڪن ۾ پنهنجون ذميواريون نڀائيندي، حاصل ڪيل مشاهدو، تجربو ۽ ٽيڪنالاجي جي حوالي سان ڪيل اپياس کي پنهنجي لڪٿين جي ذريعي عام ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ انهن لڪٿين کي ڪتاب جي شڪل ڏني آهي. هو ملڪ ۾ آمريتن جي هُلائن ۾ جمهوريتن جي تڏا وَيڙهه ڪرڻ وارين ڪوششن جو ادارڪ رکندڙ هڪ ذميوار شهري/ليکڪ هجڻ واريون ذميواريون بہ خوب نموني نڀاهيندي نظر اچي ٿو.

مها ٻوڏ جي نقصانن بابت وچور، جنهن ٻوڏ سنڌ جي معيشت،خاص ڪري زرعي شعبي کي تمام گهڻو متاثر ڪيو، لکين ماڻهن کي متاثر ڪندڙ ٻوڏ جي نقصانن ۾ انهن ٻوڏ متاثرن جي زندگي، روزگار، بيمارين جي ترت ۾ مڪمل علاج واسطي، حڪومتي ادارن ۾ انتظامي عملدارن جي ڪن لاٿار ۾ انسان دشمن ڪردار کي چٽو ڪيو آهي. دوائن جي ڪمپنين ۾ ڊاڪٽرن جي ملي ڀڳت سبب دوائن جي قيمتن ۾ ٿيندڙ واڌاري تي ڳڻتي ڏيکاريندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو ويو آهي تہ ڊاڪٽرن کي اهڙي ڊيتي ليتي واري وهنوار کان پاسو ڪرڻ گهرجي ۽ ڪمپنين کان ملندڙ پئڪيج پنهنجي مقامي صحت جي ادارن تي خرچ ڪري مستحق، مريضن جي علاج جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر ريلوي نظام جي ناڪاميءَ بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيا آهن ۽ هن ٻڌايو آهي تہ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي ريلوي جو نظام ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ تيز رفتار ميٽرو ٽرين ۽ بلٽ ٽرين ڪاميابي سان هلي رهيون آهن. ٻوڏن، زلزلن ۽ طوفانن سميت مختلف قدرتي آفتن سبب ٿيندڙ انساني ۽ معاشي نقصان بابت بہ ڪافي ڄاڻ ڏني وئي آهي. ماحولياتي گدلاڻ، ٻارڙن جي اغوا، تشدد ۽ جنسي ڏاڍائين ۽ جبري پورهيئي، عورتن جي اغوا، قتل، جنسي ۽ جسماني تشدد بابت ويچار هن ڪتاب جو خاص حصو آهن. مذهبي رواداري، سهپ، روشن خيالي جي حاصلاتن لاءِ جاکوڙ ڪندڙ ڊاڪٽر مرلي ڌر جنهن نموني سان سنڌ جي اسپتالن ۾ پلجندڙ بيمارين ۽ انهن جي نہ ٿيندڙ علاج تي لڇندي، ڦٽڪندي ۽ انهن اڻ سوهندڙ روين تي تنقيدي نگاهہ رکي آهي. اهي ڪيفيتون ڪو اهل درد ئي سمجهي سگهي ٿو. ڊاڪٽر مرلي ڌر، جتي سرنديءَ وارن کي صحت جي بحاليءَ لاءِ ۽ سماج مان بيمارين جي خاتمي لاءِ اهڙن ادارن جي مالي سهائتا ڪرڻ جي گذارش ڪئي آهي، جيڪي ادارا مريضن مٿان هڪ رپئي کان وٺي هڪ ڪروڙ رپين تائين خرچ ڪري رهيا آهن. اتي، هندو سيٺين کي بہ ”ڌن دان“ ڪرڻ ۽ پئنچائتن کي سماجي خدمتن واري نيڪ عمل ۾ حصو وٺڻ جي گذارش ڪئي آهي. ”ٽين دنيا جا سور“ سرمائيدار ملڪن طرفان ٽين دنيا ۾ مسئلن جو چار وچايل رهيو آهي. جنهن ۾ هندو، مسلمان، سک، عيسائي، پارسي، بهائي ۽ مختلف مذهبن سان تعلق رکندڙ عورتن، مردن، ٻارڙن ۽ ٻڍڙن جي گهٽائي، بک ۽ بيمارين جو شڪار رهيو آهي. ملڪ ۾ قائم تعليمي ادارن ۾ تعليم گهٽ هجڻ، اسپتالن ۾ مريضن جو علاج نہ هجڻ ، سرڪاري سهائتا وارن ادارن جي ڪن لاٽار، سماجي بي حسيءَ جي ڪک مان جمندڙ انارڪي جو ذڪر هن ڪتاب ۾ موجود آهي. فرد کي اجتماعي ڀلائي لاءِ اجتماعي ڪوششن جو حصو ٿيڻ گهرجي، جنهن سان فرد جو اجتماعي ڪردار جڙي ٿو. جيڪو انسان جي اعليٰ خدمت واري جذبي جو محرڪ ٿئي ٿو. مدر ٽريسا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عبدالستار ايڌي، حڪيم محمد سعيد، ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي ۽ ڊاڪٽر مرلي ڌر جهڙا ڪردار اجتماعي انساني ڀلائي چاهيندڙ ڪردار، سماج جا آئيڊل ڪردار رهيا آهن، جن انسان جو اعليٰ قدرن جي رکوالي ڪندي، پنهنجون پيشوراڻيون ذميواريون نڀاليون آهن.

هن ڪتاب ۾ سنڌ ثقافت کاتو، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئشن ۽ سنڌي ادبي سنگت بحث هيٺ آندا ويا آهن ۽ انهن کان سوال ڪيو ويو آهي ته ڇا انهن ادارن پنهنجي عالمن، اديبن، شاعرن، سگهڙن، هنرمند، فنڪارن توڙي سماج جي ٻين مختلف ادارن ۾ ڪم ڪندڙ بيمار، لاچار، بيروزگار ماڻهن کي معاشي طور تي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي حوالي سان ڪهڙيون ڪوششون ڪيون آهن ۽ جيڪڏهن نه ڪيون آهن ته ڇو؟ انهن ادارن پنهنجون ذميواريون نڀائڻ کان ڪن لاتار ڪئي آهي! سندن، ”عزت پري“ علاج ۽ ”عزت پري“ معاشي بحالي واري اهم ذميواري کي ڇو ناهي نڀايو! ڊاڪٽر مرلي ڌر، ارشاد گلاباڻي، طارق عالم ابڙي سميت ڪوڙ سارن عالمن، اديبن، شاعرن، سگهڙن، صحافين ۽ سماج سڌارڪن جا حوالا ڏيندي، انهن جي جوڳي مالي سهائتا نه ڪرڻ بابت بحث ڪيو آهي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر، سرڪاري ادارن ۽ سرنديءَ وارن ماڻهن کي، سنڌ جي اڪثريتي ماڻهن کي لڳل دل، جيري، گردي/پٿري، ٻارڙن جي بيمارين، عورتن جي ويم دوران انهن جي طبي سنڀال ۽ نگهباني ڪرڻ تي ڪافي زور ڏنو آهي، جيڪو عمل نهايت ئي ساراهه جوڳو ۽ همٿائيندڙ آهي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر ڏياري ۽ هوليءَ جي ڏڻ بابت به ڪافي بحث ڪيو آهي. هن لکيو آهي ته اهي رڳو ڏيئا ٻارڻ ۽ ڦٽاڪا ڇوڙڻ ۽ هڪ ٻئي تي رنگ هارڻ جا ڏڻ نه آهن، ڊاڪٽر مرلي ڌر انهن ڏڻن بابت به مضمون لکيا آهن، جنهن ۾ انهن ڏهاڙن جي سماجي اهميت کي اجاگر ڪيو ويو آهي. جنهن جي ذريعي سنڌ جي پوئتي پوندڙ سماج کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهجي ٿو. ڊاڪٽر مرلي پنهنجي مشاهدي ۽ مطالعي کي هن ڪتاب ذريعي سنڌ جي سماج ڏانهن منتقل ڪيو آهي.

”ٽين دنيا جا سُورَ“ هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ سماجي الميئن جا داستان، معاشي بدحاليءَ جي جنڊ جي پڙن ۾ پيسجندڙ حياتيون، عورتن جون

آهون، ٻارڙن جون ريهون رڙيون، روشن مستقبل کي اونداهين ۾ ڌڪيندڙ انتظامي لاپرواهيون، عالمي ادارن جون ارهه زورايون، ملڪي ادارن جون نااهليون، سنڌ جي ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ اجتماعي جدوجهد جي اڻ هوند. مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن جون تبديل ٿي ويل اوليتون، هن ڪتاب جون اهم ڳالهيون آهن، جن تي ويچارڻ وقت جي ضرورت آهي. جنهن تي اڳيرائي ڪرڻ جي ضرورت آهي. خاص ڪري معاشي بدحالي ۽ بيمارين جي خاتمي لاءِ هڪ سماجي سجاڳي واري تحريڪ جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. جنهن جو محرڪ هيءُ ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٽين دنيا ۽ سنڌ جا سور سانڊيل آهن.

**ڊاڪٽر قاسم راڄپر**

ڪراچي
پهرين آگسٽ 2016ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽين دنيا جا سور

ڊاڪٽر مرلي ڌر مسيحائي پيشي سان لاڳاپيل هڪ ذميوار، آدرشي ۽ اعلىٰ انساني قدرن جي رکوالي ڪندڙ اهڙو ڪردار آهي، جنهن جي اندر ۾ مون هڪ ماءُ جي دل ڌڙڪندي ڏٺي آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر نہ رڳو هڪ ويج، هڪ طبيب، هڪ مسيحا آهي پر هو ساڳي وقت هڪ اديب، هڪ شاعر ۽ هڪ دانشور بہ آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر روشن خيال، سيڪيولر ۽ ترقي پسند خيالن جو پرچارڪ اعلىٰ انساني سماج اڏڻ جي خوبصورت خوابن جي ساڀيان لاءِ جاکوڙيندڙ ڪاهوڙي ڪردار بہ آهي، جنهن ڏيهہ جي ڏکايل ڏيلن جي مسيحائي ڪندي زندگيءَ جا ڪيترائي خوبصورت سال پنهنجي پيشيوارٽي ڪرت ڪندي گذريا آهن. ڊاڪٽر مرلي ڌر سان منهنجي سڃاڻپ/ويجهڙائپ تڏهن کان رهي آهي، جڏهن سندس وني ڊاڪٽر پشپا ولڀ، جي ڪتاب تي مون اَپياسي ليک لکيو هو. ان ڪان پوءِ ڊاڪٽر سان ڪافي ويجهڙائپ ٿي، هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت سان آءُ ڪيس ان ڏينهن ڪان سڃاڻيندو آهيان، جڏهن انور ابڙو ماهوار "سارس" ۾ بين رسالن ۾ سندس شاعري وڏي اهميت ۾ ڏيان سان شايع ڪندو هيو. انور ابڙي جي ئي حوالي سان ڊاڪٽر مرلي ڌر سان هڪ سڃاڻپ رهي آهي. "ٽين دنيا جا سور" جي سري سان، مختلف مضمونن/ ڪالمن جي هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر مرلي ڌر جا نہ رڳو تجربا ۽ مشاهدا ڏنل آهن پر هن جنهن بہ موضوع تي جيڪا بہ لڪٽي لکي آهي، ان ۾ ان موضوع جي مناسبت سان ڪافي ڪارائتيون ڳالهيون لکيون آهن ۽ ڪيتريون ئي ثابتيون بہ ڏنيون آهن جن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر سنڌ ۾ علاج ۽ دوائن جي کوٽ توڙي اسپتالن،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشينن، ڊاڪٽرن جي اڻ هوند بابت جيڪي ويچار ونديا آهن ۽ جيڪي تجربا ۽ مشاهدا بيان ڪيا آهن، انهن جي پس منظر ۾ سنڌ جي معاشي بدحاليءَ سبب سنڌي سماج ۾ پيدا ٿيندڙ مختلف بيمارين خاص ڪري پٽري، گردي جي خرابي، چڪاس ۽ علاج جي طريقن جو اپياس ڪندي هِن جيڪي صلاحون، رايا/مشورا ڏنا آهن يا عام ماڻهن جي مفت ۽ عزت ڀريي علاج لاءِ جيڪي بہ رٿابنديون ڪرڻ جون صلاحون ڏنيون آهن، اهي هڪ اعلىٰ اداري ۾ رهندي حاصل ڪيل اعلىٰ تجربي جو نچوڙ آهن. ڊاڪٽر مرلي ڌر مختلف موقعن تي پرڏيهہ جي مختلف ملڪن جو جيڪو سفر ڪيو آهي ۽ جنهن نموني سان اتان جي حڪومتن جي رٿابندين، علاج جي سهولتن ۽ عام ماڻهن جي ذميوارين جو جيڪو اپياس ڪيو آهي، اهو بہ ڪتاب ۾ موجود مختلف مضمونن/ ڪالمن ۾ شامل آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر آمريڪا ۾ رهندي، جيڪو عظيم باڪسر محمد علي جي حوالي سان لکيو آهي، اهو محمد علي جي مٽيرائپ جو وڏو ۽ چٽو مثال آهي.

ڏکڻ ڪوريا جي ترقي بابت اپياس، ملائيشيا، ٿائليند، سوئيڊن، آمريڪا، عراق جنگ، دنيا ۾ آمريڪي پالسيون، ڪاهي ڌر ۽ سوويت يونين ڪان ويندي، مصر سميت عرب ملڪن، پاڪستان اندر، مختلف حادثن، واقعن بابت سندس لکيون نهايت ئي ڪارائتيون آهن. هونئن تہ هن ڪتاب ۾ شامل مضمون ۽ ڪالم مختلف سنڌي اخبارن/رسالن مئيگزينن ۾ ڇپيل آهن پر انهن سڀني کي گڏائي ڪتابي شڪل ۾ شايع ڪري ڪيس نالو ڏنو ويو آهي: "ٽين دنيا جا سورَ"! ٽين دنيا ۾ مسئلن جا انبار آهن. هندو، مسلمان، اقليتون ۽ اڪثريتون، عورتون، مرد، ٻڍڙا ۽ ٻار، ٻک، بيماري، علاج، اسپتالون، سرڪاري سهائتا ۽ سرنديءَ وارن جو ڪردار، مهاٻوڏ، زلزلا، طوفان ۽ قدرتي آفتون ۽ انهن جا ناڪاري اثر ۽ حڪومتن جون غير ذميواريون. عوام جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ اُڀرندڙ سماجي سجاڳي ۽ مختلف ادارن جو ڪردار، سماج کي، تعليم جي وسيلي ترقي ڏانهن وٺي هلڻ جا گس ۽ پيچرا بہ هن ڪتاب ۾ ڏسيا ۽چٽا ڪيا ويا آهن. هن ڪتاب ۾ فرد کي اجمتاعي ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ هڪ شاهي رستو ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو انسان ذات جي خدمت واري اعلىٰ منزل ڏانهن وڃي ٿو. جنهن تي هلندي ماڻهو عبدالستار ايڌي ٿي وڃي ٿو. حڪيم محمد سعيد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي وڃي ٿو. مدر ٽريسا ٿيڻ وڃي ٿو ۽ ها ڪوئي ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي ٿي وڃي ٿو.

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ ناهي ته ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي نه رڳو بيمارن جي مسيحائي ڪئي آهي پر ماڻهن جي مسلسل مسيحائي ڪرڻ لاءِ هن ادارا به جوڙيا آهن ۽ اهڙن ادارن ۾ ادارن جهڙي شخصيت سان گڏجي ڊاڪٽر مرلي ڌر جيڪو به علم ۽ تجربو حاصل ڪيو آهي، هن اهو اسان سيني ڏانهن منتقل به ڪيو آهي. هڪ ڊاڪٽر جي حيثيت سان، هن جي نگاهه، هڪ اديب شاعر جي حيثيت سان هن جي نگاهه، هڪ درد مند دل رکندڙ، ترقي پسند، روشن خيال ۽ سيڪيولر سماج اڏڻ جا خواب ڏسندڙ، هڪ آدرشي ڪردار جي نگاهه جڏهن به ڪنهن بيوس ۽ لاچار مريض تي پئي ٿي ۽ جڏهن اهو مريض پنهنجو دائمي درد بيان ڪري ٿو، تڏهن هي معصوم ٻارڙي جي دل رکندڙ مسيحا به لڇي ۽ ڦٿڪي پئي ٿو. ڪيتري لوچ هن جي اندر ۾ آهيآ اها سندس لکڻين مان ليئا پائيندي نظر اچي ٿي.

هندو سيٺين ڪي خيراتي/امدادي ادارن کي "ڏن دان" ڪرڻ جون وينتيون ۽ مسلمان سرنديءَ وارن کي ڀلائي جي ڪمن ۾ حصو وٺڻ جون صلاحون ڏيڻ وارو عمل هڪ نيڪ ۽ سماج جو درد رکندڙ انسان ئي ڪري سگهي ٿو. ڊاڪٽر مرلي ڌر هوندئن به ڪنهن ۾ تعارف جو محتاج ڪونهي پر هي ڪتاب هن جي شخصيت جو مڪمل تعارف ڪرائي ٿو. آءُ هڪ پڙهندڙ جي حيثيت سان ايترو ضرور چوندس ته ڊاڪٽر مرلي ڌر جو ڪتاب "ٽين دنيا جا سورَ" مختصر هوندي به گهڻو جامع آهي. اهو ليکڪ جو ڪمال آهي جو ڄاڻ جي سمنڊ کي هن ننڍڙي ڪتاب جي گهڙي ۾ اوتي بند ڪيو آهي. ڪتاب: ادب، سياست، فلسفي، تاريخ، مذهب، اخلاق، ڪردار، نيڪي، چڱائي، رنگ نسل، مذهبي فرق، هيٺ مٿاهين، اوچ نيچ کان مٿاهون، اعليٰ انساني قدرن جي حاصلات ۽ سنڀال جي سِري هيٺ اجتماعي انساني سماجي ڀلائي ۽ بهتري جو پس منظر بيان ڪندڙ آهي.

هي ڪتاب انسان ذات جي مجموعي اعليٰ سوچ جو مظهر آهي، جنهن جي هر لکٽي انسان ذات جي ڀلائي ۽ بهتري واري اعليٰ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ لکي وئي آهي. جنهن ۾ ليکڪ جنهن نموني سان سادي ٻوليءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسيلي جيڪو اعليٰ پيغام ڏنو آهي، جيڪا ليڪ جي اندر جي چنتا آهي، جيڪو اُلڪو آهي، ان کي هوبهو چٽيو ويو آهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر، پنهنجي سماجي وهنوار ۾ نهايت ذميوار، ادب ۽ ٻوليءَ ڏانهن سندس پنهنجائپ وارو ڪردار ۽ پنهنجي پيشيوارانه ذميواري نڀائيندڙ نهايت ئي بااخلاق/بردبار سنجيدو ۽ فهميدو ڪردار ادا ڪندڙ ۽ سماج ۾ اعليٰ مرتبو ماڻيندڙ اهڙو مسيحا آهي، جيڪو ڏکايل انسان ذات جي لاءِ وڏي آٿت، آڌر ۽ وسيلو آهي.

هولي هجي، ڏياري هجي، پر ان جا پيرا کڻي ان ڏڻ کي تاريخ جي انهن واقعن ۽ ڪردارن سان سلهاڙي ان جو سمورو تاريخي ۽ سماجي پس منظر بيان ڪرڻ، هندو ڌرم جي اوڻاين ۽ مسلمانن جي چڱاين جي چٽائي ڪري. انسان جي آزاديءَ جو اعلان ڪرڻ ۽ ان اعلان جو پرچار ڪرڻ ته سڀني مذهبن ڪان مٿاهين آهي انساني آزادي پنهنجي مرضيءَ ۽ آزاديءَ سان ڪير به پنهنجو مذهب مٽائي ٿو ته اهو ان کي حق هجڻ گهرجي اهڙي معاملي تي هندن ۽ مسلمانن جي پاڻ ۾ تڪرار ڪرڻ مان ڪنهن کي به ڪو فائدو ناهي ٿيڻو. صدين ڪان هڪ ئي ڌرتي تي رهندڙ مختلف مذهبن جي ماڻهن ۾ ڌرتيءَ جو درد ۽ قومي جذبو هجڻ گهرجي، جنهن جي ذريعي ئي اعليٰ سماج جي اڏاوت ڪري سگهجي ٿي. سهپ ۽ رواداريءَ جي حوالي ساڻ به هن ڪتاب جي مختلف لکڻين ۾ ڪيترائي اهڙا پئرگراف ۽ حوالا ڄاڻايل آهن، جن مان ڊاڪٽر مرلي ڌر جي مطالعي ۽ مشاهدي جي پروڙ پوي ٿي. اروندتي راءِ ڪان ويندي محمد سردار خان گشڪوري جي لکڻين جي حوالي سان به هن ڪتاب ۾ تحقيق، تنقيد ۽ تخليق جي پس منظر ۾ هيڪاندا دليل ڏنل آهن. جيڪي به سندس علمي، ادبي ڪٿ ڪرڻ جا ساکي آهن. هن ڪتاب ۾ سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ۽ سنڌ ثقافت کاتو، عالمن، اديبن، شاعرن، دانشورن، فنڪارن ۽ هنرمندن جي بيمارين، ٻڍاپي ۾ جوڳي ۽ ترت مالي سهائتا نه ڪرڻ ۽ سندن عزت ڀريي علاج معالجي جو بندوبست نه ڪرڻ جي حوالي سان لاڳاپيل بحث ڪيو ويو آهي. هندو پنچائت جو سماجي ڪردار ادا نه ڪرڻ تي پڻ ان مٿان تنقيدي نظر رکي وئي آهي. هن ڪتاب ۾ دوائن جي ڪمپنين ۽ ڊاڪٽرن وچ ۾ ٿيندڙ ڏيتي ليتي کي به ننديو ويو آهي ۽ ڪين چيو ويو آهي ته سندن اهڙي

روش سان مستحق مريض علاج جي سهولت کان محروم ٿي رهيا آهن. هن ڪتاب ۾ سماج جي سمورن پرتن کي فلاحي ڪمن ۾ ڀاڱيوار ٿيڻ جي صلاح ڏني وئي آهي، جنهن جي حوالي سان سنڌ جي پوئتي پيل علائقن جي غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جي دردن جو درمان ٿي سگهي. ڊاڪٽر مرلي ڌر دنيا جي ڪيترن ئي ترقي يافته ملڪن جا دورا ڪري چڪو آهي، انهن ملڪن جي آبادي، تعليمي ترقي، سماجي بيهڪ، جاگرافي، ڪلچر، معاشي پاڻ ڀرائي، اسپتالون، علاج ۽ اتان جي ماڻهن جون پنهنجي ادارن لاءِ ورتل ڪوششون پڻ اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

ڊاڪٽر مرلي ڌر ان پڙهيل لکيل سنڌ کي ڳولي رهيو آهي، جيڪا ورهاڱي کان اڳ موجود هئي، جنهن ۾ ڌرم شالائون، درسگاهون، اسپتالون ۽ ٻيا خيراتي ادارا جوڙيا ويندا هئا. اڄ جي سنڌ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي؟ ان حوالي سان به ڪوڙ سارين ڳالهيون هن ڪتاب جو موضوع رهيون آهن. ملڪ ۾ ريلوي نظام جي تباهي، ٻوڏن، زلزلن ۽ طوفانن جي حوالي سان ٿيندڙ جاني ۽ مالي نقصانن جو وچور ۽ انسانن جي بيوسيءَ جون ڪٿائون، دنيا جي طاقتور ملڪن جون ڪمزور ملڪن جي معاشي وسيلن مٿان ڪاهون، جمهوريت خلاف اڳرايون، جمهوري نظام جي ڪمزورين ۽ خامين تي پيش ڪيل ويچار به هن ڪتاب جو حصو آهن. مذهبي رواداري ۽ سهپ کي قائم رکڻ، ترقي پسندي ۽ روشن خياليءَ کي مٿاهون مان ڏيڻ بابت به هن ڪتاب ۾ ڪافي مواد موجود آهي. ماحولياتي گدلاڻ، ٻارڙن جون اغوائون، عورتن تي تشدد، ڪارو- ڪاري، ۽ ٻارڙن سان جنسي ڏاڍاين جو ذڪر ۽ نندائون به هن ڪتاب جو حصو آهن. آمريڪا، ملائشيا، ٿائيليند، ناروي، سوئيڊن، ڪوريا، مصر ۽ عراق جو سياسي سماجي ۽ معاشي اڀياس به هن ڪتاب جي مختلف لکڻين ۾ نظر اچي ٿو.

انساني عضون جي پيوندڪاري، عضون جي عطيي ڪرڻ واري قانون جي ڄاڻ، ڪاهي ڌر جي ڇڙوڇڙ ٿيڻ تي ڏيڪاريل ڳڻتي ۽ متحد ٿيڻ جو سڏ، عام هڙتال بدران ٻڪ هڙتال ڪرڻ جي اخلاقي قدرن جي ڇنڊڇاڻ سميت عوام دوست ۽ دشمن ڪردار جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ واريون لکڻيون. بحث ۽ دليل هن ڪتاب ۾ موجود آهن. ”ٽين دنيا جا سور“ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ وک وک تي سور ڪٿائون، درد ۽ پيڙائون پلئه پون ٿيون. انسان جي اجتماعي درد جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داستان جو نالو آهي. ”ٽين دنيا جا سور“ هن ڪتاب ۾ اديبن، شاعرن، دانشورن، هنرمندن ۽ فنڪارن جي سماجي اڻ برابريءَ جو شڪار ٿيڻ ۽ ادارن جي بي حسي ۽ لاپرواهيءَ جا قصا، سرڪار جي روايتي ڪن لاتار ۽ اڻ ڄاڻائي واري روش جا داستان جاءِ بجاءِ نظر اچن ٿا. گهڻي ڀاڱي هن ڪتاب ۾ سنڌ جي معاشي بدحالي ۽ عام ماڻهن جي بيوسيءَ جو سمورو المياتي ۽ احساساتي اظهار ملي ٿو. ڊاڪٽر مرلي ڌر جو پهريون ڪتاب ”صحت سيني لاءِ“ به نهايت ئي ڪارائتو ڪتاب ليکيو وڃي ٿو. ”جنهن بابت سنڌ جي ترقي پسند اديب، شاعر ۽ دانشور تاج بلوچ لکيو آهي ته: ”صحت سيني لاءِ“ ڪتاب وڏي ڄاڻ ڏيندڙ، سادو ۽ متحرڪ ڪتاب آهي. هن ڪتاب مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ سولي ۽ صاف ٻوليءَ ۾ عام ماڻهن جي ڀلائي ۽ سماجي متيرائي جو ڪم ڪيو آهي. اسان وٽ هن پائي جي ڪتابن جي سخت ضرورت هئي ۽ آهي، جيڪا ڊاڪٽر مرلي ڌر پوري ڪري رهيو آهي، جنهن سان انسان ذات جي خدمت جو وڏو ڪارنامو سرانجام ٿي رهيو آهي.

ڊاڪٽر مرلي ڌر جو هيءُ ٻيون ڪتاب ”ٽين دنيا جا سور“ به ساڳئي پيٽرن تي لکيل نهايت ئي اهم ۽ ڪارائتو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر مرلي ڌر جي سموري زندگيءَ جا تجربا، مشاهدا، شيئر ڪيل آهن. هن ڪتاب ۾ خاص ڪري، سنڌ جي معاشي بدحاليءَ جي ڪک مان پيدا ٿيندڙ، معاشي، ذهني، جسماني ۽ سماجي بيمارين بابت ويچار ۽ انهن بيمارين جي علاج بابت اسپتالن، ڊاڪٽرن، دوائن ۽ مشينريءَ جي اڻ هوند، عوامي ادارن جي ٿورائي ۽ سرڪاري طرح هن زندگيءَ جي اهم شعبي کان ڏيکاريل لاتعلقي جا ڏنل ثبوت آهن، جن کي ڏسي پڙهي، انساني اندر ۾ ڪجهه بهتر ڪم ڪرڻ جي آنڌ مانڌ ڪر ڪڻڻ لڳي ٿي. هي ڪتاب سنڌ جي هر گهر ۾ مطالعي هيٺ اچڻ ضروري آهي، جيڪو سماج ۾ هڪ تحرڪ ۽ وڏي سجاڳي پيدا ڪري سگهي ٿو.

**ادل سولنگي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنهنجي پاران

مان انهن خوش نصيب ماڻهن ۾ شامل آهيان، جن کي شروع کان ئي ڀلا ماڻهو، مائٽ، دوست، اُستاد ۽ انسان دوست ماحول ملندا آهن. گهر ۾ ڏاڏي، پيءُ، ڏاڏيءَ ۽ ماءُ سيني غريبن سان همدردي ۽ انسان دوستي سيکاري. وڏو ٿيس ته دوست سُٺا مليا، پڙهيل لکيل، سمجهدار ۽ هڏ ڏوکي چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ۾ 1976ع ۾ داخلا ٿي پر پڙهائي 1977ع ۾ شروع ٿي. پورو سال وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو خلاف پي اين اي واري تحريڪ پئي هلي. منهنجو ڏاڏو سماج سيوڪ هُيو ۽ هن هندو پنچائت تي قبضو ڪندڙ سيٺين خلاف جدوجهد پئي ڪئي، تنهن ڇيو ته واندو ويٺو آهين پرنٽنگ پريس جو ڪم شروع ڪر. پورو سال اُها هلائي. اُتان کان لکڻ جو شوق جاڳيو ۽ اتي ئي ادبي ۽ سياسي ماڻهن سان واسطو پيو ۽ لکڻ پڙهڻ شروع ڪيو. 1977ع ۾ چانڊڪا ۾ پڙهائي شروع ٿي، اُتي به دوست اهڙا مليا جن پڙهڻ ۽ لکڻ جي ترغيب ڏني. اُتان دوستن سان گڏجي 'ڏياري' ۽ 'جاڳرتا' پرچا ترتيب ڏنا ۽ سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کولي ۽ اِهو سلسلو هلندو رهيو. ڊاڪٽري ڪرڻ کان پوءِ اڳتي پڙهڻ جو شوق ٿيو سائين سوڀي گيانچندڻيءَ جو خط ڪٽي ڪراچي پهتس. اِهو خط ڪامريڊ. ڊاڪٽر مير رحمان علي هاشمي لاءِ ڏنو هو، جيڪو پاڪستان ميڊيڪل ائسوسئيشن (PMA) جو روح روان ۽ جناح اسپتال جي بلڊ بئنڪ جو انچارج هُيو. مونکي پيٿالوجي ۾ اسپيشلائيزيشن ڪرڻي هئي پر ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي سان PMA ۾ ملاقات ٿي ۽ هن بڪين جي شعبي ۾ اسپيشلائيزيشن ڪرڻ جي صلاح ڏني ۽ پاڻ سان گڏ ڪم ڪرڻ جي دعوت ڏنائين. لکڻ ۽ پڙهڻ جي عادت نه ڇڏيم. شادي به هڪ شاعره سان ٿيم.هڪ کان به ٿيا سين. گهر ۾ ڪتاب پڙهڻ ۽ لکڻ جو ماحول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم رهيو. اهڙي طرح ٻالجتيءَ کان وٺي هيستائين همٿائيندڙ ماحول مليو. شاعري جو پهريون ڪتاب ”اکڙيون ڏيلا من گهايل“ بہ دوستن جي همٿائڻ ڪري ڇپرايو ۽ ائين پوءِ مزو اچي ويو. ٻيون ڪتاب ”صحت سيني لاءِ“ طبعي بيمارين تي مشتمل مضمونن تي ڇپرايم. جيڪو مختلف وقتن تي ڇپيل مضمونن جو مجموعو آهي. شاعري واري ڪتاب جو پنجابي ترجمو ۽ صحت سيني لاءِ جو اردو ترجمو ڇپائي لاءِ تيار آهي.

مان گهڻو تسلسل سان لکي نہ سگهندو آهيان. وقت گهٽ آهي ڇاڪاڻ تہ مان ايس آءِ يو ٽي (SIUT) ۾ ڪُل وقتي ڪم سان جُڙيل آهيان ۽ مفت علاج واري فلسفي کان متاثر آهيان. تنهن ڪري مون کي دل لڳائي، ايمانداري سان ڪم ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي. هونئن تہ سمورا دوست لکڻ لاءِ چوندا رهندا آهن ۽ فون ڪندا آهن تہ لِکو.انهن ۾ ڊاڪٽر قاسم راڄپر، محترم زرار پيرزادو، محترم همسفر گاڏهي، سائين تاج بلوچ، محترم انور ابڙو، انگريزي اخبار ڊان جو ’ليٽرز ايڊيٽر‘ جو انچارج محترم عبدلاحد (مان ڊان جي هن حصي ۾ طب ۽ سماجي مسئلن متعلق خط لکندو رهندو آهيان) ۽ محترم محمد علي پٺاڻ شامل آهن. محمد علي پٺاڻ تہ منهنجي هر لکڻي پڙهي مون کي فون ضرور ڪندو آهي ۽ تعريف ڪندو آهي. جڏهن محترم امداد علي اُڍو عوامي آواز سان جُڙيل هُيو تہ اُهو بہ هميشهہ چوندو هيو تہ لِکو ۽ انهن جي هي دلچسپي ڪري مون عوامي آواز اخبار ۾ ادبي صفحو ”تخليق“ ۽ صحت وارو صفحو ”هيلٿ مئگزين“ ڪيئي سال ترتيب ڏنا. ايس آءِ يو ٽي جتي صبح کان رات تائين ڪم هلندو رهندو آهي، جنهن لاءِ مان چوندو آهيان SIUT never sleeps بيمارن جو تعداد ڏينهن پوءِ وڌي ٿو وڌندو. اُتي جيڪڏهن اِهي سمورا دوست وري وري فون ڪري لکڻ لاءِ نہ چون ها تہ شايد لِکي نہ سگهان ها! هونئن تہ مان مضمون لکڻ 80 جي ڏهاڪي کان ئي شروع ڪيا ۽ پهريون مضمون 2 جنوري 1978ع تي ’ڪوٽا سسٽم‘ تي لکيل آهي جيڪو هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

مضمون نگاري ۾ تيزي دوست اعجاز منگي سان سندس سس نسيم ٿيٻو جي ايس آءِ يو ٽي ۾ علاج ڪري لڳاتار اچڻ ۽ مِلاقاتون ٿيڻ ڪانپوءِ آئي. اعجاز مونکي هميشه چوندو هُيو تہ لک ۽ مسلسل لکڻ تي آماده ڪيائين. هُو تہ مونکي سلسليوار ڪالم لکڻ لاءِ چوندو رهيو. اِهو تہ نہ ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهيس ڇاڪاڻ تہ اِهَا ذميداري نباهي نہ ٿو سگهان پر اُن جو مون تي اثر اِهو ٿيو جو مون مضمون لکڻ تي وڌيڪ زور لڳايو. مان هُلندي ڦرندي لکندو آهيان کو خيال آيو تہ ڪنهن پني جي ٽڪري تي لکي ڇڏيندو آهيان ۽ ڪجهہ وقت ۾ ان کي لکي پورو ڪندو آهيان. هاڻ مان لکان ٿو ۽ اوهين پڙهو ٿا سُٺو يا مَٺو فيصلو اوهان ڪندا. هاڻ اعجاز مونکي ناول لکڻ لاءِ ٿو چوي ۽ جڏهن بہ ملندو آهي چوندو آهي، ڏسجي ڇا ٿو ٿئي.

هي ڪتاب 2012ع تائين لکيل مضمونن جو مجموعو آهي. جنهن ۾ سماجي مسئلن تي لکيل مضمون، ڪجهہ ملڪن متعلق احوال، ڪجهہ طب متعلق مضمون اِهو سڀ ڪجهہ هن ڪتاب ۾ شامل آهي. ايندڙ ڪتاب بيمارين متعلق مضمونن تي مشتمل هوندو. دوست مير ٽيهي هڪ ڏينهن سوشل ميڊيا تي مونکي لکيو تہ شاعري سٺي ٿو ڪرين ۽ صلاح ڏنائين تہ فقط شاعري ڪر ۽ سوال پڻ ڪيائين تہ ڇا توکي ڊاڪٽري وڌيڪ ٿي وڻي؟ مون ورائي ڏني مانس تہ ٻئي هڪ ٻئي کي جلا ٿا بخشين. تنهن ڪري لکڻ ۽ ڊاڪٽري ڪرڻ ٻئي جاري رکبا، ٻئي مونکي وڻندا آهن. ائين ئي لکبو بہ رهبو ۽ ڊاڪٽري واري خدمت بہ جاري رکبي پر پهرين اهميت هميشه بيمار کي ڏبي.

مان ڊاڪٽر قاسم راڄپر جون مهربانيون مڃان ٿو، جنهن ڪتاب لاءِ پيش لفظ لکي ڏنو. دوست ادل سولنگيءَ جا بہ ٿورا جنهن پوري ڪتاب جو جائزو لکي ڏنو. ان موقعي تي مان دلي دوست اعجاز منگي جا بہ ڳڻ ڳائيندس، جنهن مون بابت تمام سٺو لکيو آهي ۽ وڏي تفصيل سان لکيو آهي، شايد مان ايترو نہ لهڻان! سائين ڊاڪٽر آفتاب ابڙي جا بہ ٿورا نہ ٿورا، جنهن ڪتاب جي هر مرحلي تي گائيڊ ٻئي ڪيو. سائين ابڙي صاحب پڻ پبلشر نوٽ ۾، منهنجي ذاتي لڇڻن تي لکيو آهي ۽ سٺو گمان ڏيکاريو اٿس، شل مان ان قابل ٿيان!

هن ڪتاب جي اشاعت لاءِ مان پيڪاڪ پرنٽرس وارن جو دلي طور شڪر گذار آهيان جن وڏي اتساهہ سان ڪتاب ڇپائي پڌرو ڪيو. ان ۾ ادي ظفر آفتاب ۽ قمر آفتاب پڻ دلچسپي ورتي جنهن لاءِ مان سندن ٿورائتو آهيان.

اوهان جو

**مرلي ڌر**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وروڪڙ آڪيترو، سرڪاري علاج

ادل سومري جي بيت جي هيءَ پهرين سٽ آهي ۽ سومري صاحب هن ڪي ختم ائين ڇئي ڪيو آهي تہ ”شال هتي محتاڄ، ڪوئي ڏاهو نہ ٿئي.“ صبح جي عوامي آواز ۾ اهو پڙهي منهنجي اکين آڏو ڪيترائي ڏاها، غريب، مسڪين، بي آسرا ماڻهو گهمي ويا. اُها پوڙهي ناني بہ اکين آڏو قرڻ لڳي جيڪا ڪنهن وڏي اسپتال جي مُک دروازي تي پنهنجي ڏوهٽي ڪي هنج ۾ کڻي اُن جو تپائيندڙ تپ ويٺي سان ٺاري رهي هئي. منهنجي اکين آڏو طارق عالم ابڙو بہ گذري ويو جنهن جي جگر جي پيوندڪاري جيڪڏهن هتي ٿي وڃي ها تہ اسين هڪ ڏاهي، هڪ ليکڪ ۽ هڪ معصوم انسان کان وڇڙي نہ وڃون ها. منهنجي اکين آڏو مختلف اخبارن ۾ ڇپيل اُهي خبرون بہ گهمي ويون جنهن ۾ هر ايندڙ ڏينهن ڪنهن نہ ڪنهن ليکڪ، ڳائڻي، سازندي، صحافي ۽ شاعر جي علاج جون اپيلون ڇپيل هونديون آهن. مون ڪي محترم محمد علي پٺاڻ جا اُهي جملا بہ ياد آيا جيڪي اُن فون تي چيا ها تہ: ”مان گهروڪٽي پنهنجو علاج ڪرائڻ ٻاهر ويندس“. ڪڏهن وري چندي لاءِ ڇپيل زڪوات ۽ خيرات وارا اشتهار بہ منهنجي اکين جي پردي تي آڪرجي آيا. اڇو تہ ڏسون، اهو سڀ ڪجهہ ڇو پيو ٿئي ۽ ڇا لاءِ ڪنهن علاج جي ضرورت مند ڪي وقت سر علاج ميسر ڪونہ ٿو ٿئي.

صحت ۽ تعليم اسان جي حڪمرانن لاءِ ڪڏهن بہ ترجيح ناهن رهيون جيڪڏهن ڪا ترجيح رهي آهي تہ اُهي غير ترقياتي خرچ، شاهہ خرچيون، مارڌاڙ جو سامان ۽ پنهنجا عيش عشرت. صحت جي بجٽ نہ هجڻ جي برابر آهي ۽ جيتري بہ ڏنل آهي اُن جو چڱو خاصو حصو حڪمران ۽ آفيسر ملي ڪري ڪايو

ڇڏين ۽ باقي جيڪو بچي ٿو اُهو انتهائي ناڪافي آهي. ان ۾ ڏوهي طب جو عملو به آهي. جيڪو هن مقدس پيشي کي ڪپڙي جي دڪان وانگيان هلائي رهيو آهي. ان ۾ قصور ملٽي نيشنل ۽ نيشنل دوائن جي ڪارخانن جو به آهي جيڪي مسيحا منجهائي انهن کي ڳريون رشوتون تحفن جي نالي ۾ ڏئي دوائن جون قيمتون آسمان تي پهچائي غريبن کي ٻنهي هٿن سان لٽي رهيا آهن. ان ۾ قصور وار اسان جو ليڪ به آهي جيڪو صحت جهڙي اهم شعبي ڏانهن ڌيان ڪونه ٿو ڏئي ۽ پنهنجو قلم ڪونه ٿو ڪٽي، ان ۾ اسين سڀ ذميوار آهيون. ڪالهه به مون وٽ هڪ ايس ايم ايس آيو ته قومي شاعر سرمد چانديو نيشنل ميڊيڪل سينٽر ۾ داخل آهي، سرڪار ان جو علاج ڪرائي، ان جي اسان کي ضرورت ٿي ڇو پوي؟ ڇو نه هر ماڻهو لاءِ علاج مفت ميسر هجي ۽ ان کي ڪنهن اڳيان منٿون نه ڪرڻيون پون! مون کي ياد آهي ته طارق عالم ابڙي جي علاج ۾ ان ڪري به دير لڳي جو ان وٽ پئسا نه هئا. سرڪار جون ڪاغذي ڪارروايون وقت سيڙائيندڙ آهن. شهرن ۾ وري به صورتحال ڪجهه بهتر آهي. اسان جي ٻهراڙي وڏي خراب حالت ۾ آهي صحت جون سهولتون بلڪل ڪونهن. جتي اسپتالون آهن ته اُتي عملو ڪونهي ۽ وري جتي عملو به آهي ته اُتي غريب پرور، ڏکويل پرور سوچ ڪونهي. هونئن به صحت بابت بجيٽ نه هجڻ جي برابر آهي. ان هوندي به هن ملڪ ۾ ڪيترائي ادارا آهن، جيڪي مسڪينن کي علاج جون مفت سهولتون پهچائين ٿا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڪم ڪرڻ چاهي ته هو ڪري سگهي ٿو ۽ اوهان کي بهتري به نظر ايندي. ان لاءِ اُها سوچ ۽ خواهش ضروري آهي. هن ملڪ ۾ هيپاٽائيٽس کي ئي ڏسو: هڪ اندازي مطابق چار ڪروڙ ماڻهو هيپاٽائيٽس بي ۾ مبتلا آهن ۽ انهتر لک چاليهه هزار هيپاٽائيٽس سي ۾ مبتلا آهن.

سنڌ ۾ هيپاٽائيٽس بي جي مريضن جو انگ ڏهه لک ۽ سي جي مريضن جو انگ اٺويهه لک سٺ هزار آهي، جيڪڏهن ڏسجي ٿو ته سنڌ ۾ ادائي سيڪڙو آبادي هيپاٽائيٽس بي ۽ تقريبن پنج سيڪڙو آبادي هيپاٽائيٽس سي ۾ ورتل آهي. سنڌ سرڪار ان جي علاج ۾ ڪجهه ڪوششون ته ورتيون آهن پر اُهي ايتريون ڪونهن جو سيني جو علاج ٿي سگهي، هڪ سروي مطابق سنڌ ۾ 90 سيڪڙو عورتون ان باري ۾ اڻ ڄاڻ آهن ته سُئي جي ٻيهر استعمال سان

بيماريون پکڙجن ٿيون. تقريبن 10 سيڪڙو هيپاٽائيٽس سُئي جي وري وري استعمال سان پکڙجي ٿي ۽ 4 سيڪڙو کان وڌيڪ هيپاٽائيٽس خراب خون لڳائڻ ڪري پکڙجي ٿي. هاڻ ان جو ڇا ڪجي؟

ڪير ماڻهن ۾ اها سجاڳي پيدا ڪندو؟ ۽ انهن کي سمجهائيندو ته طبي عملي کي هڪ ڀيرو استعمال ٿيل سُئي ٻيهر استعمال ڪرڻ کان روڪين. اهي ته ڪجهه خرابيون آهن. پر ٻيون انيڪ خرابيون موجود آهن جتي سهولتون موجود آهن اُتي به اُتان جا ڪرتا ڌرتا مريضن سان مخلص ڪونهن. سنڌ ۾ ڪراچي کان علاوه حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، نوابشاهه ۽ ميرپور خاص ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۽ يونيورسٽي اسپتالون آهن اُتي مشينون به آهن ته عملو به آهي پر انسان دوست سوچ ڪونهي. انهن يونيورسٽي اسپتالن هوندي ماڻهن کي ڏکا کائڻ جي ضرورت نه پوڻ گهرجي. انهن اسپتالن ۾ مفت علاج مهيا ڪري ڏئي سگهجي ٿو. يونيورسٽي اسپتالن جو دنيا جي سمورن ملڪن ۾ مقصد ئي اهو هوندو آهي جديد، هر قسم جو علاج مهيا ڪرڻ وارو ادارو. مون هڪ دفعو اڳ به لکيو آهي ته سنڌي ادبي سنگت اديبن جي وڏي جماعت آهي ان وٽ به فنڊ هجڻ گهرجن. جيڪا اديبن جا ڪتاب ڇپرائي انهن کي معاوضو ڏئي سگهي ته جيئن اديب پاڻ پرا ٿين ۽ ڪين ڪنهن اڳيان هٿ نه ٽنگڻو پوين. سرڪار کي گهٽ ۾ گهٽ تعليم ۽ علاج مفت مهيا ڪرڻ گهرجن. اسان جي ملڪ ۾ اهڙا ادارا آهن. جيڪي بلڪل مفت علاج مهيا ڪن ٿا هڪ پئسو به ڪونه ٿا وٺن. اهڙن ٻين ادارن جي به ضرورت آهي. ايس آءِ يو ٽي (SIUT) انهن مان هڪ آهي.

سرڪار ۽ سرندي وارن جي گڏيل ڪاوش، هڪ انسان دوست ڊاڪٽر اديب رضوي ۽ ان جي ٽيم جي نيڪ نيتي، ايمانداري ۽ اڻ ٿڪ محنت ملي ڪري ان اداري کي وجود ڏنو آهي. ان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته جيڪڏهن خواهش هجي ته ادارا ٺاهي سگهجن ٿا ۽ ماڻهن جو ڀلو ڪري سگهجي ٿو. اڄ ڪلهه سکر وڃڻ ٿئي پيو ته ڪاڻ ته ايس آءِ يوٽي سکر ۾ ڇهلاڻي اسپتال، جيڪا هڪ ڊاڪٽر ليلا ڇهلاڻيءَ ماڻهن جي مفت علاج لاءِ ٺهرائي هئي ان ۾، گردي جي اداري جو بنياد وڌو آهي. اُتي اڪثر مريض اهو چوندا آهن ته اسان ڪراچي ڪونه ٿا اچي سگهون ڇاڪاڻ ته هو اچڻ وڃڻ جا ڪرايا خرچ ڪونه ٿا ڪري

سگهن. ماڻهو پنهنجا جانور وڪٽي علاج لاءِ ڪراچي پهچندا آهن. انهن کي مفت. جديد علاج انهن جي ئي علائقن ۾ پهچائڻ جي ضرورت آهي. پاڪستان دنيا جو ڇهون آدمشماري ۾ وڏو ملڪ آهي. صحت ۽ صفائي بابت بجيٽ فقط 1.5 سيڪڙو آهي، جيڪا وڌائڻ جي ضرورت آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ گمبٽ وڃڻ ٿيو اتي جي اسپتال ڊاڪٽر رتي صاحب جي محنت ڪري عام ماڻهن کي مفت علاج پهچائڻ جو ڪم ڪري پئي . آءِ سي يو به آهي، ڊائلسس به ٿئي پئي ۽ ساهه کڻڻ جي هترادو مشين به آهي. جيستائين سرڪار صحت ۽ تعليم کي پنهنجي ذمي ڪٽي تيستائين انسان دوست ماڻهن کي اڳتي اچي جتن ڪرڻا پوندا، طبي عملي کي دوائن جي ڪمپنين کان تحفن جي نالي تي رشوتون وٺڻ ختم ڪرڻيون پونديون ته جيئن دوائن جون قيمتون گهٽجن ۽ عام ماڻهو اُهي خريد ڪري سگهي. مليريا، ڊينگي، ٽائفائيڊ، ٽي بي، اهي به عام آهن. بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا به سڀ ڪونه ٿا لڳرائي سگهن، انهن کي به گهر گهر پهچائڻو آهي، صفائي سٿرائي جو حال به ڏاڍو خراب آهي. هڪ سروي مطابق بيئنل پاڻي زمين ۾ 150 فوٽ هيٺ جذب ٿي ويو آهي ۽ اُهو صاف پاڻي سان ملي بيمارين جو سبب بڻجي ٿو تنهن ڪري ئي دنيا جي صحت واري اداري (ڊبليو ايچ او) پوليو جا رقڙا پيارڻ جي هدايت ڪئي آهي هڪ سروي مطابق اُميدگي دوران ماءُ جي موت جو تناسب ملڪ ۾ هزار ۾ 27.6 آهي، جڏهن ته اهو سنڌ ۾ هزار ۾ 31.4 آهي، ڄم کان پوءِ ٻار جي موت جو تناسب ملڪ ۾ هزار ۾ 78 آهي، جڏهن ته اهو سنڌ ۾ هزار ۾ 81 آهي. نئين ڄاول ٻار جي موت جو تناسب ملڪ ۾ هزار ۾ 94 آهي، جڏهن ته سنڌ ۾ اهو هزار ۾ 101 آهي. ان جو مقصد اهو ٿيو ته هزار ٻارن ۾ 101 ٻار ڄم کان هڪدم پوءِ مري وڃن ٿا. فقط 38 سيڪڙو ٻار اسپتالن يا ويم گهرن ۾ ڪنهن تربيت يافته نرس يا طبي عملي هٿان پيدا ٿين ٿا. ٻه ڀاڱي ٽي کان وڌيڪ ٻار گهرن ۾ بغير ڪنهن تربيت يافته طبي عملي جي مدد جي پيدا ٿين ٿا. اهي انگ اکر پبلڪ هيلٿ ۽ ڊيمو گرافڪ سروي 2007-2006ع جا آهن. فقط سنڌ جي وڏي شهر ڪراچي ۾ جديد اسپتالون آهن. جڏهن ته گهٽائي ٻهراڙين ۾ رهي ٿي. ڪجهه وقت کان اسان سکر ۾ شروع ڪيل ايس آءِ يو ٽي جي شاخ ۾ مريض ڏسڻ ويندا آهيون. اڪثر مريض مسڪين آهن، اُهي ڪراچي اچڻ جي سگهه ڪونه ٿا ساري سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ زال مڙس پنهنجي ٻار سميت چڪاس لاءِ آيا زال بيمار هئي. ان جي پيشاب ۾ چربي پئي ضايع ٿي، مون اُن کي چيو ته ڪراچي اڇٽو پوندو گردي جو ذرو ڪڍي ان کي خوردبين ۾ چڪاسڻو پوندو، تڏهن ئي چربي جي ضايع ٿيڻ جو سبب معلوم ٿيندو. مون ڏٺو ته ٻئي زال مڙس روئي پيا، ڇاڪاڻ ته غربت سبب ڪراچي ڪونه پئي اچي سگهيا. مون سکر ۾ ٻڌو ته هيءُ سرڪار سکر کي ميڊيڪل سٽي ٿي بڻائڻ چاهي. اها سوچ چڱي آهي پر ان کي عملي جامو پهرائڻ جي ضرورت آهي. سکر ۾ دل، جگر، دماغ، ٻارن جي بيمارين، گردي ۽ هر قسم جي مرض جون الڳ الڳ اسپتالون شروع ٿيڻ گهرجن، جتي مريضن جو مفت علاج ٿيڻ گهرجي. لاڙڪاڻي، نوابشاهه، سکر ۽ حيدرآباد ۾ يونيورسٽي اسپتالون آهن. انهن کي بهتر بڻايو وڃي. سمورا شعبا کوليا وڃن ۽ ڏينهن رات علاج مهيا ڪيو وڃي ، ان ۾ فقط سرڪار نه پر طبي عملو به مدد ڪري. اسان جا ڊاڪٽر دوست پئسا ڪمائڻ ۾ ايترا ته مشغول آهن، جو انهن کي شاگردي جي زماني ۾ ڪنيل قسم وسري ويو آهي . انهن جو سچو ڌيان نجي اسپتالن ڏانهن آهي. ڪجهه عرصو اڳ اسان جو هڪ شاعر ڊاڪٽر اهڙي ئي هڪ اسپتال ۾ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ هيو، هڪ رات هڪ مريض 29 ڪريئٽينين سان اتان ڪراچي پئي موڪليو ويو. مون فون ڪيو مانس ته ان جي ڊائلسس اتي ئي ڪرايو. اها تمام گهٽي ڪريئٽينين آهي. چيائين ته اها اچانڪ ته نه ٿي هوندي ۽ ٻيو ته اسان وٽ عملو ڪونهي، اسين رات جو ڊائلسس ڪونه ٿا ڪريون. جڏهن ته اُتي گردي جي بيمارين جا فزيشن ۽ سرجن ٻئي آهن. ڊائلسس يونٽ به آهي. ان هوندي به مريضن کي ڌڪا کائڻا ٿا پون. سرڪار ۽ ڊاڪٽرن ٻنهي جو اهو فرض آهي ته ان طرف ڌيان ڏين. غربت اسان جي علائقن ۾ ايتري آهي جو هڪ گردي جي تبديلي واري همراهه کان پڇيم ته ٻارن کي پڙهائين ٿو چيائين غريب آهيون. ڪيئن پورائو ڪريون ٻار پڙهڻ ته وڃن ٿا پر ماستر اسڪول ۾ اچن ڪونه ٿا. ڪلاڪ به پڙهائي ٻارن کي گهر روانو ڪريو ڇڏين. 10 درجا پاس ٻارن کي اچي اکر به ڪونه ٿو ۽ چيائين ته تنگ ٿي هاڻ ٻارن کي پڙهڻ کان بس ڪرائي آهي. اسان جي صحت ۽ تعليم ٻنهي جو حال پورو آهي، اسپتالن مان ڊاڪٽر غائب ۽ اسڪولن مان ماستر غائب. تعليم ڪانسواءِ بهتري ڪونه ايندي، اسان کي وڌ ۾ وڌ ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. اسان جو جيابو ان ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي آهي. مون هڪ دفعي ڪجهه دوستن کي صلاح ڏني ته هڪ ڪلاس روم هڪ استاد اسڪول هزارن جي تعداد ۾ سنڌ ۾ کولڻ جي ضرورت آهي. پهرين ڪان پنجين تائين 20 ڪان 30 شاگردن جو ڪلاس گهٽ ۾ گهٽ پنجين تائين مفت تعليم پر معياري ڏئي ٻارن کي اڳيرو ڪجي. گهٽ ۾ گهٽ صحي ڪرڻ، خط لکڻ ۽ اخبار پڙهڻ ته اچي ويندن. انهن مان جن کي پڙهڻ جو شوق هجي انهن کي اڳتي پڙهائڻ ۾ مدد ڪجي، اهو ڪرڻ ۾ سولو ٿيندو. ٻيو ته سرندي وارا اسپتالون ۽ اسڪول کولرائين، جتي مفت علاج ۽ مفت تعليم مهيا ڪئي وڃي. اسان جي ليکڪ دوستن کي انهن مسئلن تي ڀرپور طريقي سان لکڻ گهرجي. هڪ رپورٽ مطابق استعمال ٿيل سرنج ۽ ڏاڙهي ڪوڙڻ واري پاڪي ۽ ريزر اهي به هيپاٽائيٽس بي ۽ سي جا ڪارڻ آهن. ماڻهن ۾ ان متعلق ڄاڻ پهچائڻ جي ضرورت آهي. مان تنهن ڏينهن عامر خان جو پروگرام ٽي وي تي پئي ڏٺو. هڪ اين جي او (NGO) جو همراهه وينو هيو ان اين جي او جون دل جي آپريشن جون اسپتالون آهن انهن ۾ مزدورن لاءِ سهولت آهي. هزارين مزدور ان ۾ رجسٽرڊ آهن. هر مزدور 10 روپيا ماهوار ڏيندو آهي ۽ سرڪار 30 روپيا هر مهيني هر مزدور جي فنڊ ۾ شامل ڪندي آهي. اهڙي طرح جيڪڏهن ڪنهن مزدور کي دل جي آپريشن جي ضرورت پوندي ته ان جو اهو علاج مفت ٿيندو. اسان وٽ به اين جي اوز ته ڪيترين هي آهن، اهي معاشري جي بهتري لاءِ ڇا ٿيون ڪن! خبر ڪونهي؟

جيستائين سرڪار هوش سنڀالي، ماڻهن جي بهتري لاءِ سوچي يا سماجي تبديلي اچي، تيستائين ماڻهن کي ان طرح ڪجهه سهولت پهچائي سگهجي ٿي. پنجاب ۾ هر سال 1400 ڊاڪٽر نڪرن ٿا ۽ 70000 ٻار ٿا پيدا ٿين، ان کان وڌيڪ خراب حالت سنڌ، بلوچستان ۽ پختونخواهه جي آهي. ٻهراڙين ۾ تعلقي اسپتالن جي ڏاڍي خراب حالت آهي. ويجهڙائي ۾ راڌيپور جي تعلقي اسپتال ۾ وڃڻ ٿيو رات جو وقت هيو بجلي غائب هئي، هڪ زخمي کي موبائيل فون جي روشني ۾ ٽاڪا پئي لڳايا ويا. 21 صدي ۾ ڪنهن اسپتال جو اهڙو خراب حال بس روئڻ پئي آيو. جيڪڏهن ڊاڪٽر ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڪوشش وٺن ته جنريٽر لڳائي سگهجي ٿو. ٿورو ئي پري گمبٽ اسپتال آهي اتي ڊاڪٽر پيٽي صاحب جي ڪوشش سان هڪ شاندار اسپتال ٺهيل آهي، آءِ سي يو به آهي ته

جنريٽر بہ آهي، ڊائلسس ڏينهن رات هلي پئي. پٽي صاحب رات جو 12 وڳي تائين پاڻ اسپتال ۾ موجود هوندو آهي. ميڊيڪل ڪاليج جي شاندار بلڊنگ تهيل آهي ان جو افتتاح ٿيڻ باقي آهي. چوڻ جو مقصد آهي تہ ان حالتن ۾ بہ جيڪڏهن ڪو ڪم ڪرڻ چاهي ٿو تہ اهو ڪري سگهي ٿو. سرڪار ۽ سرنديءَ وارا بہ ان جي مدد ڪن ٿا. جذبي جي ضرورت آهي حالانڪ اهو علائقو چيف منسٽر جو علائقو آهي اتي تہ صحت ۽ تعليم جون سهولتون مڪمل ۽ مفت مهيا ٿيڻ گهرجن. سائين قائم علي شاھ صاحب کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن هر اسيمبلي ميمبر پنهنجي علائقي ۾ ٿي ڪم ڪري ۽ ان کي ترقي وٺرائي تہ ملڪ بهتر ٿي سگهي ٿو. مسئلا گهٽتا آهن اسپتالون ڪونهن، عملو گهٽ آهي ۽ جذبو ناپيد. ادل سومري جي لکيل هيٺئين نظم کي وري ٿو لکان:

”ور وکڙ آ ڪيترو سرڪاري علاج، شال هتي محتاج، ڪوئي ڏاهو نہ ٿئي.“

آخر ۾ چوندس تہ ”صحت سيني لاءِ مفت بغير ڪنهن فرق جي“ ٿورو ناهي حق آهي اسان جي سرڪار الما آتا ڊڪليريشن تي صحي ڪري واعدو بہ ڪيو هيو تہ 2000ع تائين هُو هن ملڪ جي سيني ماڻهن کي مفت صحت مهيا ڪندا، اهو واعدو وفا ڪرڻ جي ضرورت آهي. 2000 ۾ 12 سال ٻيا شامل ٿي ويا آهن. صحت جي سڌاري ۾ ٽڪي جو بہ فرق نہ پيو آهي. ’سرڪار اگهور ننڊ ۾ ستل آهي‘.

*عوامي آواز سنڌي مئگزين*
*8-14 جولاءِ 2012ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جڏهن مسيحائي پيشو،
# هٽ وکر بڻجي ويو

هو سٺ سال جو بزرگ هُيو. مرداڻي غدود جو مريض ٻارن وانگيان پئي رُنو. ٻه شادي ٿيل نياڻيون هيس ۽ هڪ پٽ. پٽ ڪهاڙ جو ڪم ڪندو هُيو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ مشڪل سان پالي سگهندو هُيو. ڊيٺرون ڪپڙا سبڻ ۾ ماهر هُيون اوڙي پاڙي وارن جا ڪپڙا سبي ڪجهه آمدني ڪنديون هُيون. هي بزرگ نه چاهيندي به پنهنجي نياڻين کان پئسا گهرڻ تي مجبور هُيو. سندس اکيون ڳوڙهن جو سنڌو وهائڻ لڳيون. چيائين ٽيڪسي 250 روپيا تي ورتي تڏهن وڃي هِت پهچان ٿو نياڻين اڳيان هٿ ٽنگي ٽنگي ٽڪي پيو آهيان.

ميرپور ماٿيلي جي رهواسڻ ٻهريائين رحيم يار خان علاج لاءِ ويندي هئي، هاڻ سکر تي اچي. هڪ همراهه مليريا جو علاج ڪرائڻ مشڪل سان سکر پهتو.

ملڪ آزاد ٿئي 65 سال ٿي ويا پر اسان جا طبي ۽ تعليمي سرشتا ڪونه سُڌري سگهيا. ماڻهن کي ميلن جا پنڌ ڪري، ڪن کي وري قرض وٺي يا هٿ ٽنگي علاج لاءِ دربدر جا ڌڪا ٿا کائڻا پون. اِهو سڀ ڪجهه ڇا آهي؟ آهي ڪو سوچڻ ۽ ڏسڻ وارو! ڪنهن زماني ۾ ننڍي گريڊ جا ملازم ۽ صفائي ڪرڻ وارو عملو ڪجهه ڏئي وٺي ڊيوٽي تان غائب هوندا هُيا هاڻ ڊاڪٽرن به اِهو ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. مونکي هڪ اسپتال جي پُراڻي ڊاڪٽر ٻڌايو ته هاڻ 5000 روپيا ڏئي اوهان سڄو مهينو اسپتال مان غائب ٿي سگهو ٿا. 2000 روپيا مهيني ۾ ڏئي 2 ڪلاڪ دير اچو ۽ ڪلاڪ اڳ نوڪري تان ڀڄي وڃو. اِهو حال آهي مسيحا جو. ڊاڪٽري واري پيشي کي "نوبل" ڪوٺيو ويندو هُيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان جو ڇا ٿيو؟ ڊاڪٽري جي پڙهائي شروع ڪرڻ کان اڳ ڊاڪٽر هڪ قسم ڪٽندا آهن جنهن کي ”هپو ڪريٽڪ اوٿ“ چئبو آهي، اُن ۾ به اِهو لکيل آهي ته ڊاڪٽر ٿي مريض ۽ پنهنجي پيشي سان سچا هونداسون. اُن قسم جو ڇا ٿيو؟ ڊاڪٽري جهڙي نوبل پيشي کي به اسين ڪپڙي ۽ پنسار جي دڪان وانگر هلائڻ لڳا آهيون. هڪ ڏينهن جيڪب آباد ۾ مان هڪ هم ڪلاسي جي ڪلنڪ تي ويس هڪ سفيد ڪپڙن ۾، بظاهر پڙهيل ڪڙهيل وچولي عُمر جو ماڻهو آيو ڇيائين معدي ۾ سور آهي. مون واري هم ڪلاسي نه ڪئي هم نه ڪئي تم پنهنجي ڪمپائونڊر کي به انجيڪشن پري اچڻ لاءِ چيائين هڪ ڳاڙهي ته هڪ اڇي ۽ نوجوان کي چيائين ته قميض جي ٻانهن مٿي ڪر. همراهه پڙهيل هُيو يڪدم چيائين ڊاڪٽر سُئي ڪان سواءِ ڪم نه هلندو ڊاڪٽر چيو چڱو هڪ سُئي تو هٽان. هڪ سُئي هٽي نسخو لکيائين ۽ همراهه کان 200 روپيا وٺي ڇڏيائين. مريض جي وڃڻ ڪانپوءِ مون چيو مانس ته هِن کي سُئي جي ته ضرورت ئي ڪونه هُئي. گوريون ڪافي هُيس. ڊاڪٽر وراڻيو ته جيڪڏهن سُئي نه هٽانس ها ته نسخو وٺي مهرباني چئي بغير پئسن ڏيڻ جي هليو وڃي ها، سُئي هڻڻ ڪري 200 روپيا ڏئي ويو. مون چيو مانس ته پئسن لاءِ ايترو غلط ڪم، چيائين ڇا ڪجي، ايمانداري تي هلبو ته بُک مربو. هاڻ اخلاقيات ڪتابن جي، ڏوڪڙ سڀ ڪجهه آهن. تنهن ڪري اسان جي ڊاڪٽرن جا خيال به اهڙا ٿيا آهن. اسان جا آئيڊيلس عبدالستار ايڌي ۽ اديب رضوي نه پر اُهي ڊاڪٽر ۽ ماڻهو آهن جيڪي پئسو گهڻو ٿا ڪمائين. سکر شهلاٽي ايس آءِ يوٽي ۾ ڪيترا ئي مريض ڪرايو خرچ ڪرڻ جي قابل ڪونهن. ڪراچي پهچڻ ته پري جي ڳالهه آهي. مون سوچيو ته ايڌي ايمبولينس وارا اهڙن مريضن جي مدد چو ڪونه ٿا ڪن يا وري اهڙا ادارا سنڌ جي ٻهراڙين ۾ قائم چو ڪونه ٿا ڪيا وڃن. سرندي وارا ته سنڌ ۾ به ڪوڙ آهن. هندو سيٺ اڳ ۾ اهڙا خير جا ڪم ڪندا هُئا، مسافر خانا ٺهرائيندا هئا، اسڪول ۽ ڪاليج کوليندا هُئا، لنگر هلائيندا هئا. هاڻي اُهي سيٺ ڪٿي آهن؟ هندن کي اڳتي اچڻ گهرجي. ايڌي کي ٻهراڙين ۾ ڪا ايمبولينس سروس قائم ڪرڻ گهرجي پر اُها مريضن ۽ ضرورت مندن کي مفت سهوليت پهچائي. وڏيرا ۽ زميندار به سنڌ ۾ ڪوڙ آهن اُنهن کي اڳتي اچڻ گهرجي، ڏنڏوڙي ۽ ڊاڪٽر به خوب ٿا ڪمائين اُهي به ڪجهه نه ڪجهه ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهن ٿا. هيءُ مسئلو جيڪو مون سڪر ايندي ويندي ڏٺو اهو آهي گهڻا ٻار. سراسري طور 8 ٻار هر خاندان ۾ آهن، 12 ۽ 14 به ڏٺم. هڪ غربت ٻيو ايترا ٻار انهن جي سنڀال ڪيئن ٿيندي. سنڌ جي ماڻهن جو هڪ وڏو مسئلو تيزي سان وڌندڙ آبادي به آهي. وسيلا گهٽ آهن، آدم شماري گهٽجي آهي. خانداني منصوبابندي وارا چون ٿا ته ماڻهو، هاڻ وجي اِن ڳالهه تي پهتا آهن ته 5 ٻارن کان پوءِ ٻار روڪرائبا. اهڙن ماڻهن جو تعداد به ڪو گهڻو ڪونهي. اسان ڪي آبادي جي وڌندڙ مسئلي کي به ڏسڻو پوندو، ٻي صورت ۾ اسين ويندا سون پوئتي پوندا. هڪ طرف ته گهڻا ٻار آهن، ٻئي طرف ڪجهه بد نصيب جوڙا اهڙا به آهن جن کي اولاد ڪونه ٿو ٿئي. اهڙي ئي هڪ عورت چڪاس ڪرائڻ آئي، چيائين ته ٻار ڪونه ٿو ٿئي ۽ ٻيو چيائين ته اُن جا ٽيسٽ ٺيڪ آهن. چيو مانس ته پنهنجي مڙس جا ٽيسٽ ڪراءِ ورائي ڏنائين ته هو ڪونه ٿو ڪرائڻ چاهي. جڏهن ته طبي سائنس مطابق ٻار پيدا نه ٿيڻ ۾ 50 سيڪڙو هٿ مرد جو هوندو آهي ۽ اسان وٽ اِهو تاثر آهي ته مرد ۾ اهڙي ڪا خرابي ڪونهي ٿيندي. مون اهڙا مرد به ڏٺا آهن جن اِهو سوچي ٻي شادي ڪئي ۽ پنهنجا ٽيسٽ نه ڪرايا نتيجي ۾ هڪ ٻئي معصوم جي زندگي به خراب ڪيائون جڏهن ته خرابي مرد ۾ هُئي. اسان جي ملڪ ۾ 8 سيڪڙو ماڻهو ٻار پيدا نه ڪري سگهڻ واري خرابي ۾ مبتلا آهن. اِنهن جو 90 سيڪڙو علاج جي لائق هوندو آهي ۽ 10 سيڪڙو جو مسئلو ٿورو گنڀير هوندو آهي. پاڪستان ۾ اِهو مرض تيزي سان وڌندو پيو وڃي پر بدقسمتي سان سرڪاري ڪاتي ۾ اِن جي علاج جو ڪو به جوڳو بندوبست ڪونهي. هڪ ٻي تحقيق مطابق سنڌيڻو 40 سيڪڙو مردن ڪري، 40 سيڪڙو عورتن ڪري، 10 سيڪڙو ٻنهي مرد ۽ عورت ڪري ۽ 10 سيڪڙو جي خبر ڪونهي. نوجوان شرم ۽ حيا ڪري ڊاڪٽرن وٽ ڪونهن ويندا ۽ غير سند يافته طبي عملي جي ور چڙهي ويندا آهن. اهي اٽپڙهيل غير سند يافته "طبي ماهر؟" اُنهن کي ڪشتا ۽ اسٽيرائڊ ڏيندا آهن جيڪي اُنهن جي بڪين کي خراب ڪندا آهن ۽ ٻار پيدا ڪرڻ واري سگهه کي وڏيڪ متاثر ڪندا آهن. مردن ۾ ٻه اهم مسئلا هوندا آهن. پهريون مرداڻو ٻج ٺهندو ئي نه هجي ۽ ٻيو ٻج ٺهندو هجي پر ٺهڻ واري هنڌ کان مرداڻي عضوي تائين پهچڻ واري رستي تي ڪٿي بندش هجي. ٻيا سبب آنوري کي ڌڪ لڳڻ، رتو ٻتون

متاثر ٿيڻ، ڇم واري مرداڻي سرشتي ۾ خرابي، ڳِلن جي سوڄ (Mumps)، ڇم واري سرشتي جي ٽي بي، بلڊ پريشر جون دوائون ۽ السر وغيره آهن. ڪاڏو پيتو، ورزش نه ڪرڻ، سگريٽ جي عادت، اسٽيرائڊ،شراب ۽ ڀاڦ وارو تيز (Steam Bath)اهي به ڪجهه سبب آهن. اسٽيرائڊ لاءِ ٻڌائڻ ضرور ٿو سمجهان ته اسان جا جنرل پريڪٽيشنراها دوا تمام گهڻي استعمال ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته مرض جون نشانيون جلدي ختم ٿي وينديون آهن ۽ مريض عارضي طور خوش ٿي ويندو آهي. مرض چاهي ختم ٿئي يا نه. پران دوا جا نقصان تمام گهڻا آهن. وڏي سفر وارا ڊرائيور ۽ گهڻي اُس ۾ ڪم ڪرڻ وارا به سنڍپڻي ۾ وڌيڪ مبتلا ٿيندا آهن. مردن ۾ ٻار پيدا نه ڪري سگهڻ جا ڪجهه ٻيا به سبب آهن جهڙوڪ تمام گهڻي ورزش جنهن ۾ ايڊرينل اسٽيرائڊ رتوبت (Hormone) پيدا ٿيندي آهي جنهن ڪري مرداڻي رتوبت (Testosterone) جي ڪمي ٿي ويندي آهي. وٽامن سي ۽ زنڪ جي خوراڪ ۾ گهٽتائي ۽ سختي سان چنبڙيل ڪڇو (Underwear) پائڻ جنهن ڪري مرداڻي گولين جو گرمي جو درجو وڌي ويندو آهي ۽ نتيجي ۾ مرداڻو ٻج گهٽ پيدا ٿيندو آهي. ماحولياتي گدلاڻ جهڙوڪ جيوڙا مار دوائون، رنگ (Paint) شيعو (Lead)، شعائون، نيو ڪليئر تابڪاري مادا به ڪجهه سبب آهن. اِنهن سببن جي علاج سان ۽ تبديلي آڻڻ سان بهتري اچي سگهي ٿي. تولهه به ٻار پيدا ڪرڻ جي سگهه ڪي گهٽائي ٿي. آنورن مان خون واپس ڪٽي ويندڙ نسن جي سوڄ (Varicose)، آنورن جو گهمي وڃڻ (Testicular Torsion) به سببن ۾ شامل آهن.

جينيا ٽي (Genetic) خرابيون به سبب طور ڄاڻايون ويون آهن. جينياتي سائنس هاڻ تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي. اڳتي هلي ڇم ڪان اڳ ئي ماءُ جي پيٽ ۾ جين کي ڪم ۾ آڻيندي ڪيترين ئي بيمارين کي روڪي سگهجي ٿو. ڪلن فيلٽرس سنڊروم (Kline felters Syndrome)اها به هڪ خرابي آهي جنهن ۾ جسم جي هر گهرڙي ۾ ٻه ايڪس (X) ڪرو موزوم ٿيندا آهن.اِن ۾ مرد جا ڪسيا ننڍا ۽ اُرهه (Breast) وڏي ويندا آهن. ان بيماري کي جيڪڏهن شروع ۾ ئي پڪڙيو وڃي ۽ اِن جو علاج ڪيو وڃي ته صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي. مني جو ٻاهر خارج نه ٿيڻ ۽ اُن جو مثاني ۾ واپس وڃڻ به سببن ۾ شامل آهي. اڳ ۾ اِهو چيو ويندو هُيو ته مرداڻو سنڍپڻو 90 سيڪڙو نفسياتي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسئلن ڪري ٿيندو آهي پر هاڻ تحقيق مان ثابت ٿيو آهي تہ 90 سيڪڙو ۾ ڪونہ ڪو سبب ضرور هوندو آهي. جون ٿا تہ گذريل 100 سالن ۾ سڄي دنيا ۾ ماڻهن ۾ ٻار پيدا ڪرڻ واري صلاحيت گهٽي آهي. سماجي طور تي مرد جيئن تہ پاڻ کي طاقتور سمجهندو آهي تنهن ڪري هُو ڏاڍي مشڪل سان پنهنجي چڪاس ڪرائڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي. اڪثر هُو عورت کي ئي اِن جو ذميدار سمجهندو آهي.

برگر، تريل شيون وغيره نہ کائجن. وٽامن بي ٽويلو (B-12)، زنڪ، وٽامن اي (E)، جسم ۾ صحيح مقدار ۾ هجڻ گهرجي. اڄڪلهہ سائنس ايتري ترقي ڪئي آهي جو اهڙن مردن کي مايوس نہ ٿيڻ گهرجي.

ڄم جا سائنسي طريقا (Concept of Assisted Reproductive Techniques)

جهڙوڪ مرداڻي ٻج کي ٻچيداني ۾ سائنسي طريقن سان پهچائڻ (IUI=Intrauterine Insemination) مرداڻو ٻج ۽ عورتاڻي انڊي کي جسم کان ٻاهر ملائڻ ۽ انڊي ۾ مرداڻي ٻج کي خاص سُئي رستي ملائڻ شامل آهن. اِهو علاج گهٽ ۾ گهٽ ڪري نجي اسپتالن ۾ مهيا آهي جيڪو گهڻو مهانگو آهي. ان علاج کي سرڪاري اسپتالن ۾ شروع ڪيو وڃي تہ جيئن عام ماڻهو بہ ان مان فائدو حاصل ڪري سگهي. شادي جي ٻن سالن کانپوءِ جيڪڏهن ٻار ڪونہ ٿو پيدا ٿئي تہ پوءِ زال ۽ مڙس ٻنهي کي پنهنجي چڪاس ڪرائڻ گهرجي، چاڪاڻ تہ مرد بہ سنڍ ٿيندا آهن.

*افيئر 30 سيپٽمبر 2012ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سهانگو موت - مهانگي زندگي

مونکي اِهو احساس ننڍپڻ کان ئي هيو تہ معاشي اڻ برابري هي اسان جي مُلڪ ۾ غريب عوام جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي. 1977ع ۾ منهنجو ڏاڏو "اپينڊڪس" (Appendix) جي سوڄ ڪري (جنهن ڪي طب جي زبان ۾ اپينڊيسائٽس چئبو آهي) گذاري ويو. اُتي موجود جنرل پريڪٽيشنرز ڪي اِها خبر ئي نہ پئي تہ اِهو ڪو اپينڊيسائٽس آهي جنهن جو علاج فقط آپريشن ئي آهي. هڪ دفعو جيڪڏهن اِن جي سجاڳپ ٿي وڃي تہ پوءِ مريض جو ڪاڏو پيٽ بند ڪرڻو پوندو آهي ۽ جيترو جلد ممڪن هجي اِن جو علاج ڪجي پر ٿيو اِئين جو اُن کي ڪاڻ پيٽ کان بہ نہ روڪيو ويو ۽ پيو تہ ٿيو پر اُن کي اينو فروٽ سالٽ پيٽ جي اجازت بہ ڏني وئي. اپينڊڪس ڦاٽي پيو ۽ جڏهن بہ اپينڊڪس ڦاٽندو تہ پيٽ سڄڻ لڳندو. پيٽ اندر پون ۽ پرجي ويندي ۽ ماڻهو مري بہ سگهي ٿو. منهنجي ڏاڏي جي مرڻ تي مون اُن ڏينهن سوچيو تہ ائين ڇو آهي. ڇا لاءِ ننڍن شهرن ۽ ڳوٺن ۾ ڊاڪٽر ڪونهن يا ماهر ڊاڪٽر ڪونهن. الائي ڪيترائي ماڻهو مرد، عورتون ۽ ٻار بغير علاج جي مري ويندا هوندا. چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج ڪلڻ ڪانپوءِ ڪجھ بهتري ٿي. اِنهن علائقن ۾ ڪجھ شعبن ۾ ماهر ڊاڪٽر پهچي ويا آهن. اڄڪلهہ سکر ۾ SIUT جي شاخ ۾ وڃڻ ٿئي پيو هر ماڻهو هڪ داستان ڪنيو پيو گهمي. ٿورو بہ پيار سان ڳالهايو، حال اوريو، ڳوڙهن جا درياھ ڇوليون هڻڻ لڳندا. مرد روئندا گهٽ آهن، ڪجھ ڪنور جو هوندا آهن پر جڏهن ٻارن جي عِلاج ۾ پورا نہ پوندا آهن تہ عورتن کان وڌيڪ روئڻ لڳندا آهن. هڪ 12 سالن جي ٻار کي ڇڪاسيو. ڪمند جي ٽرالي تان ڪمند چوري ڪندي ڪري پيو ۽ ٽرالي هيٺان اچي ويو ۽ هڏيون

پڇي پيس، پيشاب جي نالي ڦاٽي پيس 22 مهينن کان بستري تي آهي ۽ مثاني ۾ نلڪي پئي اٿس. سندس پيءُ بسڪٽ وڪڻندو آهي، 8 ٻار اٿس، همراهه هنجون هاري ويٺو.

اهڙا ڪيترائي داستان ٻڌڻ ۾ ايندا. غربت ته خير آهي ئي مٿان وري ٻارن جي لوڌ. هڪ 27 سالن جي ڇوڪري آئي گردي ۾ پٿري هيس 4 مهينن جي هئي، 10 ٻار اڳ ۾ به هيس. پڇيو مانس شادي گهٽي عمر ۾ ڪئي اٿئي، چيائين 12 سالن جي عُمر ۾، آخري ٻار 8 مهينن جو اٿس ۽ هاڻي 4 مهينن جو پيٽ اٿس. غربت جي لعنت ۽ اسان جي اهوجهائپ اچان وڌيڪ سُور ڏيو ڇڏي. اهڙا قصا ۽ سُور تمام گهڻا آهن. منهنجي عادت آهي ته مريضن کان ذاتي مسئلا به پڇندو آهيان ته جيئن خبر پوي ته فقط طبي مرض اٿس يا ڪا سماجي ۽ معاشي بيماري به لاڳو اٿس. اسان جي ماڻهن سان ٻئي مسئلا آهن. تنهن ڪري ئي شايد دُنيا جي صحت واري اداري (WHO) صحت سيني لاءِ جو مقصد فقط جسماني صحت ڪونهي ٻڌايو پر سماجي ۽ معاشي صحت به اُن جو اٽٽ حصو آهي. مثال طور مريض کي ٽي بي جي بيماري آهي اوهان اُن کي دوائون پوري سال لاءِ لکي ڏنيون ۽ چيو ته ڪاڏو به سُٺو کائجان ته جيئن قوت مدافعت پيدا ٿئي ۽ ٽي بي جي جيوڙي سان منهن ڏئي سگهين. هاڻ دوائن جا پئسا، ڪاڌي پيتي جا پئسا ۽ هوا دار گهر اهو سڀ ڪجهه ڪٿان اچي. نتيجي ۾ ٽي بي جو مرض اُن مريض کي ته ماريندو ئي پر اهو جيوڙو اُن مريض مان ٻئي گهر ياتي، اوڙي پاڙي واري ۽ يار دوست کي به متاثر ڪندو. ٻوڙ جي زماني ۾ مليريا جي بيماري، چمڙي جي بيماري اسڪيبيز (Scabies) ۽ دستن جون بيماريون گهڻيون ڏٺم. اِهي ٽئي بيماريون صفائي سٺا نه هجڻ ڪري ٿينديون آهن . مليريا جو جيوڙو مڇرمار دوائن سان مرندو ۽ صفائي سان ختم ٿيندو. دستن کان صاف تهڪيل پاڻي پي بچي سگهجي ٿو ۽ چمڙي جي بيماري اسڪيبيز کان به صفائي سٺائي رستي بچي سگهجي ٿو. مون کي ڳوٺن ۾ ڪئمپ هڻڻ جو موقعو مليو. جانور ۽ انسان هڪ ئي جڳهه تي ٿا رهن. مٽي ۽ گندگي جا ڍير. ماڻهن کي پيٽ جو دوزخ ڀرڻ لاءِ مِيٽي ۾ ڏينهن رات ڪم ٿو ڪرڻو پوي هاڻ ڪٿان جي صفائي. هڪ تحقيق مطابق مليريا جو جيوڙو جانورن ۾ پلبو آهي ۽ ٻئي نمبر تي انسانن کي متاثر ڪندو آهي، جانورن جي جسم

تي جيوڙن مار دوا هڻڻ جي ضرورت آهي ۽ انسان ۽ جانورن کي الڳ ڪرڻ جي ضرورت آهي. مون پنهنجي هڪ مريض کي چيو تہ تنهنجا ڪپڙا ڏاڍا ميرا آهن، صاف چو ڪونہ ٿو ڪرين چيائين سائين اِهو ئي جوڙو آهي، سفر ۾ ميرو ٿي ويو. ڳوٺ واپس وڃي، گوڏ پائيندس ۽ ان کي ڌوئي وجهندس ۽ جڏهن ڳوٺ کان ٻاهر ويندس تہ اُهو پائيندس گهر ۾ گوڏ پائي گهمندو آهيان. هاڻ ڪٿان جي صفائي ۽ ڪهڙي صفائي، هڪڙو جوڙو ڌوئجي تہ پائجي. شيخ اياز چواٽي "سدا آهي ساهہ کي ڳيي جي ڳولا." "ڏو بنا ڏولا، ڪانهي ساڄهہ سونهن جي."
معياري ۽ مُفت علاج ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي. مون ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ صحافي جو اخبار ۾ خط پڙهيو، همراهہ حيدرآباد جي هڪ اسپتال ۾ داخل هُيو اُتي پنهنجي تنگ ڪتجڻ جي شڪايت لکي هيائين طبي عملي جي ڪوتاهي لاءِ دانهون پئي ڪيائين. مون تہ اِهو ڏٺو آهي تہ جيڪي ٿوريون گهٽيون سهوليتون آهن تہ اُهي بہ وڏن شهرن ۾ آهن. جيتوڻيڪ آهن تہ اُهي بہ اٽپورِيون، پر ڪجهہ نہ ڪجهہ موجود آهن. سنڌ ۾ جيڪڏهن ڪراچي کان ٽپي حيدرآباد ۽ مٿي اچجي تہ ڪاري وارا ڪک آهن. صحت ۽ تعليم ٻنهي جو حال پورو آهي. تعليمي ادارن ۾ پڙهائي ڪونهي، اسپتالن ۾ صحت جو سهوليتون ڪونهن. اِن ۾ سرڪار سان گڏ ادارن جي سربراهن جو قصور بہ آهي. اُها حُب ڪونهي، جذبو ڪونهي. جيڪڏهن جذبو هجي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ بهتر ٿي سگهي ٿو. اُستاد اسڪولن ۾ ڪونہ ٿا وڃن ۽ ڊاڪٽر اسپتالن ۾ ڪونہ ٿا پهچن. نفسا نفسي جو عالم آهي، هر ڪو جهٽ ۾ ئي مها امير ٿيڻ ٿو چاهي ۽ اِن ڊوڙ ۾ هُو پنهنجي سماجي ذميداري وساريو ڇڏي. ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪاٺوڙ ۾ SIUT بنيادي صحت گهر جو افتتاح ڪندي چيف منسٽر فرمايو تہ اسين هر سال جگر جي بيمارين (Hepatitis) کي ختم ڪرڻ تي هڪ ارب خرچ ڪريون ٿا پر اسان کي ڪو ڊاڪٽر اديب رضوي جهڙو ايماندار نہ مليو جيڪو دل جي جذبي سان ڪم ڪري ها ۽ ان بيماري جي پاڙ پٽڻ ۾ مدد ڪري ها. ٻڌايو ڀلا اِها بہ ڪا ڳالهہ آهي ڪروڙن جي مُلڪ ۾ ڊاڪٽر اديب رضوي جهڙو اُنهن کي ڪو ٻيو هڪ بہ ماڻهو نہ مليو. ڇا اسان جي زمين هاڻ انسان دوست ماڻهو پيدا ڪرڻ ڇڏي ڏنا آهن. ڇا هي ڌرتي هاڻ فقط لٽيرا ۽ چور ئي ڄڻي، يقيناً ائين ڪونهي. اهڙا ماڻهو گهٽا ئي آهن، اسان جو ڏانچو بہ تہ سفارش تي ٻڌل آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قابليت کي ڪونہ ٿو ڏٺو وڃي. ايماندار ماڻهن جي ڪمي بہ ڪونهي. پڇا ڳاڇا جو سرشتو بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. جزا ۽ سزا جو قانون لاڳو هجڻ گهرجي اِن ڪانسواءِ بهتري نہ ايندي. قانون ٽوڙ ماڻهو سڄي دُنيا ۾ آهن پر اُتي پڪڙ بہ آهي ۽ ڏوهي هرحال ۾ پڪڙبو ۽ اُن کي سزا بہ مِلندي. هتي ڏوهي پڪڙجي ڪونہ ٿو تنهن ڪري هُو ڏوهہ ڪندو ٿو رهي اُن کي خبر آهي تہ اُن جو ڪجهہ بہ نہ بگڙجندو.

پٽري جي بيماري ٻارن ۾ عام آهي هڪ مهيني کان 16 سالن تائين جا ٻار ان بيماري ۾ مبتلا آهن. پٽري جي بيماري جيڪڏهن وڌي عرصي کان آهي ۽ گردن کي بند ڪيو بيٺي آهي تہ گردا خراب ٿي ويندا. مليريا جو وقت سر علاج نہ ڪبو تہ گردا خراب ڪندي، دماغ ۾ گهڙي ويندي ۽ بيهوش ڪندي ۽ خون جي جزن کي متاثر ڪندي ۽ ٽائفائيڊ جو وقت سر علاج نہ ڪبو تہ آنڊو متاثر ٿي سگهي ٿو ۽ ڦاٽي بہ سگهي ٿو. پوليو کا بچاءُ جا ڦڙا نہ پياربا تہ سَنڌ سُڪي سگهن ٿا. ٽي بي جو وقت تي ۽ پورو علاج نہ ڪبو تہ اُها جسم ۾ پکڙجي سگهي ٿي ۽ موت جو سبب بہ ٿي سگهي ٿي. هيپاٽائٽس جي روڪٿام ۽ وقت سر علاج نہ ڪبو تہ جگر سُسي ويندو ۽ ڪينسر بہ ٿي سگهي ٿو. چوڻ جو مقصد آهي تہ بنيادي صحت جا ادارا انتهاهي اهم آهن. اِنهن جو هجڻ ۽ معياري ۽ مفت علاج مهيا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي. ايترو ئي اهم يونيورسٽي اسپتالن ۽ مناسب ضلعي اسپتالن جو هجڻ آهي جنهن ۾ سرجن، فزيشن، ٻارن جي بيماري جا ماهر، عورتن جي بيمارين جا ماهر ڊاڪٽر، گردي جي بيمارين جا ماهر، دماغي بيمارين جا ماهر وغيره وغيره شامل آهن. عورتن جي ويم جي خرابين کي ئي ڏسجي جيڪڏهن ڳورهاري ماءُ جو ويم دوران گهڻو خون وهي وڃي تہ ترت خون جي ضرورت پوندي ۽ ڪا ماهر ڊاڪٽر اُن جو علاج ڪري تہ ٺيڪ ٻي صورت ۾ گردا خراب ٿي سگهن ٿا ۽ ڊائلسس جي ضرورت پئجي سگهي ٿي. جيڪڏهن ٻار پنهنجي وقت کان پوءِ ڄمندو ۽ ڪنهن خرابي ڪري ٻار جي ڄم ۾ دير لڳي وئي تہ ٻار جو موت بہ ٿي سگهي ٿو ان صورت ۾ يڪدم ماهر ڊاڪٽرياڻي جي ضرورت پوندي تہ جيئن هُو آپريشن ذريعي هڪدم ٻار پيدا ڪرائي. اِهو سڀ ڪنهن چڱي اسپتال ۾ ئي ممڪن آهي. سرڪار اِن طرف ڌيان ڏئي اهڙا ادارا قائم ڪري ۽ نہ صرف قائم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پر اُن جي سنڀال بہ لهي ۽ پڇا ڳاڇا بہ ڪري. طبي عملي جي مسئلن کي بہ ڏسڻ گهرجي اُنهن جون پگهارون وڌائي اُنهن کي پابند ڪيو وڃي تہ هو اسپتالن ۾ 8 کان 5 بجي تائين رهن. ڊيوٽي وقت پنهنجي نجي ڪلنڪ تي نہ وڃن. يورپ ۾ فقط پروفيسر پرائيويٽ پريڪٽس ڪندو آهي اُها بہ اُنهيءَ اسپتال ۾ جتي هُو پروفيسر آهي. اُن جي پرائيويٽ وِنگ هوندي آهي. اُتان جي آمدني جو ڪجھہ حصو اسپتال کي ملندو آهي ۽ باقي جيڪو بچندو آهي اُن مان سيني ڊاڪٽرن کي حصو ملندو آهي جيڪي اُن وارڊ ۾ ڪم ڪندا آهن. پر اُتي صحت جي انشورنس جو سرشتو آهي. هر ماڻهو جي انشورنس ٿيل آهي، پئسا انشورنس مان ايندا آهن. باقي جيڪو رٽائر آهي يا انشورنس نہ ٿيل اٿس ۽ پئسا ڪونہ ٿو خرچ ڪري سگهي اُن جو علاج مفت ۾ ٿيندو. تعليم ۽ صحت سرڪار جي ذميداري هجڻ گهرجي. بجٽ ۾ بيا خرچ گهٽائي اِنهن شعبن تي لڳائڻ گهرجي. صحت ۽ تعليم تي بجٽ وڌائڻ جي ضرورت آهي ۽ جيڪا ملي اُها پوري خرچ ڪرڻ جي ضرورت آهي.

*افيئر، 15 سيپٽمبر 2012ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرندي واراءِ سرڪار گڏجي ڪو اپاءُ وٺن

پاڪستان ان چارٽر تي صحيح ڪندڙ ملڪن مان هڪ آهي جنهن ۾ لکيل آهي ته سن 2000 ع تائين اسين سڀني کي مفت صحت جون سهولتون مهيا ڪنداسون، 9 سال پيا گذرڻ جي باوجود به اڄ مسڪين ماڻهو علاج جي سگهه نه ساريندي خودڪشيون پيا ڪن. نيڪ محمد جيڪو هوسڙي جو رهواسي آهي تنهن خودڪشي ڪئي اهو ان بيرحميءَ جو هڪ مثال آهي. زبان جي ڪينسر ۾ مبتلا 25 سالن جو هڪ نوجوان تنگ اچي ويو ۽ پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيائين ان جي زال اهو صدمو نه سهي پنهنجو انت آندو. هن اخبار ۾ ڇپيل ان خبر مونکي کي هيءُ ليک لکڻ تي مجبور ڪيو آهي. اهي حادثا معمول بڻجي ويا آهن. اسين به ڏهڏي ڏهڏي بي حس ٿي ويا آهيون. سنڌ ۾ پئسي وارن جي ڪا ڪمي ڪونهي، سرڪار پنهنجي خزاني مان ٻين خرچن کي گهٽائي صحت ۽ تعليم جي مَد ۾ وڌيڪ بجيٽ رکي ۽ اُن بجيٽ جو صحيح استعمال ڪرائي، ماڻهن جي زندگين کي بچائي سگهي ٿي.

هندو سيٺ اڳ ۾ ڏاڍو دان پنج ڪندا هئا. اسڪول، اسپتالون، گئوشالائون ٺهرائيندا هيا، غريبن جي مدد ڪندا هيا. هاڻ به سيٺ ماڻهن جي سنڌ ۾ ڪوٽ ڪونهي سنڌ جو وڏيرو، دڪاندار ڪٺڪ ۽ ڦتين جا واپاري سڀ ان ڏس ۾ مدد ڪري سگهن ٿا. سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن سرندي وارن ۽ سرڪار جي گڏيل ڪاوشن سان ٻُڪي جي بيماري جو مفت علاج مُهيا ڪري ٿو، مريض تي ڀلي 100 رپيا خرچ اچن يا 10 لک رپيا ادارو سرڪار ۽ سرندي وارن جي مدد سان اهو ڪم سرانجام ڏئي پيو! اهو جيڪڏهن هن اداري لاءِ ممڪن آهي ته پوءِ ٻين ادارن لاءِ ممڪن ڇو نه ٿو ٿي سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرڪار جيڪا بجيٽ اسپتالن کي ڏئي رهي آهي اُن جي جائز استعمال جو به سوال آهي جيڪڏهن ان ۾ لٽ مار نه ڪئي وڃي، ڪميشنون نه کاڌيون وڃن ته ماڻهن کي مفت علاج مهيا ٿي سگهي ٿو ۽ انهن کي خودڪشي ڪرڻ کان بچائي سگهجي ٿو. صحت واري شعبي سان واڳيل عملو چاهي اُهي ڊاڪٽر هجن يا نرسون سيني جي ذميواري ٿئي ٿي ته هو پنهنجي شعبي جنهن کي هميشه نوبل سڏيو ويو تنهن، جي لڄ رکن. دوائن جي ڪمپنين کان جيڪي سهولتون ملن ٿيون انهن کي غريب مريضن لاءِ استعمال ڪن ته هوند مفت علاج جو بندوبست ٿي سگهي.

اسان جو اهو نعرو ائين هجڻ گهرجي ته علاج سيني لاءِ مفت ۽ عزت سان. نيڪ محمد زبان جي ڪينسر جو علاج نه ڪرائي سگهڻ ڪري خودڪشي ڪئي. جڏهن ته لاڙڪاڻي ۾ ان مرض جي علاج جو ادارو موجود آهي. جانبڪا به ان علائقي جي وڏي اسپتال آهي. اتان جا پروفيسر صاحبان ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، جيڪو پاڻ شاعر هجڻ جي ناتي سان حساس فرد آهي ملي ڪري جيڪڏهن ڪوششون وٺن ته سرڪاري بجيٽ مان ۽ سرندي وارن کان مدد وٺي بهتري آڻي سگهن ٿا. زڪوات فنڊ سميت سرڪار جا پيا به ڪيترائي وسيلا آهن، انهن جو استعمال ڪري سگهجي ٿو. حيدرآباد ۾ به ان مرض جي علاج جي سهولت موجود آهي. سنڌ جي ساڃاهه وندن کي ان طرف ضرور سوچڻ گهرجي. تعليم ۽ صحت سنڌ جا ٻه وڏا مسئلا آهن. ڪجهه مهينا اڳ اسان جي هڪ مريض مائي سپائي مون وٽ آئي ۽ چيائين ته مان ٻار بند ڪرائڻ جو آپريشن ٿي ڪرائڻ چاهيان. عُمر هيس 25 سال. پڇيومانس ٻار ڪيترا اٿئي؟ چيائين ته ٻار ڪونهن. چيومانس ته پوءِ ٻار بند ڪرائڻ جو آپريشن ڇو ٿي ڪرائين ٻڌايائين ته پهرين ٻار جي ويم وقت رت وهڻ ڪري گردا خراب ٿي ويا ۽ ٻار به نه بچيو. گردي جي تبديلي کان پوءِ وڏين تڪليفن کان پوءِ ٻيو ٻار ڄائو 2 مهينن جو هيو ته دستن وگهي مري ويو. چيو مانس تون پاڻ پراڻي مريضه آهين. ڊاڪٽر کي ڏيکارين ها چيائين ته مان ٽرپارڪر ۾ رهندي آهيان ۽ جنهن ڳوٺ ۾ رهندي آهيان اتي ڪا اسپتال ڪونهي ۽ گاڏي هڪ ڏينهن ڇڏي ٻئي ڏينهن ايندي آهي. 21 صدي ۾ جيڪڏهن دستن وگهي ڪو ٻار اهو به ڪنهن ماءُ جو سڪيلڌو هجي ۽ مري وڃي ته اُها ماءُ ٻيو ڇا ڪندي؟ چيائين ته منهنجا ساهُرا ۽ پيڪا ٻئي ٽا چون ته ٽئين

ويم تي تون پاڻ مري ويندينءَ

سرڪار ۽ سرندي وارن ۽ خاص ڪري پيپلز پارٽيءَ جهڙي عوامي پارٽي لاءِ اها پريشانيءَ جي ڳالهه هجڻ گهرجي، هڪ پاسي تہ دُنيا ايتري ترقي ڪئي آهي جو ڪلوننگ پئي ڪري. ٽيلوميئر جي ايجاد ڪينسر کان بچڻ جي اميد پيدا ڪئي آهي تہ ٻئي پاسي دستن وڳهي ٻار مريو وڃن ۽ علاج ڪرائڻ جي سگهہ نہ هئڻ ڪري ماڻهو پيا خودڪشيون ڪن. اڄڪلهہ دوائن جون ڪمپنيون ڊاڪٽرن کي دنيا جا سير ٽيون ڪرائين. ڳرا ڳرا تحفا ٽيون ڏين نتيجي ۾ دوائن جون قيمتون 500 دفعا مهانگيون ٿيو ٿيون وڃن. اهي تحفا تحائف ۽ دنيا جا سير ختم ڪري جيڪڏهن دوائن جون قيمتون گهٽايون وڃن تہ ڪجهہ بهتري ٿي پوي. شايد جنهن معاشري ۾ هڪ ٻي اولاد ماءُ جيڪڏهن ٻار بند ڪرائڻ جو آپريشن ڪرائڻ چاهي، ڊاڪٽر کان علاج نہ پر اولاد بند ڪرڻ جو آپريشن ڪرائڻ چاهي ان معاشري لاءِ ڇا چئجي، غريب تہ ٺهيو وچين طبقي جو ماڻهو بہ علاج جا ڳرا خرچ ڪو نہ ٿو برداشت ڪري سگهي. علاج بنهہ مفت ۽ عزت سان سڀني جو حق آهي. پاڪستان بہ ان چارٽر تي صحيح ڪندڙ ملڪن مان هڪ ملڪ آهي،اسين ان طرف ڪڏهن سوچينداسون؟ ڪم اهڙو ڪو مشڪل ڪونهي، خواهش ۽ مستقل مزاجيءَ جي ضرورت آهي.

پاڪستان صحت جي عالمي اداري واري اُن چارٽرجو صحيح ڪندڙ ملڪ آهي جنهن ۾ لکيل آهي تہ سن 2000ع ۾ صحت سڀني لاءِ اُها بہ مفت، مهيا ڪرڻ دُنيا جي سمورن ملڪن جي ذميداري آهي. مفت صحت جي سهولت جي موجودگي تہ ٺهيو پر اڃا اسان جي ملڪ ۾ ڪيترائي ڳوٺ ۽ وسنديون موجود آهن جتي سرڪاري اسپتالون ئي موجود ڪونهن.

*روزاني عوامي آواز*
*آچر 16 نومبر 2008ع*

# ملڪ جي ٻهراڙي صحت جي ميدان
# ۾ پوئتي پيل آهي

هونئن تہ اسان جو معاشرو هر سطح تي ننڍ وڏائي واري فرق تي ٻڌل آهي. ڪو گهڻو امير تہ وري ڪو گهڻو غريب ساڳيو ئي فرق شهرن ۽ ٻهراڙين جي مختلف شعبن ۾ نظر ايندو. صحت جو شعبو اُن مان هڪ آهي. ڪيترن ئي علائقن ۾ اسپتالون ڪونهن ۽ جيڪڏهن اسپتالون آهن تہ ڊاڪٽر ڪونهن، ڊاڪٽر آهن تہ دوائون ڪونهن. جيڪو ٿورو ڪجهہ اِن شعبي ۾ موجود آهي اُن جو گهڻو حصو وڏن شهرن ۾ ئي پورو ٿيو وڃي نتيجي ۾ ٻهراڙيون بنيادي سهولتن کان محروم آهن. اِن ۾ قصور اِن اڻ برابري واري سماج جو تہ آهي ئي پر اڻ ڄاڻائي ڪري ۽ شعور جي گهٽتائي ڪري اسان جو ٻهراڙي جو عوام اِن جي گُهر ڪرڻ ۾ بہ پوئتي آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ پاڪستان سوسائٽي آف نيفرالوجي جي ساليانی ڪانفرنس ٿي اِها تنظيم جيئن تہ نالي مان ظاهر آهي تہ پوري پاڪستان جي گردي جي فزيشنس جي نمائنده تنظيم آهي. پر ڏٺو اِهو ويو تہ هر صوبي مان وڏن شهرن جي ڊاڪٽرن جي پذيرائي ۽ عمل دخل ئي نظر آيو. ڪراچي، لاهور، پشاور ۽ ڪوئٽا جا فزيشنس اڳيان اڳيان هئا ۽ انهن ۾ بہ گهڻو اڳيان ۽ نمايان ڪراچي ۽ لاهور جا فزيشنس هئا. ٻهراڙي جي گردي جي فزيشنس جي هِن ۾ ڪا عملي شموليت نظر ڪونہ آئي اِن ۾ قصور ٻهراڙين ۾ ڪم ڪندڙ ڊاڪٽرن جو بہ آهي جو هو اڳتي وڌي ڏاهپ سان ۽ ڦڙتي سان اِن ۾ حصو وٺن ۽ پنهنجي هُجڻ جو اظهار ڪن. انهن جو رويو بہ تمام سباجهڙو ۽ معذرت خواهاڻو ٿو هجي اِن جو نقصان ٻهراڙي جي مريض کي ٿو پوي جيڪڏهن ٻهراڙين ۾ ڪم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندڙ ڊاڪٽر تيز هوندو سائنس ۽ ريسرچ ۾ حصو وٺندو ۽ اُن مان سِکندو تہ اِن جو فائدو اُتان جي مريضن کي پهچائيندو. ها اِن ۾ اِهو بہ ضرور آهي تہ شهر جو ڊاڪٽر تيز ٿو ٿئي ۽ سموري سهولت تي پنهنجو حق ٿو سمجهي ۽ ٻهراڙين جي طبي عملي کي اڳتي اچڻ ڪونہ ٿو ڏئي حالانڪ ٿيڻ اِهو کپندو آهي تہ ٻهراڙي ۾ طبي سهولتن جي بهتر ٿيڻ ۾ وڏن شهرن جي طبي برادري کي هٿ ونڊائڻ گهرجي تہ جيئن مريضن کي پنهنجي گهر پرسان چڱو ۽ مناسب علاج مهيا ٿي سگهي اِن طرح اُن کي سوين ميل پري سفر ڪري نہ وڃڻو پوي اِهو تڏهن ئي ممڪن ٿيندو جڏهن شهري ۽ ٻهراڙي جي فرق کي مٽايو وڃي. سڌريل ملڪن ۾ اِئين ئي ڪيو ويو آهي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ يونيورسٽيون ۽ ميڊيڪل ڪاليج ٺاهي اتان جي ماڻهن کي چڱا ڊاڪٽر، چڱا اُستاد، سائنس ۽ ريسرچ تي ٻڌل ليبارٽريون مهيا ڪري ڏنا ويا آهن.

ويجهڙائي ۾ بکين جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو اِهو ڏينهن بہ ٿلهي ليکي فقط ڪراچي ۽ لاهور ۾ ملهايو ويو (جيڪو ٽي وي چينل) تي ڏسڻ ۾ آيو اِن ڏينهن تي گردي جي مستقل بيمارين کي وقت کان اڳ پڪڙڻ لاءِ گردي جا ٽيسٽ جهڙوڪ پيشاب جو سادو ٽيسٽ، خون ۾ ڪريئٽنين، گردن جو الٽراسائونڊ ۽ بلڊ پريشر چڪاسيا ويندا آهن. اِهو انهيءَ ڪري ضروري آهي جو گردي جي مستقل خرابي لِڪي لِڪي، آهستي آهستي، بغير اطلاع جي شروع ٿي ويندي آهي ۽ اچانڪ هڪ ڏينهن مريض کي اُلٽيون شروع ٿي وينديون آهن. بک گهٽجي ويندي آهي، پيشاب گهٽ اچڻ لڳندو آهي ۽ چڪاس ڪرڻ تي خبر پوندي آهي تہ ٻئي گردا ننڍا ٿي ويا آهن. اهو ڏينهن ملهائڻ اهم آهي جيترو شهرن ۾ اوترو ئي ٻهراڙين ۾ پر اِهو ڏينهن بہ ملڪ جي ڪجهہ وڏن شهرن ۾ ملهايو ويو. جيڪڏهن سنڌ کي ڏسجي تہ هتي لياقت ميڊيڪل ڪاليج، چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج، پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهہ ۽ سکر ۾ غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج آهن اِهي وڏا ادارا آهن اِتي گردي جا ماهر ڊاڪٽر بہ ويٺا آهن.

اِهو ڏينهن انهن ادارن ۾ ملهائڻ گهربو هُيو اِهڙي طرح هر صوبي ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۽ وڏيون اسپتالون آهن ۽ گردي جا ماهر ڊاڪٽر بہ آهن اُهي ملي ڪري اِهو ڏينهن ملهائي پئي سگهيا پر اِهو نہ ٿيو ۽ ٻهراڙي جو عوام اِن

سهوليت کان محروم ٿي ويو. پٿري جي بيماري سنڌ ۽ پنجاب جي سرائڪي علائقن ۾ عام آهي اِن جا ڪيترائي سبب آهن جهڙوڪ گرمي، پاڻي گهٽ پيئڻ، غربت، ٻارن ۾ دستن جون بيماريون ۽ اڄ ڪلهه تحقيق اِن جي موروثي هجڻ کي بہ ثابت ڪيو آهي. پٿري بہ ڪڏهن ڪڏهن خاموشي سان گردن کي خراب ڪريو ڇڏي. هاڻ جيڪڏهن بڪين جو عالمي ڏينهن ڳوٺ ڳوٺ ۾ ملهائجي، پٿري جي مرض کي وقت تي پڪڙجي ۽ اِن جو علاج ڪجي تہ ڪيترائي گردا خراب ٿيڻ کان بچائي سگهجن ٿا. پاڪستان سوسائٽي آف نيفرالوجي جي ڪانفرنس ۾ ماهرن اِهو بہ چيو تہ مٺا پيشاب، بلڊ پريشر ۽ تماڪ نوشي گردن جي مستقل خرابي جا وڏا سبب آهن. سنڌ ۽ سرائيڪي علائقن ۾ پٿري بہ بڪين جي مستقل خرابي جو هڪ سبب آهي. گردي جو عالمي ڏينهن ملهائڻ سان مٿيان ٽيسٽ ڪري وقت سر علاج ڪري هزارين ماڻهن کي گردي جي مستقل خرابي جو مريض ٿيڻ کان بچائي سگهجي ٿو. هِن ڪانفرنس ۾ اِهو بہ ٻڌايو ويو تہ پاڪستان ۾ 17 کان 25 سيڪڙو ماڻهو وڏيل بلڊ پريشر جي مرض ۾ مبتلا آهن. دل جون بيماريون بہ وڌڻ لڳيون آهن ڇاڪاڻ تہ جيئڻ جي سراسري عُمر بہ وڌڻ لڳي آهي ۽ بزرگن جي تعداد ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. دنيا ۾ 70 لک ماڻهو دل جي عارضي ۾ مريو وڃن. هڪ تحقيق ۾ اِهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ الٽراسائونڊ رستي گردن جي سائز ڏسڻ اهم آهي جيڪا عام طور تي 9 سينٽي ميٽر ۽ مٿي ٿيڻ گهرجي ننڍا گردا گردي جي مستقل بيماري کي ظاهر ڪن ٿا. هڪ گردي جي ماهر ٻڌايو تہ اسانجي مُلڪ ۾ اندازن 20 سيڪڙو ماڻهو مٺن پيشابن جي مرض ۾ مبتلا آهن. وٽامن ڊي جي جسم ۾ گهٽتائي بہ گردن جي مستقل خرابي جو هڪ سبب ٻڌايو ويو آهي. اِن ڪانفرنس ۾ انڊيا ۽ بنگلاديش جي ڊاڪٽرن بہ شموليت ڪئي ۽ تحقيقي مقالا پڙهيا. هڪ فزيشن چيو تہ ماڻهو جو بلڊ پريشر mm of 120/80 Hg يا اُن کان گهٽ هُجڻ گهرجي اُن جو چوڻ هُيو تہ جيڪڏهن بلڊ پريشر 140/90 mm of Hg کان وڌيڪ يا اُن جيترو آهي تہ سمجهبو تہ اِهو بلڊ پريشر ضابطي ۾ ڪونهي ۽ جيڪڏهن بلڊ پريشر ظابطي ۾ ڪونهي تہ پوءِ گردن جي مستقل خرابي جو خطرو وڌي ويندو اُن اِهو بہ چيو تہ جيڪڏهن گردا بچيل نہ هوندا ۽ اُنهن جي حفاظت نہ ڪبي تہ دل بہ محفوظ نہ رهندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پاڪستان ۾ طبي شعبي جا مسئلا“ جي موضوع تحت هڪ مضمون ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ ملڪ جي 70 سيڪڙو آبادي ٻهراڙي ۾ رهي ٿي پر 85 سيڪڙو ڊاڪٽر شهرن ۾ علاج جون سهوليتون پهچائن ٿا. شهرن ۾ ڊاڪٽر ۽ آبادي جو تناسب هڪ ۽ ارڙهن سئو هڪ جڏهن تہ ڳوٺن ۾ اِهو تناسب هڪ ۽ پنجويهہ هزار اٺ سو اوڻٽيهہ آهي.

سنڌ آبادي جي حساب سان ملڪ جو ٻيون وڏو صوبو آهي اُن جي ڳوٺن ۾ ڊاڪٽر ۽ آبادي جو تناسب هڪ ۽ ستونجاهہ هزار نو سئو چوهٺ آهي. اِهي انگ اکر حيران ڪندڙ آهن تہ اِن کان وڌيڪ حيران ڪندڙ نرسن ۽ آبادي جو تناسب آهي. هتي پنج لک اٺهٺ هزار چاونجاهہ ماڻهن جي پرگهور لهڻ لاءِ هڪ نرس ميسر آهي. مُلڪ جون فقط 23 سيڪڙو اسپتالون ڳوٺن ۾ موجود آهن. مٿيان انگ اکر يقينن پريشان ڪندڙ آهن. جيئن تہ شهرن ۾ پڙهيل طبقو وڌيڪ آهي، آفيسر، سياسي پارٽين جا دفتر، ادارا سڀ شهرن ۾ موجود آهن تنهن ڪري وسيلن ۽ سهولتن ٻنهي تي قبضو شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جو آهي. ٻهراڙي ۾ رهندڙ بي خبر آهي. ياد رکيو وڃي تہ، ٻهراڙي کي اڳتي آڻڻ جي ذميواري ڪنهن جي آهي. منهنجي خيال ۾ اِها سرڪار تي لاڳو ٿئي ٿي. سرڪار تي اِهو فرض آهي تہ ٻهراڙي کي شهرن جي مقابلي ۾ ضرور آڻي سڌريل ملڪن شهر ۽ ٻهراڙي جو فرق گهٽي حد تائين گهٽائي ڇڏيو آهي. جرمنيءَ جي هڪ ڳوٺ وُرزبرگ (Wurzburg) ۾ هڪ وڏي يونيورسٽي آهي اُتي ڪم ڪندڙ عملو برلن وڃڻ لاءِ تيار نہ هُيو ڇاڪاڻ تہ برلن جهڙيون سهوليتون اُن ڳوٺ ۾ موجود هُيون ۽ اُنهن جو خيال هُيو تہ شهرن جي زندگي افراتفري واري آهي ۽ اُهي هتي پرسڪون آهن ۽ سهولتون سموريون ساڳيون ئي اٿن. ساڳيو ئي خيال سوئڊن جي هڪ ڳوٺ لُنڊ جي ماڻهن جو هُيو ڪنهن بہ اُتان اسٽاڪ هوم وڃڻ ڪونہ ٿي چاهيو. اسان جي سرڪار کي بہ اسان جي ٻهراڙين کي شهر جي برابر آڻڻو پوندو. جيستائين اِهو حاصل ٿئي ٻهراڙين ۽ ننڍن شهرن جي ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي کي اڳتي وڏي طبي ڪانفرنسن، طبي تنظيمن، سائنس ۽ ريسرچ ۾ پنهنجو حصو وجهڻو پوندو اِن سان اُنهن جو قدُ ڪاٺ بہ وڌندو ۽ مريضن جو فائدو بہ ٿيندو.

*سنڌي مئيگزين ”عوامي آواز“ 20 مارچ 2011ع*

# معجزن جا منتظر مسڪين ماڻهو!

هوءَ 20 سالن جي مس هئي ۽ شادي بہ ٽي سال اڳ ٿي هيس. سهڻي، خوش شڪل، رنگ جي چٽي ۽ معصوم. بيماريءَ ويتر ئي معصوم بڻائي ڇڏيو هيس. هن جا سمورا ارمان پاڻي ۾ لڙهي ويا هئا جڏهن خبر پيس تہ ٻئي گردا مستقل خراب ٿي ويا آهن. هڪ گردو ڄائي ڄم کان ننڍو هيس ۽ ٻئي ۾ پٿري جي بيماري، هن مٿان ڄڻ ڪا ڇپ ڪري پئي هئي. هن کي ڄاڻ پئي تہ هاڻ هُو گردي جي صفائي واري مشين جي محتاج رهندي. سندس پنج ڀائر هئا ۽ ہ ڀينرون. ڀائر گردو عطيو ڪرڻ لاءِ تيار هئا پر چڪاسڻ تي خبر پئي تہ انهن سڀني کي ٻنهي گردن ۾ پٿري آهي ۽ پٿري جو مريض گردو عطيو نہ ٿو ڪري سگهي. اهو ٻڌي هن ويچاريءَ جي تہ ڄڻ دنيا ئي ويران ٿي وئي. هوءَ ڄڻ ڪا جيئندي ئي مري وئي. سندس پيءُ جيڪو 50 سالن جو هيو، اهو بہ گردو ڏيڻ لاءِ تيار هيو پر ان کي بہ پٿري جي بيماري ظاهر ٿي چڪي هئي. اهو خاندان ڄڻ پٿر جو خاندان ٿي پيو هو ۽ اهو ٻڌي تہ دامني کي پنهنجن ڀائرن مان ڪو بہ گردو ڪونہ ٿو ڏئي سگهي. ڊاڪٽرن ڪيس ڀينرن کي گهرائڻ لاءِ چيو، انهن جا مڙس ۽ ساهرا گردو عطيو ڪرڻ جي اجازت نہ ٿا ڏين. ويچاري دامني اهو ٻڌي ڄڻ ڪا پٿر جي مورتي ٿي پئي هئي. هوءَ خاموش اهو سڀ ڪجهہ ڏسندي رهي. پٿري جي بيماري سنڌ ۾ اهڙا ڪيترائي گهر اجاڙي ڇڏيا آهن. اڪثر مريضن کي ٻنهي گردن ۾ پٿريون هونديون آهن. هڪ 9 مهينن جي ٻارڙي هر ٻن ٽن مهينن ۾ ہ ٽي پٿر پيشاب ۾ خارج ڪندي آهي. اسان جي سنڌ پٿري جي بيماري جو ڳڙهہ آهي. ڪجهہ گرمي جي ڪري، ڪجهہ پاڻي جو گهٽ واهپو، ٻارن ۾ دستن جون بيماريون ۽ موروثيت بہ هڪ سبب آهي. اڄڪلهہ جين (Gene) جو عمل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دخل بہ ظاهر ٽيو آهي پرائيوٽ اسپتالن ۾ علاج مهانگو ۽ ڳاٽي ٽوڙ آهي. ڊاڪٽر بہ ڇرين تکيون ڪيو وينا آهن. ليبارٽري جا ٽيسٽ ۽ ايڪسري بہ مهانگا آهن. غريب طبقي جو ماڻهو تہ اهي خرچ ڪونہ ٿو پري سگهي. ڊاڪٽر پنهنجي فيس تہ وٺن ٿا پر ليبارٽري ۽ ايڪسري وارن سان بہ ڪميشن مقرر اٿن. مون کي هڪ دوست ٻڌايو تہ جيڪڏهن ڊيٽ ويٽ ۾ ڊاڪٽر 100 رپيا فيس نہ وٺندو تہ اهڙي ڪاٽيسٽ لکي ڏيندو جنهن جي قيمت ايتري هوندي جو ڊاڪٽر جي ڪميشن بہ ٽي سئو رپيا ٿهي ويندي ۽ ڇيائين تہ هاڻي ڊاڪٽرن مان پهريان وارو انسان دوست ۽ مريض دوست جذبو ختم ٿي ويو آهي. پٿري جي بيماري جنهن پيماني تي سنڌ ۾ آهي اهڙي ئي وڏي انداز سان ان کان بچاءَ ۽ علاج جو بندوبست ڪرڻ جي ضرورت آهي. پٿري جي علاج جا ادارا هر ضلعي سطح تي قائم ٿيڻ گهرجن. ڳوٺ ڳوٺ وڃي ماڻهن جا الٽراسائونڊ، پيشاب جو سادو ٽيسٽ (Urine DR) ۽ خون جو ٽيسٽ ڪريئٽنين (Serum Creatinine) ڪرڻ گهرجن تہ جيئن پٿري ڪري گردن جي خراب ٿيڻ واري وبا کان بچي سگهجي. دنيا جي صحت واري اداري کي سنڌ ۾ پٿري جي بيماري کان بچاءَ ۽ وقت سر علاج کي اهڙي ئي اهميت ڏيڻ گهرجي جهڙي هو مليريا، ٽي بي ۽ پوليو کان بچاءَ کي ڏين ٿا. سرڪار کي خاص ان ڳالهہ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي تہ هر ضلعي اسپتال ۾ پٿري جو وارڊ ٺاهي جنهن ۾ ليبارٽري ٽيسٽ، ايڪسري، الٽراسائونڊ، پٿري ٽوڙڻ واري مشين (لٿو ٽريسي) هجڻ گهرجن. ڊاڪٽر کي ڪُک ۾ سور وارن مريضن جو الٽراسائونڊ ڪرائڻ گهرجي. پٿري جيتري ننڍي هوندي علاج اوتروئي سولو ٿيندو. اڄڪلهہ شعاعن ذريعي پٿري ٽوڙڻ جو علاج عام آهي، جنهن ۾ نہ ڪو چيرو لڳي، نہ ڪا بيهوشي ۽ نہ وري اسپتال ۾ داخلا جي ضرورت. گردي، مثاني ۽ گردي جي نالي ۾ پٿري جي مريض کي غير طبي عملي جي ور نہ چڙهڻ گهرجي. جيستائين پٿري جي تصديق نہ ٿئي نسخو ۽ علاج نہ وٺڻ گهرجي.

آواز جي لهرن ۾، جيڪا شڪتي آ

پٿر پگهرائي سگهندي آ

دل ميڻ بڻائي سگهندي آ

(مرلي ڌر)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لٿوٽريپسي ۾ جيڪي شعاع استعمال ٿيندا آهن اهي سائونڊ ويوز (آواز جون لهرون آهن) ڇگهو ڳالهائي، تسلي ڏئي، مريض جو ڇگهو ۽ مفت علاج ڪري اسان جا مسيحا بڻائي سگهن ٿا. دامني هاڻي ڊائلسز تي آهي ڇا هوءَ هميشه مشين جي محتاج رهندي؟ اهو هڪ ڏکوئيندڙ سوال آهي. اچو ته ان جو جواب ڳوليون. ان جو جواب آهي "موت کان پوءِ عضون جو عطيو" هر سال اسان جي ملڪ ۾ پنجاهه هزار ماڻهو عضون جي مستقل خرابي ڪري مري ويندا آهن. ڪجهه سئو ماڻهن جا گردا هر سال تبديل ٿي سگهندا آهن. جگر، دل، ڦڦڙ اسان وٽ تبديل ڪونه ٿا ٿين. ملڪ کان ٻاهر اِهو علاج گهڻو مهانگو آهي. ڪيترن ئي مريضن کي گردو ڏيڻ وارو ڪو ڪونهي. باقي عضون جي پيوند ڪاري هتي ٿئي ئي ڪونه ٿي. عضوا به دستياب ڪونهن. جگر جو ٽڪرو لڳائي سگهجي ٿو، ڪو مائٽ اهڙو عطيو ڪري سگهي ٿو پر پوءِ به ڪيترن ئي مريضن کي گردو ڏيڻ وارو ڪو ڪونهي. دل ته هونئن به هڪ آهي اها موت کان پوءِ ئي عطيو ڪري سگهجي ٿي. دامني جهڙن معصوم ماڻهن لاءِ اهوئي هڪ آسرو آهي. سرڪار قانون عمل ۾ آندو آهي ۽ هاڻي سماج جي ذميواري شروع ٿي ٿئي. سماج اڳتي اچي موت کان پوءِ پنهنجا عضوا عطيو ڪرڻ جي خواهش ظاهر ڪري. هر ماڻهو پنهنجي مائٽن کي ٻڌائي ته جڏهن هو ڪنهن حادثي ۾ مري وڃي ۽ ساهه کڻڻ واري مشين تي چڙهي وڃي، هن جو دماغ مري چڪو هجي ۽ هو آءِ سي يو (ICU) ۾ داخل هجي ته هن جا عضوا دان ڪجن، عطيو ڪجن، ته اهي ڪنهن دامني جهڙي ضرورت مند جي ڪم اچن ۽ انهن جي جان بچي پوي. جيئن هو ايندڙ سمورو عرصو ڪنهن سُميرا، ڪنهن عدنان، ڪنهن پنڪي يا ڪنهن ميرا ۾ زنده رهي. دامني جون مايوس اکيون، لرزان چپ، مرجهايل چهرو هاڻ منتظر آهي اهڙي ڪنهن معجزي جي، اهڙي ڪنهن مسيحا جي اچڻ جي جيڪو اچي سندس واهر ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسٽيم سيل ريسرچ ۽ اسان جو طبي سرشتو

واهي پانڌي جو نوجوان، ٽن ٻارن جو پيءُ علاج سانگي ڪٺي ڪراچي پهتو هئو. سندس ڇهري تي اڀاٽڪائي چلڪي پئي ٻنهي ٻڪين ۾ پٿري هيس، هڪ ٻڪي جو علاج حيدرآباد ۾ پرائيويٽ اسپتال مان ڪرايو هئائين، ان جي باوجود پٿري ڪو نه نڪتي هيس. عادتاً پڇيو مانس منا گهٽا پئسا خرچ ٿيا؟ وراڻي ڏنائين ٽيهه هزار رپيا. ان جا قاتل ڪپڙا ڇتو ٻڌائي رهيا هئا ته گهر جو ڪو ٿپڙ ٿوڙهو وڪٽي پئسا هٿ ڪيا هوندائين. منهنجو اندازو درست نڪتو. ٻيو سوال ڪيم، پئسا ڪٿان آندئي؟ چيائين مينهن وڪيم. پڇيم هاڻ ڪپائڻ لاءِ باقي ڇا بچيو اٿئي؟ چيائين ٻه ٻڪريون، انهن مان هڪ ڪپائيندس. اهو حال ٿلهي ليکي اسان جي گهڻي ٽٽي عوام جو آهي، هڪ ٻيو مريض هڪڙو گردو خراب ڪرائي ۽ ٻئي ۾ ڪوڙ سارا پٿر کڻي پهتو. ويهن سالن ڪان سور هيس، غريبي جي ڪري علاج نه ڪرايائين. چيو مانس هاڻ ٻه ته پهتو آهين، اڳ ۾ اچين ها! چيائين هاڻ سور وڌي ويو، ان لاءِ پهتس گهر واريءَ جو چاليهن هزارن جو سون آهي ۽ ٻه مينهون اٿم، سون گهر واريءَ جو آهي، تنهن ڪري نه وڪڻندس، هڪ مينهن وڪڻي ڪراچي لاءِ ڪرايو پاڙو ڪندس. اهڙا داستان ڪيترائي آهن. اڪثر مريض اهڙا ڏکوئيندڙ احوال ڪندا آهن، سور سانديي گهمندا وتن، جڏهن ڳالهه ڳچي ۾ ٿي پوين تڏهن ٿا علاج ڪرائين.

هڪ پرائمري استاد جي گهر واري پٿري جي مرض ۾ مبتلا ٿي آئي، سالن ڪان پئي پٿري سنڀالي گهمي، گردو ڪم ڇڏي ويو هئس ۽ هاڻي پاڻي جي ٿيلهي وڃي بچي آهي. پنج پٽ، ٻه نياڻيون اٿس، مڙس جي پگهار 25 هزار رپيا ۽ مٿان جي ڪا ٻه ڪمائي ڪو نه اٿس. چيائين منهنجو مڙس ايماندار آهي، ان پگهار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان پيٽ گذر ڪريون ٿا. ٻار پڙهايون يا علاج ڪرايون. سورن جي قطار بيان ڪيائين. صحت ۽ تعليم ٻئي مفت هجڻ گهرجن. جيئن ماڻهن کي هٿ نه تنگ‌ٿا پون. ماڻهن کي به رليءَ آهر پير ڊگها ڪرڻ گهرجن. ٻارن پيدا ڪرڻ ۾ ڪجهه احتياط ڪرڻ گهرجي. جيترا سنڀالي سگهجن، اوترا پيدا ڪجن. جڏهن کان سکر ۾ ايس آءِ يو ٽي جي شاخ ۾ مريض ڏسڻ شروع ڪيا آهن، تڏهن کان غريبي کي انتهائي ويجهو ڏٺو آهي. هڪ دفعو ٻوڏ جي زماني ۾ به اهو ڏٺم، "ٻوڏ غريبي جي مٿان چڙهيل چادر پاڻي جي وهڪري ۾ لوڙهي ڇڏي" ۽ غريبي پنهنجي اصل شڪل ۾ وائکي ٿي پئي. پير اگهاڙا، ڪپڙن کان بي نياز، پيٽ بکيو ۽ بي گهر. نجي اسپتالن جاڳائي تنوڙ خرچ پلا ڪير ٿو پري سگهي. ڪڏهن مينهن، ته ڪڏهن ٻڪري ۽ ڪڏهن وري (عزت ۽ غيرت جو اهڃاڻ؟) گهر واري جا زيور وڪڻي پنهنجي زندگي جا ڪجهه ڏينهن وڌائڻ جي جستجو هي اسانجو انسان جاري رکيو اچي. ڪيترو نه مجبور ۽ ويچارو آهي. اسان جو عام ماڻهو. صحت جي بجيٽ فقط 0.4 سيڪڙو. ان مان ڇا ٿو ٿئي. ان جو اڌ کان وڌيڪ حصي پتي ۾ هليو ٿو وڃي. دنيا ته ڏسو، وڃي ڪٿي پهتي آهي. اسٽيم سيل (Stem Cell) واري سائنس هاڻ ترقي ڪري پئي. ڪيترين ئي بيمارين جو علاج نڪري پوندو. هن تحقيق ذريعي ڪنهن به گهرڙي کي پنهنجي مرضي سان بدلائي، پنهنجي مرضي جي شڪل ڏئي سگهجي ٿي.

ڊاڪٽر پيٽرڪ اسٽيپٽو ۽ ڊاڪٽر رابرٽ ايڊورڊس 1978ع ۾ ٽيسٽ ٽيوب بي بي واري سائنس متعارف ڪرائي. قدرتي طرح مرداڻو ٻج (Sperm) ۽ عورتاڻو انڊو (Ovum) ماءُ جي ٻچيداني ۾ ملندا آهن ۽ اتي ئي ٻار جي وڌڻ ويجهڻ جو عمل مڪمل ٿيندو آهي. اهي عورتون جن جون ٻچيداني واريون نالِيون يعني ٽيوب ڪنهن بيماري ۾ جهڙوڪ ٽي بي وغير سبب بند هونديون آهي، ان عورتن ۾ انڊو پنهنجي پيدائش واري جڳهه مان ٻچيداني ۾ نه پهچي سگهندو آهي، ۽ ان جو ميلاپ مرداڻي ٻج سان نه ٿي سگهندو آهي، نتيجي ۾ ٻار پيدا نه ٿي سگهندو آهي. اهڙن جوڙن لاءِ ٽيسٽ ٽيوب بي بي واري سائنس جڻ خوشين جي بهار آندي آهي ۽ اڄ تائين لکين جوڙا ان مان فائدو حاصل ڪري چڪا آهن. ان ۾ مرداڻي ٻج ۽ عورتاڻي انڊي کي ٻاهر ٽيوب ۾ ملرائبو آهي ۽ پوءِ وجود ۾ ايندڙ زائگوٽ کي ٻچيداني ۾ داخل ڪبو آهي ۽ باقي عمل

ماءُ جي پيٽ ۾ ٿيندو آهي. 25 جولاءِ 1978ع رات جو يارهن لڳي سٽيتاليهن منٽن تي پهريون ٽيسٽ ٽيوب بي بي ڄائو. جنهن جو نالو لوئز جواءِ برائون رکيو ويو. اهو ٻار برطانيا ۾ ڄائو. ان کان پوءِ اسٽيم سيل واري سائنس تيزي سان ترقي ڪئي. هونئن ته اها تحقيق 1960ع کان شروع ٿي. اها تحقيق طب جي دنيا ۾ انقلاب آڻيندي. ان سائنس رستي خراب ۽ ختم ٿي ويل عضون کي ٻيهر جياريو ويندو. ان سان گڏوگڏ اها سائنس اختلافي به ٿي وئي، ڇاڪاڻ ته انساني ايمبريو جو استعمال ۽ ان جو ضايع ٿيڻ بحث هيٺ رهيو. اسٽيم سيل جون ٻه خاصيتون ٿينديون آهن. 1: اهي گهرڙا ڪنهن به ٻئي گهرڙي ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. 2: اهي گهرڙا ٻيهر زنده ٿي ويندا آهن. اهي خاص گهرڙا جوان پڻ مان به حاصل ڪري سگهجن ٿا. ان جو هڪڙو فائدو اهو آهي ته ايمبريونڪ گهرڙن لاءِ جيڪو اختلاف پيدا ٿيو اهو به ختم ٿي ويندو. هن سال جو نوبل انعام به ان تحقيق تي ڏنو ويو آهي. اهو انعام جان هرڊن ۽ شينيا يماناڪا کي مليو. هونئن ته سڀ کان بهترين اسٽيم سيل، ايمبريونڪ اسٽيم سيل ئي آهي، پر ان تحقيق ڏقيڙ پيدا ڪيو ۽ ان کي مذهب ۽ اخلاق جي خلاف ڪوٺيو ويو. ان تحقيق رستي هڪ جانور مان ٻيو پيدا ڪرڻ، جهڙوڪ ڊالي جو وجود ۾ اچڻ. ڊالي وارو تجربو ته هاڻ پراڻو تجربو ٿي ويو ۽ ڇيو وڃي ٿو ته جينياتي تبديلين ڪري ان رڍ جي ڪير ۾ اهڙيون ڪيميائي شيون ملايون وينديون جو اهو ڪير ٻارن ۾ هڪ پيدائشي بيماري سسٽڪ فائبروسس جي علاج ۾ ڪم ايندو. ٻيون هيٺيون بيماريون آهن، جنهن ۾ اسٽيم سيل تي مشتمل علاج ڪيو ويندو. دل جي بيماري: دل جون بيماريون سڄي دنيا ۾ 17 ملين ماڻهن جي موت جو سبب بڻجن ٿيون. پاڪستان ۾ به ان بيماري ۾ ڪيترائي ماڻهو مبتلا آهن. دل جو دورو آمريڪا ۾ به موت جو سڀ کان وڏو سبب آهي. دل ڏانهن خون جو دورو ختم ٿي وڃڻ سان دل جا پٺا ختم ٿي ويندا آهن ۽ دل جا گهرڙا مري ويندا آهن. ان تحقيق ذريعي دل جي مري ويل پٺن کي ٻيهر جياري سگهجي ٿو ۽ لکين ماڻهن جون جانيون بچائي سگهجن ٿيون.

2. ٻي ذيابطيس: مٺا پيشاب آهي. آمريڪا ۾ ئي فقط 16 ملين ماڻهو هر سال ان مرض ۾ مبتلا ٿين ٿا. پاڪستان ۾ به اهو مرض عام آهي ۽ گردي جي مستقل خرابي جو پڻ سبب بڻبو آهي. سڄي دنيا ۾ 120 ملين ماڻهو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان مرض ۾ مبتلا آهن. 2025 ۾ اهو تعداد 300 ملين تي وڃي پهچندو. ٻارن ۾ ذيابطيس جنهن کي جوينائل ٽائيپ ون ڊائبيٽيس به چئبو آهي، اها بيماري انسان جي اندر جسم ۾ خرابي ڪري پيدا ٿيندي آهي، ان جي ڪري لبلبي ۾ انسولين پيدا ڪندڙ بيٽاسيل تباهه ٿي ويندا آهن. اهڙن مريضن کي انسولين جون سيون لڳايون وينديون آهن. اهڙن مريضن ۾ لبلبي جي پيوندڪاري يا وري آءِ ليٽ سيل جي پيوندڪاري ڪئي ويندي آهي. ان ۾ مريض کي سڄي زندگي لاءِ مدافعت ٽوڙ دوائون ڏنيون وينديون آهن. اسٽيم سيل وارو علاج ختم ٿيل بيٽاسيل کي وري جياريندو آهي ۽ سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي جو مدافعت ٽوڙ دوائون مريض کي نه کائڻيون پونديون ۽ مريض جي دوائن ۽ پرهيز کان جان ڇٽي پوندي.

3. دماغ جي ڏڪڻي واري بيماري (Parkinson Disease): آمريڪا ۾ ڏيڍ ملين ماڻهو ان بيماري ۾ مبتلا آهن. اها بيماري دماغ جي هڪ حصي ۾ جيڪو هڪ ڪيميائي مادو ڊوپامين ٺاهيندو آهي، جي 80 سيڪڙو جي خرابي ڪري ٿيندي آهي. ان ڪيميائي مادي جو ڪم آهي ته جسم جي چرپر کي ضابطي ۾ رکي. ان بيماري ۾ ليوو ڊوپا جيڪا جسم ۾ ڊوپامين ۾ تبديل ٿي ويندي آهي، ڏبي آهي، پر وقت گذرڻ سان اها دوا پنهنجو اثر وڃائي ويهندي آهي. ان بيماري جي علاج لاءِ به اسٽيم سيل وارو علاج ڪافي لاڀائتو آهي ۽ مريض کي دوا کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ هر دم جي ڏڪڻي جيڪا هٿن، ڳچي ۽ جسم ۾ هوندي آهي مان جان ڇٽندي. جوان پنن ۽ گهرڙن مان ورتل اسٽيم سيل خون جي ڪينسر ۾ ته ڪيتري ئي وقت کان هڏي جي مِک (Bone Marrow) ٽرانسپلانٽ جي شڪل ۾ موجود آهي. اهو علاج جانورن جي زخمي ٿيڻ لاءِ به ڪم اچي ٿو. اهو طريقو ايمبريونڪ اسٽيم سيل جي مقابلي ۾ بنهه اختلافي ڪونهي. شينيا يماناڪا ڪيوٽو يونيورسٽي ۾ جوان پنن بجاءِ هٽرادو سيل ليبارٽري ۾ ٺاهيا ويا جن کي پنهنجي مرضي سان اهڙن گهرڙن ۾ تبديل ڪيو ويو جيڪي اسٽيم سيل وارو ڪم ڏيندا آهن. ان ئي يماناڪا کي طب جو نوبل انعام مليو آهي. اڄ ڪلهه عضون جي پيوندڪاري واري سائنس عروج تي آهي پر ان جون به خرابيون آهن، هڪ ته عضوا ضرورت آهر موجود ڪونهن ۽ ٻيو سڄي زندگي لاءِ مدافعت ٽوڙ دوائون کائڻيون پونديون آهن. اسٽيم سيل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واري علاج سان خراب عضوا ٺيڪ ٿي پوندا آهن. اڄڪلهه ته مريض جا پنهنجا گهرڙا ڪڍي ليبارٽري ۾ انهن تي ڪم ڪري اُهي ئي واپس ان مريض ۾ وڌا ويندا آهن. ٿيون به ڪيترين ئي بيمارين ان علاج سان ٺيڪ ٿيندڙيون آهن. هاڻ جيڪڏهن اسان پاڻ کي ڏسون ته اسين تمام گهٽو پوئتي آهيون. اسان ته اڃا سوڌو پنهنجا بنيادي مسئلا به حل نه ڪري سگهيا آهيون. ڪالهه ئي اخبار ۾ پڙهيم ته نوشهرو فيروز ۾ قائم ڊائلائسز سينٽر پئسن نه هجڻ ڪري بند ٿيڻ تي آهي. اسان جو ماڻهو مظفر ڳڙهه ۽ مانسهره مان علاج لاءِ ڪراچي ٿو اچي. منهنجي سامهون هڪ مضمون پيل آهي، ان جو عنوان آهي ته جاپان جي ماڻهن جي صحت مند هجڻ جا ڪهڙا سبب آهن. هن مضمون ۾ لکيل آهي ته مفت پرائمري تعليم ۽ ٻي عالمي جنگ کان اڳ سوشل انشورنس ۽ 1961ع ۾ سڀ لاءِ صحت جي پاليسي وارن قدمن ماڻهن کي صحتمند بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. سراسري عمر 1950 ۽ 1960 جي ڏهاڪن ۾ ڪافي بهتر ٿي چاڪاڻ ته وچڙندڙ بيمارين جي خلاف مهم هلائي وئي. ٽي بي جو مفت علاج ڪيو ويو. بلڊپريشر کان بچڻ لاءِ گهٽ لوڻ جي استعمال لاءِ ماڻهن کي آماده ڪيو ويو. صفائي، ٺهڪيل پاڻي واپرائڻ، سگريٽ نه ڇڪڻ تي زور ڏنو ويو. صحت مند رهڻ لاءِ ساليانو چڪاس جنهن کي "ننجن ڊاڪ" جو نالو ڏنو ويو. جنهن ۾ شروع ۾ ته ماڻهو چار کان پنج ڏينهن اسپتال ۾ داخل رهندا هئا ۽ انهن جي چڪاس ٿيندي هئي، اهو فقط امير ماڻهو ئي ڪري سگهندا هئا. پر پوءِ جديد مشينن جي دريافت کان پوءِ اهو وقت هڪ کان به ڏينهن وچي رهيو ۽ اهو صحت جي پاليسي تحت هر ماڻهو لاءِ مفت هيو. ادارا پنهنجي ملازمن کي صحت جون مفت سهولتون ڏياريندا آهن ۽ اڄڪلهه هر سال 1500 اسپتالن ۾ ٽي ملين ماڻهو اها "ننجن ڊاڪ" واري چڪاس مان فائدو وٺندا آهن. ان چڪاس تحت ماڻهن جي سراسري عمر به بهتر ٿي وئي. وقت کان اڳ بلڊ پريشر، ٿلهائپ ۽ ڪينسر جي پڪڙ ٿي سگهي. ٻي جنگ عظيم کان اڳ به جاپان ۾ 70 سيڪڙو ماڻهن کي صحت جي پاليسي تحت مفت علاج جون سهولتون مهيا هيون. جاپان جي ماڻهن جو صحت مند هجڻ اسان کي سيکاري ٿو ته گهٽ آمدني وارا ملڪ به پنهنجي ماڻهن جي صحت جو خيال رکي سگهن ٿا. 1950ع جي شروع ۾ جاپان گهٽ آمدني وارن ملڪن ۾ شامل هو پر انهن جي سرڪار

ماڻهن سان محبت ۽ وفا جو عهد ڪيو ۽ ٻارن جي وڏي عمر طرف ڌيان ڏنو ۽ ٽي بي جو مفت علاج ڪيو ۽ انهن جي سراسري عمر وڏي وئي. پنجن سالن کان گهٽ عمر وارن جي موت جو انگ گهٽجي ويو. ماڻهن کي بلڊ پريشر جون دوائون مفت ڏنيون ويون. تنهن ڪري اهي اڌرنگ ۾ مري وڃڻ کان بچي ويا. جاپان پنهنجو ڄم جو انگ به گهٽايو ۽ آبادي جي وڌندڙ جن کي به قابو رکيو. اسان جي سرڪار به جيڪڏهن مليريا، ٽي بي، هيپاٽائٽس، ٻارن ۾ دستن ۽ عورتن ۾ ويم دوران مسئلن تي ضابطو آڻي ته اسان جا ماڻهو به صحت مند رهي سگهن ٿا. ننڍن ٻارن کي بيمارين جا ٽڪا شهر شهر ۽ ڳوٺ ۾ لڳرائجن ته اسان جو عوام به صحت مند رهندو. اسان کي تعلقي ضلعي ۽ يونيورسٽي اسپتالن کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. اتي جيڪي ڪجهه موجود آهي، ان مان پورو پورو فائدو ونجي، جيڪو ڪجهه ڪونهي اهو مهيا ڪجي، ان ۾ ڊاڪٽر، طبي عملو ۽ عوام سڀ گڏجي اڳتي اچن. عوام کي به پنهنجي صحت جو خيال رکڻو پوندو. صفائي سنائي،، ٿهڪيل پاڻي، لوڻ جو گهٽ واهپو، تيل، مرچ ۽ کنڊ جو گهٽ استعمال اهو سڀ ڪجهه به صحت مند رکڻ لاءِ ضروري آهي. ٻي اهم ڳالهه وقت سر علاج ڪرائڻ آهي. جيئن ئي ڪا تڪليف ٿئي ڊاڪٽر وٽ پهچي علاج ڪرائجي ۽ ڊاڪٽرن جو فرض اهو آهي ته جيڪڏهن مريض کي ڪنهن خاص شعبي جي ماهر ڊاڪٽر جي ضرورت آهي ته پوءِ ان کي اوڏانهن موڪلجي. سالن جا سال هرويرو پئسا ڪمائڻ جي چڪر ۾ مرض کي نه اينگهائجي. ان ۾ هڪ مسئلو آهي، غربت ۽ اسپتالن جا ڳرا خرچ، ڪيترائي مريض خبر هوندي به پنهنجو علاج نه ڪرائي سگهندا آهن. ڪنهن ماهر ڊاڪٽر وٽ پهچڻ لاءِ ڪرايا ڀاڙا، ڊاڪٽر ۽ اسپتال جي فيس، اهو ايترو مهانگو آهي جو اسان جو عام ماڻهو اهي خرچ برداشت ڪو نه ٿو ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ سرڪار کي اڳتي اچڻو پوندو. علاج ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ پهچائڻو پوندو ۽ اهو به معياري ۽ مفت. جيئن مهذب ملڪ ۽ ان جا حڪمران پنهنجي عوام لاءِ ڪن ٿا. سرڪار کي صحت جي پاليسي تي ٻيهر نظر وجهڻي پوندي ۽ اهڙو ڪو بندوبست ڪرڻو پوندو جو اڻ هوند وارا ماڻهو به جيءَ سگهن ۽ پنهنجو علاج ڪرائي سگهن. سرڪار کي صحت ۽ تعليم ٻنهي کي خاص اهميت ڏيڻي پوندي. جيڪي بيماريون عام، وڌندڙ ۽ موت جو سبب هونديون آهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ڏانهن هنگامي بنيادن تي ڌيان ڏيڻو پوندو. نہ صرف بنيادي بيمارين ۽ علاج تي ڌيان ڏيڻو آهي پر تحقيق تي بہ پنهنجون توانائيون لڳائڻيون آهن. تڏهن وڃي اسين پنهنجي ماڻهن جو فائدو ڪنداسين ۽ دنيا سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلنداسون. اڄ ڪلهہ طب جي شعبي ۾ روبوٽ ذريعي آپريشن، ليپرا اسڪوپي، ٽيسٽ ٽيوب بي بي ۽ اسٽيم سيل ريسرچ (Stem Cell Research) تي وڏو ڪم ٿئي پيو، اسان کي بہ ان طرف سوچڻو پوندو.

جيستائين تحقيق تي پنهنجون صلاحيتون نہ لڳائينداسون، بجيٽ نہ رکنداسون ۽ ان طرف نہ سوچينداسون تہ پوءِ تمام گهڻو پوئتي رهجي وينداسون. تاريخ اسان کي معاف نہ ڪندي ۽ اسان جو ايندڙ نسل اسان کي ڪڏهن بہ بخش نہ ڪندو.

*سنڌي ميگزين ”عوامي آواز“*
*4-10 نومبر 2012*

# ٻارن سان جنسي ڏاڍائي
# ۽ گھٽ ذات وارا هندو

اسان جو معاشرو اهڙي طرح پستي ڏانهن ڇا لاءِ وڃي رهيو آهي، قتل، ڌاڙا، ڦرلٽ، اغوا ۽ معصوم ٻارڙن سان جنسي ڏاڍائيءَ جهڙا ڪُڌا ڪم هر روز پيا ٿين. ڪجھ وقت اڳ ننڍن ٻارڙن جا اغوا عام هيا ته اڄڪلھ وري معصومن سان جنسي ڏاڍائي جا ڪيس سامهون آيا آهن. وجنتي جيڪا فقط ڇهن سالن جي آهي، ان سان جنسي ڏاڍائي اسان ڪي معاشري جا افعال تي ٻڌائي. اها خبر ٻُڌي ماڻهو جا وارا اڀا ٿيو وڃن، لڱ ڪاندارجيو پون، دل تيزي سان ڌڙڪڻ تي لڳي ۽ اکيون آليون ٿيو وڃن. هي اسين ڪيڏانهن پيا وڃون، ڪهڙي پاسي پيا وڃون. انسانيت سوز اهي ڪرتوت اسان جي ذهني ڪيفيت ڪي ٿا ظاهر ڪن. اسين ڪيترا نه ڪنور ۽ ظالم ٿي ويا آهيون. اسان جي سماج ۾ اهڙا ماڻهو به آهن جيڪي اهڙا انسانيت سوز ۽ هينئون جهوريندڙ ڪم به ڪري سگهن ٿا. وجنتي ڪنهن جي جگر جو ٽڪرو آهي، معصوم، مظلوم ۽ بي وس آهي.

ٿوري دير لاءِ سوچيون ته ان وقت هن معصوم سان ڇا نه ٿي گذريو هوندو. هوءَ نه هٿ پير هڻي سگهي هوندي ۽ نه ئي پاڻ ڪي بچائڻ لاءِ ڪي جتن ڪري سگهي هوندي. جنوني، درند صفت ماڻهو ڪيئن نه ڪنهن راڪاس جيان هڪ جيتامڙيءَ سان جٽ ڪري ڇڏي. ان وقت اهو ڪُڌو ڪم ڪرڻ واري جو ضمير ڪيڏانهن ويو هوندو، ان جي انسانيت ڪٿي مري وئي هوندي اهڙي ظالم جي مائٽن سندس ڪهڙي سکيا ڪئي هئي، ڇا هن اهو سڀ ڪجھ لذت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيو يا ڪو بدلو چڪايو. اهڙا ڪلور هڪ ملڪ جا فوجي جنگ کٽڻ يا هارائڻ کان پوءِ هٽي ملڪ جي فوجين سان ڪندا آهن. هو دشمن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي نيچو ڏيکارڻ لاءِ ۽ ان جي عزت نفس ڪچلڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهه ڪندا آهن. هن ٻارڙيءَ اهڙو ڪھڙو ڏوهه ڪيو. هن جي پلا ڪنهن سان ڪهڙي دشمني هئي. هندن جي ڏتڙيل ذات جي هيءَ ميگهواڙ ٻارڙي پلا ڪنهن جو ڇا بگاڙيو هوندو؟

ميگهواڙ، ڪولهي، ڀيل جن کي گانڌيءَ هريجن جو لقب ڏنو، جنهن جي معنيٰ آهي ”ڀڳوان جا پٽ“ ۽ ان ڇيو ته اهي به ساڳي ئي ڀڳوان جا پيدا ٿيل آهن جنهن جا وڏي ذات وارا هندو آهن. انهن کي انڊيا ۾ دلت به ڇيو ويندو آهي. شيڊيول ڪاسٽ به هڪ لقب آهي، جيڪو انهن کي ڏنو ويندو آهي، برهمڻ ۽ اونچي ذات جا هندو نفرت مان انهن کي شودر به ڪوٺيندا آهن. اهي ويچارا هونئن به مسڪين آهن نه ڪنهن جي تيريءَ ۾ ۽ نه ڪنهن جي ميريءَ ۾، پنهنجو پيٽ پالڻ ۾ پورا. ڪڏهن ڪٿي ته ڪڏهن وري ڪٿي. زمين جي چادر ۽ آسمان جي ڇت اهو سڀ ڪجهه آهي، انهن جو سامان. لڏو هر گهڙي تيار هوندو اٿن. ڏاڍائي ڪرڻ وارن کي خبر آهي ته نه هو وڙهندو ۽ نه بدلو وٺندو. هندو هونئن به هت ٽئين درجي جا شهري آهن، انهن جو نه ڪوئي اوهي، نه ڪوئي واهي، نه تر جو ڇڳو مڙس ٿو ٻڌي ۽ نه قانون جا ڪرتا ڌرتا ڪاواهر ٿا ڪن. ميگهواڙ ويتر هندن جو انتهائي ڪمزور حصو آهن، انهن جي ته وري وڏي ذات وارو هندو به ڪو نه ٿو ٻڌي. ٻارڙيءَ سان جيڪا زيادتي ٿي ان تي سمورن هندن کي احتجاج ڪرڻ گهرجي، پورين هندو پنچائتون ملي ڪري احتجاج ڪن، شايد ڪجهه ٿي پوي. سياسي پارٽين ۽ سول سوسائٽي کي به متحرڪ ٿيڻو پوندو. اليڪٽرانڪ ۽ پرنٽ ميڊيا جي به ذميداري آهي ته ان مسئلي کي ڪٽي. سرندي وارا ڪجهه ڏئي وٺي پنهنجا ڪم ڪرايو ڇڏين، يا گهٽ ۾ گهٽ واويلا ته مچايو ڇڏين. پئسا ڏئي ٽي وي تي پروگرام به نشر ڪرايو ڇڏين، اڻ هوند وارو ڪيڏانهن وڃي.

ميگهواڙ ۽ ٻيون ذاتيون اقليت اندر هڪ اقليت آهن، هڪ اندازي مطابق پاڪستان ۾ انهن جو ڳاڻيٽو 60 لک جي برابر آهي. رياست انهن کي هندو اقليت جو درجو ڏنو آهي ۽ اهي ويچارا ٻنهي طرفن کان ڌڪڻو آهي ته ٺيڪ آهي پيا. انهن سان اون چي ذات جا هندو نه رشتو جوڙيندا آهن ۽ نه ئي انهن کي پنهنجي ويجهو اچڻ ڏيندا آهن. منهنجا والدين هڪ مندر ۾ لنگر صبح شام

هلائيندا آهن. اهي به اهو ٻڌائيندا آهن ته اوچي ذات وارا هندو انهن کي ڇڳو ڪونهن سمجهندا ۽ ايتري تائين جو انهن کي پنهنجا ڪپڙا ڇهڻ به ڪونهن ڏيندا. منهنجا والدين جڏهن ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر ويندا آهن ته اها ڳڻتي هوندي اٿن ته انهن کي اوچي ذات جا هندو ويجهو اچڻ نه ڏيندا ۽ مٿان اُهي ماني کان نه محروم رهجي وڃن.

اهي جيئن ته ڪنهن نه ڪنهن جي زمين تي ڪم ڪندا آهن. تنهن ڪري هو رهندا به اتي آهن. انهن جو پنهنجو ڪو مستقل ٺڪاڻو ڪونهي هوندو. نتيجي ۾ انهن وٽ ڪو شناختي ڪارڊ به ٺهيل ڪونهي هوندو. پاڪستان ۾ تقريبن 3 سيڪڙو اقليتي آبادي آهي، جنهن جو 50 سيڪڙو هندو آهن. چون ٿا ته 10 مان 9 هندو هيٺئين ڪلاس سان واسطو رکن ٿا. انهن کي دلت به ڪوٺيو وڃي ٿو. باباءِ قوم قائد اعظم محمد علي جناح وفاقي قانون ۽ پارليامينٽري ڪاتو هڪ دلت کي ڏنو هيو. پر اهو پهريون ۽ آخري دفعو ٿيو. ان کان پوءِ دلت جي جيڪا 6 سيڪڙو ڪوٽا وفاقي نوڪرين ۾ هئي ان کي 1998ع ۾ اقليت ڪوٽا ۾ تبديل ڪيو ويو. ان وقت ڊاڪٽر ميگهواڙ ۽ ڪرشن ڀيل وفاقي ڪابينا جا ميمبر هئا. انهن ان خلاف آواز اٿارڻ ۾ ڪو فائدو نه سمجهيو. ان تبديليءَ دلت جي شخصي سڃاڻپ واري عمل کي وڏيڪ متاثر ڪيو ۽ هاڻ هو هندو اقليت جو حصو آهن. جيڪا به انهن کي پنهنجو ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. تنهن ڏينهن هڪ ٽي وي چينل تي اهڙي ئي هڪ خاندان جو انٽرويو پيش نشر ٿيو انهن پنهنجو نالو هندو مان مسلمان وارو رکيو ته ڪا مدد ملي وڃي اهي به هڪ خالي ميدان تي رهيل هئا ۽ چيائون ته هن ميدان جو مالڪ اهو خالي ڪرڻ لاءِ چوي ٿو. ماٺهو جي بهتري تعليم سان لاڳاپيل آهي، هريجن جيستائين پاڻ کي تعليم جي زيور سان نه سينگاريندا. معاشري ۾ انهن جي عزت نه ٿيندي. انڊيا هجي يا پاڪستان ان طبقي سان به اکيائي موجود آهي. ارون ڌتي راءِ پنهنجي ڪتاب "الجبرا آف انفنيٽ جسٽس" ۾ انڊيا جي دلت برادري سان ٿيندڙ ظلمن جو ذڪر ڪيو آهي، انهن جا ڳوٺ وڏا ڊيم ناهڻ جي مد ۾ ڊاهي پٽ ڪيا ويا. ان برادري جي سڃاڻپ هڪ وڏو مسئلو آهي، اُهي نه وڏي ذات جي هندن لاءِ قابل قبول آهن ۽ نه ئي سرڪار انهن جي ٽي واهر ڪري. ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ 12 سالن جي ميگهواڙ ڇوڪري جي اغوا جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اخبارن ۾ چرچو هيو. اهو مسئلو اجا حل ٿي ڪو نہ ٿيو جو هاڻ معصوم وجنتي سان ڪيس جون خبرون عام آهن. اهو ڇو ٿو ٿئي، ڇو ۽ ڇا لاءِ معاشري جي ڪمزور پرتن سان ايترا هاڃا ٿي رهيا آهن؟ ميگهواڙ، ڪولهي ۽ ڀيل خاص طرح ۽ ٻيون اقليتون عام طرح ان ظلم جو شڪار آهن. ڏوهاري ڏاڍي خوبصورتي سان بچيو وڃن. اها ٻارڙي وجنتي، ان جو معصوم چهرو تہ ڏسو ڪو وحشي جانور ئي ان کي تڪليف پهچائڻ جو سوچيندو.

اهڙي ڪڌي ڪم جو ٻار جي نفسيات تي ڪهڙو اثر پوندو اچو تہ ڏسون. اهڙو ٻار سڄي زندگي ڊپريشن، پريشاني ۽ خوف جو شڪار رهندو. ٻارن سان زيادتي وارو عمل پوري دنيا ۾ ٿئي ٿو. ڇوڪرين سان ان زيادتي جو ڳاڻيٽو 19.7 سيڪڙو ۽ ڇوڪرن سان 7.9 سيڪڙو آهي. سڀ کان وڌيڪ اهو آفريڪا ۾ ڏٺو ويو آهي. يورپ ۾ ان جو حجم سڀ کان گهٽ آهي، يعني 9.7 سيڪڙو. آمريڪا ۾ ٻارن سان منهن ڪاري ڪرڻ جو ڳاڻيٽو 10.1 سيڪڙو آهي ۽ ايشيا ۾ اهو 23.9 سيڪڙو. مٿين انگن اکرن مان پتو ٿو لڳي تہ جن ملڪن ۽ خطن ۾ تعليم گهٽ آهي ۽ قانون نرم آهي اتي اهي واقعا گهڻا ٿا ٿين. يورپ ان معاملي ۾ سڀ کان وڌيڪ سڌريل خطو آهي، ٻئي نمبر تي آمريڪا آهي. آفريڪا ۽ ايشيا ان ڪڌي ڪم ۾ پهرئين ۽ ٻئي نمبر تي آهن. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ جن معاشرن ۾ تعليم عام آهي ۽ قانون جي حڪمراني آهي اتي اهڙا سنگين ڏوهہ گهٽ ٿا ٿين. جي ٿين بہ ٿا تہ گناهہ گار پڪڙيو ٿو وڃي، ان ۾ ڪا بہ رعايت ڪونهي.

تحقيق ٻڌائي ٿي تہ اڪثر زيادتي سهندڙ، زيادتي ڪندڙ کي سڃاڻيندا آهن. انهن مان 30 سيڪڙو اهڙن ٻارن جا مائٽ هوندا آهن. گهڻو ڪري اهي پاءُ، پيءُ، چاچا ۽ سوٽ وغيرهہ هوندا آهن. انهن زيادتي ڪندڙن جو 60 سيڪڙو دوست، ٻار جا مائٽ ۽ پاڙيسري هوندا آهن ۽ 10 سيڪڙو ڌاريا هوندا آهن. آمريڪن سائيڪياٽرڪ سوسائٽي (نفسياتي معالجن جي تنظيم) جي چوڻ مطابق ٻار وڏن کي ان ڪڌي ڪم جي اجازت ڏيڻ جا مجاز ڪونهن هوندا، تنهن ڪري اهو هر حال ۾ ڏوهہ آهي. اهو اخلاقي ۽ قانوني ٻنهي طرح جو ڏوهہ آهي ۽ ان جي ڪا بہ معافي ڪونهي. نفسياتي طرح اهي ٻار وري آگوٺو چوسڻ ۽ بستري تي پيشاب ڪرڻ وارين عادتن کي اپنائيندا آهن. انهن کي بک نہ لڳندي آهي ۽ انهن جي قوت ارادي متاثر ٿي ويندي آهي. اهي ٻار

ڪڏهن ڪڏهن جانورن خلاف ظالماڻو رويو به رکندا آهن. ۽ پنهنجي ايندڙ زندگي ۾ ٻين کي نقصان پهچائيندڙ ۽ باغي به ٿي پوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هو پاڻ کي به نقصان پهچائڻ کان نه ڪيٻائيندا آهن.

آمريڪا ۾ ٿيل هڪ تحقيق مطابق اهي ٻار جن سان ٻاراڻي عمر ۾ جنسي ڏاڍائي ٿي هوندي آهي، انهن ۾ نشي جي عادت انهن ڇوڪرن جي مقابلي ۾ جن سان اهو نه ٿيو هوندو آهي، 2.8 دفعا وڌيڪ هوندي آهي، ساڳي تحقيق ۾ اهو به ڏٺو ويو ته اهي ٻار جن سان جنسي ڏاڍائي ٿي اُهي وڏي هوندي يا ته ڏوهاري ذهن وارا ٿيا يا وري انهن ۾ خودڪشي ڪرڻ ڏانهن لاڙو وڌيڪ ڏٺو ويو. اهي ٻار وڏا ٿي بيمار به گهڻو رهڻ لڳندا آهن. اهي ٻار جن کي معاشرو ۽ خاندان مدد ڪندڙ نه ملندا آهن، انهن لاءِ جوانيءَ ۾ مصيبتون وڌيڪ ٿينديون آهن. جنسي ڏاڍائي سهندڙ ٻارن کي پهچندڙ جسماني نقصان جو ڪاٿو هيٺينءَ ريت آهي. ٻار جو عمر ۽ جسامت جي لحاظ سان جسماني نقصان ٿيندو آهي ۽ ٻيو خون جي وهڻ کان وٺي، عضون ۾ اندر زخم وغيره تائين شامل آهن، ڪجهه صورتن ۾ سندن موت به ٿي سگهي ٿيو.

هرمين گڊنس پنهنجي تحقيق ۾ ٻڌايو ته نارٿ ڪيرولينا ۾ 1985ع کان 1994ع تائين ڇهه ٻار مري ويا ۽ ٻيا 6 مرڻ ڪنڌي تي پهتا. انهن جون عمريون 10 مهينن کان 10 سالن تائين هيون. ٻارن ۾ سوزاڪ (Gonorrhea) جي بيماري به ٿي سگهي ٿي ۽ ٻيا انفيڪشن به ٿي سگهن ٿا.

جنسي ڏاڍائي جي تاريخ کي پڙهبو ته اهو نظر ايندو ته هن ڏوهه کي هميشه نِنديو ويو آهي ۽ هن جي سخت کان سخت سزا تجويز ڪئي وئي آهي. رومن قانون ۾ به ان کي ڏوهه ئي ڪوٺيو ويو هيو. روم ۾ بادشاهه جي پٽ هٿان ليوڪريشيا سان جنسي ڏاڍائي بادشاهت جو انت آندو ۽ "رومن ريپبلڪ" جنم ورتو. ڪرائيسٽ کان 50 سال اڳ شاعر ليوڪريشيس جنسي ڏاڍائي کي ننديو ۽ ان کي تهذيب جي خلاف ٻڌايو.

پهرين عيسائي بادشاهه ڪونسٽينٽائن جنسي ڏاڍائي کي عوام خلاف ڏوهه چيو ۽ ان کي ذاتي گناهه ۽ معاملو نه سڏيو. اسلام ۾ ان کي وڏو ڏوهه چيو ويو آهي ۽ ان جي ڳري سزا تجويز ڪئي وئي آهي. معصوم ٻارن سان جنسي ڏاڍائي ته ايڏو وڏو گناهه آهي، جنهن جي جيتري سزا ڏجي اها گهٽ آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجنتي جي اخبار ۾ تصوير ڏسندي ئي ترس اچڻ لڳندو. ڪو ڪنور دل ٿي ان ٻارڙي سان اهڙا زيادتي ڪري سگهي ٿو. اسان جو قانون به ڪمزور آهي، جيڪڏهن ڏوهارين کي سزا ملڻ لڳي ۽ انهن جي پڪڙ ٿيڻ لڳي ته پوءِ ڏسو ته ڪيئن نه ٿي سماج ۾ بهتري اچي.

اسان جون ڪورٽون جيئن وڏن سياسي مسئلن تي پاڻ مرادو قدم کڻن ٿيون، اهڙن سماجي مسئلن تي به جيڪڏهن پاڻ مرادو قدم کڻن ته ضرور بهتري ٿيندي. تعليم کي عام ڪرڻو پوندو. خاندان کان وٺي، اسڪول ۽ ڪاليجن تائين اخلاقي تعليم ڏيڻ جي ضرورت آهي، اهڙي ڏوهه جي سزا به ڳري هجڻ گهرجي، اهو سموري انسانيت خلاف ڏوهه آهي. اهي ٻار اهڙن ڏوهارين جي هٿ ڪيئن ٿا لڳن، ان طرف به سوچجي. مائٽن کي پنهنجي ننڍن ٻارن کي ائين اڪيلو ۽ لاوارث نه ڇڏڻ گهرجي، اهي ڏوهه معاشري جو ناسور آهن، انهن خلاف سڄي سماج کي ڪجهه ڪرڻو پوندو. ٻي صورت ۾ اهي ڏوهه ٿيندا رهندا، سماج جو باشعور ۽ بااخلاق فرد هجڻ جي ناتي اسان جا ڪنڌ شرم وچان هميشه جهڪيل رهندا.

*عوامي آواز سنڌي مئيگزين*
*23-29 ڊسمبر 2012ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ٽين دنيا جا سور سوايا

ويجهڙائي ۾ پنهنجي اداري طرفان طبي ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آمريڪا موڪليو ويس. آمريڪا جيڪو ڪيترين ئي خوبين ۽ خامين ڪري اسان وٽ سڃاتو وڃي ٿو. دُنيا جي لٺ سردار ڪان وٺي سائنس ۽ ٽيڪنالوجي ۾ سڀ کان اڳيرو ترقي يافته مُلڪ. آمريڪن يورالوجيڪل ايسوسيئيشن (AUA) جي هن طبي ڪانفرنس ۾ 10 هزارن کان وڌيڪ شرڪت ڪندڙ هئا ۽ سوين پنهنجا تحقيقي مقالا پڙهڻ وارا. جهاز ڪراچي کان اِستنبول ۽ استنبول کان نيويارڪ وڃڻو هو. استنبول هوائي اڏي تي جاچ پڙتال گهٽي هئي ۽ ذري ذري تي پاسپورٽ ڏسڻ وارا بيٺا هُئا مون سوچيو ته اِئين سختي سان ڪاغذن جي چڪاس جي ڪري اُنهن پاڻ کي ڪنهن اٽوندڙ واقعي کان بچائي رکيو آهي. ماڻهو ملنسار هُئا ۽ مدد ڪرڻ وارا پڻ (ٻولي جو ڪجهه مسئلو هُيو) انگريزي ڪجهه سمجهن پيا ۽ ڪجهه نه پيا سمجهن. جهاز جو سفر طويل هُيو تنهن ڪري ارون ڏتي راءِ جو ڪتاب "الجبرا آف انفنيٽ جسٽس" ساڻ ڪنيو هُيم ۽ پڙهڻ شروع ڪيم اِن جو پهريون باب نيو ڪليئر جنگ تي آهي. راءِ لکي ٿي ته نيوڪليئر جنگ جا وڏا خوفناڪ نتيجا نڪرندا. اِها جنگ ٻن مُلڪن جي هڪ ٻئي خلاف جنگ نه هوندي پر اِها جنگ ڌرتي، آسمان، هوا ۽ پاڻي خلاف هوندي. نه هوا صاف هوندي ۽ نه پاڻي. حيواني جيوت مري ويندي فقط ڪاڪروچ ۽ ڪوئا بچندا. اسين ڪائيندا سون ڇا ۽ پيئندا سون ڇا؟ اُن جو خيال آهي ته اڳتي هلي نيوڪليئر بم ڪاروبار جي مَنا ستا ۾ ڪم ايندا ۽ هر ماڻهو وٽ عام هٿيار بجاءِ نيو ڪليئر هٿيار هوندو هر ملڪ اِهو هٿيار ناهيندو ۽ اُن ڪانپوءِ هِن دُنيا جو ڇا ٿيندو؟ هڪ ائٽمي ڌماڪي سان هڪ ملين ڊگري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سينٽي گريڊ جيتري گرمي زمين ۾ پيدا ٿيندي آهي. فاشزم فقط سرڪار ۾ نه پر ماڻهن ۾ به هوندو آهي، اِهو گهرن ۾ هوندو آهي، بستري ۾ هوندو آهي. جهاز هلندو هلندو وڃي نيويارڪ پهتو هڪ رات اُتي ترسيم. ٽيڪسي تي چڙهي ڪجهه اهم جڳهيون جهڙوڪ ورلڊ ٽريڊ سينٽر واري جڳهه، آزاديءَ جو مجسمو، ورلڊ بئنڪ جو دفتر ۽ ٽائيم اسڪوائر ڏٺم. ٽائيم اسڪوائر تي ڏاڍي رونق لڳي پئي هئي. ٽيڪسي وارو همراهه به لاهوري هيو، ڏاڍيون چڱيون ڳالهيون پئي ڪيائين. هُو 22 سالن کان نيويارڪ ۾ آهي. چيائين ته 20 سالن کان پاڪستان ڪونه ٿو وڃي چاڪاڻ ته مائٽ شادي ڪرڻ تي مجبور ڪندا اٿس ٻيو ته پاڪستان جي حالتن کان ڏڪل هُيو. چيائين ته مان هاڻي آمريڪا کي ئي پنهنجو ملڪ سمجهندو آهيان چاڪاڻ ته منهنجو پيٽ گذر هتان ٿو ٿئي. مون کان پڇيائين ته ڪراچي جو مسئلو ڇا آهي، مون چيو مانس ته ڪراچي جو مسئلو مالڪي جو آهي. اڳ ۾ هن شهر جي مالڪ فقط هڪ پارٽي هُئي هاڻ ٻيا به مالڪي جا دعويدار آهن جيڪا ڳالهه اُن پارٽي کي ڪونه ٿي وڻي. پاڻ پاڪستاني ميڊيا کان چڙيل هُيو چيائين ته اجان نابالغ آهي اهڙيون اهڙيون خبرون ٿي هلائي جو مسئلا نبرڻ بجاءِ اجان وچڙجي ٿا وڃن. چيائين ته شيرافگن نيازي کي وڪيلن جيڪو پٽي گهيليو اُهو ميڊيا ايترا دفعا ڏيکاريو جو اُن جي ڳوٺ ۾ ماڻهو مچرجي پيا ۽ ڪوڙ سارو نقصان ڪيائون. اُن جو خيال هُيو ته ميڊيا کي هاڻي دانشمندي کان ڪم وٺڻ گهرجي.

نيويارڪ کان ائٽلانٽا پهتس جتي ڪانفرنس هئي جارجيا رياست جو هي شهر گهٽو ٽٽو ڪارن جو شهر آهي. ائٽلانٽا ايئرپورٽ، ڏاڍو وڏو هُيو هلندي هلندي اڌ ڪلاڪ گذري ويو تڏهن وڃي سامان کڻڻ واري هنڌ پهتس. شهر ڏاڍو خوبصورت ۽ صاف سٺا هيو. هوٽل پهتس ماڻهو ڏاڍا ملنسار ۽ مدد ڪندڙ آهن. سلام ڪرڻ ۽ سلام جو جواب ڏيڻ ۾ ڏاڍا سخي آهن. ايئرپورٽ تي به انهن اٽوٽندڙ ڳالهه نه ڪئي ۽ ڪا به اڪيائي به نه ٿي جنهن لاءِ اڪثر ماڻهو ڊيڄاريندا آهن. ڪانفرنس جارجيا ڪنوينشن سينٽر ۾ هُئي جيڪو ڪافي وڏو هُيو ۽ اُن جا 3 بلاڪ هُيا جڳهه ڳولهڻ ۾ اوهان کي ڪابه مشڪل نه ٿيندي نشانيون ٿوري ٿوري پنڌ تي لڪيل هونديون. گردي، مثاني ۽ پيوندڪاري جي سائنس ڏاڍي ترقي ڪئي آهي. هر مرض جي علاج لاءِ روبوٽ آهي تنهن ڪري

ڪيترين ئي مشڪل بيمارين آساني سان علاج ڪري سگهجن ٿيون. شعاعن رستي پٿري جو علاج (ESWL)، بغير چيري جي پيشاب جي نالي رستي پٿري جو علاج (URS)، ننڍڙي سوراخ رستي گردي جي پٿري جو علاج (PCNL) ۽ هاڻ روبوٽ ۽ قدرتي سوراخن جهڙوڪ نڪ، منهن، پائخاني جي جڳهه، زناني عضوي رستي اوزار وجهي گردو ڪڍڻ ۽ پتو ڪڍڻ (NOTES) جهڙا آپريشن هاڻ ٿين پيا. مقصد آهي ته گهٽ ۾ گهٽ نقصان، ننڍڙو چيرو ۽ بغير چيري جي وڏا آپريشن ڪرڻ طرف پهرين دُنيا جو ڌيان آهي. هلي جڏهن اسٽيم سيل (Stem Cell) واري سائنس ترقي ڪندي ته جين (Gene) کي وقت کان اڳ بدلائي بيمارين کان بچي سگهبو. هونئن ته آمريڪا ۾ جمهوريت ڪري ڪارو صدر آهي پر ائٽلانٽا ۾ عام طور تي مون ڪارن نوجوانن کي هيڏي هوڏي فضول گهمندي ڦرندي ڏٺو. ننڍا ننڍا ڪم ڪار ٿا ڪن. معاشي مسئلن ۽ تعليم لاءِ گهٽ ڌيان هجڻ ڪري شايد پڙهي گهٽ ٿا سگهن، تنهن ڪري ڪنهن وڏي عهدي تي ڪونه ٿا پهچي سگهن. مون نيويارڪ ۽ ائٽلانٽا ۾ هڪ هڪ فقير به ڏٺو هڪ گٽار وڄائي پيو پني ۽ ٻيو ڦيٿا ڪُرسي تي ويهي هڪ ڪارڊ هٿ ۾ ڪٽي (جنهن تي لکيل هُيو Please help) ڏيکاري پئي پنيو. اِن مان ائين لڳو ته آمريڪا ۾ به انساني حقن جي لتاڙ ٿئي پئي ۽ سڀ کي ڪاڏو، تعليم ۽ صحت ڪونه ٿو ملي. ها باقي ٿلهي ليکي ڪيترين ئي شيون ٺيڪ لڳيون روڊ صاف سٺا، مٽي نظر نه آئي، ٽرانسپورٽ جو نظام سٺو هُيو پاڻي ۽ بجلي جو مسئلو حل آهي. اُتي هر شي ڪنهن نه ڪنهن System تحت هلي پئي. اسان جي هوٽل کان ڪانفرنس هال تائين ڪانفرنس طرفان هر 20 منٽن ۾ بس هلي پئي. اسان جي بس جو نمبر AUA7 هُيو اسان کي ڪڏهن اُن ۾ ڪا تڪليف نه ٿي. هر شئي ڪمپيوٽرائزڊ آهي ڪانفرنس جو سرٽيفڪيٽ پنهنجي نالي جو ڪارڊ مشن کي ڏيکاري پرنٽر مان ڪڍي سگهون ٿا. انسان فطرتاً قانون ٽوڙ آهي اُتي ڏنڊي اُنهن کي سڌو رکيو آهي تنهن هوندي به ننڍڙيون بي ضابطگيون ٿين پيون. ليوزويل ويندي جهاز ۾ منهنجي پرسان وينل هڪ عورت اُتي رکيل هڪ مئگزين جا ڪجهه صفحا ڦاڙي پرس ۾ وڌا. جهاز اڌ ڪلاڪ دير سان اُڏاميو سائوٿ ويسٽ ايئر لائن جو جهاز هُيو. مون ارون ڏتي راءِ جو ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيو هُو انڊيا ۾ وڏن ڊيمن

جي سخت خلاف آهي. اُن جو چوڻ آهي تہ وڏا ڊيم هڪ تہ لکين ماڻهن جي پنهنجن اجهن مان بيدخلي جو سبب بڻجن ٿا تہ ٻئي طرف هُو ماحولياتي گدلاڻ جو سبب بڻجن ٿا. هُو وڌيڪ لکي ٿي تہ انڊيا ٽيون نمبر مُلڪ آهي جيڪو وڏا ڊيم رکي ٿو. هڪ اندازي مطابق انڊيا ۾ 3600 ڊيم وڏن ڊيمن جي ڪاتي ۾ اچن ٿا جنهن مان 3300 ورهاڱي ڪانپوءِ ٺهيا آهن. دُنيا جي 40 سيڪڙو وڏن ڊيمن ۾ انڊيا شامل آهي. جڏهن تہ انڊيا جي آبادي جو هڪ پاڱي پنجون حصو صاف پاڻي ۽ بہ پاڱي ٽيون حصو بنيادي صفائي کان محروم آهي. اُن جو چوڻ آهي تہ دُنيا ۾ وڏا ڊيم هاڻي ماضيءَ جو حصو بڻجي چُڪا آهن دُنيا هاڻي وڏا ڊيم ڪونہ ٿي ٺاهي. حڪومت وڏا ڊيم ٺاهي اِهو حق ٿي حاصل ڪرڻ چاهي تہ هاڻي پاڻيءَ جو حقدار ڪير ٿيندو. ڪير ڪهڙو فصل پوکيندو ۽ هو غريبن کان پاڻي کسي اميرن کي ڏيڻ ٿي چاهي ۽ لکين ماڻهن کي بيدخل ڪرڻ ٿي چاهي.

آمريڪا ۾ ماڻهو پنهنجا ڪم پاڻ ڪرڻ جا عادي آهن مون 70 سالن جي بزرگن کي پنهنجون وزني پيٽيون پاڻ کڻندي ڏٺيون ۽ جهاز جي ڪيبٽ ۾ رکندي ڏٺيون. ماڻهن ۾ ننڍپڻ کان ئي پنهنجا ڪم پاڻ ڪرڻ جي عادت وڌي وڃي ٿي. اسان وانگر ڪونهي تہ ٻار مائرن کان ويني هنڌ پاڻي جو گلاس گهرندا ۽ ماني بہ بستري تي گهرائڻ چاهيندا. ارون ڌتي راءِ وڏن ڊيمن لاءِ وڌيڪ لکي ٿي تہ هي ٻوڏن جو سبب بڻجن ٿا، سم ڪلر جو سبب بڻجن ٿا (Water logging and Salinity) اِهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ وڏا ڊيم زلزلي جو سبب بہ بڻجن ٿا. پهرين دُنيا (ترقي يافتہ ملڪن) ۾ جيئن تہ وڏا ڊيم هاڻ ڪونہ ٿا ٺهن تنهن ڪري ڊيم ٺاهڻ واري انڊسٽري ٽين دُنيا ۾ پهچي وئي آهي. ٽيڪنيڪي مدد جي بهاني جيئن هو پراڻا هٿيار، جهاز ۽ بندش پيل ڪيڙا مار دوائون ٽين دُنيا کي وڪڻندا آهن تيئن هو اڄڪلهہ وڏا ڊيم وڪڻي رهيا آهن. گذريل 50 سالن ۾ انڊين حڪومت ستاسي هزار ڪروڙ روپيا ڊيم ٺاهڻ تي خرچ ڪيا آهن تنهن هوندي بہ ڏڪار ۽ ٻوڏ وڪوڙيل علائقا پهريان کان وڌيڪ آهن.

ڪانفرنس ۾ جسم جي عضون کي ٽشو انجنيئرنگ رستي جانورن ۾ ٺاهڻ متعلق تحقيق تي بہ مقالا پڙهيا ويا ۽ مستقبل ۾ ٽشو انجنيئرنگ رستي انساني عضوا بہ ٺاهيا ويندا ۽ چيو ويو تہ مستقبل اِن جو آهي. اِهو بہ چيو ويو تہ ٽيسٽواسٽيران جيڪا مرداڻي رتوبت آهي ان جي خون ۾ گهٽتائي سان

دل جون بيماريون. مثنا پيشاب ۾ ٻيون خرابيون جنم وٺن ٿيون ۽ اِهو به چيو ويو ته جيڪڏهن هڪ حد اندر ڪئلشم ۽ وٽامن ڊي واپرائي وڃي ته گردي ۾ پٿري نه ٺهندي ۽ اهو به چيو ويو ته ڪئلشم ڪاڏي ۾ واپرائي وڃي ۽ دوائن جي شڪل ۾ نه ورتي وڃي. عورتن ۾ غير ارادي طور پيشاب جي وهڻ (Incontinence) جو جديد علاج به ٻڌايو ويو ساڳيو ئي علاج هاڻ مردن لاءِ به ايجاد ڪيو ويو آهي اِن ۾ نائلون جي ڏوري پيشاب جي نالي کي سوڙهو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي آهي.

آمريڪا جو هڪ ٻيو شهر لئيويل جيڪو ڪينٽڪي رياست ۾ آهي. اُتي ڊويس جتان جو ڪينٽڪي فرائيڊ چڪن (KFC) به آهي. اُتي جي آبادي 10 لک آهي ڪيترائي هندستاني ۽ پاڪستاني به اُتي رهندا آهن، سنڌي به چڱي تعداد ۾ آهن. لئيويل ۾ منهنجا مائٽ آهن ۽ ڏينهن اُنهن وٽ ترسيس. اُتي هُو بلڪل پاڪستان وانگيان رهيل آهن. ڪاڏو، پيتو، رهڻي ڪرڻي سڀ نج پاڪستاني، ها تعليم تي ڌيان وڌيڪ ڏا ڏين. منهنجو هڪ مائٽ علم بيهوشي ۾ ڊاڪٽر آهي چيائين ته هي آمريڪي هوئڻ ته پنهنجن بزرگن کي پڇن ئي ڪونه پر جيڪڏهن ڊاڪٽر جي غلطي ڪري اُنهن کي ڪجهه ٿي پوي ته پوءِ ڪورٽ ۾ ويندي دير نه ڪندا. اُن جو چوڻ هُيو ته هتي ڊاڪٽري جو پيشوڪافي ذهني دٻاءَ ۾ ڪرٽو پوندو آهي. مون سوچيو ته اسان وٽ ڊاڪٽرن جو عيش آهي ڪا پڇا ڳاڇا ڪونهي جيڪو وڻين سو ڪن. هتي مريض اڃان به ڊاڪٽر کي ابي امان جو درجو ڏيندو آهي. اسپتالن ۾ مريض سان ڪيترائي ڪٽي ڪيس ٿين ويچارا مريض ۽ اُن جا مائٽ اُف نه ڪن. ها اسان وٽ هڪ ڳالهه چڱي آهي جو سرڪاري اسپتالون ٿلهي ليکي ٺيڪ علاج ٿيون مهيا ڪن گهٽ ۾ گهٽ بستري ۽ ڊاڪٽر جي فيس ڪونهي دوائون به ڪجهه نه ڪجهه مليو وڃن ان کي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي. سرڪار کي صحت جي مد ۾ بجٽ وڌائڻ گهرجي. آمريڪا ۾ علاج ڏاڍو مهانگو آهي. سرڪاري توڙي پرائيويٽ اسپتال ۾ پئسا ڏيڻا پوندا آهن باقي 65 سالن کانپوءِ ۽ محتاجي جي صورت ۾ علاج مفت ملندو آهي. آمريڪا ۾ علاج لاءِ گهڻو ڪري ماڻهو انشورنس ڪرائيندا آهن. اُتي ڊاڪٽر ڏينهن ۾ 20 کان وڌيڪ مريض ڪونه ٿو ڏسي اسان وانگر ڪونهي جو هڪ ڊاڪٽر 100کان 150 مريض ٿو چڪاسي ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جلدي ۾ ڪيترن ئي مريضن جي تشخيص صحيح ڪرڻ تي ٿئي. لئيويل هڪ ننڍڙو شهر آهي پر ڏاڍو خوبصورت. روڊ ڪشادا. هر طرف ساوڪ ۽ وڻڪاري. هتي وڻ ڪپڻ جي ڪنهن کي بہ اجازت ڪونهي. جيڪڏهن ڪو وڻ مرڻ لڳندو آهي تہ اُن جو اطلاع شهري حڪومت کي ڏيڻو پوندو آهي ھُو اُن کي سائي ڪرڻ جي وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪندا آهن. ٽريفڪ جا قانون سخت آهن. قانون ٽوڙڻ تي سوين ڊالرن جي پرچي ڪٽبي آهي جيڪا ڏيڻ تمام ضروري آهي ٻي صورت ۾ ڪيس ڪورٽ ۾ ويندو ۽ جيل بہ ٿي سگهي ٿو. پاڪستان ۾ بہ چالان بجاءِ پرچي جو طريقو هجڻ گهرجي اُتي جي اُتي ڏنڊ جي پرچي ۽ پئسا ونجن شايد بهتري ٿئي. چالان ادا ڪرڻ جي سلسلي ۾ ماڻهو ڪورٽ وڃڻ کان لهرائيندا آهن ۽ پوءِ ٽريفڪ سارجنٽ کي رشوت ڏئي پنهنجي جان ڇڏائيندا آهن. آمريڪا ۾ جيڪڏهن ڪو پيادو فٽ پاٿ تان لهي روڊ تي پير رکندو تہ گاڏي واري کي فوراً گاڏي روڪڻي پوندي آهي جيڪڏهن رستي هلندڙ کي ڪا رُهڙ بہ لڳي تہ گاڏي واري جو خير ڪونهي. انسان جي هتي ايتري اهميت آهي. هتي جيڪڏهن ٻن گاڏين جو ايڪسيڊنٽ ٿيندو تہ ھُو پاڻ ۾ وڙهندا نہ فوراً پوليس کي اطلاع ڏيندا ۽ اِهو پوليس طئي ڪندي تہ ڏوهہ ڪنهن جو هيو. پوليس ٻئي گاڏيون پنهنجي قبضي ۾ وٺندي جاءِ جو معائنو ڪندي. اوسي پاسي وارن کان پڇا ڳاڇا ڪندي گاڏيون هوئڻ بہ انشورنس ٿيل هونديون آهن تنهن ڪري اُتي معاملو بغير ڪنهن مار ڌاڙ جي حل ٿيو وڃي. هتي اِهو بہ قانون آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن مارڪيٽ ۾ دُڪان کولڻ جو وقت 10 بجي ۽ بند ڪرڻ جو 9 بجي آهي تہ هر حال ۾ اُن وقت تي دُڪان کُلندو ۽ بند ٿيندو ٻي صورت ۾ ڏنڊ پوندو ٻيو تہ دُڪان تي ڪرڻ ڪو هجڻ گهرجي تہ جيئن گراهڪ کي واپس نہ وڃڻو پوي اِهو بہ غير قانوني آهي باقي اگهن تي ڪابہ روڪ ٽوڪ ڪونهي دُڪاندار پنهنجي مرضي سان اگهہ طئي ڪندو آهي گراهڪ جي مرضي جي وٺيس تہ وٺي نہ تہ ٻئي دُڪان تي هليو وڃي. تعليم هتي هاءِ اسڪول يعني 12 ڪلاس تائين مفت آهي. جيڪڏهن مائٽ سرندي وارا ڪونهن تہ منجهند جو کاڌو بہ ملندو. گهڻو ڪري 18 سالن جي عُمر کانپوءِ ٻار مائٽن کان الڳ ٿي ويندا آهن. 18 سالن کانپوءِ ٻار آزاد هوندا آهن ۽ پاڻ ڪمائين پاڻ کائين. پڙهائي بہ ھُو پنهنجي مڙسي تي ڪندا آهن ۽ سرڪار بہ قرض بہ ڏيندي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو نوڪري ڪانپوءِ ڪين لاهٽو پوندو آهي. هتي هڪ پاڙيسري جيڪڏهن بئي ڪي تنگ ڪندو اُن جي آرام ۾ خلل وجهندو، تيز گانا وڄائيندو، رات جو دير سان گوڙ ڪندو ۽ پاڙي واري جي پريشاني جو سبب بڻبو ته پاڙيسري پوليس گهرائي سگهي ٿو ۽ پوليس تنگ ڪرڻ واري کي ٽاٽي تي به وٺي وڃي سگهي ٿي. هتي رهندڙ ماڻهن جو خيال آهي ته آمريڪي پنهنجي ٽٽل خانداني تاڃي پيٽي تي سخت پريشان آهن. پر منهنجي خيال ۾ ائين ڪونهي اُهي ائين ئي عادي ٿي ويا آهن، آزادي پسند آهن اِن معاملي ۾ هو پنهنجي ڪنهن ويجهي جي به مداخلت پسند ڪونه ٿا ڪن. Privacy انهن جو وڏو مسئلو اهو آهي، هُو اُن کي وڏي اهميت ڏين ٿا. اُتي قسطن تي اوهان کي گهر، ڪار، فرج، ٽي وي، هر شئي ملندي پر پئسا واپس ڪرڻا پوندا، قانون سخت آهي. ٽئڪس ۾ چوري ڪرڻ آسان ڪونهي. 35 کان 40 سيڪڙو ٽئڪس ڪٽبي آهي اُها ڏيڻ تمام ضروري آهي. هتي پيٽرول 3.6 ڊالر في گيلن آهي. هڪ 5 ڪمرن جي گهر جي بجلي جو بل گرمين ۾ 150 ڊالر ۽ سردين ۾ 250-300 ڊالر ايندو آهي. بجلي گئس جا بل جيڪو وقت تي ڏيندو اُن کي قرض به ملندا. ٽرئفڪ جي قانون ٽوڙڻ ۽ جرماني پوڻ ته ڪار جي انشورنس به وڏي ويندي چاڪاڻ ته اوهان سُٺا ڊرائيور نه آهيو. انشورنس ڪرائڻ ضروري آهي. لئيويل ۾ هٽ جي پيوندڪاري (Transplant) ۽ هٽرادو دل لڳائڻ جي وڏي اسپتال آهي. نئين لائين ارون ڏتي راءِ جو ڪتاب به پڙهندو رهيس هو لکي ٿي ته انديا ورلڊ بئنڪ کي وياج ۽ قسطن جي ڪاتي ۾ جيترو ورتو آهي اُن کان وڌيڪ ادا ڪري پيو. اسين وڌيڪ قرض وٺڻ تي اُن لاءِ مجبور آهيون جو اسان کي پراڻا قرض چڪائڻا آهن. ورلڊ بئنڪ جي 1998ع واري رپورٽ مطابق انديا بئنڪ کي 478 ملين ڊالر قرض کان وڌيڪ ڏنا آهن. 1993ع کان 1998 تائين انديا بئنڪ کي 1.475 بلين ڊالر ورتل قرض کان وڌيڪ ڏنا. اسين ٻئي مُلڪ انديا ۽ پاڪستان ورلڊ بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي قرضن ۾ هڪجهڙو جڪڙيل آهيون. اسان جو حال هڪ هاري جهڙو آهي جيڪو وڏيري جو سچي جمار قرضي ئي رهندو آهي ۽ قرض کان ڪئي دفعا وڌيڪ رقم ڏيڻ جي باوجود اُن جو قرضي هوندو آهي. راءِ لکي ٿي ته اِها سرڪس آهي جنهن ۾ ڪڏهن ڪو آفيسر بئنڪ ۾ شامل ٿيندو ۽ ڪجهه وقت ڪانپوءِ اُهو ڪنهن پروجيڪٽ ڪنسلٽنٽ جي طور تي ظاهر ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اڻ سڌي طرح ترقياتي قرض جو گهڻو حصو واپس اُن ملڪ ڏانهن هليو ويندو. 1993ع ۾ برطانيا مليشيا کي پرگاؤ ڊيم لاءِ رعايتي وياج تي 234 ملين پائونڊن جو قرض ڏنو ان جي باوجود جو بين الاقوامي ڊيولپمينٽ ايڊمنسٽريشن اِهو چيو تہ اِهو مليشيا لاءِ نقصان پهچائيندڙ سودو هوندو.

بعد ۾ خبر پئي تہ اِهو قرض مليشيا کي اِن لاءِ ونڻ تي همٿايو ويو جو مليشيا کي 1.3 بلين پائونڊن جي هٿيارن خريد ڪرڻ جو سودو برطانيا سان ڪرڻو هُيو. راءِ چوي ٿي تہ برطانيا جي ڪنسلٽنٽس 1994ع ۾ 2.5 بلين ڊالر ٻاهرين سودن مان ڪمايا. لئيويل ۾ هڪ ڦوهاري ۾ ڪيترائي سِڪا پيل ڏٺم پڇڻ تي خبر پئي تہ هتي بہ ماڻهو پئسا پاڻي ۾ اڇلائي من جو مرادون پائڻ جي خواهش ڪندا آهن پر اِها ڳالهہ چڱي هُئي تہ اِهي پئسا ڪنهن ٻارن جي اداري کي ڏنا ويندا. هتي چندي ڏيڻ جو ڪافي رواج آهي. هر جڳهہ تي ڪانہ ڪا پيتي پيل ڏٺم.ڪجهہ ادارن جي ماڻهن کي رستن تي چندو گڏ ڪندي بہ ڏٺم. بيروزگاري هتي بہ آهي جيڪا 9 کان 10 سيڪڙو آهي. هاءِ اسڪول تعليم بہ سو سيڪڙو ڪونهي سرمائيداري نظام جون سموريون خرابيون موجود آهن. ڪو امير تہ ڪو غريب. گهٽائي ماڻهن جي شاهہ سائين جي هيٺئين شعر "آٽين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهاڙي سومرا" وانگيان زندگي تي گذاري، تنهن هوندي بہ سائنس ۽ ريسرچ ۾ وڏيون ايجادون ڪرڻ وارا بہ آمريڪن آهن. هڪ ڊاڪٽر جو چوڻ هيو تہ هتي وس هوندي ڪنهن کي مرڻ ڪونہ ٿو ڏنو وڃي ڊاڪٽر ۽ نرسون ڏينهن رات محنت ڪري مريض کي تندرست ڪيو ڇڏين. اُن نرسن جي خاص تعريف پئي ڪئي تہ هتي نرسون ڏاڍيون قابل آهن. حالانڪہ آمريڪا بهادر سڄي دُنيا ۾ ڏاڍايون ڪيون آهن ۽ بي گناهہ ماڻهو ماريا آهن پر پنهنجي مُلڪ ۾ ڪنهن بي گناهہ جي مرڻ کي ڏاڍو برو ميڙايو آهي قانون ۾ اِن لاءِ ڪا معافي ڪونهي. اسان وانگر نہ جو روز ٻہ ٽي درجن ماڻهو ماريا ٿا وڃن. اخبار کڻو تہ صفحن جا صفحا قتلن ڪر خبرن سان ڀريل آهن. راهوڻي جهڳڙا، ڪاروڪاري،ذاتي دشمنيون، لساني جهڳڙا، روڊ ايڪسيڊنٽ ۽ مذهبي جهڳڙا وغيرهہ وغيرهہ. آمريڪا ۾ پوليس ڏاڍي تيز آهي ڏوهي کي ڪيئن نہ ڪيئن ڳولهي ئي ڪڍي هتي هر شي ڪمپيوٽرائزڊ آهي تنهن ڪري ماڻهو گهٽ ٿا سيڙجن. ايئرپورٽ تي اوهان جي بورڊنگ پاس کان وٺي اسٽيشن تي ٽڪيٽ

وٺڻ تائين مشينون موجود آهن مدد ڪرڻ لاءِ ٿورو عملو اُتي موجود هوندو جيڪڏهن اوهان ڪٿي اٽڪو ته هُو اوهان جي مدد ڪندا. اُتي اڪثر پاڪستاني ساڳيو ئي ايشين ڪلچر رکيون وينا آهن منهنجي ڪجهه ماڻهن سان ملاقات ٿي آمريڪن ڪلچر کي اُنهن پاڻ تي سوار ڪرڻ ڪونهي ڏنو. لئيويل ۾ محمد علي باڪسر جي زندگي تي ٺهيل ميوزيم ڏٺو ڏاڍو چڱو لڳو. محمد علي ڪارن خلاف گورن طرفان زيادتي خلاف آواز اُٿاريو ۽ ويتنام خلاف آمريڪي جنگ ۾ شامل ٿيڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيائين ته مان ڪنهن به انسان خلاف جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان اُن اِهو به چيو ته اسان ڪارن سان جيڪا زيادتي اوهان ڪيو پيا تنهن ڪري مون کي اوهان جي خلاف وڙهڻ گهرجي نه ڪي ويتنام جي مظلوم ماڻهن خلاف. محمد علي کي اِن تي جيل موڪليو ويو ۽ اُن جو باڪسنگ جو لائسنس به کسيو ويو. محمد علي کي هيٺين ڪورٽ 5 سالن جي سزا ڏني جيڪا اڳتي هلي مٿين ڪورٽ ختم ڪئي ۽ لائسنس به واپس ڪرايو. محمد علي ٽي دفعا هيوي ويٽ باڪسر جو اعزاز کٽيو ۽ 1981 ۾ رٽائر ڪيائين. هُو "پارڪنسونزم" بيماري ۾ مبتلا ٿي ويو اُن هوندي به اُن ڪاري آبادي جي حقن لاءِ پنهنجي ويڙهه جاري رکي. لئيويل مان واشنگٽن رستي نيويارڪ ۽ پوءِ ڪراچي اچڻو هُيو يونائيٽيڊ ايئر جي هي فلائيٽ به 25 منٽ ليٽ ٿي وئي اِها پريشاني جو سبب بڻي ڇاڪاڻ ته هڪ ڪلاڪ جي وقفي ڪانپوءِ ٻي فلائيٽ هُئي پر ڪائونٽر تي ويٺل همراه تسلي ڏني ته ٻي فلائيٽ وارو ٽرمينل بلڪل ويجهو آهي تون پهچي ويندين. جيوش اسپتال ۾ هڪ دل جي خرابي جي مريض کي مصنوعي دل لڳايو ويو. اِهو مريض دل جي عطيي لاءِ انتظار پيو ڪري ۽ اچانڪ طبيعت گهٽي خراب ٿي ويس. ان مريض کي اسپتال ۾ ئي رهڻو پوندو ڇاڪاڻ ته دل جنهن مشين تي هلندي اُها ڪافي وڏي آهي ۽ گهر ۾ ڪونه ٿي سنڀالي سگهجي، هي همراهه دل جي عطيي جو اُميدوار آهي. آمريڪا ۾ جيئن ته هاڻ روڊ ايڪسيڊنٽ گهٽ ٿا ٿين ۽ قتل به ڪو ورلي ٿئي ٿو تنهن ڪري عضون جا ضرورت مند وڌن ٿا وڌندا ۽ عضوا وڃن ٿا گهٽبا تنهن ڪري انتظار ۾ ڪيترائي مريض ويٺا آهن. هاڻ واشنگٽن پهچڻ وارا آهيون جهاز هيٺ لهندو ٿو وڃي. زمين تي گهر ۽ گاڏيون پتڪڙا نظر اچڻ لڳا. ڪير جهڙا اچا ڪڪر رمندا رهيا ڪجهه جهاز جي هيٺان ته ڪجهه جهاز جي

مٿان آهستي آهستي جهاز هيٺ لهڻ لڳو ۽ پٽڪڙا گهر هاڻ ڪجهه وڏا نظر اچڻ لڳا. هتي ساوڪ ڏاڍي آهي ڪجهه موسم جي ڪري ته ڪجهه وري عوام ۽ سرڪار ٻئي ساوڪ دوست آهن. وڻن ۽ ٻوٽن سان پيار ڪن ٿا. سائي زمين اکين کي وڻي ٿي. جهاز پنهنجا پير پساري ڇڏيا آهن. جهاز جا کنڀ ڪجهه مٿي ته ڪجهه هيٺ جهڪيا ۽ جهاز زمين تي پانيڙا پائڻ لڳو. يونائيٽيڊ ايئر جا لوڪل جهاز ننڍا آهن فضائي ميزبان ڇوڪري واشنگٽن کان نيويارڪ ويندي ٻي دليو ساڳي ئي انداز ۾ ٻڌايو ته ايمرجنسي ۾ ڇا ڪجي، پٽو ڪيئن ٻڌ جي، حادثي جي صورت ۾ جهاز جا دروازا ڪٿي آهن ۽ ڪيئن لهجي ان بابت مشيني انداز ۾ ٻڌائڻ لڳي جڻ پاڻ ئي اندر ئي اندر ۾ سمجهي پئي ته پلا اڄ سوڏو جهاز حادثي ۾ ڪو بچيو به آهي. جهاز تان هيٺ لهڻ جي نوبت ئي ڪڏهن ٿي اچي. ڇوڪري وٽ هن اعلان جي ڪا عملي اهميت هُئي به ڪونه. هڪ ٻيو اعلان به ٻڌم اُهو اِهو ته جهاز تي چڙهڻ لاءِ پهريون ملٽري جا جوان ۽ وردي وارا چڙهندا مون سوچيو ته آمريڪا جهڙي جمهوري ملڪ ۾ به اِهو فرق رکيو ٿو وڃي "جيڪو ڏاڍو سو گابو".اهو جهاز به 40 منٽ دير سان هليو. پڇڻ تي جواب مليو ته نيويارڪ ۾ موسم ٺيڪ ڪونهي. ارون ڌتي راءِ جو ڪتاب ڏاڍو دلچسپ ۽ معلوماتي آهي ۽ منهنجي سفر جو ساٿي. لکي ٿي ته ورلڊ بئنڪ پاڪستان کي 1976ع 1977ع ۾ تربيلا ۽ منگلا ڊيم لاءِ پئسا ڏنا اُن ۾ نيڪال جو ڪو طريقو نه رکيل هُيو ۽ هاڻي اُن نيڪال لاءِ 785 ملين ڊالر ڏنا آهن. ورلڊ بئنڪ انڊيا ۾ پنجاب ۽ هرياڻه ۾ به اِهو ڪيو اهو ائين آهي ته جيئن ڪنهن جسم ۾ فقط آرٽري (نس جيڪا عضون کي خون پهچائيندي آهي) هجي ۽ وين (نس جيڪا عضون مان خون ڪڍي ويندي آهي) نه هجي.

آمريڪا ۾ ماڻهو ڏاڍا صبر وارا آهن قطار ۾ بيهندا، گوڙ نه ڪندا. جڏهن جهاز مُنو ڪلاڪ پٽي تي بيٺو هُيو تڏهن به ڪنهن اُف نه ڪئي ۽ صبر سان ويٺا رهيا. اسان وٽ جيڪڏهن ائين ٿئي ته هر جڳهه کان رڙيون ٿين ها ڪجهه بي صبرا وڙهڻ لاءِ به تيار ٿي وڃن ها. ماڻهن جي سهوليت لاءِ هتي هر ڪم ڪيو وڃي ٿو رستي يا ڪو هنڌ ٻڌائڻ لاءِ ٿوري ٿوري پنڌ تي تختي لڳل هوندي ۽ تير جو نشان ڇاپيل هوندو. مان ڪالهه ڊفينس ويس ۽ اُتان پنجاب ڪالوني اچٽو هُيو فقط هڪ جڳهه تي لکيل هُيو ته عبدالله شاهه غازي هيڏانهن

آهي اُن ڪان پوءِ ڪيترا ميٽر ذڪر ٿي نہ هُيو تہ هاڻ ڪيڏانهن ورجي بس گاڏي گھمائيندي گھمائيندي پهتس. نيويارڪ جي ڪينيڊي ايئر پورٽ جا بہ حصا آهن هڪ ملڪ اندر اُڏام لاءِ ۽ ٻيو بين القوامي اُڏام لاءِ ٻئي هڪ ٻئي کان الڳ ۽ پري آهن پر اُنهن کي هڪ پُل رستي جنهن تي هڪ ريل هلندي آهي سان جوڙيو ويو آهي. اوهان اندران ٿي اندران گهريلو کان بين القوامي اڏي تي پهچي سگهون ٿا ۽ اُها سهولت آهي بہ مفت. اِهو ڏاڍو سٺو لڳو. ماڻهن جي سهولت جو هر هنڌ خيال رکيو ويو آهي اڪثر ائين نظر آيو تہ جهاز تي پهريائين بزرگن کي ويهاريو ويندو آهي پوءِ اُنهن مائٽن کي جن سان ننڍا ٻار گڏ آهن. جهازن ۾ اُڏام دوران جيترو کاڌو ضايع ٿئي ٿو اِهو بچائي ڪيترائي مسڪين خوش ڪري سگهجن ٿا. اهڙي نموني دُنيا ۾ جيترو هٿيار ۽ بم بارود ٺهن ٿا اُن تي ڪربين ڊالر خرچ ٿين ٿا دُنيا ۾ امن قائم ڪري ان هٿيارن جي فيڪٽرين کي بند ڪجي تہ هوند ڪروڙين ماڻهو پنهنجو بکيو پيٽ ڀري سگهن ۽ ڪروڙين ٻيا صحت جي سهولت حاصل ڪري سگهن ۽ تعليم پرائي سگهن. خود آمريڪا ۾ بي روزگاري آهي ۽ صحت مفت ڪونهي ڏاڍي مهانگي آهي، اُهي ئي برداشت ڪري سگهن ٿا جيڪي انشورنس ڪمپنين جا ڳرا ڳرا ساليانا پئسا ڀري سگهن. تعليم آمريڪا ۾ هاءِ اسڪول تائين مفت آهي اُتي هاءِ اسڪول 12 ڪلاس تائين آهي اُن ڪانپوءِ پنهنجن پئسن تي پڙهڻو آهي. اڪثر ماڻهو هاءِ اسڪول تائين تعليم وٺندا آهن ۽ اُن ڪانپوءِ پيٽ گذر ۾ لڳي ويندا آهن. ٿورو گهڻو وقت جو زيان ۽ بي راهہ روي جتي ڪٿي آهي. استنبول هوائي اڏي تي جهاز ۾ سوار ٿيڻ لاءِ 7.30 بجي گهراياڻون پر اڌ ڪلاڪ انتظار ڪرڻو پيو پيو تہ ايئر پورٽ تي ڏڳ ٻڌائڻ لاءِ نشانين واريون تختيون بہ مناسب نہ لڳل هُيون تنهن ڪري ٽرمينل ڳولهڻ ۾ ڪجهہ مشڪل پيش آئي شايد اِنهي ڪري جو ترڪي اڌ يورپ ۾ آهي ۽ پورو ڪونهي تنهن ڪري اجا اُهو نظم ضبط ڪو نہ اٿس جيڪو مون يورپ ۽ آمريڪا ۾ ڏٺو.اِن ڪان بهتر ٿائليند ۾ هُيو اُن جو شايد هڪ سبب سياحت هُيو جيڪو اُنهن جي معاشي جوڙجڪ جو اهم حصو بہ آهي. سياحن کي جيترو آرام ڏبو، خوش رکبو اوترو هُو گهڻي تعداد ۾ ايندا. اروِن ڏتي راءِ جو نئون مضمون شروع ڪيم اِهو بہ ڊيم ۽ بجلي جي اُپت تي لکيل آهي اِن ۾ راءِ هاليند ۾ ورلڊ واٽر فورم جي اُن ميٽنگ جو ذڪر ڪيو آهي

جنهن ۾ 3500 بئنڪر، ڏنڌوڙي، سرڪاري وزير، پاليسي ٺاهيندڙ ۽ ڪجهه بين شعبن جا ماڻهو شامل ٿيا. اُن فورم ۾ پاڻي کي نجي ملڪيت ۾ ڏيڻ جي راءِ ڏني وئي. جنهن ۾ هڪ آمريڪن چيو ته قدرت اسان کي پاڻي ڏنو پر اُن کي ورهائڻ جو نظام نه ڏنو جيڪو اسان کي ئي ٺاهڻو آهي هن وڌيڪ چيو ته چو نه دُنيا جي سيني سمندن کي هڪ ڪجي. هر تقرير ۾ عورتن جي حقن، ماڻهن جي شموليت ۽ جمهوريت جي ڳالهه ڪئي وئي پر سڄو زور پاڻي جي ملڪيت تي ڏنو ويو ارون لکيو آهي ته جڏهن به ڪنهن شئي کي نجي ملڪيت بڻايو ويندو ته پوءِ اُن کي اُهو ئي وٺي سگهندو جنهن وٽ پئسا هوندا. 1991ع ۾ بوليويا جي حڪومت ڪوچا بمبا شهر جو پاڻي نجي ملڪيت ۾ ڏنو ۽ 40 سالن جي ليز هڪ آمريڪن انجنيئرنگ ڪمپني بيچٽل کي ڏني ۽ بيچٽل پهريون ڪم اِهو ڪيو جو پاڻي جا اگهه ٽيڻا ڪري ڇڏيا هزارين ماڻهو اِن کي خريدڻ جي سگهه ڪونه پئي ساري سگهيا تنهن ڪري اُتي مظاهرا ٿيا. هيوگوينٽرز جيڪو ڊِڪٽيٽر هُيو اُن پوليس کي گولي هلائڻ جو حڪم ڏنو پر ماڻهو مرڻ لاءِ تيار هُيا ڇاڪاڻ ته پاڻي کان وڌيڪ ٻي ڪا شئي ڪونهي. راءِ لکي ٿي ته سڀ کي خبر آهي ته دُنيا ۾ پاڻي جي ڪوٽ اڳتي هلي ٿيڻي آهي اڄ به دُنيا ۾ هڪ ارب ماڻهو پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن هي پاڻي کي اهميت ڏيڻ نه ٿا چاهين پر پاڻي جي قيمت لڳائڻ چاهين ٿا. پاڻي کي نجي ملڪيت بڻائڻ چاهين ٿا ته جيئن اڳتي هلي پاڻي به اُهو پي سگهي جنهن وٽ پئسا هجن. پهرين دُنيا سڀ ڪجهه پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ گهري ٿي خاص ڪري آمريڪا بهادر ڊيم، ڪاٺيون، هٿيار، پاور پلانٽس، پاڻي، ٽيلي ڪميونيڪيشن، پاڻ، ٻج، ٻيو ته ٺهيو زندگي به. ويجهڙائي ۾ ويلچ جيڪو جنرل اليڪٽرڪ جو وڏو آهي انڊيا آيو ۽ قومي ميڊيا تي چيائين ته انڊين حڪومت بنيادي ڍانچو ٺاهي، جنرل اليڪٽرڪ (GE) لاءِ نه پر پنهنجي لاءِ ۽ صلاح ڏنائين ته پاور سيڪٽر کي نجڪارڻ بغير ڪجهه نه ٿيندو ائين ماڻهو ڊجيٽل نيٽ ورڪ جي دائري ۾ ايندا ۽ چيائين ته توهان پلي ڄاڻ ۽ شعوري اثاثي جي ڳالهه ڪريو پر پاور کان سواءِ اوهان ايندڙ انقلاب ضايع ڪندا. ارون لکي ٿي ته اُن جو اصل مقصد هي هُيو ته اوهان هڪ ارب ماڻهن جي مارڪيٽ آهيو. جيڪڏهن توهان اسان جي مشينري خريد نه ڪندو ته اسان ايندڙ انقلاب جو فائدو نه وٺي

سگهنداسون. اصل ڪهاڻي اِها آهي تہ دُنيا ۾ بجلي پيدا ڪرڻ واري مشينري ناهڻ واريون چار وڏيون ڪارپوريشنون آهن جنرل اليڪٽرڪ (GE) انهن مان هڪ آهي سڀ ملي ڪري هر سال ايتري مشينري ناهن ٿيون جيڪي 20 هزار ميگا واٽ بجلي ناهي ٿيون سگهن. ڪيترن ئي سببن ڪري هاڻ پهرين دُنيا کي بجلي ناهڻ جي مشينري ڪونہ ٿي کپي. هاڻ اُنهن کي مارڪيٽ کپي. انديا ۽ چائنا اُنهن لاءِ بہ وڏيون مارڪيٽون آهن جنهن کي هر سال 10 هزار ميگا واٽ بجلي ناهڻ لاءِ مشينري کپي ٿي. پهرين دُنيا کي وڪڻڻو آهي ۽ ٽين دُنيا کي خريد ڪرڻو آهي.

انديا ڪجهہ سال اڳ تائين بجلي ناهڻ ۾ پاڻ پرو هُيو. پارت هيوي اليڪٽريڪل (BHEL) اِها مشينري ناهيندي هئي ۽ نہ صرف انديا ۾ اِها استعمال ٿيندي هئي پر اِها ٻاهر بہ وڪڻبي هئي. اندين حڪومت پاڻ ئي تحقيق تي پئسا رکڻ گهٽائي ڇڏيا، BHEL اڄڪلهہ ڪجهہ بہ ناهي هڪ ڪٽمنڙن جو دُڪان آهي. اُن جو ڪم هاڻي فقط سستا مزدور جنرل اليڪٽرڪ ۽ سيمين (Seimen) کي مهيا ڪري ڏيڻ آهي. مشينري ۽ ٽيڪنالوجي اُهي ڪمپنيون مهيا ڪنديون. چا لاءِ اسان جي آفيسر شاهي ۽ سياستدانن کي ٻاهر جا مهانگا اوزار وڻن ٿا، ارون ڏتي راءِ لکي ٿي تہ ڇاڪاڻ تہ ڳريون رشوتون ملڻ جا امڪان وڌيڪ آهن. مشينري پنهنجي ڪارخاني مان خريد ڪرڻ انهن لاءِ ايترو لاڀائتو ڪونہ ٿو لڳي اڌ ڪان وڌيڪ آفيسر شاهي جيڪا چين حوالا ڪيس ۾ ملوث هئي اُها پاور سيڪٽر ۾ مشينري جي چونڊ ۽ خريداري واري شعبي سان واسطو رکي پئي. سرڪار جي بہ وڏي ترجيح پاور سيڪٽر جي نجڪاري آهي گذريل 50 سالن ۾ نا اهليت، ڪرپشن، چوري، زيان ۽ وڏي پيماني تي اقربا پروري بيڙو ٻوڙي ڇڏيو آهي. جيڪڏهن ڏسجي تہ اِهو سڀ ڪجهہ اسان جي پنهنجي مُلڪ ۾ بہ اوپرو ڪونهي اسان جي بجلي جي بحران جا ڪجهہ ڪارڻ اِهائي چوري، بجلي جو زيان ۽ رعايتون آهن. ڪُنڊا ڪلچر، ميٽر ۾ ردو بدل، غير ضروري بجلي جو استعمال، بجلي جا بل نہ ڏيڻ ۽ سڀ کان وڌيڪ حڪمرانن جي ڪوتاهہ نظري اِن جا ذميدار آهن.

پهرين دُنيا ۽ ٽين دُنيا جي حوالي سان طبي ڪانفرنس ۾ بہ مون اِهو ڏٺو تہ جيڪا تحقيق ٿي هئي اُها آمريڪا ۽ يورپ ۾ ٿيل هُئي. مون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ليڪچر ٻڌندي اِهو خيال ور ور ڪري آيو تہ ٽين دُنيا جا مُلڪ گڏجي، پنھنجون توانائيون جوڙي، بيمارين تي تحقيق چو نہ ٿا ڪن يا وري ائين بہ ٿي سگھي ٿو تہ اِهي مُلڪ گڏجي ايشين گروپ ٺاهين ۽ مشرق وسطا جا مُلڪ گڏجي پنھنجو گروپ ٺاهين ۽ گڏجي بيمارين تي تحقيق ڪن تہ جيئن اُنهن جي علائقن ۾ مريضن کي فائدو ٿئي ڇاڪاڻ تہ ٽين دُنيا جي ماڻهن جون بيماريون پهرين دُنيا جي ماڻهن کان مختلف آهن. ٽين دُنيا اڃا مليريا، ٽي بي، پوليو، دست، ٽائفائيڊ، پٿري جي بيمارين ۽ هيپٽائٽس وغيره مان جان ڪونہ ڇڏائي سگھي آهي جڏهن تہ پهرين دُنيا اِنهن مسئلن مان آجي آهي. اُهي هاڻي مرداڻي ڪمزوري تي وڌيڪ تحقيق پيا ڪن ۽ نفسياتي مسئلا گهٽا آهن، ڇاڪاڻ تہ پيٽ ڀريل آهي. هاڻ هُو ماءُ جي پيٽ ۾ ئي بيمارين جي روڪٿام ۽ اُن جي علاج تي پيا تحقيق ڪن، Geneرستي بيمارين جي رستا روڪ تي پيا تحقيق ڪن. هُو هاڻ بغير چيري جي مختلف مرضن جو علاج ڪرڻ تي تحقيق پيا ڪن تہ جيئن جسم تي ڪو نشان نہ رهجي وڃي اندران ئي اندران قدرتي سوراخن کي استعمال ڪندي عضوا ڪيجن. ٽين دُنيا اڃا ٽائين بنيادي مسئلن ۾ ڦاٿل آهي. روبوٽ رستي آپريشن پهرين دُنيا ۾ عام ٿيندو پيو وڃي.

ٽين دُنيا کي گڏجڻو پوندو، پنھنجا وسيلا سهيڙي پنھنجي لاءِ سوچڻو پوندو نہ تہ پهرين دُنيا اسان جو سڀ ڪجھ ٻهاري ويندي. ٽين دُنيا هوش ۾ اچي ئي صورت ۾ اُها پهرين دُنيا جي هميشہ لاءِ محتاج رهندي.

*عوامي آواز سنڌي مئيگزين*
*قسط 1: 30 سيپٽمبر 6 آڪٽوبر 2012ع*
*قسط 2: 7-13 آڪٽوبر 2012ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏکڻ ڪوريا جي ترقي جو راز ڇا آهي؟

هڪ ڪٿا مطابق تانگون بادشاهه 2333 قبل مسيح ڪوريائي قوم تشڪيل ڏني. پهرين صدي ۾ ڪوريائي پرڳڻو ٽن حصن ۾ ورهائجي ويو. سيلا (Silla)، ڪوگوريو (Koguryo) ۽ پيڪچ (Paekche) بادشاهتون ٺهيون. سيلا بادشاهت 668ع ۾ پر ڳڻي کي هڪ دفعو ٻيهر جوڙيو. ڪوريو (Koryo) جنهن مان ڪوريا نالو نڪتو. سيلا بادشاهت کي 35ع ۾ فتح ڪيو. چوسون (Choson) يي ڪلين (Yi clan) جي ميمبرن 1392ع ۾ ڪوريو تي قبضو ڪيو ۽ ايستائين جاري رهيو جيستائين 1910ع ۾ جاپان اُن تي قبضو ڪيو.

ڪوريا پنهنجي پوري تاريخ ۾ پنهنجي طاقتور پاڙيسري مُلڪن جي حملن هيٺ رهيو ۽ ان کي 2000 سالن ۾ نوَ سئو ڀيرا فتح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. ڪوريا منگولين جي قبضي هيٺ 1231ع کان 14 هين صدي عيسوي تائين رهيو. چيني ۽ جاپاني بہ ان تي قابض رهيا. جاپان جو راڄ ڪافي سخت هُيو. اُن ۾ ڪورين ٻولي کي بہ دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. 1919ع واري تحريڪ آزادي ناڪام ٿي ۽ جاپان ٻي مهاڀاري جنگ تائين ڪوريا تي قابض رهيو. 1945ع ۾ جاپان هٿيار ڦٽا ڪيا ۽ آمريڪا ۽ سوويت يونين گڏجي ڪوريا کي ٻن حصن ۾ ورهايو. اُتر سوويت يونين جي اثر هيٺ رهيو ۽ ڏکڻ آمريڪا جي اثر هيٺ رهيو. آمريڪا، ڪوريا جو معاملو گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ کڻي ويو جڏهن تہ ڪوريا پنهنجي جم ڏينهن کان تعليم، معاشيات ۽ ڪلچر ۾ ترقي ڪرڻ شروع ڪئي، 1960ع کان دُنيا جو غريب ايشيائي مُلڪ دُنيا جي خوشحال مُلڪن ۾ شامل ٿي ويو ۽ يونيورسٽي سطح تائين تعليم ۾ ترقي ڪئي. 1990ع کان ڪورين ميوزڪ، ٽي وي ڊراما،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فلمون سچي اوپر ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ مشهور ٿي نالو ڪڍيو ۽ ان کي ”ڪوريائي لهر“ جو نالو ڏنو ويو.

سوويت يونين اتر ڪوريا ۾ چوندون ٽيڻ نه ڏنيون. ڏکڻ ڪوريا ۾ آمريڪا چوندن جي اجازت ڏني ۽ ٻي مهاڀاري جنگ جي ڌيڻ مان نڪتل ڏکڻ ڪوريا ايشيا جي چئن ٽائيگرز مان هڪ سڏجڻ لڳو. ڪوريا جي تاريخ جمهوريت ۽ ملوڪيت جي مختلف دورن تي ٻڌل آهي. تاريخدانن جمهوريت کي ڀهرين ڪان ڇهين ريپبلڪ جو نالو ڏنو آهي. پهرين ريپبلڪ جمهوريت ڪان شروع ٿي ملوڪيت تي ختم ٿي، اهو 1960ع جو ڏهاڪو هُيو. ٻين ريپبلڪ انتهائي جمهوري هئي جنهن کي فوجي راڄ هڪ ئي سال ۾ ختم ڪيو. ٽين چوٿين ۽ پنجين ريپبلڪ چوڻ خاطر هُيون پر اُهي به فوجي راڄ جو پاڇو هُيون. ڇهين ريپبلڪ آهستي آهستي واقعي جمهوري ريپبلڪ بڻي ۽ پهريون پيرو 1992ع ۾ پهريون سويلين صدر چوندجي آيو. 1997ع ۾ قوم معاشي گهوٽالي جو شڪار ٿي پر ان جو مضبوطي سان مقابلو ڪيو ويو.

ڏٺو وڃي ته ڪوريا ۽ پاڪستان جي صورتحال ۾ ڪو گهڻو فرق ڪونهي اُها قوم ايتري اُٿل پٿل جي باوجود به ترقي ڪري پئي پر اسان ڪنهن ڳاٽاٽي ۾ ناهيون. ايئن ڇو آهي؟ ويجهڙ ۾ ٿي آءِ سيئول طبي ڪانفرنس جي سلسلي ۾ ويس صحت سان گڏوگڏ مون اُتان جي سماجي صورتحال، ترقي، معاشيات ۽ تعليم متعلق به ماڻهن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. اتان جا صاف سٿرا، ڪشادا روڊ، خوشحالي، ماڻهن جي سياءُ ۽ عاليشان عمارتن ڪان متاثر ٿي سوچيو ته اها معلومات پنهنجي ديس واسين سان به ونڊجي ۽ پنهنجي ماڻهن کي ٻڌائجي ته ڪيئن نه دُنيا تيزي سان ترقي ڪري رهي آهي. مون ٻين مُلڪن جي ايئرپورٽن تي هڪ عام شئي ڏني اُها اِها ته جڏهن توهان اميگريشن لاءِ پاسپورٽ تي ٺپو هڻائيندا آهيو ته ڪئمرا جي سامهون ويهڻو پوندو آهي. تقريباً هر ملڪ جي ايئرپورٽ تي مون اهو ڏٺو ته ڳاڙهي رنگ سان اُها جڳهه جتي ڪئمرا لاءِ اسان کي ويهڻ گهرجي مخصوص ٽيل هوندي آهي ته جيئن اميگريشن آفيسر کي اِهو نه چوڻو پوي ته هتي نه هُتي ويهه. مون پنهنجي ايئرپورٽ تي اها شئي نه ڏٺي حالانڪ هر ماڻهو کي ايئر پورٽ تي هن عمل مان گذرڻو پوندو آهي. اسان جا حڪمران محسوس ته ڪندا هوندا پر اُنهن ۾ اُن

کي پنهنجي ملڪ ۾ لاڳو ڪرڻ جو چاهه ڪونهي حالانڪه اِن تي ڪُل 100 روپيا هر ايئرپورٽ تي خرچ ٿيندا. ڳاڙهو رنگ ۽ بُرش ڪپي ۽ چار ليڪن وارو چورس.

مون ڪوريا ۾ اُتان جي هڪ همراهه کان ڪوريا جي ترقي جو سبب پڇيو. هُن وراڻيو ته ڪم سان چاهه، محنت، ايمانداري ۽ سُٺ سماءَ جا ادارا وڏا سبب آهن. مون پڇيو ته اها ايمانداري ڪيئن حاصل ٿي؟ وراڻيائين ته ماڻهن جو مُلڪ سان پيار، ميڊيا ۽ اخبارن جو مسئلن کي ڪڍڻ اِنهن سڀني ڪري اُتي ڪرپشن اسانجي مقابلي ۾ گهٽ آهي. اُهو همراهه ڪنهن دوائن جي ڪمپني سان لاڳاپيل هو ۽ پاڪستان اڪثر ايندو ويندو هيو. ٻڌايائين ته اُن جا هتي ڪيترائي دوست هئا، هو ڪنهن دوست جي شادي تي ويو ۽ اچرج جو اظهار ڪيائين ۽ چيائين ته اوهان وٽ شادي جي تقريب چار کان پنج ڏينهن هلندي آهي ۽ گهوٽ هر ڏينهن لاءِ نئون جوڙو سبرائيندو آهي ۽ اهو ڪيترن ئي هزارن رپين جو هوندو آهي. چيائين ته پيسا ته اُنهن وٽ به آهن پر اهي ايتري فضول خرچي ڪونه ڪندا آهن. هُن هڪ ٻيو واقعو به ٻڌايو ته ڪوريا جي ڪا تنظيم هتي ڪنهن چڱي ڪم ۾ پئسا پئي لڳائڻ چاهيا جنهن به سرڪاري دفتر ۾ ويا اتي آفيسر پنهنجو ڪيسو گرم ڪرڻ لاءِ چيو. ساڳي ئي ڳالهه منهنجي هڪ دوست جيڪو WHO ۾ ڪم ڪندو آهي ڪئي. ٻڌايائين ته جڏهن به اسين ڪنهن سرڪاري دفتر ۾ WHO جو پراجيڪٽ کڻي ويندا آهيون اُن ڪاتي جو عملدار پنهنجي جيب خرچي جي ڳالهه ڪندو آهي ۽ چوندو آهي ته هن کي ان پراجيڪٽ شروع ڪرائڻ مان ڪهڙو فائدو ٿيندو.

ڏکڻ ڪوريا ۾ تعليم هاءِ اسڪول تائين مفت ۽ لازمي آهي ۽ هاءِ اسڪول تائين تعليم 100 سيڪڙو آهي باقي يونيورسٽي تائين تعليم 60 سيڪڙو ماڻهو پرائن ٿا. ساڳي ئي ڳالهه هتي مون سان ڪم ڪندڙ بنگلاديشي ڊاڪٽر ڪئي ته بنگلاديش ۾ هاءِ اسڪول تائين تعليم ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ مفت آهي ۽ ڇوڪرين لاءِ يونيورسٽي تعليم به مفت آهي. اسان کي به تعليم طرف خاص ڌيان ڏيڻو پوندو. اسين تعليم بابت ايترا سنجيده ناهيون. اسان جو هڪ دوست جنهن ملڪ جي ماڻهن جي قسمت بدلائڻ لاءِ سڄي زندگي جاکوڙيو پر پنهنجي ٻارن کي نه پڙهايائين پڇيو مانس ته ايئن ڇو؟

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيائين تہ ڪٿي پڙهايان جڏهن تہ هو پنهنجي ڳوٺ جو وڏيرو بہ آهي، اتي اسڪول بہ آهي ۽ هو چاهي تہ ٻارن کي ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پڙهائي سگهي ٿو. پئسي جي ٻُک بہ ڪونہ اٿس. اهو مائينڊسيٽ جو مسئلو آهي. اسان جا ڪيترائي چاڻ سڃاڻ وارا پنهنجي ٻارن کي اهو چئي نہ پڙهائيندا آهن تہ نوڪري ۾ ڇا رکيو آهي يا وري هي پڙهندا تہ دُڪان ڪير هلائيندو. منهنجي پنهنجي پيٽ کي منهنجي پيءُ ۽ ڏاڏي ميٽرڪ ڪانپوءِ پورو سال پڙهڻ نہ ڏنو. مون کي پورو سال اُنهن کي اِهو مڃائڻ ۽ سمجهائڻ ۾ لڳي ويو تہ ڇوڪرين کي هن دور ۾ پڙهڻ گهرجي. ٻارهين جماعت تائين پڙهڻ جي اجازت ڏنائون. انٽر ڪانپوءِ ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهائڻ تي راضي نہ هُئا ڪيترائي جتن ڪرڻا پيا ۽ اُن کي نواب شاهہ ڇڏڻ ۽ وڃڻ جي ذمي کڻڻ تي اجازت ملي. تعليم کي اسان اجا ايتري اهميت ناهي ڏني جيڪڏهن اهميت ڏبي تہ تعليم عام ٿيندي.

ڪوريا طب جي ميدان ۾ بہ گهڻي ترقي ڪئي آهي. شروع ۾ اُنهن آمريڪا کان مدد ورتي، هاڻي هو پاڻيرا آهن اتي هيلٿ انشورنس وارو نظام آهي. آمدني جو 5 سيڪڙو ملازم ۽ 5 سيڪڙو مالڪ ڏيندو آهي. ڌنڌي جي آمدني جي حساب سان انشورنس طئي ٿيندي آهي جيڪي گهٽ آمدني وارا، بي روزگار يا غريب آهن انهن جو علاج مفت ٿيندو آهي. سرڪار اُنهن کي مفت علاج جا ڪارڊ ناهي ڏيندي آهي. جيڪي ماڻهو انشورنس ٿيل آهن اُهي پوري علاج جي خرچ جو فقط 10 سيڪڙو ادا ڪندا باقي سمورو سرڪار ڀريندي. ڇاڪاڻ تہ اهڙي انشورنس هڪ سرڪاري انشورنس ڪمپني ۾ ٿيندي آهي.

اسان کي اسپتال آسان (AASAN) جي نالي سان ڏيکاري وئي.

اُها اسپتال هُنڊائي ڪمپني جي مالڪ ٺهرائي هئي جيڪا بنا فائدي ۽ نقصان واري فلسفي تحت هلي پئي ۽ اُن مان هزارين ماڻهو فائدو حاصل ڪن پيا. اُن اسپتال ۾ جگر جي تبديلي جا 3000 آپريشن 10 سالن ۾ ٿي چڪا آهن. اُها اسپتال دل، ٻلبلي ۽ گردي جي پيوندڪاري بہ ڪري پئي مون بين القوامي شعبي جي سربراهہ جيڪو اسان کي اسپتال جو دورو ڪرائي رهيو هيو کان پڇيو تہ جيڪڏهن ڪو پاڪستاني جگر جي خرابي جو مريض اوهان وٽ پيوندڪاري لاءِ اچي تہ ڪيترا پئسا خرچ ٿيندا؟ چيائين تہ 10 هزار ڊالر (9 لک

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روپيا) جڏهن ته انڊيا ۾ 60 لک ۽ برطانيا ۾ هڪ ڪروڙ خرچ ٿيو وڃي.

هونئن ته ڏکڻ ڪوريا ڪافي مهانگو لڳو. ڪرنسي وان (Wan) آهي ۽ پاڪستاني هڪ روپئي ۾ ساڍا ٻارنهن ڪورين وان ملندا، پر قيمتون به هزارن وان (Wan) ۾ هيون مون کي لڳو ته اسين نسبتاً بهتر آهيون. نئين ڪار ته مون هڪ به نه ڏٺي. ها اِهو ضرور آهي ته هو پنهنجي ئي ڪمپني جون ڪارون هلائين ٿا جيئن ڪيئا، هنڊائي وغيره. 90 سيڪڙو اهي ئي گاڏيون نظر آيون هڪ سيڪڙو کان گهٽ ٻاهر جون ڪارون نظر آيون. اسان کي جيڪا ڪيئا انهن ڏني اها مزيدار نه هئي ۽ نه هلي پر اُنهن وٽ مون نوان ۽ شاندار ماڊل ڏٺا. انجنيئرنگ ۾ به ترقي ڪئي اٿائون، اليڪٽرانڪ ۾ به اڳيرا آهن. ان سڄي علائقي ۾ چين، ڪوريا، جاپان ۽ ٿائيلينڊ وغيره ۾ ماڻهو صبح سويرئي ڪم شروع ڪريو ڇڏين. صبح جو 7 وڳي کان ڪم شروع ٿيندو آهي، آفيس ۾ ساڍي اٺين وڳي اچڻ ضروري آهي دُڪان 9 لڳي کليو وڃن. اسان وٽ آفيسون 10 کان اڳ ڪونه ٿيون کلن ۽ دڪان 12 کان اڳ ڪونه ٿا کلن. مون هڪ چيني کان چين جي ترقي جا سبب پڇيا ته ٻڌايائين ته انهن وٽ ماڻهو صبح جو 7 بجي کان ڪم شروع ڪندا آهن ۽ ڏاڍا محنتي آهن ۽ ڪرپشن انهن وٽ ڪافي گهٽ آهي. نظام ڪهڙو به آهي ماڻهن جي پنهنجي خواهش ڏاڍي اهم آهي ته هو ڇا ٿا چاهين. ان دنيا پنهنجي 100 سيڪڙو عوام کي ڪم سان لڳايو آهي عورتون ۽ مرد ٻئي ڪم ڪن ٿا. اسان وٽ 50 سيڪڙو آبادي ڪم تي ڪري ۽ باقي 50 سيڪڙو معاشي ترقي ۾ هٿ ڪونه ٿي ونڊائي. هاڻي ڪجهه سالن کان بهتري نظر اچي ٿي ۽ ڇوڪرين جي تعليم حاصل ڪرڻ جو انگ وڌيو آهي پر ان مان به ڪيترين ئي تعليم ڪانپوءِ گهر داري کي لڳيو وڃن. جيستائين ڪم ڪندڙ ماڻهن جو تعداد نه وڌائبو تيستائين ترقي نه ٿيندي. ڪوريائي ماڻهو ڏاڍا جاکوڙي ۽ ايماندار لڳا موڪل واري ڏينهن به روڊ پئي ڌوتا ويا مونکي ڪٿي مٽي نظر نه آئي ۽ ميٽرو ٽرين به شاندار هئي.

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا مون يورپ جي ٻين ملڪن ۾ به محسوس ڪئي اُها اِها ته ماڻهو پنهنجي ڪم ۾ مست هئا مون هر ڪنهن کي پڙهندي يا وري ڪن تي ميوزڪ لڳائي خاموش ويٺي ڏٺو. هرو ڀرو جي جاڙي ڪونه پئي هنيائون. ماڻهو ڏاڍا ڊسيپلين وارا هئا. ڪڏهن به قطار ڪونه پئي ٽوڙيائون. مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن کي هڪ ٻئي سان روڊ تي جهڳڙو ڪندي نہ ڏٺو. ملنسار ۽ خوش اخلاق پڻ هئا. دُڪان تي چڙهي پلي انهن جو وقت وڃائي ڪجهہ خريد نہ بہ ڪيو تڏهن بہ جهڪي مسڪرائي اوهان کي خدا حافظ چوندا. ڏکڻ ڪوريا آزادي ڪانپوءِ جيڪو وڏو ڪم ڪيو اُن ۾ زمين جي ورهاست اهم آهي. 1949ع جي قانون تحت غير حاضر زميندار ي ختم ڪئي وئي ۽ 7.4 ايڪڙ زمين کان وڌيڪ زمين هارين کي ڏني وئي. اِن طرح وڏيون زميندايون ختم ڪيون ويون ۽ زمين جي سراسري حد 2.5 ايڪڙ تي وئي. ان ڪري نو آبادياتي وڏيري ڪلاس کي ختم ڪيو ويو. 1947ع ۾ ڪرنسي بحران جنهن کي ”آءِ ايم ايف ڪرائسز“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو مُلڪ کي لوڏي وڌو. معاشي تباهي کان بچڻ لاءِ ڏکڻ ڪوريا کي انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ کان مدد حاصل ڪرڻي پئي جنهن ڪري وڏيون بئنڪون ۽ ڪارخانا بند ڪيا ويا. ان بحران ۾ عوام پنهنجو سون سرڪار جي خزاني ۾ جمع ڪرايو. ڏکڻ ڪوريا اهو ڏک خوبصورتي سان پچائي ويو ۽ 1998ع ۾ ان جي GDP ھيٺ تي تي وئي ۽ هاڻ ڏکڻ ڪوريا جي معيشت پندرهين وڏي معيشت آهي. 1997ع جي بحران ۾ ڪوريا کي IMF کان 60 بلين ڊالر جي مدد وٺڻي پئي ۽ ان جي بدلي ۾ انهن کي واڌو اپت جي سگهہ ختم ڪرڻي پئي ۽ 14 وڏا ادارا ٺپ ٿي ويا جنهن ۾ Daewoo بہ شامل هيو. سام سنگ اليڪٽرانڪ ان نقصان کان آجي رهي. ان زماني ۾ ڪوريا کي 32 وڏين بئنڪن مان 12 بئنڪون بند ڪرڻيون پيون. 60 بلين ڊالر جا قرض معاف ڪرڻا پيا ۽ باقي بچيل بئنڪن جي خزاني ۾ پئسا وجهي ان کي سگهارو ڪيو ويو. ان زماني ۾ 1.4 ملين يعني 7 سيڪڙو ماڻهو پنهنجي نوڪرين تان هٿ ڌوئي ويٺا پر اها ڪورين جي محنتي هجڻ جي عادت هئي تنهن ڪري هو ان صدمي کي برداشت ڪري ويا ۽ عوام پنهنجي قوم کي بچائڻ لاءِ وڌيڪ بچت ۽ گهٽ خرچ واري پاليسي تي عمل ڪيو. ڪنهن زماني ۾ اسان جي ملڪ ۾ کنڊ جو بحران ٿيو مون ڪيترن ئي ماڻهن کي چيو تہ اوهان کنڊ کائڻ ڇڏي ڏيو ڏسو تہ ڪيئن نہ کنڊ سستي ٿي ٿئي ڇاڪاڻ تہ کنڊ زندگي گذارڻ لاءِ ڪو اهم ڪاڌو ڪونهي، ماڻهو کنڊ کان سواءِ جيئرو رهي سگهي ٿو جيڪڏهن ڏسجي تہ کنڊ نہ کائڻ يا گهٽ کائڻ جا فائدا انيڪ آهن. ٿولهہ نہ ٿيندي، ذيابيطس کان بچبو ۽ پئسي جي بچت ٿيندي پر ماڻهو ڪٿي ٿا ائين سوچين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاهي 200 روپيا ڪلو ملي ڪائبي ضرور. جيستائين چانهہ ۾ چار چمچا نہ وجهبا، چانهہ نہ پيئبي. ڪوريائي ماڻهن پنهنجو سون سرڪاري خزاني ۾ جمع ڪرائي پنهنجي سرڪار جو ساٿ ڏنو. سخت محنت ڪري ملڪ کي بحران مان ڪڍيو ۽ هڪ ننڍڙي دڪان جي مالڪ ”ڪم“ چيو تہ مان نند گهٽائي ڇڏي، محنت وڌائي ڇڏي ۽ بچت وڌائي ڇڏي. ” بچت – بچت ۽ فقط بچت“ معاشي علم جا ماهر چون ٿا تہ قرض گهٽايو ۽ تعليم ۽ ٻين اهڙن ڪمن تي پئسا لڳايو جنهن مان اُپت وڌي تہ معاشي ترقي ضرور ايندي.

Kang Man-soo جيڪو فنانس منسٽري ۾ وائس منسٽر هيو ان جو چوڻ آهي تہ تعليم سان لڳاءُ ۽ پاڻ تي اعتماد اسان کي 1997ع واري پونچال مان ٻاهر ڪڍيو، اڄ ڪوريا خوشحال آهي. ڊيوو، ڪيئا، سام سنگ ۽ L. G جهڙيون ڪمپنيون اٿس. ڪوريا جي حالت 1945ع ۾ جاپان کان آزادي وقت اسان کان ڪا گهٽي مختلف نہ هئي پر انهن ترقي ڪئي اسان بہ ترقي ڪري سگهون ٿا. اسان کي تعليم طرف ڌيان ڏيڻو پوندو. نوان اسڪول کولڻا پوندا. يونيورسٽي تعليم کي سگهارو ڪرڻو پوندو، خوشحالي ضرور ايندي.

*افيئر مئيگزين،*
*آڪٽوبر 31، 2011*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ملائيشيا ۾ خوشحالي!

پلي پلئون جو چيهہ ناهي پر ملائيشيا ويجهڙ واري دور ۾ جيڪا ترقي ڪئي آهي سا پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ملڪن جي ترقي ۽ زوال جون ڳالهيون ڪنين پڌيون آهن. اڪين جيستائين ڪا شئي نٿي ڏسجي تہ اعتبار بہ اڌورو رهندو آهي، پر پاڻ وچي ڏٺي هٽي سڌا ملائيشيا نڪتاسين سو جهڙو پڌو سين تهڙو ڏٺو سين. ملائيشيا ڪهڙي قسم جو ملڪ آهي؟ اتي ڪهڙي قسم جا ماڻهو رهن ٿا؟ ڪهڙا مذهبي خيال رکندڙ ماڻهو آهن؟ اتان جي معيشت وڌئون وڌ آهي يا بنهہ پويان پير اٿس. اهو سمجهڻ لاءِ ملائيشيا جو تاريخي پسمنظر ڄاڻڻو پوندو، اڇو تہ ان تي هڪ نظر وجهون.

ملائيشيا 13 رياستن تي مشتمل ملڪ آهي، ڪل ايراضي 2 لک 29 هزار اٺ سو 47 اسڪوائر ڪلوميٽر آهي. گادي جو هنڌ ڪوالالمپور اٿس. هي ملڪ ڏکڻ چيني سمنڊ جي ذريعي ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، ملائيشيا جون سرحدون ٿائلينڊ سان ملن ٿيون. آبهوا گهميل آهي، حڪومت جو ڪاروبار پارليامينٽ هلائي ٿي ۽ وزيراعظم ان جو سربراهہ هوندو آهي. 1963ع تائين هاڻوڪي ملائيشيا جو نالو نشان نہ هو. برطانيا ڪجهہ ڪالونيون ناهيون هيون ۽ انهن ڪالونين کي برٽش ملايا چيو ويندو هو. 1946ع ۾ ان کي ختم ڪيو ويو ۽ فيڊريشن آف ملائي جي طرز تي جوڙجڪ ٿي ۽ آفريقا 1957ع ۾ آزاد قوم طور وجود ۾ آيو. سنگاپور، سراواڪ ، برٽش نارٿ بورنيو ۽ فيڊريشن آف ملائي 16 سيپٽمبر 1963ع ۾ ملائيشيا جي نالي تي وجود ۾ آيو. شروع ۾ ئي انڊونيشيا سان چڪتاڻ رهي ۽ سنگاپور الڳ ٿي ويو. سائوٿ ايسٽ نيشن ۾ معاشي ترقي 20 هين صدي ڏاري تمام گهٽي ٿي تڏهن جي ڊي پي 13 هزار آمريڪن ڊالر هئي ۽ هميشہ نئين انڊسٽريل ملڪ طور تي سڃاتو ويندو هو. ملائيشيا دنيا ۾ ٽن، ربڙ ۽ پام آئل مهيا ڪندڙ ملڪ رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملئي ملائيشيا ۾ گهڻائي ۾ آهن چيني ۽ هندو به رهن ٿا اسلام سڀ کان وڏو ۽ سرڪاري مذهب آهي. ملئي سرڪاري ٻولي آهي. ملئي اوائلي طور تي جاوي ۾ لکي ويندي هئي ۽ اسڪرپٽ عربي هوندو هو پر اڄڪلهه رومن رسم الخط اڪثر ڪري استعمال ۾ اچي ٿي. ملائيشيا ايسوسيئيشن آف سائوٿ ايسٽ ايشين نيشنس جو بنيادي ميمبر، ڪامن ويلٿ ۽ اسرنڊز ائن ملڪن جو ميمبر به آهي. اهو سچ آهي ته 1980ع کان 1990ع جي ڏهاڪي ۾ ملائيشيا مهاتير محمد جي سربراهي ۾ وڏي ترقي ڪئي ان ئي زماني ۾ ملڪ زرعي معاشي ملڪ مان صنعتي ملڪ بڻيو. ڪمپيوٽر ۽ اليڪٽرانڪ جي پيداوار ۾ واڌارو آيو. جيڪڏهن اسان پنهنجي ملڪ سان ان کي ڀيٽيون ته اسين ايگريڪلچرل ملڪ هوندي به اناج جي کوٽ کي منهن ڏئي رهيا آهيون. انڊسٽري هٽڻ ۽ ٻين شعبن ۾ ترقي ڪرڻ ته پري جي ڳالهه آهي.

1990ع ۾ ئي ملائيشيا ڪنهن قدر معاشي پيچ ڊاهه جو به شڪار رهيو. مهاتير محمد جيڪو وڏي عرصيٰ تائين حڪمران رهيو 2003ع ۾ پنهنجي اسسٽنٽ جي حق ۾ رٽائر ڪيو. اها سوچ به اسان وٽ اڻلڀ آهي. ملائشيا ۾ ماڻهو هاڻوڪي حڪومت مان خوش ناهن چاڪاڻ ته هن دور ۾ مهانگائي وڌي آهي. 2007ع ۾ حڪومت خلاف جلسا جلوس نڪتا جڏهن ته رشوت ۽ چونڊن جي طريقيڪار تي تنقيد ڪئي وئي. هندو آبادي طرفان به جلوس ڪڍيا ويا جنهن ۾ اهو چيو ويو ته مسلمانن کي وڌيڪ اهميت ڏني پئي وڃي.

”مهاتير جي زماني ۾ اقليتن سان ايئن نه ٿيندو هو“ مون کي هڪ هندو ڊرائيور ٻڌايو. پيٽرول اڳ ۾ 1.80 رنگٽ هڪ رنگٽ 24 رپيا ۾ هو ۽ هاڻي اهو 2.90 رنگٽ ۾ ملي ٿو. چانور اڳ ۾ 1.60 رنگٽ في ڪلوهئا هاڻي 3.80 رنگٽ في ڪلو تي ويا آهن. هر رياست جي معاشي ترقي ۾ ڪجهه الڳ شين جو حصو آهي، لنڪاوي سياحت مان ڪمائي ٿو. زراعت، فش فارمنگ به آمدني جا ذريعا آهن. لنڪاوي ننڍڙو خوبصورت ٻيٽ آهي. ملائيشيا وڃڻ کان پوءِ اهو ٻيٽ گهٽ ۾ گهٽ ڏسڻ نه وسارڻ گهرجي نه ته حسرت رهجي ويندي.

معاشي طرح ملائيشيا گهڻو اڳتي آهي، سال 2005ع ۾ جي ڊي پي 6.5 سيڪڙو تائين هئي، ٻاهرين ۽ ملڪي سيڙپ ملائيشيا کي آسمان تي پهچائي ڇڏيو آهي. واضح رهي ته 2020ع تائين نيشنل ويزن پاليسي تحت

ملائيشيا ترقي يافتہ معاشي ملڪ ۾ بدلجي ويندو. لنڪاوي ۾ ڏوھ ھڪ سيڪڙو کان بہ گھٽ آھن. آبادي 75 ھزار ۽ ايراضي 4 سئو اسڪوائر ڪلوميٽر اٿس. ھتي ھڪ ”مانگر مڇ“ فارم آھي جنھن ۾ ھزار کان وڌيڪ مانگر مڇ آھن. اسان وٽ منگھي پير ۾ مانگر مڇ آھن پر ھن کي تفريحي جاءِ طور ڪونھي ٺاھيو ويو جڏھن تہ لنڪاوي ۾ اھو ماڻھن جي تفريح لاءِ ٺاھيو ويو آھي. ان مان پئسا بہ ڪمايا پيا وڃن. سانگھڙ ضلعي ۾ چوٽياري ۾ مانگر مڇ موجود آھن پر ان کي بہ سير تفريح جي جڳھ طور متعارف ڪونھي ڪرايو ويو. اھو نارا ڪئنال جي ڪاھي ڪپ تي آھي ۽ اھو اوڀر ۾ سانگھڙ کان 30 ڪلوميٽر پري آھي. چوٽياري ڊنڊ کي سياحت لاءِ استعمال ڪري سگھجي ٿو. ان طرف جيڪڏھن ڌيان ڏنو وڃي تہ ڪا مشڪل ڪونھي تہ ھي ملڪ ترقي ڪري ۽ وڌي ويجھي.

ملائيشيا ۾ تعليم ميٽرڪ تائين مفت آھي ۽ ڪتاب بہ شاگردن کي سرڪار ڏيندي آھي تنھن ڪري تعليم سئو سيڪڙو آھي. مون ماڻھن کان غربت لاءِ پڇيو تہ وراڻي ڏنائون تہ ھاڻ ملائيشيا ۾ غربت ڪونھي سيڪو خوشحال آھي. صحت جي صورتحال بہ بھتر آھي. اڪثر ماڻھن جي انشورنس ٿيل آھي. مون وٽ چئن قسمن جون انشورنس ٿيل آھن، مون کي ھڪ ملائيشين ڊرائيور فخر سان ٻڌايو.

سرڪاري اسپتالن ۾ عام ڊاڪٽر ھڪ ”رنگٽ“ (پاڪستاني 24 روپين) ۾ چڪاس ڪندو ۽ ماھر ڊاڪٽر 5 رنگٽن ۾ مريض جو علاج ڪندو. سرڪار ڪوشش ڪري دوائون بہ مھيا ڪندي آھي پر مھانگيون دوائون مريض پاڻ خريد ڪن ٿا يا انشورنس وارن کان وٺن ٿا. تجربيڪار اسٽاف نرس جي پگھار 3 ھزار رنگٽ آھي. سرڪاري ملازمن ۽ ان جي ٻارن جو علاج مفت ڪيو ويندو آھي جنھن لاءِ ذميوار سرڪار ھوندي آھي. 14 رياستن مان 5 جو دارو مدار سياحت ۽ انڊسٽري تي آھي، باقي رياستن جو دارو مدار زراعت تي آھي. اڄڪلھ سرڪار انھن 9 مان 5 کي وڌيڪ ترقي يافتہ بڻائڻ جي جدوجھد پئي ڪري. صحت کاتي طرفان عضون جي عطيي لاءِ ملائيشيا ۾ پوسٽر ذريعي مھم ھلائي ويندي آھي. عضون جي عطئي جو قانون اسان وٽ بہ موجود آھي پر حڪومت ان ۾ ڪابہ دلچسپي ڪانہ ٿي وٺي.

*روزاني عوامي آواز، آچر 16 نومبر 2008ع*

# ٿائلينڊ

جيڪا قوم 1932ع تائين بادشاهت جي ڇانو ۾ رهي ۽ اُن کان اڳ ڪيتري ئي پيچ ڏاهه جو شڪار رهي ۽ 1932ع کان اٽڪل 60 سالن تائين فوجي راڄ جي ڇپر ڇايا هيٺ رهي تنهن هيستائين ايتري ترقي ڪيئن ڪئي. ڪافي سوچڻ کانپوءِ مون اِهو طئي ڪيو تہ اِهو سڀ ڪجهہ انهن جمهوريت، سخت محنت، ڪم سان سچائي، ۽ ايمانداري ڪري حاصل ڪيو. وڏن ماڻهن جي بي ايماني جا قصا اُتي بہ ٻڌڻ ۾ ايندا رهندا آهن پر تلهي ليکي عام ماڻهو ڏاڍو محنتي ۽ ايماندار آهي. هر وقت هٽ جوڙي ملڻ ۽ مسڪرائڻ اِهو اُنهن ڪي پنهنجي ڪلچر سيڪاريو آهي ۽ شايد اِها انهن جي ضرورت پڻ آهي. 1932ع کان اڳ ڪڏنهن برمي، ڪڏهن جاپاني تہ ڪڏهن فرينچ متس ڪاهون ڪندا رهيا پر ڪامياب نہ ٿيا.

ٿائلينڊ 1932ع ۾نج بادشاهت مان جند ڇڏائي ۽ فوج آئيني بادشاهت قائم ڪئي. 1973ع کان ڪمزور جمهوريت جو وجود پيو. 1976ع ۾ هي وري فوج آئي، 1976ع ۾ وري جمهوريت آئي ۽ 1991ع ۾ وري فوج آئي ۽ اها ڪوئي ٻلي جي راند هلندي رهي.

23 ڊسمبر 2007ع واري اليڪشن ۾ وري سويلين سرڪار قائم ٿي. 2008ع ۾ وري مظاهرا ٿيا ۽ 3 جولاءِ 2011ع واري اليڪشن ۾ مخالف اليڪشن کٽي آيا. جيڪڏهن ڏسجي تہ 1932ع کان پوءِ ايتري اُٿل پٿل جي باوجود بہ ٿائي قوم ترقي ڪندي هِن منزل تي پهتي آهي تہ منهنجي خيال ۾ ان ترقي جي پنيان عام ماڻهو جي سخت محنت، ڪم سان لڳاءُ ۽ ايمانداري ئي لڪل آهي. اِن سياسي رسا ڪشي ۽ جلدي جلدي حڪومتن جو تبديل ٿيڻ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن بادشاهت، ڪڏهن فوج، ڪڏهن سويلين اهو هلندو رهيو. بادشاهن جو ماريو وڃڻ، سياستدانن جون هڪ ٻئي خلاف سازشون اسان لاءِ سڀ اوپريون ڪونہ آهن. لڳي ائين ٿو جو عوام پنهنجي ترقي جو سفر هر حال ۾ جاري رکڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ هُو پنهنجي منزل ڏانهن گامزن آهي. مون کي ٿورو ياد ٿو پوي تہ ٿائي اخبار ۾ لکيل هُيو تہ هن دفعي ڪا عورت وزيراعظم بہ بڻبي.

ٿائي معاشي ڍانچو مال جي وڪري ۽ خدمتن واري شخصيت تي ٻڌل آهي، اِهو 2010ع ۾ GDP جو 70 سيڪڙو هيو. ٿائيلينڊ 1998ع- 1997ع جي ايشين فنانشل پيچ ڏاهہ مان بہ پاڻ کي ڪڍي آيو GDP جيڪا 2001ع ۾ هئي اها 2001-2006ع ۾ 7.1٪ تي وئي. ڀرپائين معاشي ترقي آمريڪا ۽ ٻين مُلڪن جي مارڪيٽ جي ڳيجهو هئي ان کي وزيراعظم ٿاڪسن بہ طرفو ڪيو، هڪ ڪليل مارڪيٽ ۽ ٻيون ٻاهرين سيڙپ.

2011ع ۾ معاشيات ٻاهرين منڊين ۽ پنهنجي مُلڪ ۾ کپت تي مشتمل هوندي. مزدور طبقو ڇڙو ڇڙ ۽ ڪٿي ڪٿي آرگنائيزڊ آهي. ريلوي جي مزدورن ننڍڙي پيماني تي هڙتال ڪئي جيڪا ڪارائتي رهي تنهن ڪري ڪارخانيدار هاڻ ٺيڪي تي مزدور پرتي ڪن ٿا ۽ اُن جو سبب هُو اهو ٿا ڄاڻائين تہ جيئن خراب معاشي صورتحال ۾ هُو پنهنجي انڊسٽري کي نقصان کان بچائي سگهن. مزدورن جا حمايتي هِن کي مزدور کي ڪمزور ڪرڻ جي برابر سمجهن ٿا.

مزدورن جو 40 سيڪڙو زراعت ۾ ٿو ڪم ڪري جڏهن تہ زراعت GDP جو 12٪ آهي. ٿائيلينڊ دُنيا جو چانورن وڪڻڻ وارو سڀ کان وڏو مُلڪ آهي. جيڪڏهن اسين پنهنجي مُلڪ تي نظر وجهون تہ اِهو اعزاز اسان کي بہ حاصل هجڻ گهرجي ڇا ڪاڻ تہ اسين بہ ايگريڪلچرل ملڪ آهيون. ٻيون شيون جيڪي ٿائيلينڊ دُنيا کي وڪڻندو آهي اُهي آهن مڇي، ربڙ، مڪئي، کنڊ، دٻي بند ڪاڏا جهڙوڪ ٽيونا مڇي، پائن ايپل ۽ جهينگا (Frozen Prawns). ٿائيلينڊ جون ٻيون ترقي ڪندڙ صنعتون آهن ڪمپيوٽر، اليڪٽرانڪس، فرنيچر، دٻن ۾ بند ڪاڏا، پلاسٽڪ، جيولري ۽ پٿر، گاڏيون، هارڊ ڊسڪ، سرڪٽس ۽ اليڪٽرانڪ جو ٻيو سامان ٻاهرين مُلڪن ۾ وڏي تعداد ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي بہ پنهنجون شيون معياري ٻڌائي ٻين مُلڪن ۾ وڪرو ڪرڻ جو بندوبست ڪرڻو پوندو. پهريون دفعو اسان جا انب آمريڪا ۾ وڪرو ٿيا آهن. ڪنهن زماني ۾ اسان جي ٽيڪسٽائل، فٽ بال ۽ ٻيون ڪيٽريون ئي شيون ٻاهر وڪرو ٿينديون هيون. اسان کي اِن طرف ڌيان ڏيڻو پوندو. مون کي هڪ همراهہ جيڪو ڪئناڊا ۾ رهندو آهي ٻڌايائين تہ اُتي هُن هڪ شرٽ خريد ڪئي جنهن تي ميڊ اِن بنگلاديش لکيل هيو جڏهن تہ بنگلاديش فٽي ٻاهران خريد ڪندو آهي. ٽورزم ٿائي معاشيات ۾ 6% واڌارو ڪري ٿو. اپريل 2010ع جي چڪتاڻ اِن انڊسٽري کي نقصان پهچايو ۽ ٽورزم کي ڪجهہ ڌڪ رسيو ۾ ٽورزم جنوري ۽ نومبر ۾ 12.7% وڌيڪ رهيو. بئنڪاڪ ۽ ڀرپاسي جي معاشي حالت گهٽي چڱي آهي پر نارٿ ايسٽ علائقو پوئتي پيل آهي. حڪومت اُنهن علائقن جي ترقي لاءِ قدم کڻي پئي، ٿائلينڊ ۾ انجنيئر ۽ ٽيڪنيڪل ماڻهن جي کمي آهي جنهن اُن جي انڊسٽريل ترقي کي ڪجهہ ڌڪ رسايو آهي تنهن هوندي بہ سرڪار 2015ع تائين انڊسٽري مان GDPجو 12%کان 20%تائين جو فائدو حاصل ڪرڻ جو ٽارگيٽ رکيو آهي. ٿائلينڊ جي في ماڻهو آمدني 4716 ڊالر آهي ۽ بي روزگاري ڪُل ليبر فورس جو هڪ سيڪڙو آهي. ساليانو GDP۾ واڌارو 7.8% آهي ۽ زراعت جي آمدني GDP جو 12%آهي.

ٿائلينڊ 60 ملين کان وڌيڪ آبادي جو ملڪ آهي. 90 سيڪڙو کان وڌيڪ ماڻهو ٻڌ ڌرم جا پوئلڳ آهن. باقي 10 سيڪڙو يا اُن کان گهٽ ڪرسچن، هندو ۽ مسلمان آهن. هڪ ترجمان ڏاڍي فخر سان ٻڌايو تہ ٿائلينڊ ساؤٿ ايسٽ ايشيا جو اُهو مُلڪ آهي جيڪو ڪڏهن بہ ڪنهن جي نو آبادي ڪونهي رهيو. ها مختلف وقتن تي ڌڪيا ڏينهن ضرور ڏٺا اٿائين. جنسي ڪاروبار متعلق مون جڏهن ڪائنس پڇيو تہ اِهو هن ملڪ ۾ ڪڏهن کان وجود ۾ آيو تہ ندامت مان ٻڌايائين تہ جڏهن آمريڪن ٻي مها ڀاري لڙائي دوران ٽڪجي پوندا هُئا تہ پٽايا ٻيٽ تي آرام ۽ عياشي ڪرڻ ايندا هُئا اُن وقت اسانجو ملڪ غريب هُئو غربت تمام عام هُئي. آمريڪا وارا پئسي وارا هئا ۽ اُن زماني ۾ جنسي ڪاروبار هڪ انڊسٽري وانگيان شروع ٿي ويو ۽ آمريڪن پئسي جي زور تہ پنهنجو سُک ۽ آرام خريد ڪندا هُئا. هاڻ اِهو ٿائلينڊ جي ڪجهہ حصن ۾ عام آهي. اِن ڏک دائڪ پاسي کان علاوه باقي گهٽو ڪجهہ

هن مُلڪ ۾ آهي جيڪو ڏسڻ وٽان آهي جنهن هِن مُلڪ کي ٽورزم جو گڙهه بڻايو آهي. انتهائي خوبصورتي ۽ مهارت سان جنهن طرح اِنهن گهمڻ ڦرڻ جا ماڳ سينگاريا آهن اُنهن ۾ آرٽ، ڪلچر ۽ سائنس پري آهي اِهو ڏسڻ وٽان آهي. پهريائين تہ اِهو مُلڪ فقط زراعت تي پاڙيندو هُيو خاص ڪري چانور جي فصل تي پر هاڻ اليڪٽرانڪ انڊسٽري، ڪپڙو، قيمتي پٿر، سون ۽ چاندي جا زيور ۽ هاڻ سياحت جو اُنهن جي معاشي ترقي ۾ بہ وڏو عمل دخل آهي.

ٿائلينڊ جيئن تہ سامونڊي ڪنارن جو مُلڪ آهي اتي ڪيترائي بيٽ آهن تنهن ڪري گرمي جي زماني ۾ سياح ان پاسي جو رُخ ڪندا آهن. اِن کان علاوه اِنهن پنهنجا عجائب گهر، تفريحي ماڳ ايتري تہ خوبصورتي سان جديد انداز ۾ ٺاهيا آهن جو ماڻهو داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نہ سگهندا. هلڪي هلڪي برسات جيڪا اڪثر ٿيندي رهندي آهي اُها اِن کي وڌيڪ خوبصورت بڻايو ڇڏي. پتايا، (Pataya)، فڪيٽ (Phuket)، في في (Phi Phi)، جيمس بانڊ، ڪرابي (Karabi) ۽ ان کان علاوه بيا ڪيترائي بيٽ آهن جيڪي سياحن کي پاڻ ڏانهن ڇڪين ٿا. شنگهائي اسانجي ناردرن علائقن وانگر پهاڙي علائقو آهي ۽ بئنڪاڪ وڏو شهر جتي وڏا وڏا شاپنگ مال ۽ ڪشادا خوبصورت روڊ، وڏا وڏا هوٽل ۽ مندر ملندا اِن کان علاوه سياحن لاءِ گهمڻ جون ڪيتريون ئي جڳهيون آهن. بهر حال اُنهن Tourism کي بہ پنهنجي مُلڪ لاءِ هڪ وڏي آمدني جو ذريعو بڻايو آهي ۽ هر سال 10 لک ماڻهو اِن مُلڪ ۾ سير تفريح لاءِ ايندا آهن. هڪ ڇوڪري ڪئناڊا مان ڪهي آئي ۽ 10 ڏينهن لاءِ فڪيٽ بيٽ تي رهي اُن جي پرپاسي جا بيٽ ڏسڻ آئي هُئي. جنهن ڪمپني ۾ ڪم ڪندي هئي اُن جي برانچ بئنڪاڪ ۾ بہ هُئي. گائيڊ اِهو بہ ٻڌايو تہ سامونڊي ڪنارن جي ڪري ٻين ملڪن مان سياح تفريح لاءِ ايندا هئا. جنهن کي ڏسندي اسانجي حڪومت فيصلو ڪيو تہ ڇو نہ ٽورزم کي ترقي وٺرائجي ۽ اِن مان پئسو ڪمائجي ۽ اُن گائيڊ جو خيال هُيو تہ تقريباً 2 ملين کان وڌيڪ ماڻهو اِن انڊسٽري سان لاڳاپيل آهن ۽ گذر سفر ڪن ٿا. هاڻ ٿائليند جا شهر ۽ سامونڊي ڪنارن (Beaches) وارا علائقا خوشحال آهن. ڳوٺ ايترا خوشحال ڪونهن پر بهتر حالت ۾ آهن ڀيو تہ ڳوٺن ۾ گذر سفر نسبتاً سولو آهي. شيون سستيون آهي تنهن ڪري ماڻهن جو گذارو ٺي ويندو آهي. ڳوٺن جو آمدني جو ذريعو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زراعت ۽ پرياسي ۾ وڏي صنعت آهي جتي هُو نوڪريون ڪندا آهن ۽ ماڻهو ڏاڍا محنتي آهن.

هڪ ڊرائيور ٻڌايو ته هُو هڪ ڳوٺ مان بئنڪاڪ نوڪري ڪرڻ ايندو آهي. صبح جو 4 لڳي اُتان موٽر سائيڪل تي نڪرندو آهي ۽ شام جو 6 وڳي تائين نوڪري ڪندو آهي. 9000 بات ۽ ٿورو گهڻي بخشيش ملندي اٿس ۽ هُو خوش آهي. ها ايترو ضرور پئي چيائين (ڏک وِچان) ته هتي اميرن وٽ وڏيون وڏيون ڪارون آهن ۽ غريبن وٽ موٽر سائيڪلون. وڌيڪ چيائين ته مان پنهنجي زندگي مان خوش آهيان ۽ ڊرائيونگ ڪرڻ ۾ مونکي مزو ايندو آهي. پڇڻ تي ٻڌايائين ته اُنهن وٽ ڳوٺن ۾ به پڪا روڊ، بجلي، پاڻي، ۽ پڪا گهر، ٽي وي، فرج ۽ ٻيون سڀ سهولتيون آهن پر شهرن کان آمدني گهٽ آهي ۽ زندگي سادگي سان گذرندي آهي. مون ٻارن جي تعداد جو پڇيو ته چيائين شهرن ۾ 2 کان 3 ۽ ٻهراڙي ۾ ست، اٺ، نو، ڏهه. يارنهن به ٿي سگهن ٿا. هڪ پئي ترجمان سراسري ڄمر جو انگ 6 ٻڌايو.

هتي سياحن جي گهڻائي چائنا، انڊيا، جاپان، ڪوريا جي هئي، يورپ ۽ آمريڪا جا سياح به نظر آيا اُهي گهڻو ڪري پتايا بيٽ تي نظر آيا پوڙها انگريز جوان ڇوڪرين کي وٺيون وينا هئا. انڊين گهڻو ڪري گروپن ۾، ڪجهه اڪيلا ۽ ڪجهه وري خاندان به نظر آيا. چائنيز گهڻو ڪري وڏن گروپس ۾ گهمندا آهن ۽ ٻارين ٻچين نظر آيا. انڊين ڇڙا ٽولن ۾ ڇُڪڙي جي چڪر ۾ مست، خاندان وارا گهمڻ ڦرڻ ۾ مشغول ۽ چائنيز راند ۽ ٻين سهوليتن کان پئي مزا ورتا. پاڪستاني ڪجهه ڪجهه نظر آيا، ڪجهه ڇڙا ته ڪجهه ٻارين ٻچي. ٻين مُلڪن جا ماڻهو به هُئا، بحرين، مصر، شام وغيره وغيره. هڪ بحريني خاندان مليو همراه پنهنجي گوڏن جي تبديلي لاءِ 4 دفعا اڳي ڇُڪو هيو.

اُتي هاڻ بادشاهه سرڪار جي ڪمن ۾ ڪا به مداخلت ڪونهي ڪندو ۽ نه ڪنهن سياسي پارٽي جي حمايت ۽ مخالفت ڪندو آهي ڪنهن به ماڻهو کي اِها اجازت ڪونهي ته اُهو بادشاهه جي خلاف ڳالهائي. بادشاهه 84 ورهين جو آهي اُن کي King Rame سڏبو آهي ۽ اڄڪلهه راما آهي. مون گائيڊ کان پڇيو ته ڇا سرڪار بادشاهه کي پئسا ڏيندي آهي ته چيائين ته نه بادشاهه جي ٿائلينڊ ۾ ڪوڙ ساري ملڪيت آهي هُو اُن جي آمدني جو حقدار آهي. هتي ٻه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيون سياسي پارٽيون ۽ ٻيا ننڍا ننڍا گروپ آهن. هر ڇئن سالن ۾ هتي چونڊون ٿينديون آهن. هاءِ اسڪول تائين تعليم ۽ ڪتاب مفت. ٻه جوڙا سال ۾ يونيفارم به ملندو آهي. پرائيوٽ اسڪول به آهن مون هڪ پڙهيل ڪڙهيل گائيڊ ڪان پڇيو ته ڇا پرائيوٽ ۽ سرڪاري اسڪولن جي پڙهائي ۾ فرق آهي ته چيائين ته پرائيوٽ اسڪولن ۾ رانديون ۽ تفريح گهڻي آهي جهڙوڪ ميوزڪ. تيرا ڪي وغيره باقي پڙهائي ساڳي آهي. هتي هر جڳهه تي عورتون نظر آيون. دُڪانن تي، چڙيا گهر ۾، هوٽلن تي، ريڙها هلائيندي، ٽريول ايجنسي ۾ هر جڳهه تي عورت ڪم ڪندي نظر آئي هڪ هوٽل تي سڪيورٽي گارڊ طور به هڪ عورت نظر آئي. گائيڊ گهڻو ڪري عورتون هيون. ڪم صبح جو 7 بجي شروع ٿي ويندو آهي، ماڻهو محنتي ۽ سچا آهن. وقت جا پابند جيڪڏهن دير ٿيندي ته فون ڪري ٻڌائيندا ته فلاڻو مسئلو ٿي پيو آهي ٿوري دير ٿي ويندي. وقت ۾ يورپ جهڙا پابند ڪونهن ڪڏهن ڪڏهن5، 10 منٽ هيڏي هوڏي ٿيو وڃن پر ٿلهي ليکي شاندار هُئا. ڏاڍا آرگنائيزڊ ۽ مددگار. گهڻو ڪري وقت کان اڳ اوهان جي انتظار ۾ ويٺا هوندا. ڪوشش هوندن ته اوهان کي تڪليف نه پهچي. پتايا ۾ سامونڊي ڪناري کان علاوه ڪورال بيٽ جتي ٻيڙي ذريعي وڃڻو پوندو آهي، رستي تي پيراشوٽ جي اڏام هڪ اڊوينچر هُيو، ٽوٻا گيري وغيره واري تفريح به هئي ڪورال بيٽ به خوبصورت هُيو اُتي بوٽ Boat جي سواري مزيدار هُئي. پتايا ۾ هڪ جڳهه Mini siam آهي اُتي اُنهن دُنيا جي عجوبن ۽ پنهنجي مُلڪ جي خاص ڏسڻ وٽان جڳهين جا Miniature Models ٺاهي رکيا هيا. توهان جهڙوڪ ٻن ڪلاڪن ۾ دُنيا ۽ ٿائلينڊ گهمي ورتي.

اسان کي به پنهنجي مُلڪ جي خاص جڳهين جا ماڊل ٺاهي رکڻ گهرجن جهڙوڪ موهن جو دڙو، ڪارونجهر، مينارِ پاڪستان، قائد اعظم جو مقبرو، شاهي قلعو، وغيره وغيره جيئن ماڻهو ٿوري وقت ۾ پورو پاڪستان گهمي وٺي ۽ دُنيا جا عجوبا جهڙوڪ ايفل ٽاور، لنڊن برج، ۽ ٻيا عجوبا هڪ ئي جڳهه تي ٺاهيل هجن ته اسانجي ماڻهن کي دُنيا جي خاص خوبصورت جڳهين جي خبر پوي. ائين ماڻهو جي معلومات به وڌي ٿي ۽ ڇٽا پيٽي جو شوق به پيدا ٿئي ٿو. ٻارن جو دماغ به کلندو ۽ معلومات به وڌندي. اُنهن پنهنجا چڙيا گهر به جديد ڪري ڇڏيا آهن. فقط جانور پڃري ۾ بند ڪونهن پر اُنهن

کي ڪيترائي ڪرتب سيکاريا وڃن ٿا ۽ اُهي ماڻهن کي ڏيکاري اُنهن کي هڪ طرف تفريح مهيا ڪري ڏني وڃي ٿي ته ٻئي طرف اُنهن جي پنهنجي آمدني وڌي ٿي. مانگر مڇ جي منهن ۾ پنهنجي منڊي وجهي ڇڏڻ ۽ مانگر مڇ ڪائي نه. اِهو عاليشان لڳو. اهو ڪم هڪ ڇوڪري ۽ هڪ ڇوڪري ڪيو. ڊالفن جا ڪرتب، ڇيتي جا ڪرتب به ڏيکاريا ويا مون کي منگهو پير ياد اچي ويو. ڪجهه وقت اڳ ٻارن کي وٺي اوڏانهن ويو هُيس 100 کان وڌيڪ مانگر مڇ هڪ ننڍڙي جڳهه تي ستيا پيا هئا. ڪو سار سنڀار لهڻ وارو ڪونه آهي. هڪ همراهه ٻڌايو ته هُو اُنهن جي سار سنڀار لهندو آهي ۽ ڇيائين هتي ماڻهو ايندا آهن اُنهن کان گوشت جا ڇيچڙا خريد ڪري اُنهن کي کارائيندا آهيون. هاڻ جيڪڏهن اُنهن کي ڪجهه ڍنگ سان تربيت ڏني وڃي، پنهنجا ڪجهه ماڻهو ٿائيلينڊ جهڙن مُلڪن ۾ موڪلي ماڻهن جي ٽريننگ ڪرائي وڃي ته ماڻهن جي تفريح به ٿي سگهي ٿي، آمدني جو ذريعو به ٺهجي سگهي ٿو ۽ مانگر مڇ جي خوراڪ جو بندوبست به ٿي سگهي ٿو. اُتي هڪ هاٿي جي سواري جو بندوبست هُيو ۽ هڪ ڇوڪري ٻڌايو ته جيئن ته هاٿي اُنهن وٽ گهٽا آهن، اُنهن جي ڪاڏي پيتي ۽ سار سنڀار جو مسئلو آهي تنهن ڪري جيڪڏهن توهان هاٿي تي سواري ڪندو ته اِهو خير جو ڪم به هوندو اوهان جي ڏنل پئسن مان هاٿين جي ڪاڏي پيتي جو بندوبست به ٿيندو. اُتي جانور ڏاڍا تندرست نظر آيا لڳو پئي ته اُنهن جي سار سنڀار لڏي وڃي ٿي. اسان به مانگر مڇن جو خيال اهڙي طرح رکي سگهون ٿا.

ٻڌ ڌرم ۾ چندو ڏيڻ، ڪنهن کي ڪاڌو کارائڻ، روزي ۾ رهڻ ۽ ٻئي جو خيال رکڻ جون هدايتون ٿيل آهن. ماڻهو مندرن ۾ پوڄا ڪندي نظر آيا، روڊ رستي تي به پوڄا جون ننڍيون ننڍيون جڳهيون ٺهيل هُيون. ماڻهو اگر بتي ٻاري هٿ جوڙي پوڄا ڪندي نظر آيا. هر هڪ ٻڌ ڌرم جي پوئلڳ کي زندگي ۾ هڪ دفعو گهٽ ۾ گهٽ ٻن هفتن لاءِ مونڪ ٿيڻو پوندو آهي. اُن دوران هُن کي پيلا ڪپڙا پائڻا پوندا آهن، زمين تي سمهڻو پوندو آهي، مندر صبح شام وڃڻو پوندو آهي، ۽ ڪُل 227 هدايتن تي عمل ڪرڻو پوندو آهي. ٻوڌي نرم دل ۽ ملنسار هُئا. چوري چڪاري به شايد نه ٿيندي آهي يا گهٽ ٿيندي آهي پٽايا ۾ ڪيترائي دُڪان دروازن کانسواءِ هُئا ۽ دُڪاندار سامان تي ڪپڙو ڍڪي گهر

هليا ويندا هُئا.

اسان جو 3 دفعا مختلف هنڌن تي سامان رهجي ويو. هڪ دفعو ليپ ٽاپ وارو ٿيلهو، ٻيو دفعو پئسن وارو پرس ۽ ٽيون دفعو چٽني سپ، با حفاظت ملي ويا. ٿائي قوم ۾ تخليقي صلاحيتون بہ آهن، هر شئيءَ کي نواڻ بخشي اٿائون. آرٽ، ڪلچر، سائنس سڀ تي ڌيان ڏين ٿا، ميوي ۽ ڪاڌي جي ريڙهن کي، موٽر سائيڪل سان جوڙي ڪاروبار ڪندا آهن ۽ موڪل ڏينهن ٻارن کي اُن تي گهمائيندا آهن. اُتي يا تہ وڏيون ڪارون نظر آيون جنهن ۾ مرسڊيز، BMW، ٽويوٽا وغيرهہ يا موٽر سائيڪل. ننڍي ڪار گهٽ نظر آئي. تقريباً ڪمپنين جون فيڪٽريون موجود هُيون. ياماها، ٽويوٽا، هونڊا، ۽ سوزوڪي، سمورا ڪارخانا نظر آيا. اليڪٽرانڪ جون ننڍيون شيون هو پاڻ ٺاهن ٿا ۽ وڏي مشينري هو Assemble ڪن ٿا. سام سنگ ۽ سوني جا ٽيلي ويزن شايد اُتي سستا آهن جو ڪيترن ئي انڊين اُهي خريد ڪيا هُئا. 32 انچ LCD سام سنگ ٽي وي ساڍا اوٺويهہ هزار باٽ ۾ هڪ همراهہ خريد ڪيو هُيو. عورتون موٽر سائيڪل هلائيندي نظر آيون ۽ هر قسم جو ڪم ڪندي نظر آيون. اُهي شير، چيتي ۽ مانگر مڇ جون ٽرينر بہ هُيون تہ اُستاد بہ هُيون، دُڪاندار بہ هُيون تہ گائيڊ بہ هُيون. هڪ همراهہ چيو تہ جيڪڏهن هتي مرد ۽ عورت ٻئي ڪم نہ ڪندا تہ اسين ترقي ڪيئن ٿا ڪري سگهون. ٿلهي ليکي قانون ٽوڙ ڪونهن بغير پوليس ۽ ٽريفڪ پوليس جي پنهنجي رستي تي هليا پئي وس ويندي قانون نہ پيا ٽوڙين. مان اِهو اِن ڪري پيو چوان تہ ورلي ئي ڪوئي پوليس وارو نظر آيو ۽ 10 ڏينهن ۾ ڪو جهڳڙو بہ نہ ڏٺم ۽ نہ ڪوئي قتل. اُنهن جا 3 فوجي هيليڪاپٽر گڏ ريل ڪجهہ هفتن ۾ ڪري پيا ۽ 17 فوجي رينجرز مري ويا. اِهي ٿئي ڪنهن جهنگل ۾ ڪجهہ صحافي ۽ سوشل ورڪرز کي اُتان ڪڍڻ ويا هئا. عوام اِها پئي تنقيد ڪئي تہ شايد رينجرز کي هيليڪاپٽر متعلق پوري ڄاڻ ڪونهي تنهن ڪري اِهي هيليڪاپٽر اُڏائي ڪونہ ٿا سگهن.

مون هڪ وين جي ڊرائيور کان امن امان جي باري ۾ پڇيو ۽ پڇيومانس تہ رات جو ڪيتري دير تائين گهمي سگهجي ٿو تہ چيائين سڄي رات گهمي سگهجي ٿو هتي ڪو بہ مسئلو ڪونهي، ايستائين جو هتي وين جا ڊرائيور بہ امن امان بحال رکرائڻ ۾ شامل آهن جيڪڏهن مون کي بہ ڪو

بدمعاشي ڪندي نظر ايندو تہ پوليس کي ٻڌائيندس ۽ هُو اُن کي ڪنيپي ويندي ۽ چيائين تہ جيڪڏهن امن امان نہ هجي ها تہ 10 لک ماڻهو هر سال هتي ڪيئن اچن ها. تفريحي ماڳ اسان وٽ بہ آهن موهن جو دڙو، گورک هِل ڪان وٺي ڪالام ۽ زيارت تائين ۽ ٻيا بہ ڪيترائي خوبصورت ماڳ آهن ضرورت آهي اُنهن کي وڌيڪ خوبصورت بڻائڻ جي ۽ سياحن کي سهولتون پهچائڻ جي. امن امان اهم آهي ماڻهو ڪيِ اِها پڪ هجي تہ هو لٽجي نہ ويندو يا ڪنيجي نہ ويندو. گورک هِل کي وٺون ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ مضمون پڙهيم جنهن ۾ لکيل هُيو تہ اسانجو وزير قانون محترم اياز سومرو ڪجهہ آفيسرن سان گورک هِل ويو ۽ اُن مضمون ۾ اعتراف ٿيل هُيو تہ روڊ ٺيڪ ڪونهي، هڪ هنڌ تہ همراهہ ائين پئي محسوس ڪيو تہ اِجهو مُئو. پي پي پي حڪومت ئي اِهو ڪم شروع ڪيو هُيو اِهو محترم عبدالله شاهہ جو زمانو هُيو. مون کي ٻڌايو اِها ڪيتري نہ ڪوتاهي جي ڳالهہ آهي ايترن سالن ۾ اِهو ماڳ عام ماڻهو لاءِ تفريحي ماڳ نہ ٿي سگهيو. اِهو ڪو وڏو ڪم ڪونهي جيڪو نہ ٿي سگهي بس همت، سوچ ۽ نيڪ نيتي جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اِهو ماڳ عام ماڻهو جي گهمڻ جهڙو ٿي پوي، روڊ ٺهي وڃن، اُتي رهائش جو بندوبست ٿئي، امن امان کي بهتر ڪيو وڃي تہ اِن علائقي جا هوند ڀاڳ کلي پون. سڄي مُلڪ جا ماڻهو اِتي تفريح ڪرڻ لاءِ اچي سگهن ٿا. اِن علائقي جي معاشي حالت ئي تبديل ٿي ويندي. ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار ملي ۽ علائقي جي آمدني وڌي پوي.

قدرت طرفان اِها هڪ ڏنل شئيءِ آهي اسان کي فقط ٿوري محنت ڪرڻي آهي اهڙي طرح موهن جو دڙو، مڪلي، ڪارونجهر، برسات جي زماني ۾ ٿرپارڪر ۽ ٻيا ڪيترائي ماڳ انهن سڀني کي تفريحي ماڳ بڻائي اِنهن علائقن ۾ خوشحالي آڻي سگهجي ٿي. انهن ماڳن تي آرٽ، ڪلچر ۽ سائنس سڀ کي شامل ڪجي سرندي وارن ماڻهن جي خزاني مان ائين بہ پئسو ڏنڙيل علائقن ۾ آڻي سگهجي ٿو پر ضرورت آهي نيتي ۽ عقل استعمال ڪرڻ جي جنهن سان بهتري ٿي سگهي ٿي.

ٿائلينڊ ۾ ٽي وي چينل ڪٿي 12 تہ ڪٿي 15 ۽ وڌ ۾ وڌ 18 نظر آيا. جنهن ۾ بہ ٽي آمريڪن، هڪ برٽش ۽ هڪ جڳهہ تي 3 انڊين چئنل نظر آيا ۽ ٻي ٿائي زبان ۾ چئنل، پر پوءِ بہ اُتي ترقي آهي، امن امان آهي ۽ سُڪون آهي.

اسان وٽ 100 چينل آهن وٽ وٽان لڳي پئي آهي، هڪ ٻئي جا وار پٽڻ ۾ پورا آهيون. ان ڪري چئنل بہ وڙهندي نظر ايندا ۽ ڏر ٻٽيل نظر ايندا جو پنهنجو بہ ايجنڊا اٿن. چئنل وارن کي سياستدانن سان گڏ مختلف ادارن جي آفيسرن کي بہ پروگرامن ۾ آڻڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ڪنهن اداري جي ڪارڪردگي جا ذميدار تہ اِهي آفيسر بہ آهن اِنهن کان بہ پڇيو وڃي تہ اِنهن ادارن جي ڪارڪردگي جو خراب آهي ۽ اُهي بهتر جواب بہ ڏئي سگهندا.

بئنڪاڪ گاڏي جو هنڌ آهي. جنهن جي پنهنجي رجسٽرڊ آبادي 5 لک آهي ۽ 5 لک ماڻهو ٻر پاسي جي علائقن مان روزگار جي سانگي اُتي ترسيل آهن. دُنيا جي سمورن وڏن شهرن ۾ ائين ئي ٿيندو آهي پيرس ۾ روزانو لکين ماڻهو اُتي روزگار جي سانگي ايندا آهن ۽ لکين فرانس جي علائقن مان آيل اُتي ترسيل آهن، ساڳيو حال لنڊن ۽ ٻين وڏن شهرن جو آهي. جن مُلڪن پنهنجي ٻهراڙين کي سهولتون پهچايون آهن، ماڻهن کي روزگار مهيا ڪيو آهي، يونيورسٽي اسپتالون ٺاهي ڏنيون آهن، روڊ، رستا، پاڻي، بجلي مهيا ڪئي آهي اوتري ئي بهتر صحت ۽ تعليم جيڪا وڏن شهرن ۾ مليل آهي/ ڏني آهي، اُتي جا ماڻهو ٻهراڙي مان شهرن ڏانهن لڏ پلاڻ ڪونہ ٿا ڪن. مون سوئڊن ۾ ڏٺو ٻهراڙي ۾ رهندڙ شهر وڃڻ لاءِ تيار نہ هُيا. بئنڪاڪ ۾ تقريباً 70 سيڪڙو ماڻهو مئٽرڪ تائين پڙهيل آهن. اِهي انگ اکر هڪ همراهہ ٻڌايا تصديق ڪرڻي پوندي. اُتي ٻڌ ڌرم جا مندر ڏاڍا سينگاريل آهن هڪ مندر ۾ پنج هزار پنج سئو (5500) ڪلو گرام وزن جو سون جو ٻڌا جو مجسمو ڏٺوسين، ٻهريائين ٿائليند ۾ سون جو ڪاٺيون گهٽيون هُيون ۽ اِهو مجسمو اُن زماني جو ٺهيل آهي. هتي رٻڙ جي پوک بہ ٿيندي آهي، ۽ هٽرادو پرل (قيمتي پٿر) بہ ڪلچر ڪيا ويندا آهن. هٽرادو پرل پيدا بہ ڪرايا ويندا آهن. سمنڊ مان قيمتي پٿر ڪڍي دُنيا ۾ وڪرو ڪيا ويندا آهن. اسان وٽ بہ قدرتي معدنيات جي کمي ڪونهي پر اُن مان فائدي وٺڻ جي ضرورت آهي. قدرتي گئس ٿائليند وارن وٽ آهي پر اجان تائين گئس جا سئلنڊر استعمال ٿيندا آهن. گئس في ڪلو 9 باٽ، پيٽرول 38 باٽ، ڊيزل 30 باٽ ۾ هُيو. بئنڪاڪ ۾ سرڪاري بسون ۽ لوڪل ٽرين (Sky Train) هئي.

اُتي بہ شام جو ٽريفڪ رُڪجي ويندي هئي ۽ جيڪو پنڌ هونئن اڌ

ڪلاڪ جو هوندو هُيو اهو 3 ڪلاڪن ۾ طئي ٿيندو هُيو پر ماڻهو ڏاڍا صبر وارا هيا ڪڏهن به ڪنهن کي چڙندي نه ٻڌو ۽ نه ئي ڪنهن کي وڙهندي ڏٺو ۽ هر ڪو پنهنجي لائين تي پئي هليو ۽ ڪنهن به لائين ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪونه ڪئي حالانڪه ٽريفڪ سارجنٽ ڪو خاص نظر ڪونه پئي آيا. اُتي رڪشا ڪي هُو ٽُڪ ٽُڪ تا چون ۽ مختلف رنگ جون شڪليون به هين. اُتي هر پرائيويٽ گاڏي ڪنهن نه ڪنهن ڪمپني جي هُئي ۽ اُها ڪمپني هر چڱي مٺي جي ذميدار هُئي. ڪرايا ڪراچي جهڙا ئي هُئا. ڪڏهن هو ميٽر تي پئي هليا ته ڪڏهن بغير ميٽر جي پر گاڏيون ڊنگ واريون هُيون. وڏي ٽرانسپورٽ ڪري روڊن تي رش ڪجهه گهٽجيو وڃي ۽ پيٽرول به بچي ٿو ۽ عام ماڻهو لاءِ اُهو سستو به آهي اسان جي وڏن شهرن ۾ به سرڪاري بسون هجڻ گهرجن ۽ لوڪل ٽرين جو بندوبست به هئڻ گهرجي اِهو فائدو پهچائيندو. ڪاڏو 10 باٽ کان رُني 500 باٽ في ماڻهو ڪائي سگهجي ٿو. روڊ ڪناري ريڙهن تي ڪاڏو پئي مليو گهٽ ڪمائڻ وارا ماڻهو اُهو ڪائن پيا جنهن لاءِ هڪ همراه چيو ته پيٽ جي خرابي جي پڪ ڪونه ٿي ڏئي سگهجي. بئنڪاڪ ۾ اڪثر ٿائي گهرن ۾ ڪاڏو ڪونهي پچندو ڇاڪاڻ ته عورت ۽ مرد ٻئي ڪم ڪندا آهن هو ٻاهران ڪاڏو خريد ڪري ڪائيندا آهن ۽ گهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن ڪاڏو پچائيندا آهن. هُتي هڪ ڪمري جي فليٽس جا اشتهار گهڻا پڙهيم ۽ قيمت هڪ ملين کان 1.6 ملين باٽ لکيل هئي. ٿائيلينڊ ۾ ڪوبه ماڻهو ملڪيت خريد ڪونه ٿو ڪري سگهي جيستائين اُن کي اُتان جي شهريت ڪونه ٿي ملي يا اجازت ڪونه ٿي ملي. ڪم ڪرڻ لاءِ ورڪ پرمٽ وٺڻي پوندي آهي. شهريت ملڻ ۾ سال لڳي ويندا آهن ۽ ڪاغذي ڪاروائي ڪرڻي پوندي آهي. همراه ٻڌايو ته هتي بجلي جي لوڊشيڊنگ ڪاوِرلي ئي ٿيندي آهي ۽ اُهو به اڳ ۾ ٻڌائي ڪري. ڪُنڊا ڪلچر ڪونهي. اسان وٽ ڪُنڊا ڪلچر، سرڪاري ادارا، ۽ سرڪاري گهر بجلي وڃائڻ جا وڏا سبب آهن ڇاڪاڻ ته اُهي بِل ڪونهن ڏيندا. اسان جا بزنس سينٽر ۽ مارڪيٽون بجلي ضايع ڪرڻ ۾ وسئون ڪونه ٿيون گهٽائن. هڪ ته مارڪيٽ کلن 12 بجي ۽ رات جو دير تائين کليل رهن ٿيون ته 10 سائز جي دُڪان ۾ 30 بلب لڳل هوندا. برنس روڊ تي ريڙي جي دُڪان تي 40 بلب ڏٺم چيو مانس ته ريڙي کي روشني جي ڪهڙي ضرورت آهي همراهه مسڪرائڻ لڳو. زينب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارڪيٽ ۾ هڪ دُڪان ۾ دروازو ڪليل هوندي هڪ ايئر ڪنڊيشنر پئي هليو همراهه ڪي چيم تہ اِن مان تہ لڳي ٿو تہ اِسان وٽ بجلي جي ڪوٽ ڪونهي تہ همراه ناراض ٿي ويو. هڪ اٿهوند پيا افعال بچڙا. سرڪار ۽ سماجي تنظيمون ملي انهن سيني کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪن. ڪا هٽ جوڙ ڪاميٽي ٺاهي در در وڃي اهڙن ماڻهن کي هٽ بڌي نماڻي وينتي ڪجي تہ اِهو ظلم نہ ڪن ۽ سرڪار ڪجهہ قانون کي حرڪت ۾ آڻي پئي ڳالهيون ملي ڪجهہ بهتري آڻي سگهن ٿيون. ٿائليند ۾ ساوڪ گهٽي هئي در در تي ٻوٽا ۽ وڻ ڏسڻ ۾ آيا. ايتريقدر جو ٽوائليٽ ۾ بہ ٻوٽا ۽ گلن جون ڪونڊيون رکيل هُيون. ميوو هر قسم جو ٿيندو آهي، پر تندرست هيو. زيتون گول اسان واري مليرجي زيتون کان ٻيٽا يا ٽيٽا، مکئي جو سنگ سنو تازو توانو ۽ رس وارو، هنداڻو پپيتو، ليچي، انب هر ميوو نظر آيو ۽ ڪائڻ ۾ وٽندڙ پر هُيو مهانگو 40 باٽ جو هڪ ميوو. اُنهن وٽ ڪاجا (ڪاجو) بہ پوکيا آهن. اِن جو ميوو ڏاڍو خوبصورت هُيو گلابي رنگ جو ناشپاتي وانگيان ۽ اُن مان هڪ ننڍو ڪاجو پئي نڪتو، هُو ڪار خاني ۾ اُن کي مختلف ذائقن ۾ تيار ڪري سڄي دُنيا ۾ وڪندا آهن.

ورلڊ سفاري ۾ ڪيترائي جانور هئا ۽ اُنهن جا ڪرتب ڏٺاسون. ڪهڙي نہ طرح شير جهڙي جانور کي قابو ڪيو اٿائون، Sea Lion ۽ ڊالفن جا ڪرتب ۽ ٻيا ڪيترائي شو ڏيکاريائون. وين تي ويهاري هٽرادو جهنگل ۾ چڏيل شير، چيتا، رڇ ۽ ٻيا جانور ڏيکاريائون. مون سوچيو اهڙو ئي سفاري ٽر پارڪر ۾ ڪٿي ٺاهي سگهجي ٿو سڄي مُلڪ جا ماڻهو ڏسڻ ويندا ۽ اُن علائقي جي معاشي صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي، بهر حال هِن ۾ بہ اُنهن ڪافي احتياط کان ڪم ورتو هُيو جڳهہ جڳهہ هدايتون لکيل هُيون تہ وين جا دريون دروازا بند رکو. خراب ٿي وڃي تہ هارن وڄايو ٻاهر نہ نڪرو ۽ جڳهہ جڳهہ تي گاڏين ۾ محافظ بہ وينل هُيا تہ جيئن ڪنهن حادثي جي صورت ۾ فوراً پهچي وڃن. اسان جي ٽورزم واري وزير کي اِن علائقن ۾ وڃي ڏسي اچڻ گهرجي تہ اُتي ڇا پيو ٿئي. هاڻي سياسي پارٽين کي پنهنجي ميمبرن کي مختلف شعبن ۾ اسپيشلائيزيشن ڪرائڻي پوندي تہ جيئن هُو وزير ٿي پنهنجي کاتي کي بهتر سنڀاري سگهن. ٿائليند ۾ ٽورزم بہ هڪ انڊسٽري آهي تنهن ڪري ماڻهو اُن ۾ ڊگريون وٺن ٿا ۽ اسپيشلائيزيشن ڪن ٿا. فُڪيٽ

شهر جا 70 سيڪٽرو ماڻهو ٽورزم انڊسٽري سان واڳيل آهن.

فڪيٽ شهر ۾ ٿوري گهڻي گندگي نظر آئي ۽ ٻه ٽي فقير به نظر آيا. پر گهڻو ڪري شهر صاف سٿرو هُيو. بئنڪاڪ ايئرپورٽ ڪافي خوبصورت آهي. صحت متعلق پڇيم ته خبر پئي ته سرڪاري اسپتالون آهن هڪ باٿ جي پرچي وٺڻي پوندي آهي دوائون به ملنديون آهن. پرائيويٽ اسپتالون به آهن اُهي مهانگيون آهن پر بهتر آهن. ”ٿائليند کي اڄان گهڻي ترقي ڪرڻي آهي جنهن لاءِ هو رات ڏينهن جاکوڙين پيا“ اهو جملو هڪ اسڪول جي ٽيچر چيو.

جنهن ڳالهه مون کي متاثر ڪيو اُها اِها ته ايتري اُٿل پٿل جي باوجود اِها قوم ترقي ڪري پئي ته اِهو Credit اُتان جي سول سوسائٽي کي وڃي ٿو. مان پنهنجي عوام کان به ساڳي اُميد رکڻ ۾ حق بجانب آهيان فقط ضرورت آهي اُن Mindset جي ۽ جستجو اڳتي وڌڻ جي. سياستدانن ۽ سرڪار جا پنهنجا مقصد ۽ Targets آهن. ترقي جي رفتار تيز ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن سرڪار ۽ سول سوسائٽي هڪ ئي رستي ۽ منزل جا مسافر هوندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪراچي ڪان سکر تائين آس نراس جو سفر

گذريل ڪجھ مهينن ڪان ڪراچي ڪان سکر تائين ريل رستي ڪيترائي دفعا سفر ڪرڻ جو موقعو مليو. منهنجي اداري SIUT سکر ۾ پنهنجي برانچ کولي آهي. اِن جو مقصد آهي تہ گردي جي بيماري جي مريضن کي پنهنجي گهرن ويجهو علاج پهچائجي. جيئن تہ هي ادارو مفت علاج واري فلسفي ۾ يقين رکي ٿو تنهن ڪري اسان جي ٻهراڙي جي مسڪين مريضن کي اِن جو فائدو پهچندو. گذريل 6 مهينن ۾ مون ڇا ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ڪوشش ڪندس تہ اِن متعلق لکان. ريل جي جيڪا تباهي ڏٺي اٿم اُن جو احوال بہ لکان. سکر SIUT سنڌ سرڪار جي مدد سان شروع ٿيو آهي اڄ تائين اسين اُتي 24000 مريضن جو علاج ڪري چڪا آهيون. بغير آپريشن پٿري جو شعاعن ذريعي علاج، خون جي صفائي يعنيٰ ڊائلسس، ليبارٽري ٽيسٽ، ايڪسري، الٽراسائونڊ. بغير چيري وارا ٻيا آپريشن جهڙوڪ يو آر ايس (URS) جيڪو گردي جي نالي يوريٽر ۾ پٿري جي علاج جو بغير چيري وارو آپريشن آهي، مثاني جي پٿري جي بغير چيري وارو آپريشن، مثاني جو معائنو وغيره وغيره شامل آهن. هفتي ۾ بہ او پي ڊي (OPDs) سومر ۽ خميس تي ٿينديون آهن. گهر ڪان ايندڙ مريضن جون ٽپاس واريون ڪلنڪس جنهن ۾ سوين مريض ايندا آهن ۽ علاج ڪرائيندا آهن. في الحال اِها اسپتال 65 بسترن جي اسپتال آهي جيڪا ليلا چيلاڻي ميٽرنٽي هوم ۾ قائم آهي. جيڪو جڏهن هِن اداري لاءِ مليو زبون حالي جو شڪار هُيو جنهن کي ٺهرائي خوبصورت بڻايو ويو آهي ۽ هاڻي ڏسڻ جهڙو ٿي پيو آهي. ڪنهن زماني ۾ جڏهن اجان سکر SIUT جو خيال سرڪار کي نہ آيو هُيو مان سوچيندو هيس تہ سکر ۾ گردي جو ادارو هجڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضروري آهي هڪ ڀه دفعا ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي سان ٻه ڳالهه ڇوريم اُن جو ڇوڻ هوندو هو ته پئسا ڪير ڏيندو ۽ اُن کي هلائيندو ڪير. مان هميشه اِن خيال جو هيس ته پئسا سرندي وارا ڏيندا ۽ هلائيندو اِن کي SIUT جو عملو. هاڻ سرڪار ۽ SIUT ته پنهنجو فرض نباهين پيا سرندي وارا اڳتي اچن ته جيئن اِن علائقي جي ماڻهن لاءِ SIUT ڪراچي جهڙو ئي وڏو ادارو قائم ڪجي.

ڊاڪٽر ليلا چيلاڻي اِها اسپتال خيراتي اسپتال ڪري هلائيندي هئي اُن جي سوٽ ڪانپوءِ اِن جي سار سنڀار لهڻ وارو ڪوبه نه هيو سرڪار اِها اسپتال SIUT سکر لاءِ ڏني جنهن کي ٺاهي ڪم شروع ڪيو ويو آهي. هاڻ اِن اداري کي 8 منزله اسپتال جي شڪل ۾ آڻيو آهي جنهن ۾ 250 بسترا، جديد آپريشن ٿيٽر، ايڪسري، ايم آر آءِ (MRI)، سي ٽي سڪين (CT San) ۽ جديد ليبارٽري ۽ گردي جي تبديلي وارو پروگرام شروع ڪري سگهجي. اديب رضوي جي اِها خواهش آهي ته اِهو ڪراچي SIUT جي ڪاپي هجڻ گهرجي. سکر ۽ ڀرپاسي ۾ ڪيترائي سرندي وارا آهن اُهي اِن خير جي ڪم ۾ هٿ ونڊائي سگهن ٿا. سکر سنڌ جو ٽيون وڏو شهر آهي جيڪو ڀرپاسي ۾ ڪيترن ئي ضلعن جهڙوڪ گهوٽڪي، ميرپور ماٿيلو، شڪارپور، ڪنڌ ڪوٽ، لاڙڪاڻو، نوابشاه، جيڪب آباد سان گنڍيل آهي. جيڪب آباد رستي هي بلوچستان جي ويجهو آهي ۽ گهوٽڪي رستي هي پنجاب جي ويجهو آهي تنهن ڪري ان اداري جي ڪري هزارين، لکين ماڻهو صحت جون سهوليتون حاصل ڪري سگهندا. سکر وڏي منڊي آهي تنهن ڪري سرندي وارا به گهڻا آهن.

سکر SIUT ۾ هفتي ۾ ٻه ڏينهن او پي ڊي خميس ۽ سومر ڏينهن هلندي آهي. خميس ڏينهن اڪثر ڊاڪٽر اديب رضوي به او پي ڊي ۾ مريض ڏسندو آهي گذريل اِن عرصي ۾ مان به ڪيترائي دفعا سکر ويو آهيان. مون ڏٺو ته ماڻهو ڏاڍا مجبور آهن. اسان جو ماڻهو معاشي طرح خوشحال ڪونهي تنهن ڪري هُو صحت جي سهوليت حاصل ڪرڻ لاءِ گهر کان ٻاهر ڪونه ٿو وڃي سگهي. گردي جون بيماريون عام جام آهن. ڀڪري جي بيماري جو اسين سمنڊ آهيون نندڙن ٻارن کان وٺي وڃندي ٻڍڙن تائين سڀ ۾ اِها بيماري ڏٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وئي آهي. ماڻهو ڪرايا ياڙا خرچ ڪري وڏن شهرن ۾ ڪونہ ٿا اچي سگهن. مون هڪ امان کي اُن جي ڏوهٽي جي گردي ۾ وڏين پٿرين جي علاج لاءِ ڪراچي اچڻ لاءِ چيو تہ ويچاري روئي ويئي ۽ ٻئي هٿ ٻڌي چوڻ لڳي تہ ابا اسين ڏاڍا غريب آهيون ڪراچي ڪونہ ٿا اچي سگهون هت علاج ڪريو.

جيئن تہ اسين ڪجهہ مهينا اڳ ڪم شروع ڪيو آهي تنهن ڪري اڃان تائين چيري وارا آپريشن شروع نہ ڪري سگهيا آهيون جنهن لاءِ آهستي آهستي ڪوشش ڪريون پيا ۽ اينڊڙ ڪجهہ وقت ۾ اِهي آپريشن بہ شروع ڪبا. ريل جو وقت تي ڪڏهن هلڻ تہ ڪڏهن وري نہ ماڻهن ۾ ريل بابت ويساهہ ختم ڪري ڇڏيو آهي. ريل عام ماڻهن جي سفر جو بهتر ذريعو هُئي اُن جي بگاڙ جو ذميدار ڪجهہ ماڻهو ٽرانسپورٽرز کي تہ ڪجهہ وري ريل انتظاميا جي نااهلي کي قرار ڏئي رهيا آهن. انجڻيون ڪونهن، ايئر ڪنڊيشنر جا جنريٽر ڪونهن، عملو دلجوئي ۽ ايمانداري سان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. هڪ ڏينهن روهڙي کان ڪراچي ايندي اسان جي ٽرين ليٽ ٿي وئي. ڪاٺ جا بينچ جنهن تي مسافر ويهي انتظار ڪندا آهن ٽٽل هُئا. پهريون بہ پٽيون هُيون اُن ڪانپوءِ بہ پٽيون غائب ماڻهو 15 منٽ بہ هڪ پاسي تي ويهي نہ سگهي. بزرگ ۽ عورتون خاص ڪري مصيبت ۾ هُيا مٿان وري پليٽ فارم تي قديم قسم جا ڪاڌي جا اسٽال جتي صحت لاءِ مفيد ڪاڌو ملڻ جو ڪوبہ جوڳو بندوبست ڪونهي. مون هڪ ريلوي جي عملدار کي چيو تہ جيڪڏهن اوهان ريل جو وقت ڪونہ ٿا سڌاري سگهو تہ گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن جو انتظار ئي سولو بڻايو. ويهڻ لاءِ ڪرسيون ڪجهہ آرام واريون رکرايو ڪاڌي پيتي جا اسٽال ڪجهہ بهتر بڻايو هن وراڻي ڏني تہ روهڙي اسٽيشن کي حڪومت سان لاڳاپيل هڪ سياستدان ڏسندو آهي تنهن ڪري ريلوي جي انتظاميا ڪجهہ ڪونہ ٿي ڪري سگهي. مون سوچيو تہ سياسي ماڻهن کي تہ وري عوام وٽ ووٽ لاءِ وڃڻو هوندو آهي اُنهن کي تہ ائين نہ ڪرڻ گهرجي. وڏن شهرن جي چند اسٽيشن کان علاوه باقي اسٽيشنون ڪنهن بيابان جو ڏيک ڏيون ڏين. گمبٽ کان ڪراچي سکر ايڪسپريس ۾ سفر ڪرڻ جو موقعو مليو رات جو وِچڙو هُيو اسٽيشن ڪاؤ بواءِ فلمن ۾ ڏيکاريل ڪنهن اسٽيشنن جو ڏيک ڏئي رهي هُئي، نہ ڪوئي ڪاڌي ۽ چانهہ جو اسٽال، نہ ويهڻ جي جڳهہ ۽ نہ وري صفائي. اسين پليٽ فارم

تي انتظار ڪري رهيا هئاسون ته هڪ همراه جيڪو ريلوي جو رٽائر ملازم هُيو چيائين ته ٽرين پليٽ فارم سان گڏ پٽڙي تي نه بيهندي پر وچ واري پٽڙي تي بيهندي سبب پڇڻ تي معلوم ٿيو ته گاسليٽ نه هجڻ ڪري سگنل واري بتي ڪونه ٿي ٻري، ڊرائيور اِهو جوکو نه کڻندو ۽ احتياطاً وچ واري پٽڙي تي بيهندو، ائين ئي ٿيو. اوهين اندازو لڳايو ته گاڏي جو پائيدان ڪيترو نه مٿي هوندو آهي، بزرگن ۽ عورتن کي گاڏي ۾ چڙهڻ لاءِ ڪيتري نه مشڪل ٿي هوندي. هاڻ هتي نه انجڻ ۽ نه وري ايئرڪنڊيشن جي ضرورت، هتي ته انتظاميا جي نا اهلي آهي. اسان جو ريلوي جو وزير ته رهي ٿو پشاور ۾ هُو گهر کان ٻاهر نڪري به ڪونه اُن کي گمبٽ جي اسٽيشن ۽ روهڙي جي هن بري حال جي خبر ڪٿان پوي. ٻيو ته اُن کي اينڊڙ اليڪشن ۾ ووٽ گمبٽ ۽ روهڙي مان ته وٺڻا ڪونهن اُهي ته هو سرحد ۾ وٺندو جيڪڏهن سياستدان کي ووٽ جي لالچ ڪونهي ته پوءِ هو ڇا لاءِ ڪم ڪندو، وري اينڊڙ اليڪشن ۾ به اتحاد ڪري وزير ٿي ويندو. منهنجي خيال ۾ وزيرن کي سڄي مُلڪ ۽ سڄي صوبي ۾ اليڪشن وڙهڻ گهرجي. صوبائي وزير کي سڄي صوبي جي ووٽرن کان ووٽ وٺڻ گهرجن ۽ وفاقي وزير کي سڄي مُلڪ مان ووٽ وٺڻ گهرجن پوءِ ڏسو ڪيئن نه ٿو سڄي مُلڪ ۽ سڄي صوبي ۾ ڊوڙي. ٻيو ته اڄڪلهه پارٽيون به علائقائي ٿي ويون آهن سرحد جي پارٽي کي سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب مان ووٽ ناهن وٺڻا، سنڌ جي پارٽي کي ٻين صوبن مان ووٽ ناهن وٺڻا. ڪراچي جي پارٽي کي سنڌ جي ٻهراڙين ۾ ڪونهي وڃڻو ۽ سنڌ جي ٻهراڙين واري سياستدان کي ڪراچي وارن کان ووٽ ناهن وٺڻا تنهن ڪري هو اُنهن علائقن جي عوام اڳيان جوابدار به ڪونهن. پنجاب جي پارٽي سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان لاءِ ڇو سوچي،اِن جو حل ڳولهڻو پوندو. مون هڪ همراهه کي پليٽ فارم تي صفائي ڪندي ڏٺو. هُو ڪم جون شيون جهڙوڪ بوتلون، ڊٻا وغيره هڪ ٻوري ۾ پيو وجهي ۽ ڪچرو ٽرين جي پٽڙي تي پيو اُڇلائي، ڪو ڏسڻ ۽ پڇڻ وارو ڪونهي ۽ اُن ڪم ڪرڻ واري کي ڪا لڄ نه پئي آئي ته هو ڪڏو ڪم ڪيئن ٿو ڪري. انگلينڊ جي اسٽيشن تي رات جو يارهين لڳي هڪ عورت پليٽ فارم تي صفائي پئي ڪئي ۽ وڏي ايمانداري سان ڪچرو کڻي ڪچري واري ڊٻي ۾ پئي وڌائين جڏهن ته اُن کي ڪو ڏسڻ وارو به ڪونه هُيو. اسين انگريزن کي هميشه گهٽ وڌ ڳالهائيندا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون. چوندا آهيون ته اُنهن وٽ خاندان جو تصور ڪونهي پر ڏسو ته هُو پنهنجي ڪم سان ڪيترا نه سچا آهن شايد اِهو ئي اُنهن جي ترقي جو راز آهي.

مان ٽريننگ دوران جرمني کان هالينڊ پئي ويس، ٽرين جي پٽڙي تي ڪنهن خودڪشي ڪئي هئي، گاڏي بيهجي وئي قانوني ڪاروائي ۾ 3 کان 4 ڪلاڪ لڳا. ريلوي انتظاميا پنهنجي ڪينٽين ۾ کاڌو مفت ڪري ڇڏيو جنهن کي جيڪو وڻي کائي ۽ پيئي سواءِ شراب جي، ته اِهو به مفت ڏبو ته ماڻهو بدمست ٿي پوندا. اُنهن کي پنهنجي عوام جو ايترو احساس آهي. پائخاني جو پائيپ بند ٿي ويو هڪ آفيسر دستانا پائي اُهو پاڻ هٿ سان کوليو. اسان جون اسٽيشنون ڏاڍو بُري حال ۾ آهن. مسڪينن، بزرگن، عورتن، بيمارن ۽ ٻارن لاءِ ريل سڀ کان وڌيڪ آرام واري سواري آهي جيڪا سڄي دُنيا ۾ رائج آهي. حڪومتون اُن کي بهتر ڪنديون ٿيون رهن. اسان وٽ موروُ اِن کي بند ڪرڻ جي ڳالهه ٿي ڪئي وڃي. حڪومت لاءِ اِهو ممڪن آهي ته هنگامي بنيادن تي اِن بابت سوچي. پئسا لڳائي انجڻيون ۽ ايئرڪنڊيشن جا جنريٽر وٺي ۽ اِهو ٿي سگهي ٿو. نه ڪرڻ جي صورت ۾ اِن جو نقصان به پيپلز پارٽي کي ٿيندو اُن جي ساک متاثر ٿيندي بلور صاحب جو ڪجهه نه ويندو تنهن ڪري زرداري صاحب کي پاڻ اِن طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. گاڏيون ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجي وقت کان پوءِ ٿيون هلن. ريلوي جي گهاٽي ۾ هجڻ جا سبب هڪ آفيسر هيئيان ٻڌايا. ڪارگو جو نه هجڻ چاڪاڻ ته ڪمائي ريل کي ٿيندي ئي ڪارگو مان آهي، اُن کي هٿ سان ناڪام بڻايو ويو. ٻيون ماڻهو ٽڪيٽ خريد ڪونه ٿا ڪن، ٿيون رعايتون جيڪي ميڊيا، سڪيورٽي ادارن، بزرگن، محتاجن ۽ ريلوي جي عملي کي ڏنيون وينديون آهن.

اِن هوندي به بزنس ٽرين ۽ شاليمار نسبتاً وقت تي ٿيون هلن. چاڪاڻ ته پرائيويٽ آهن. اِن جو مقصد آهي ته ريلوي کي بهتر ڪري سگهجي ٿو، مون هڪ آفيسر کان پڇيو ته اِهي ريلون ڪيئن ٿيون وقت تي هلن. چيائين ته ڪڏهن ڪڏهن ڊرائيور به پنهنجي مرضي سان ريل بيهاريو ڇڏين. بزنس ٽرين وارا ڊرائيور جي جيب ۾ 500 جو نوٽ وجهي ڇڏيندا آهن ۽ چوندا آهن ته بس سڌو وڃجان ۽ ڪٿي بيهارئجان نه بهرحال مسئلا گهڻا آهن اُن جو حل به هنگامي بنيادن تي ڳولهڻو پوندو. ريل جي همراهه ٻڌايو ته ماڻهو بلب، ٽيوب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لائيٽ ۾ اسٽارٽر به لاهيو تا وڃن. مونکي هڪ واقعو ياد ٿو اچي مان چانڊڪا ۾ پڙهندو هيس منهنجو هڪ هم ڪلاسي هڪ ته ٽڪيٽ نه وٺندو هيو ٻيو ڏهي ۾ لڳل بلب به لاهيندو هُيو مان چوندو هيومانس ته اِهو بلب تنهنجي گهر ۾ نه ٻرندو پر همراهه چوندو هُيو ته اِها ايڪنوٽي آهي. هاڻ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جو حال اِهو آهي. وڏا بزنس مين به پوليس وارن کي پئسا ڏئي ٽا تقريباً مفت ۾ سفر ڪن ۾ وڏي فخر سان چوندا آهن ته ٽڪيٽ وٺڻ وارو به ساڳي سيٽ تي ويهندو ۾ سمهندو ۾ نه وٺڻ وارو به ساڳي سيٽ تي سمهندو پوءِ پئسا خرچ ڇا لاءِ ڪجن. ڪنهن زماني ۾ اوچتو چيڪنگ لاءِ ٽي سون لهنديون هُيون پر شايد هاڻ اُهو به ختم ٿي ويو آهي. ٽڪيٽ جي چوري تي هڪ ٻي ڳالهه ياد آئي. مان ڪراچي کان جيڪب آباد وڃان پيو جنهن گاڏي نمبر جي مونکي ٽڪيٽ ڏني وئي اُن نمبر جو گاڏو ئي نه هُيو ٽڪيٽ ايڪانامي ڪلاس جي هُئي مون ڪنڊڪٽر گارڊ کي ٻڌايو هُن مونکي فرسٽ ڪلاس گاڏي ۾ هڪ سيٽ تي ويهاريو ڪوٺڙي ۾ همراهه آيو مون چيو مانس ته ايڪا نامي کان فرسٽ ڪلاس جي فرق جي رسيد ڪٽ ته پئسا ڏيان همراه ناراض ٿي ويو چيائين ته سيٽ خالي ڪر اِها عملي جي سيٽ آهي. مون اڪ ڏيکاري مانس ته هليو ويو هُن همراهه مٿان مٿان پئسا وٺڻ پئي چاهيا مون رسيد تي پئسا ڏيڻ پئي چاهيا. همراهه ٻيهر شڪارپور ۾ آيو فرق جا پئسا ورتائين منهنجي ٽڪيٽ به ورتائين ۾ چيائين ته رسيد ڪٽيان ٿو. جيڪب آباد ۾ پليٽ فارم تي منهنجي هٿ ۾ ٽڪيٽ ۾ ڪجهه پئسا ڏئي ڊوڙ پائي ڀڄي ويو. ڏٺم ته همراهه ٽي پاڳي چار پئسا پاڻ وٽ رکيا. رسيد به نه ڪٽيائين اِهو حال جيڪڏهن هوندو ته ريل تباهه نه ٿيندي ته ٻيو ڇا ٿيندو. سکر ايڪسپريس جيڪب آباد. شڪارپور. سکر ۾ ٻين ننڍن وڏن شهرن جي ماڻهن جي لاءِ سُک جي گاڏي آهي. اُن ۾ علائقي جا ڏنڌوڙي رات جو نڪرندا آهن صبح جو پهچندا آهن ڪم ڪار لاهي وري ساڳي ڏينهن واپس سفر ڪندا آهن. اُن ۾ ايئر ڪنڊيشنڊ ڊبو ڪڏهن لڳندو آهي ته ڪڏهن نه لڳندو آهي. جيڪا گاڏي ايڏي وڏي علائقي جي ماڻهن جي سُک لاءِ آهي اُن ۾ سهولتون نه هجڻ افسوس جوڳو عمل آهي. ريل جي تاريخ 500 سال پراڻي آهي جديد ترين انگلينڊ ۾ 1820 ۾ وجود ۾ آئي اِن ۾ ٻاڦ واريون انجڻيون استعمال ٿيون ۾ اها ترين اڄ به دُنيا جي گهڻن ملڪن ۾ عام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو جي سفر جو وسيلو آهي. زير زمين ٽرين شهر جو شهر ۾ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ وڃڻ جو سستو ۽ تيز ذريعو آهي. سموري يورپ ۾ ماڻهو تيل ۽ پئسا بچائڻ خاطر پنهنجيون گاڏيون استعمال ڪرڻ بدران اِن زير زمين ريل تي سفر ڪندا آهن. ٽرين جي سائنس ۾ ڏينهون ڏينهن ترقي ٿي رهي آهي تيز رفتار ٽرينيون، بلٽ ٽرين وغيره جديد ٽرينون آهن. سمورو يورپ پاڻ ۾ ريل جي ذريعي ڳنڍيل آهي. سرڪار جيڪڏهن سوچي ته ڪروڙين گاڏين تي جيڪو پيٽرول ۽ گئس خرچ ٿئي ٿو ريل گاڏين کي هلائي اُن خرچ کي گهٽائي سگهجي ٿو. ننڍي ٽرانسپورٽ گهٽائي وڏي ٽرانسپورٽ هلائڻ ۾ گئس ۽ ڊيزل بچندو. اهڙي طرح لکين ڪروڙين جنريٽرس تي جيڪا گئس ۽ پيٽرول خرچ ٿئي ٿو اُن کي بجلي پيدا ڪرڻ جي وڏن منصوبن تي خرچ ڪري گئس پيٽرول بچائي سگهجن ٿا. اسان جو پاڙيسري ملڪ انڊيا دهلي ۾ زير زمين ريل هلائڻ ۾ رُڌل آهي. بلور صاحب جيڪا ريل بند ڪرڻ جي صلاح ڏني ۽ مثال سعودي عرب جو ڏنو اُن کي يورپ، آمريڪا ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن جو مثال ڏيڻ گهرجي جتي ريل هلي پئي ۽ ڏينهون ڏينهن ترقي ڪري پئي. ڪراچي کان سکر ويندي سچل سرمست جي درگا تي وياسون هڪ نماڻي صوفي شاعر کي ماڻهن پير بڻائي ڇڏيو آهي. صوفي ڪلام ٻڌڻ جو حق فقط مردن کي ڏنو ويو آهي عورتن کي راڳ ٻڌڻ جو حق ڪونهي. ڇڪ ۽ سوپي ديري ۾ وڃڻ ٿيو اسان جا ڳوٺ صفائي کان محروم آهن گند جا ڍير، ناليون ٽمٽار پريل، هر جڳ ڪچرو، سمجهه ۾ نه آيو ته اِها ذميداري ڪنهن جي آهي سرڪار جي يا عوام جي منهنجي خيال ۾ ٻنهي جي آهي. صفائي سنائي گهرن ۾، گهرن جي ٻاهران ۽ گهٽين ۾ اُتان جي رهواسين جي ذميداري آهي. روڊ، رستا، سيوريج لائينون، اِها ذميداري سرڪار جي آهي. ڇڪ ۾ هڪ همراهه ٻڌايو ته هتي ماڻهو ٻهريان کان خوشحال ٿيا آهن. هر گهر مان هڪ ماڻهو ضرور سرڪاري نوڪري ۾ آهي. ماڻهو آفيس گهٽ وڃن، اُن وقت ۾ به پنهنجا ڪاروبار هلائيندا آهن. تعليم به هاڻي ٻهريان کان وڌي آهي، ماڻهو ڇوڪرين کي به پڙهائن ٿا. هندن جا 100 کن گهر آهن هڪ هُندو سيٺ ٻڌايو ته اُهي خوش آهن مهر سردار ۽ اُنهن جي پٽيرائي اٿن جيئن ڪشمور جي هندن جو به چوڻ آهي ته مزاري سردارن ڪري هو محفوظ آهن. اها ذميداري رياست جي هجڻ گهرجي. ڇڪ ۾ بجلي گهڙي گهڙي وڃي

پئي ڪلاڪ هجي پئي ۽ ٻه ڪلاڪ غائب. ڪجهه همراهن ٻڌايو ته ڇڪ ۾ اڪثر ماڻهو بجلي جا بل ڪونه ٿا ڏين يا استعمال کان گهٽ ٿا ڏين. هڪ همراهه ڪئي سالن کان بجلي جو بل ڪونهي ڏنو. مون هڪ همراهه کان پڇيو ته اوهان جي ڇڪ ۾ اُن جي پروارن ڳوٺن ۾ ٽي وي فرج اچي ويو آهي، ورائي ڏنائون ته اِهو ته عام آهي. ڇڪ هڪ ويجهي دوست جي نوجوان پٽ جي اچانڪ مري وڃڻ ڪري وڃڻو پيو. هي 25 سالن جو نوجوان رات جو سمهيو صبح جو جڏهن مائٽن ڏٺو ته هُو پگهر ۾ شل هيو پيٽ ۾ سور جي شڪايت ڪيائين، هڪ اُلٽي ڪيائين هڪ جنرل پريڪٽيشنر کي گهر گهرايو ويو اُن چيو نبض ۽ بلڊپريشر ڪونهي، همراهه ختم آهي اُن ڪجهه دوائون ڏنيون ۽ ٽيلي لڳايائين، همراه بچي نه سگهيو. ڇڪ ۾ هڪ رورل هيلٿ سينٽر آهي جيڪو هڪ ته شهر کان ٻاهر آهي ٻيو ته اُن ۾ ڪابه سهوليت ڪونهي. ڪنهن مهذب مُلڪ ۾ اِن نوجوان کي بچائڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪئي وڃي ها. اسپتال پهچايو وڃي ها، دل جي پٽي ڪڍي وڃي ها، سيني جو فوٽو ٽئي ها، خون جا ٽيسٽ ٿين ها، مصنوعي ساهه کڻڻ واري مشين تي چڙهي ها، بهرحال ڪوشش ته ڪئي وڃي ها. پر اسان جي بدقسمتي اِها آهي جو اسين اڄان 16 هين صدي ۾ ٿا رهون اسان جا حڪمران سُتل آهن. جيستائين اسان ان قابل ٿيون پنهنجي رورل بنيادي هيلٿ سينٽرس ۾ هنگامي جان بچائيندڙ سهوليتون پهچايون تيستائين اسان کي سوئڊن وارو هيلٿ سرشتو لاڳو ڪرڻ گهرجي. سوئڊن وارن اهڙن علائقن ۾ جتي هُو هنگامي ۽ جان بچائيندڙ صحت جون سهوليتون نه ٿا پهچائي سگهن اُتي انهن اهڙيون ايمبولنس گاڏيون بيهاريون آهن جن ۾ هڪ نرس ، هڪ هنگامي علاج پهچائيندڙ ماهر، اِهي دوائون جيڪي جان بچائيندڙ آهن جهٽڪ دل جي دوري جي دوا، مشينون جهٽڪ دل جي پٽي واري مشين، مصنوعي ساهه کڻڻ واري مشين وغيره شامل هونديون آهن. اهڙي ايمبولينس 15 منٽن جي پنڌ تي بيٺل هوندي آهي. مريض جي فون تي اُها ايمبولينس پهچندي علاج ايمبولنس ۾ ئي شروع ٿي ويندو ۽ مريض ڪنهن وڏي اسپتال ۾ پهچي ويندو. سرڪار کي صحت بابت هنگامي بنيادن تي سوچڻ گهرجي. ”جان آ ته جهان آ“.

ڇڪ ۾ ماڻهن وٽ ٽي ٽي ايئرڪنڊيشنر به آهن چاڪاڻ ته بجلي جو

بل ڪونہ تا ڏين. ڳوٺن جا ڳوٺ ڪُندن تي پيا هلن. امن امان جي صورتحال ڪراچي کان بهتر آهي، ها جيڪڏهن رات جو 10 بجي ڪانپوءِ روڊ تي گهمندو يا سفر ڪندو تہ لُٽجي ويندو. پوليس وارا بہ رات جو دير سان اِن روڊ تي سفر ڪرڻ کان روڪين پيا. جيڪڏهن هر ننڍي وڏي شهر ۽ ڳوٺ لاءِ ريل جي سهوليت هجي تہ اِها لُٽ مار بہ گهٽجي ويندي مون نيٽ تي هڪ مضمون "ريلويز ۽ معاشي ترقي" جي عنوان سان پڙهيو اُن ۾ لکيل هُيو تہ ريل جي ترقي معاشي ترقي کي آسمان تي پهچائيندي آهي. ان ڪري ڪارخانن کي بہ ريل جي ضرورت پوندي آهي ۽ ريل ٽنين سامان سستي اگهہ تي هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ پهچائيندي آهي. پراڻي زماني ۾ ريل جي ڪري سڀ کان وڌيڪ فائدو ڪوئلي جي انڊسٽري کي پيو. ريل ڪانسواءِ يورپ جي ڳوٺن جي ترقي ممڪن نہ هئي. مونکي هڪ ريلوي جي عملدار ٻڌايو تہ ريلوي ئي هڪ ئي دفعي ۾ هزارين ٽن سامان هڪ جڳهہ کان ٻي جڳهہ پهچائي سگهي ٿي ڪابہ ٽرڪ يا ڪنٽينر اِهو ڪم ڪونہ ٿو ڪري سگهي. اِهو سستو آهي اِن ۾ گيس ۽ پيٽرول بہ بچائي سگهجي ٿو. ريلوي يورپ ۾ معاشي ترقي کي انتهائي درجي تي پهچايو اِهو پنهنجي پر ۾ قومي سجاڳيءَ جو مثال هُيو يورپ ۾ ريلوي جي تيز ترقي معاشيات کي تيزي بخشي ڇڏي.

Reference The Growth of the railways expansion and inspect of the railways an Victorian Bryan

هڪ ٻئي مضمون ۾ جيڪو پاڪستان ريلوي تي لکيل آهي جيڪو مون وڪي پيڊيا تي پڙهيو ان ۾ لکيل آهي تہ ريلوي ملڪ لاءِ ساهہ جي تند آهي، پوءِ چو هِن جي اِجڪلهہ گردن مروڙي وئي آهي؟

Reference Pakistan Railways, Wikipedia.

*عوامي آواز سنڌي مئگزين*

*16-22 سيپٽمبر 2012ع*

# سنڌي دانشورن جو بي وقتائتو موت ۽ رهجي ويل سوال!

وڏندڙ سراسري عمر ڪنهن سماج جي صحت مند هجڻ کي ظاهر ڪري ٿي. اِها ظاهر ڪري ٿي ته ان سماج جا ماڻهو پنهنجي صحت بابت ڪيترا نه حساس آهن ۽ عام ماڻهو کي ڪاڏ خوراڪ بهتر ملڻ لڳو آهي، بيماري ۾ اُنهن جو علاج وقت سر ٿيڻ لڳو آهي، اسپتالون علاج جون سهولتون بهتر پهچائڻ لڳيون آهن ۽ بيمار پنهنجي بيماري جو علاج مرض جي پيچيده ٿيڻ کان اڳ ئي ڪرائڻ لڳا آهن. هتي آءُ هڪ دلچسپ حقيقت شيئر ڪندو هلان ته گردي جي بيمارين جي شعبي ۾ ماسٽرس (M.S) ڪرڻ کانپوءِ ٽريننگ لاءِ پنهنجي اداري طرفان يورپ جي ڪجهه ملڪن ۾ موڪليو ويس، فرانس اُنهن مان هڪ هيو. هڪ ڏينهن شام جو مان اسپتال ۾ اُتان جي هڪ ڊاڪٽر سان ڊيوٽي تي هُيس ته هڪ نوجوان آيو ۽ ڊاڪٽر کي چيائين ته مون کي ٿوري دير اڳ اوچتو محسوس ٿيو ته منهنجي پيشاب جو رنگ تبديل ٿي ويو آهي ۽ ڪجهه گلابي ٿو لڳي. اُن نوجوان کي ٻي ڪا به تڪليف نه هُئي. ڊاڪٽر اُن جي چڪاس ڪئي، پيشاب ۽ رت جا ٽيسٽ ورتا ۽ مون کي چيائين ته هِن کي سؤ سيڪڙو ڪجهه به ڪونهي پر اسان جو عوام صحت جي معاملي ۾ ايترو ته حساس آهي جو ٿوري ئي مسئلي ۾ اسپتال پهچيو وڃي ۽ جيتوڻيڪ اِهو سمجهندي به ته هِن کي ڪجهه به ڪونهي، پوءِ به اِها منهنجي ذميواري آهي ته مان هِن جي سموري چڪاس ڪريان ۽ سمورا ٽيسٽ ڪرايان. ڪلاڪ جي جاکوڙ کانپوءِ ڊاڪٽر اُن نوجوان کي تسلي ڏني ۽ چيائين ته تنهنجو الٽراسائونڊ، پيشاب ۽ رت جا ٽيسٽ بلڪل ٺيڪ آهن پر تنهن هوندي به تون اسان جي

ڪلينڪ ۾ ضرور اچجان. اسان تنهنجا ڪجهه ٽيسٽ به ڪنداسون. هاڻ اندازو لڳايو ته ان سماج جا ماڻهو ڪيئن نه صحت مند رهندا ۽ 80 کان 100 سال جيئندا. مون اتي 80 سال جا پوڙها ڏاڍا چست ڏٺا. پڇڻ تي خبر پوندي هُئي ته اڳ به ٻه ٽي آپريشن ڪرائي چڪا آهن ۽ هاڻ وري ڪنهن بي بيماري جي سلسلي ۾ داخل آهن. چوڻ جو مقصد اِهو آهي ته بيمارين کان بچي ۽ اُن جو وقت سر علاج ڪرائي ماڻهن جي زندگين کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو. اسان سيني کي خبر آهي ته مَڌپيئڻ جو رواج اِنهن ملڪن ۾ عام آهي، سردي گهڻي هجڻ به هڪ سبب ٿي سگهي ٿو. پر يورپ جي سيني مُلڪن ۾ اِهو قانون آهي ته مَڌ پيئڻ کانپوءِ توهان گاڏي نه ٿا هلائي سگهو. پوليس وارا روڊ تي مَڌ پيئڻ جي چڪاس جا اوزار کڻي گهمندا آهن جيڪڏهن اِهو ثابت ٿي ويو ته همراهه مَڌ پي گاڏي ٿو هلائي ته اُن جو لائيسنس ختم ٿي ويندو. تنهن ڪري ماڻهو اِن ڳالهه جو خيال رکندا آهن ته جيڪڏهن هڪ ئي گاڏي ۾ هڪ کان وڌيڪ ماڻهو آهن ۽ ڪنهن پارٽي تي وڃڻو اٿن ۽ واپس گهر اچڻو اٿن ته انهن مان هڪ همراهه مَڌ نه واپرائيندو ڇاڪاڻ ته ان کي گاڏي هلائڻي آهي.

هڪ ڀيري دفعي اداري طرفان جرمني وڃڻ ٿيو مان نئين سال جي تقريب واري ڏينهن جرمني جي شهر ڪولن ۾ هيس. اُتي مون کي هڪ پاڪستاني دوست ٻڌايو ته اڄ سڄي رات سرڪاري بسون ۽ زيرِ زمين ٽرينون مفت هلنديون ڇاڪاڻ ته هي همراهه اڄ خوب پيئندا ۽ گاڏي هلائڻ جي قابل نه هوندا. تنهن ڪري سرڪار اِها سهولت مهيا ڪئي آهي ته پلي پيئو پر پنهنجي گاڏي نه هلايو ۽ مفت ۾ سرڪاري بسن ۽ ٽرامُن جا سير ڪريو.عوام دوست حڪومتون پنهنجي رعيت جو اِئين ئي خيال رکنديون آهن ۽ اُنهن کي بي موت مرڻ نه ڏينديون آهن.اسان وٽ پنهنجي جان جو قدر گهٽ آهي. مون کي ڪجهه ڏينهن اڳ هڪ اديب دوست فون ڪيو ته ٻه ٽي دفعا پيشاب ۾ رت آيو آهي ۽ اِهو به چيائين ته جيڪڏهن اِيئن ٿيندي ته وڏاءُ نه ٿيندو ته رت ۾ پيشاب آيو آهي. چيو مانس ته فوراً اڄ ۽ چڪاس ڪراءِ ڇاڪاڻ ته پيشاب ۾ رت اچڻ جا سبب ڪيترائي آهن مثاني ۾ بڪي جو ڪينسر به سببن ۾ شامل آهي يار مهينو کن لڳائي ڇڏيو. هينئر ويجهڙائي ۾ دوستن يارن جي منٿ ميڙ تي چڪاس لاءِ آيو. هاڻ اسان جا پڙهيل، سمجهدار ۽ دانشور پنهنجي صحت جو

خيال نہ رکندا تہ پوءِ ڪير رکندو. اسان جي صوبي ۾ پٿري جي بيماري عام آهي ۽ پٿري جي ڪري ڪيترائي گُردا ضايع بہ ٿيو تا وڃن. اسان جو خيال آهي تہ اڻوڄاڻپ ۽ غربت بہ ان جا خاص سبب آهن. مٿئين دوست واري مثال کي ڇا چئجي؟ لاپرواهي يا اڻڄاڻائي. ذڪر ڪيل اديب دوست اهو بہ ٻڌايو تہ مَڙ پيئڻ کانپوءِ پيشاب ۾ رت ڏواڄي، چيومانس مَڏ جي پچر ڇڏ. خبر ناهي تہ ان تي يار ڪيترو عمل ڪيو.

اسان جو دانشور، اديب ۽ سياستدان مَڏ جي محبت ۾ ايترو تہ مبتلا ٿي ويو آهي جو هاڻ اِهو ڄڻ اُنهن جي روزانيءَ جي معمولَ جو حصو بڻجي ويو آهي. ان جا ڪيترائي نقصان آهن خاص ڪري جگر جي تباهي جو اِهو وڏو سبب آهي. هر شئي ڪنهن حد ۽ دائري ۾ ٺيڪ گهرجي. اسان کي پڙهيل ڪڙهيل اديب ۽ دانشورن جي تمام گهڻي ضرورت آهي، اُنهن جون عُمريون دراز هجڻ گهرجن. اسان جا ڪيترائي نوجوانِ دوست، اديب، شاعر ۽ صحافي ننڍي ڄمار ۾ ٿي اِن خوني شوق جي ور چڙهي ويا. مون ڪجهہ ڏينهن اڳ يورپ ۾ صحت بابت نيٽ تي پڙهيو تہ يورپ ۾ سراسري عمر هن 2000 ۾ مردن ۾ 77.5 سال، ۽ عورتن ۾ 81.1 سال هئي، هاڻ اڃا بہ بهتر ٿي هوندي. سوئيڊن ۾ سڀ کان وڏيڪ بزرگ آهن ۽ هر پنجون ماڻهو 65 سالن کان وڏي ڄمار جو آهي. اِهو اُنهن صحت جون سهولتون مهيا ڪري حاصل ڪيو آهي ۽ اُنهن جو عوام اُنهن سهولتن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ اتاولو بہ آهي، هَو ٿوري ٿي تڪليف ۾ فوراً اسپتال پهچيو وڃن. اتان جو ماڻهو قانون جي پاسداري بہ ڪري ٿو ۽ مَڏ جيڪڏهن واپرائي ٿو تہ حد اندر ۽ واپرائي گاڏي ڪونہ ٿو هلائي ۽ نتيجي ۾ موت جي منهن ۾ وڃڻ کان بچي وڃي ٿو. اسان جي مُلڪ ۾ بہ ڏينهون ڏينهن صورتحال بهتر ٿئي پئي اسان جي سراسري عُمر35 سالن کان وڌي وڃي 55 سالن تائين پهتي آهي پر دانشورن ۽ اديبن کي وڌيڪ جيئڻ ڪپي چاڪاڻ تہ اهي سماج جو سمجهدار طبقو آهن. اسان جي حڪومت کي بہ پنهنجا قانون سخت ڪرڻ کپن ۽ مَڏ پي گاڏي هلائڻ تي پابندي مڙهڻ گهرجي. جيستائين قانون جي حڪمراني قائم نہ ٿئي تيستائين جانيون نہ بچائي سگهبيون. پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن کي بہ پنهنجي صحت متعلق سوچڻ گهرجي ۽ پنهنجي جان جو دُشمن نہ بڻجڻ گهرجي.

يورپ جي مُلڪن ۾ ناروي جي صحت بجيٽ GDP جو 9 سيڪڙو ڪان به وڌيڪ آهي ۽ پوري يورپ جي صحت جي سراسري بجيٽ 8 سيڪڙو ڪان وڌيڪ آهي، ڪٿي اسان جي صحت جي بجيٽ، جيڪا هڪ سيڪڙو ڪان به گهٽ آهي. ڏسو صحتّ متعلق اسين ڪيترا نہ حساس آهيون. جو اسان جو هڪ ٻيو اديب دوست Diabetic آهي منهنجو مضمون پڙهي ڊنو ۽ ٽيسٽ ڪرائڻ آيو خون ۾ کنڊ گهٽي وڌيل هُئي پر شگر جي خراب صورتحال جو علاج ڪرائڻ نہ اڃي سگهيو ۽ چيائين وقت نہ مليو. اِهو آهي حال اسان جي سُجاڻ دوستن جو. مونکي ڏک مان هي مضمون لکڻو پيو ۽ اِن مضمون لکڻ لاءِ مونکي دوست همسفر گاڏهي به همتايو ۽ ڏکوئيندڙ آواز ۾ چيائين تہ ڊاڪٽر ڪيتري نہ ڏک جي ڳالهہ آهي تہ اسان جا نوجوان اديب، دانشور ۽ سياستدان ننڍي ئي عُمر ۾ مَڌ جي چڪر ۾ جگر جي بيماري ۾ مبتلا ٿي مري ويا ۽ ڪُجهہ مَڌ جا متوالا ٿي ڪار حادثن ۾ اسان کان جُدا ٿي ويا. "واڪا ڪرڻ مون وس ہنڌڻ ڪم ہروچ جو" هن مضمون کي ذاتي انداز سان دل تي وٺڻ جي ضرورت ڪونهي ۽ نہ ئي منهنجو ڪو ڪنهن تي ذاتي تنقيد ڪرڻ جو مقصد آهي. اسين پنهنجي سُجاڻ طبقي جا گهڻ گهرا آهيون ۽ انهن جي حياتي ڊگهي ڏسڻ ٿا چاهيون. هي مضمون اُن سوچ تحت پڙهيو ۽ سمجهيو وڃي تہ تندرستي هزار نعمت آهي.

*افيئر مئيگزين*
*جولاءِ 15-2011.*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارشاد گلاباڻي سان گهاريل آخري ڏينهن!

هڪ ڏينهن بن پهرن جو مون کي هڪ دوست فون ڪيو ته پنهنجو ارشاد بيمار آهي،ڇهن هفتن کان بخار اٿس. بخار کي بنهه ڪا اهميت ئي نه پئي ڏنائين ۽ پنهنجي ڪم سان جنبيو رهيو.دوستن جي بي حد اسرار تي ڪجهه چڪاس ڪرائي اٿائين ۽ گردي ۾ ڪينسر جو شڪ آهي اهو ٻڌي پريشاني ٿي.منهنجي ئي ساٿي ڊاڪٽر محمد خان ٻبر ۽ اسان ٻنهي صلاح ڪري ڪيس SIUT ۾ داخل ڪيو. ايڪسري ٿيا،خون جي چڪاس ٿي ۽ طئي ٿيو ته اهو گڙدو ڪڍڻو پوندو.مان اڪثر گلاباڻي سان ملندو رهيس سندس چهري تي ڪڏهن به مايوسي نه ڏٺي. هڪ ڏينهن چيائين ادا ڊاڪٽر، منهن ڏيو.ڪنهن به ڪينسر لاءِ گهڙي گهڙي اهم هوندي آهي.لڳي ٿو ته اهو عمل اجان به ڪجهه وقت اڳ ۾ شروع ٿيو هيو ۽ دوست کي يا ته خبرئي نه پئي يا وري پاڻ سُستي ڪيائين.

ڪينسر لاءِ سائنس ٿي ٻڌائي ته خوردبيني گهرڙن ۾ اهو عمل جسم ۾ ظاهر ٿيندڙ نشانين کان گهڻو اڳ شروع ٿي چڪو هوندو آهي. تنهن هوندي به جيڪڏهن ان کي عضوي ۾ محدود هجڻ وقت پڪڙجي ۽ علاج ڪجي ته اهو قابل علاج مرض آهي ، پر هڪ دفعو اهو جيڪڏهن عضوي مان ٻاهر نڪري وڃي ۽ ٻين عضون کي متاثر ڪري ته پوءِ ان جو علاج مشڪل ٿيو وڃي. پياري دوست ارشاد سان بدقسمتي سان ايئن ئي ٿيو. گردي جو ڪينسر جگر ۽ ڦڦڙن ۾ به هليو ويو هيو. گڙدي جي ڪينسر لاءِ اهو ڪتابن ۾ لکيل آهي ته جيڪڏهن ڪينسر وارو گردو ڪڍي ڇڏبو ته ڪجهه ماڻهن ۾ ٻاهر پکڙيل ڪينسر ختم ٿي ويندو آهي، تنهن ڪري گردي جي ڪينسر جو علاج ئي فقط آهي گردو ڪڍڻ. شفائون ۽ دوائون ته پنهنجو اثر ڪونه ٿيون ڪن ها، امينو ٿراپي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو ڪجهه نه ڪجهه عمل دخل آهي. جڏهن گردي ڪڍڻ کان پوءِ مريض تندرست ٿي وڃي ته اهو علاج ڏٺي سگهجي ٿو پر ان جا فائدا به ڪي گهٽا ڪونهن. بس " ٻڏندڙ کي تيلي جو سهارو" چئجي. گلاباٽي مرد مجاهد هيو. همت نه هاريائين. گردي جو آپريشن ماهر ڊاڪٽر اديب الحسن رضوي ڪيو. گلاباٽي ڪجهه ڏينهن چڱي صحت ۾ رهيو پر آءِ سي يو مان وارڊ ۾ موڪلڻ جي قابل نه هيو. جگر ڪم ڪو نه پئي ڪيو.تنهن ڪري لمحيات( Proteins) جسم ۾ نه پئي ٺهيون.جسم تي سوج هئي، ڦڦڙن ۾ به ڪينسر هيو. تنهن ڪري ساهه کڻڻ ۾ به مشڪل پئي ٿيس. ڊاڪٽرن ۽ طبي عملي وسان نه گهٽايو. مان ڪيس روز ملڻ ۽ ڏسڻ ويندو هيس. هڪ ڏينهن ٻارن لاءِ پڇيو مانس ته چا اُنهن سان مليو آهين؟ چيائين ڊاڪٽر منهنجو آخري پٽ سڪيلڏو آهي ان جي ڏاڍي سڪ لڳي آهي، ان ۾ منهنجو ساهه آهي. چيو مانس گهرائينس ته توسان ملرايون: چيائين ڊاڪٽر اسپتالن ۾ ننڍن ٻارن کي اجازت نه هوندي آهي، تنهن ڪري قانون کي نه ٽوڙبو. ٺيڪ ٿي ملندس.گلاباٽي جي صحت آخري ٻه ڏينهن وڌيڪ خراب ٿي وئي. ساهه نه پئي کنيو ويس. سندس ٻئي گردي به ڪم ڇڏي ڏنو. سائنس جي زبان ۾ ان کي گهڻن عضون جي خرابي (Multi Organ Failure) چئبو آهي.جگر ۽ ڦڦڙ اڳ ئي متاثر هيا. هڪ گردو نڪري چڪو، ٻئي گڙدي ڪم ڇڏي ڏنو. "دل وارو يار دل جي آسري تي جيئرو هيو." ارشاد کي ساهه کڻڻ واري مشين تي رکيو ويو. ڊائلسس ڪئي وئي، جتن ڪيا ويا پر زندگي وفا نه ڪئي. آخري ڏينهن وڏو پٽ آيو جيڪو ملڻ وقت جنهن نموني سخت پريشان هيو ۽ ان کي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته هو ڇا ڪري. ابي جي حالت ان کي چڪرائي وڌو.معصوم پيءُ جا پير ڇهيا، ڳل ڇهيا، دعا پڙهي ۽ روئي پيو.منهنجو هينئو به جهري پيو.گلاباٽي دوست جو هيو.گلاباٽي جو بي وقت موت ڪافي ڏکوئيندڙ آهي، خاص ڪري معاشري ۾ سگهارو رجحان رکندڙ ماڻهو جو موت وڏو نقصان آهي. گلاباٽي اسان لاءِ هڪ سبق به ڇڏي ويو ته موت سان مهاڏو اٽڪائي بي خوف ٿي اکيون اکين ۾ وجهي مري وڃجي. ٻيو سبق ڊاڪٽري جي حوالي سان مليو ته ڪنهن به مرض کي هڪدم پڪڙ جي ۽ ان جو علاج ڪرائجي، ڇهه هفتا وڏو وقت هوندو آهي. ٿيون اسان جو طبي سرشتو اهڙو مفيد ڪونهي جو ماڻهو ٿوري ٿوري تڪليف

لاءِ ڊاڪٽر وٽ وڃي، ان ۾ بہ مشڪلاتون آهن.چڱي ڊاڪٽر جو ملڻ، مفت علاج ۽ ايمانداري سان مرض جي چڪاس ۽ علاج. اهي بہ ڏاڍا منجهائيندڙ مرحلا آهن.مونکي خبر ڪونهي تہ گلاباٽي سان ڪهڙي مشڪل هئي جوهن ايترا ڏينهن مرض کي ڪليو ڇڏيو.اسان وٽ سرڪاري يا نجي نوڪرين ۾ هيلٿ انشورنس جو ڪو سرشتو ڪونهي تہ جيئن ماڻهو ڪنهن اسپتال ۾ لنگهي وڃي تہ ان جو هڪدم مفت علاج ٿئي.

گلاباٽي ايماندار ماڻهو هيو. نجي اسپتالن جو علاج ڏاڍو مهانگو آهي، هرڪو ڪونہ ٿو برداشت ڪري سگهي. مون هڪ ڏينهن گلاباٽي کان پڇيو تہ جتي ڪم ڪندو آهين اتان ڪا واهر ٿي اٿئي جواب ڏنائين هابس ڪاغذي ڪارروائي جي حد تائين ٿي آهي. دنيا سڄي ۾ صحت جي انشورنس جو سرشتو رائج آهي، ادارا پنهنجي ملازمن جي انشورنس ڪرائيندا آهن ۽ انهن جو علاج ان انشورنس مان ٿيندو آهي، اهو بہ هڪ طريقو آهي. ٻيو طريقو آهي سرڪاري اسپتالن کي سگهارو بڻائڻ جو ۽ اتي مفت علاج مهيا ڪرڻ جو. SIUT بہ هڪ اهڙو ادارو آهي جيڪو سرڪار ۽ سرندي وارن جي شراڪت سان مفت علاج مهيا ڪري ٿو. هڪ دفعو مريض هتي فقط داخل ٿئي، ڪروڙن جو علاج بہ هي ادارو مفت مهيا ڪندو. دوست گلاباٽي جيڪڏهن شروع ۾ ئي هن اداري جو رخ ڪري ها تہ شايد ايتري دير نہ لڳي ها. پر ڇا ڪجي زندگي بي وفا ۽ بي رحم آهي. معاشرا جيڪي پنهنجي ماڻهن جي صحت جو خيال رکندا آهن، انهن جو قدر ڪندا آهن. انهن جا ماڻهو صحتمند بہ رهندا آهن ۽ وڏي عمر بہ جيئندا آهن. يورپ ۾ عورتن جي سراسري عمر 80 سال آهي. مان هڪ ڏينهن پيرس جي اسپتال ۾ ڪم ڪري رهيو هيس تہ هڪ نوجوان اتي آيو ۽ چيائين تہ مون اڄ اچانڪ اهو محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي پيشاب جو رنگ تبديل ٿي ويو آهي. فرينچ ڊاڪٽر ان جا سڀ ٽيسٽ ڪرايا، خونُ، پيشاب ۽ الٽراسائونڊ. ان ۾ ڪجهہ بہ خرابي نہ هئي،تنهن هوندي بہ ان کي چيائين تہ تون وري اسان جي اوپي ڊي ۾ اچجان اسين وڌيڪ چڪاس ڪنداسون. چوڻ جو مقصد آهي تہ هي نوجوان ان ڪري هڪدم اسپتال پهتو ڇاڪاڻ تہ خبر هيس تہ سڀ ڪجهہ مفت آهي ۽ ڊاڪٽر ايمانداري سان منهنجي چڪاس ڪندو ۽ هڪدم ڪندو. ڪا مشڪل ڪونهي . ڌوڪڙ ڪونہ ورتا ويندا.جيڪڏهن اسان کي پنهنجي عوام

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي، پنهنجي ماڻهن کي تندرست ڏسڻو آهي ته اهڙو ئي ڪو سرشتو قائم ڪرڻو پوندو. ادارن کي پنهنجي عملي جي صحت پاليسي ڪرائڻي پوندي، انهن جو مفت علاج ڪرائڻو پوندو، تڏهن وڃي ماڻهن جون حياتيون بچنديون.چڱا ادارا،چڱا ليڊر ۽ چڱا حڪمران پنهنجي عملي جي واهر ڪندا آهن. هڪ ڏينهن ارشاد ڪجهه دوستن کي گهرايو ۽ چيو، لڳي ٿو ته منهنجا ڏينهن پورا آهن، منهنجي ٻارن جي سنڀال ڪجو، انهن جو خيال رکجو. ارشاد جو ادارو ۽ سرڪار ملي ڪري گلا ٻاڻي جي ٻارن جي واهر ڪن، انهن جي تعليم جو بندوبست ڪن،پينشن جو سلسلو ڪن. اسپيڪر سنڌ اسيمبلي نثار کهڙو صاحب گلا ٻاڻي کي ڏسڻ آيو هيو، هاڻ اميد ته حڪومت ڪو ٻوٽو ٻاريندي.

*افيئر مئيگزين*

*جولاءِ 15-2012.*

# اڻ هوند سبب هڪ معصوم جو موت!

طارق عالم ابڙو، هڪ نوجوان ليکڪ ۽ ڏاهو جنهن کي مان 1986ع کان تڏهن کان سڃاڻان جڏهن پهريون دفعو ان جا گردا خراب ٿي ويا هئا. ڪجهه وقت ڊائلائسس تي رهڻ کانپوءِ طارق گردي جي پيوندڪاري ڪرائڻ انگلستان ويو، جتي ان کي پنهنجي ئي هڪ پياري، انسان دوست استاد، پروفيسر نوراني صاحب گردو دان ڪيو. پاڪستان ٽيلي ويزن وارن نوراني صاحب کي مڃتا ڏيڻ لاءِ هڪ پروگرام جو بندوبست به ڪيو، جنهن ۾ مان به شامل هيس، ان ۾ پروفيسر صاحب اهو ٻڌايو ته گردي عطئي ڪرڻ جو فيصلو ان انساني جذبي تحت پنهنجي سڳي پٽ جي محبت ۾ ياد ۾ ڪيو. نوراني صاحب جهڙا ماڻهو جس لهڻ ۾ دنيا اهڙن انيڪ، نيڪ ماڻهن جي ڪري هلي پئي.

طارق سان وقتن فوقتن ملاقاتون ٿينديون رهيون، 1986ع کان 2010ع تائين هو چاڪ چڱو ڀلو هيو ۽ خوش به. چاڪاڻ ته مهراڻ رسالي جي ادارت ۾ لکڻ پڙهڻ واري ڪم ۾ مشغول هيو. جڏهن به ڳالهه ٿيندي هئي ته چوندو هو ته ڊاڪٽر گهٽو ڪجهه ڏنوسين ۽ جيڪو ڪجهه ڪرٽو ۽ لکٽو پڙهٽو هيو، اهو لکيو پڙهيوسين، هاڻ ڳڻتي ڪونهي، زندگي رهي يا نه. مون هڪ دفعي چيومانس ته تو جهڙن ماڻهن جي معاشري کي هر وقت ضرورت آهي، تنهن ڪري ڪڏهن به اهو نه سوچ ۽ زند رهڻ جي ڪوشش ۾ چاڪ چڱو ڀلو رهڻ جي جستجو هميشه ڪندو رهه. هڪ ڏينهن چيائين ته ڊاڪٽر مون کي هيپيٽائٽس سي به آهي. گردي جو ڪم به هاڻ متاثر ٿيو آهي، هاڻ ڪجهه نه ٿيندو. مون همت ٻڌرائي مانس ته اڄڪلهه جگر به پيوند ڪيو ويندو آهي، ۽ ٻيون، ٽيون ۽ چوٿون گردو به لڳي سگهي ٿو. 20 سال ٻيا جيئندين ته به چار ٻيا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو اڻ برابري واري سماج ڪري پيو ٿئي جو امير ۽ سرندي وارا پنهنجو علاج ٻاهرين دنيا مان ڳرا پئسا خرچ ڪري ڪرايو اچن، انهن کي ڪا مجبوري ڪونهي، سموريون پريشانيون اٿهوند وارن لاءِ آهن. اج تائين ڪيترائي طارق، ڪيترين ئي مائرن جا ڳڀرو پٽ، عورتن جا ور، پينرن جا پاءُ ۽ پائرن جون پينرون، ٻارڙن جا ماءُ پيءُ فقط انهي ڪري زندگي تان هٿ کڻي ويا، ڇاڪاڻ ته جگر، دل، آنڊيون ۽ گردن جي پيوندڪاري ڪرائي نه سگهيا. ”اُها ٽئي اٿهوند“ دنيا چنڊ تي پهتي آهي اسين اُتي ئي اوائلي دور جي مسئلن ۾ ڦاٿل آهيون. طارق بچي سگهيو پئي جيڪڏهن جگر جي تبديلي جو آپريشن هن ملڪ ۾ ٿيندو هجي ها! زندگي بچائيندڙ سمورا آپريشن ۽ سمورو علاج هر ماڻهو کي مفت بغير ڪنهن فرق جي گهر جي پرسان ملڻ گهرجي.

افيئر ميگزين

جون 15-2011

# اديب ۽ فنڪار قوم جو اثاثو آهن

صحت جون سهولتون مفت پهچائڻ سرڪار جي ذميواري ۾ شامل آهي. تعليم ۽ صحت اِهي ٻئي انتهائي اهم شعبا آهن جيڪي هر انسان جي زندگي ۾ وڏي معنيٰ تا رکن. عوام دوست حڪومتون پنهنجي عوام جي اِنهي ٻنهي مفادن جو ڀرپور بچاءُ ڪنديون آهن. سرڪاري اسپتالون عام ماڻهو کي صحت جون سهولتون پهچائڻ ۾ انتهائي اهميت رکن ٿيون جتي جيتوڻيڪ لکين ڪروڙين ماڻهو صحت جون سهولتون حاصل ڪن ٿا پر اهي ڪتي معياري ۽ ڪٿي وري غير معياري حالت ۾ آهن. پرائيويٽ اسپتالن جا ڳاٽي ڀڳا خرچ ڪجهه سيڪڙو ماڻهو ئي برداشت ڪري سگهن ٿا. ترقي يافته دُنيا ته اِن جو حل هيلٿ انشورنس ۾ ڪڍيو آهي. اسڪينڊينيوين مُلڪن ۾ اِهو ذمو سرڪار ڪنيو آهي، جنرل پريڪٽيشنر به سرڪاري ملازم آهي. مريض فقط اسپتال پهچي، بلاشڪ ڪو مٽ مائٽ ساڻ به نه هجي اُن جو علاج شروع ٿي ويندو، جن علائقن ۾ وڏيون اسپتالون ڪونهن اُتي هڪ ايمبولينس سروس موجود آهي جيڪا هر حال ۾ 15 منٽن جي پنڌ تي بيٺل هوندي آهي. علاج ايمبولينس ۾ ئي شروع ٿي ويندو دل جي دوري جي علاج ڪان وٺي هترادو ساهه کڻائڻ جي مشين تائين ان ايمبولينس ۾ موجود هوندا ۽ مريض کي ڪنهن وڏي اسپتال پهچايو ويندو. اِهي مُلڪ ۽ ان جا حڪمران عوام دوست آهن. اسپتالن ۾ ته مريض جي بستري تي فون به هوندو آهي ۽ انهن کي اِها به خبر هوندي آهي ته جيڪڏهن علاج ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي رهي آهي ته ڪنهن کي فون ڪرڻو آهي، فون ڪرڻ جي دير آهي انڪوائري شروع ٿي ويندي اِهو مون سوئڊن ۾ ڏٺو اُهو به اُتان جي هڪ ڳوٺ لنڊ ۾ جتي مان ماسٽرس ڪرڻ ڪانپوءِ ٽريننگ لاءِ پنهنجي اداري طرفان ويل هُيس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سوشل ورڪ ڊپارٽمينٽ هُيو جنهن جو ڪم اِهو هيو تہ انهن ماڻهن کي گهرن ۾ سهائتا پهچائي جيڪي اڪيلا ٿا رهن ۽ بيمار آهن. اِهو ڊپارٽمينٽ انهن جي ضرورت آهر اُنهن کي ماني ۽ دوائون پهچائيندو. جيڪڏهن ڪو بزرگ يا ضرورت مند اِهو چوندو تہ مان ماني پچائڻ جي قابل ناهيان تہ اُهو ڊپارٽمينٽ ٽن ويلن جي ماني بہ پهچرائيندو. ڪو بيمار فقط ايمبولينس جي نمبر تي فون ڪري ايمبولينس پهچي ويندي بغير ڪنهن وقت خراب ڪرڻ جي مريض کي ڪٽي اسپتال پهچائينا ۽ ۽ علاج شروع ٿي ويندو. اُنهي ٽريننگ دوران منهنجي ملاقات هڪ پاڪستاني خاندان سان ٿي جيڪو پنجاب مان آيل هيو ۽ سوئڊن جي اميگريشن لاءِ درخواست ڏئي ويٺو هُيو اُن همراهہ ٻڌايو تہ اُن کي نہ صرف فليٽ مفت مليل آهي پر ماهوار خرچ لاءِ پئسا بہ ملندا آهن ۽ ٻڌايائين تہ مون کي ٻار جائو آهي جنهن کي پيدائشي نقص آهي جنهن جي علاج ڪرڻ لاءِ ماهر ڊاڪٽر سرجن لنڊ ۾ موجود آهي. اُن جي گهرواري ٻار سان اسپتال ۾ آهي ۽ اُن کي مريضن جي مائٽن جي هاسٽل ۾ ٻن ڪمرن وارو فليٽ مفت ڏنو اٿائون چاڪاڻ تہ همراهہ کي ٻہ ٻيا بہ ٻار هئا. انسان کي انسان سمجهڻ واري روش جيستائين اسان ۾ ۽ اسان جي حڪمرانن ۾ نہ پيدا ٿيندي تيستائين اسان جي ماڻهن جو ڀلو ڪونہ ٿيندو . اسان جون سرڪاري اسپتالون بہ تمام گهٽي تعداد ۾ عام ماڻهو جو علاج ڪن پيون ۽ ڪيترائي شفاياب بہ ٿين پيا پر اُنهن جي ڪارڪردگي بهتر ڪرڻ جي ضرورت آهي مريضن کي علاج سان گڏ دوائون بہ مفت مهيا ڪرڻ جي ضرورت آهي جتي اعليٰ پائي جو جديد علاج موجود ڪونهي اُتي اهو پهچائڻ جي ضرورت آهي. اِن ۾ سرڪار ۽ سرنديءَ وارا ٻئي گڏجي گهڻو ڪجهہ ڪري سگهن ٿا جيستائين سرڪار اڪيلي اِن قابل ٿئي. چاڪاڻ تہ سرڪار اڪيلي شايد اِهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي اجا قابل ڪونهي. مون سوئڊن ۾ هڪ ٻار کي ميڪ ڊونلڊ ۾ ڪم ڪندي ڏٺو ٻار 14 سالن جو هُيو مون سان گڏ هڪ پاڪستاني همراهہ هُيو جيڪو اُتي رهندو آهي پڇيو مانس تہ ڇا اِتي بہ ٻارن کان مزدوري ڪرائي ويندي آهي ورائيائين تہ هتي اسڪولي شاگردن کي سال ۾ ڪجهہ ڏينهن ڪم ڪرڻو پوندو آهي اِن جا ٻہ فائدا آهن هڪ تہ اِنهي عمر کان انهن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي عادت پوندي آهي تہ جڏهن هُو جوان ٿين يعنيٰ 18 سالن جي عُمر تي پهچن تہ هُو پنهنجو خيال پاڻ لهڻ جي قابل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# رازناٿن شاهي جي راءِ ۾ وڏو وزن آهي

2 اپريل واري عوامي آواز ۾ سائين جو مضمون پڙهيو ڪافي وڻيو. آدم شماري ۽ گهر شماري واقعي اهم آهن. اِن حوالي سان ماڻهن کي سجاڻ بڻائڻ انتهائي اهم آهي. سيمينار، ميڙاڪا، بيان، انٽرويو سڀ انتهائي اهم آهن. پر هڪڙي ڳالهه بي اهم آهي تہ ٽي وي، اخبار ۽ ريڊيو گهر گهر ۽ ڳوٺ ڳوٺ نہ آهن. جتي ٽي وي، ريڊيو ۽ اخبار دستياب ڪونهن. انهن کي ڄاڻ ڪيئن پهچائبي. هڪڙو گردي جي تبديلي جو مريض آهي چيائين تہ منهنجي ڳوٺ ۾ نہ ٽي وي ۽ نہ ئي وري ريڊيو ملندو ۽ نہ هي اسين اِهي ڳوٺ ۾ اچڻ ڏينداسون. ٻهراڙي ۾ تعليم جي بہ گهڻتائي آهي، اهڙين جڳهين تي پهچڻ جو سوچيو وڃي. سماجي تنظيمون، اُستاد، ڪارڪن، ۽ آدم شماري وارو عملو سڀ گڏجي علائقا ورهائين ۽ در در وڃي ڪڙو ڪڙڪائي ماڻهن وٽ آدم شماري ۽ گهر شماري جي اهميت اُجاگر ڪن. سرڪار سڃاڻپ ڪارڊ جي بنياد تي آدم شماري جي ڳالهہ بہ ڪري پئي خبر ڪونهي تي سڃاڻپ ڪارڊ ڪيترن ماڻهن جو ڪونهي نهيل، اِهو گهڻ پاسائون ڪم آهي منهنجي خيال ۾ سيئي ذريعا استعمال ڪرڻا پوندا. راز صاحب الطاف حسين ۽ متحده کي جيڪا سنڌي لکرائڻ جي صلاح ڏني آهي اِها بہ وقتائتي آهي پر هڪ قدم اڳتي وڌي سرڪار ۽ ٻيون ڌريون متحده سان رابطو ڪن ۽ اُنهن کي اِن ڳالهہ تي راضي ڪن تہ هو قوميت جي خاني ۾ سنڌي لکن. اُردو ڳالهائيندڙ دوستن ۽ اُنهن جي دانشورن سان رابطو ۽ ملاقاتون بہ هِن ڏس ۾ مدد ڪري سگهن ٿيون. جمهوري، سيڪيولر ۽ لبرل ڌرين کي شامل ڪري اِهو ٽارگيٽ حاصل ڪري سگهجي ٿو. اديب، صحافي، اُستاد، ڊاڪٽر، سوشل ورڪر ۽ سماجي تنظيمون اِن ۾ اڳيرائي ڪن.

*عوامي آواز ڪراچي*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تنهنجا منهنجا سور به ساڳيا!

هندو صدين کان هن ڌرتي ۽ سماج جو حصو رهيا آهن. ڪڏهن ڏک ته ڪڏهن سک، ڪڏهن نيچ ته، ڪڏهن اونچ اهي سڀ زندگيءَ سان جڙيل آهن. هندن هن ڌرتيءَ تي اڪثر سکيا ستابا ڏينهن ڏٺا. وڻج واپار ۽ تعليم ۾ اڳيرا رهيا. گهٽي تعداد ۾ جيئڻ ته هو سنڌ ڌرتيءَ سان وابسته رهيا (هڪ اندازي مطابق اڄڪلهه انهن جو تعداد 60 کان 70 لک آهي) تنهن ڪري سنڌ جي معاشي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ انهن جو حصو پڻ ڪافي نمايان رهيو آهي. 1947ع جي ورهاڱي، جنهن انسانن کي ٽڪرن ۾ ورهايو ۽ هڪ ٻئي جي جان جو دشمن بڻايو. لکين ماڻهن جون جانيون ضايع ٿيون، هزارين ٻار يتيم ٿيا، هزارين عورتون بيواهه ٿيون، هزارين مائرون پنهنجي جگر جي ٽڪرن تان هٿ کڻي ويٺيون ۽ ايندڙ سڄي زندگي لاءِ اکين ۾ ڳوڙها پري جيئنديون رهيون، ان وحشت جو شڪار هندو، مسلمان ۽ سک هڪجهڙا ٿيا، موت جو راڪاس سيني مٿان هڪ جهڙو گهمي ويو. ڪٿي ڪير وڌيڪ متاثر ٿيو ته وري ڪٿي ڪير، جن پنهنجا پيارا وڃايا اُهي سڄي زندگي روئندا رهيا. ورهاڱي وقت جن هندن هتي ئي رهڻ جو سوچيو انهن هن ڌرتيءَ سان پنهنجي محبت جو ورجاءُ ڪيو ۽ حب الوطنيءَ جو ثبوت ڏنو ۽ انهن علائقن ۾ رهندڙ مسلمان ڀائرن انهن کي جيءَ ۾ جاءِ ڏني، تحفظ ڏنو ۽ انهن جو هن ڌرتيءَ تي رهڻ محفوظ بڻايو. 64 سال گذري ويا هندو ڏاڍو سکون سان هن ڌرتيءَ تي رهندا آيا آهن. مسلمان ڀائرن هميشه انهن کي سنڌي سماج جو حصو سمجهيو ۽ هر ڏک سک ۾ سات نڀايو. هي اوچتو ڇا ٿي ويو جو هندو بيچين ٿي ويا. بدامني، مار ڌاڙ ۽ اغوا عام ٿي ويو ان جا به ڪيترائي سماجي سبب آهن. انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهيل لکيل سنڌ ڪٿي آهي؟

”تعليم سماجي ترقي لاءِ ريل جي انجڻ واري اهميت رکي ٿي. آمريڪين وٽ ٻه رستا آهن. پنهنجي اسڪولن کي سگهارو ڪن يا پنهنجي زندگي جي معيار جي تباهي قبول ڪن.“ اِهي لفظ فريد ذڪريا ”ٽائم“ مئيگزين جي تازي شماري ۾ پنهنجي مضمون ”جو آمريڪا نہ ٿو سِکي ؟“ ۾ لکيا آهن. تعليم ڪيتري نہ اهم آهي جو آمريڪا جهڙي ترقي ڪيل ملڪ ۾ بہ جيڪڏهن اِها ڪمزور ٿي آهي تہ اُن کي ڪيئن نہ محسوس ڪيو ويو آهي. فريد ذڪريا هاءِ اسڪول تعليم کي ڪافي اهميت ڏيندي لکيو آهي تہ ڪنهن زماني ۾ آمريڪا ۾ هاءِ اسڪول تعليم ڏاڍي معياري هوندي هئي ”اسٽيو جاب“ (Steve Jobs) جيڪو ڪمپيوٽر ۽ آءِ ٽي جو وڏو نالو بڻيو اُن جي هاءِ اسڪول تعليم اعليٰ پائي جي هئي ۽ هُن اها تعليم هوم اسٽيڊ هاءِ اسڪول اِن ڪيوپر ٽينو ڪيلف ۾ ورتي جيڪو اعليٰ درجي جو اسڪول هُيو جنهن اُن کي ٽيڪنالاجي ۽ آرٽ ۾ بُنياد مهيا ڪيو ۽ ساڳيو ئي اسٽو ووزنيڪ سان ٿيو. 1972ع ۾ جابس گريجوئيشن ڪئي. ڪيليفورنيا جا پبلڪ اسڪول دُنيا ۾ عِلم جا مرڪز هُئا. اهي آمريڪا جا انتهائي معياري اسڪول هُئا. ذڪريا لکي ٿو تہ اڄڪلهہ ڪيليفورنيا جا پبلڪ اسڪول تباهي جون تصويرون آهن اهي مُلڪ ۾ سڀ کان تري ۾ آهن. جيئن آمريڪا تعليم جي ميدان ۾ ترقي يافتہ مُلڪن ۾ سڀ کان هيٺ آهي. اداري ”ورلڊ اڪانامڪ فورم“ آمريڪا جي تعليمي سرشتي کي 26 نمبر تي رکيو آهي جيڪو جرمني، فنلينڊ، نيدرلينڊ، ڊينمارڪ، ڪئناڊا ۽ سنگاپور کان هيٺ آهي. سائنس ۽ رياضي ۾ اڃا بہ هيٺ آهي ”تعليم سماجي ترقي لاءِ ڏاڪڻ جو ڪم ڪري ٿي“ فريد لکي ٿو.

هاڻي جيڪڏهن اسان پنهنجي تعليمي سرشتي تي نظر وجهون ٿا تہ افسوس سان اهو چوڻو ٿو پوي تہ اسين کنهن بہ ڳاٽيتي ۾ نہ آهيون اسان جا هزارين اسڪول بند پيا آهن يا وري وڏيرن جون اوطاقون آهن. استاد شاگردن کي پڙهائڻ لاءِ تيار ڪونهن. شاگرد تنظيمون هر وقت امتحانن جا بائيڪاٽ ڪرائي بڌل تعليمي سرشتي جي ويتر بيڙي ٻوڙڻ ۾ مدد گار ثابت ٿين ٿيون. منهنجو مائٽ نواب شاهہ جي سرڪاري ڪاليج ۾ پڙهندو آهي اُهو ٻڌائي ٿو تہ اُستاد ڪاليج اچن ئي ڪو نہ ٿا تنهن ڪري هُو ڪاليج ويندو ئي ناهي ۽ اُهي ئي استاد شام جو ٽيوشن پڙهائيندا آهن. جيئن ڊاڪٽر سرڪاري اسپتال بجاءِ پنهنجي خانگي ڪلينڪ تي وينو هوندو آهي تيئن ئي اُستاد صبح کان ئي ٽيوشن شروع ڪري ڇڏيندو آهي.

اڄڪلهہ چنا پيٽي جو زمانو آهي، ڪنهن بہ چڱي اداري ۾ داخلا وٺڻ لاءِ انٽري ٽيسٽ واري مرحلي مان گذرڻو پوي ٿو. اها ٽيسٽ اهو ئي پاس ڪندو جيڪو لائق هوندو. اسين سدائين سنڌي قوم ۽ سنڌ سان ڏاڍائي جو ذڪر ڪندا آهيون پر ڏسجي تہ قومون بہ ترقي تعليم سان ڪنديون آهن. جيڪڏهن سنڌي نہ پڙهندا تہ مقابلي جي امتحان ۾ ڪامياب نہ ٿيندا ۽ جيڪڏهن ائين نہ ٿيندو تہ هو وڏين آسامين تي نہ هوندا ۽ جيڪڏهن ائين نہ ٿيو تہ پوءِ سنڌي قوم، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي خدمت ڪيئن ڪري سگهندا. اهو سڀ ڪجهہ هڪ ٻئي سان جُڙيل آهي. مون ذاتي طور اهو مشاهدو ڪيو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن قوم جا ماڻهو پڙهي ڪڙهي وڏي مرتبي تي پهچن ٿا تہ پوءِ پنهنجي قوم جو مان مٿانهون بہ ڪن ٿا ۽ ان جي ترقي ۽ ڀلائي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ جي قابل ٿين ٿا. اسان کي پاڻ پتوڙڻو پوندو فقط نعري بازي سان ڪم نہ هلندو. سنڌ يونيورسٽي هرايندڙ ڏينهن بند پئي آهي. اهي شاگرد ڪيئن ٻيا صوبي ۽ ملڪ جي ڪنهن بہ يونيورسٽي جي شاگردن سان مقابلو ڪندا. اسان جون سڄاڻ ڌريون، قومپرست، ليکڪ ۽ ڏاها ڪٿي آهن چو نہ ٿا ان خلاف آواز اٿارين ۽ تنظيمن کي ان تي راضي ڪن تہ هو پنهنجي تنظيمن مان تعليم دشمن عنصرن کي ڪڍي ٻاهر ڪن. هر تنظيم کي اهو عمل ڪرڻ گهرجي تہ ان جو ميمبر پڙهائي ۾ بہ اوترو ئي سگهارو هوندو جيترو تنظيمي ڪم ۾ تکڙو ۽ تڏهن هئي هو مٿي اچي سگهندو ۽ ڪا تنظيمي ذميواري حاصل ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ فقط 63% سيڪڙو ٻار پرائمري تعليم حاصل ڪن ٿا. 2009 ۾ پاڪستان ۾ پرائمري اسڪول ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جو تعداد 66% سيڪڙو هيو جيڪو دنيا جي سراسري 90 سيڪڙو پرائمري تعليم واري حد کان گهٽو گهٽ آهي. پاڪستان جي اها ڪمزور حيثيت ان ڪري ٿي آهي جو اسين پنهنجي GDP جو فقط 2.0% تعليم تي خرچ ڪيون ٿا. اسين 85-1984ع ۾ ٻه 2 سيڪڙو خرچ ڪندا هئاسون. اهو انتهائي گهٽ آهي. ٻيو مسئلو اهو آهي ته تعليمي بجيٽ جي گهٽائي اعليٰ تعليم جي مد ۾ خرچ ٿيو وڃي ۽ ان جو فائدو مٿئين طبقي کي ٿو پهچي، غريب ان مان فائدو ڪو نه ٿا وٺي سگهن. پرائمري تعليم ان ڪري گهٽي نقصان ۾ آهي ۽ ان ڪريَ ئي پاڪستان دنيا جي گهٽ تعليم يافته ملڪن ۾ ليکيو وڃي ٿو. ايتري تائين جو ساڳي ئي معاشي جوڙ جڪ رکڻ وارن ملڪن ۾ به اسان جو ڳاٽيتو ڪافي هيٺين سطح تي آهي. 2007 ۾ 6.3% ماڻهو يونيورسٽي پاس هئا جنهن ۾ 8.9% مرد ۽ 3.5% عورتون هيون. اسان تعليم تي خرچ وڌائڻ بجاءِ گهٽايو آهي. 88-1987ع ۾ اهو GDP جو 2.8% هيو جيڪو هاڻ فقط 2% سيڪڙو آهي جيڪڏهن تعليمي انگن اکرن کي صوبن جي حوالي سان ڏسجي ته 2009 ۾ تعليمي انگ پنجاب ۾ 59%، سنڌ ۾ 59%، پختونخواهه ۾ 50%، ۽ بلوچستان ۾ 45% هيو. جيڪڏهن عُمر جي حساب سان ڏسجي ته 10 سالن ۽ ان کان وڏي عُمر جي ماڻهن جن زندگي ۾ ڪڏهن به اسڪول ۾ داخلا ورتي هجي، جو انگ هن ريت آهي، اسلام آباد 85%، پنڊي 77%، ڪراچي 78%، ايبٽ آباد 67%، ڪوئيٽا 64%، مظفر ڳڙهه 40%، جيڪب آباد 34%، اپر ديرِ 34%، ۽ جهل مگسي 20 سيڪڙو. عورتن جو نه پڙهڻ ۽ گهٽ تعليم انساني ترقي ۾ رُڪاوٽ جو وڏو سبب آهي ۽ پاڪستان 177 ملڪن مان هيومن ڊيولپمينٽ انڊيڪس (HDI) تي 142 نمبر تي آهي، بلوچستان جو حال به ڪو چڱو ڪونهي. ٻه لک سورنهن هزار چار سو نوي تعليمي ادارن مان 106,435 پنجاب، 46,862 سنڌ، 36,029 پختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ فقط 10381 ادارا آهن. ٻين لفظن ۾ اهو چئجي ته 48 سيڪڙو ادارا پنجاب، 22 سيڪڙو سنڌ، 17 سيڪڙو پختونخواهه ۽ 5 سيڪڙو بلوچستان ۾ آهن. نيشنل اڪانامڪس سروي مطابق بلوچستان ۾ تعليم جي شرح 34 سيڪڙو آهي. CIET انٽرنيشنل جي سروي مطابق ٻارن جو اسڪول اڌ ۾ ڇڏي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچڻ جا ڪيترائي سبب آهن. ان ۾ سڀ ڪان وڏو سبب استاد جي عدم دلچسپي يا نوڪري مان ناخوش هجڻ ۽ مائٽن جو استاد مان ناخوش هُجڻ شامل آهن. ٻين سببن ۾ ٻارن کي مفت ڪتاب نہ ملڻ، ٻارن کي گهر ۾ هوم ورڪ ڪرڻ ۾ مدد نہ ملڻ، اسڪول ۾ ٽوائلٽ جو نہ هجڻ يا وري ڇوڪرين لاءِ الڳ ٽوائلٽ نہ هجڻ شامل آهن. ان سروي مطابق ڳوٺن جي ڇٺن اسڪولن مان فقط هڪ ۾ ٽوائلٽ ڏنو ويو ۽ جن اسڪولن ۾ ٽوائلٽ هئا ان ۾ هڪ ٽوائلٽ استعمال جوڳو هيو. چاڪ جنهن سان بورڊ تي لکبو آهي اُهو 70 سيڪڙو اسڪولن ۾ ڏنو ويو. هڪ ٻيو سبب جيڪو بہ اهم آهي ۽ استادن ۽ مائٽن جي پاڻ ۾ ميل ميلاپ تي ٻڌل آهي اهو بہ ٻارن جي اسڪول اڌ ۾ ڇڏي وڃڻ جو سبب ٻڌجي ٿو. ڪراچي جي وڏن نجي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ استادن ۽ مائٽن جون گڏجاڻيون وقتن بوقتن ٿينديون رهن ٿيون. منهنجي ذاتي راءِ ۾ اهو ڏاڍو اهم آهي ايئن ڪرڻ سان ٻارن جي پڙهائي تي بهتر اثر پئي ٿو. استادن ۽ مائٽن جي هڪ ٻئي سان ملڻ ڪري شاگرد جي بهتري ٿئي ٿي. CIET اها سروي 1995ع ۾ ڪئي، جيڪڏهن ڏسجي تہ 1995ع کان هيستائين حالتن ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي آيو. تنهن ڪري اها رپورٽ اڄا بہ اهميت جوڳي جاءِ والاري ٿي. سرڪاري اسڪولن ۾ استادن، مائٽن ۽ سرڪار سيني کي گڏجي جاکوڙ ڪرڻي پوندي. مٿين سروي ۾ اهو بہ لکيل آهي تہ سنڌ سرڪار مفت ڪتاب مهيا ڪرڻ تي پئسا تہ خرچ ڪري ٿي پر اُهي شاگردن تائين پهچن ئي ڪو نہ ٿا يا ڪٿي ايئن چئجي تہ صحيح جڳهہ تي ڪو نہ ٿا پهچن. ان سروي ۾ هر اسڪول ۾ ماسترياڻيون رکڻ تي بہ زور ڏنو ويو آهي. سنڌ ۾ تعليم بابت ڪجهہ ڏينهن اڳ BBC تي هڪ پروگرام نشر ٿيو جنهن ۾ اهو ٻڌايو ويو تہ سنڌ ۾ هزارين اسڪول بند پيا آهن، ڪجهہ اسڪول مينهن ۽ ڳئن جا واڙا آهن. جيڪڏهن ڪو اسڪول هجي بہ ٿو تہ استاد فقط 2 ڪلاڪن لاءِ پڙهائي ٿو. تعليم جو اهڙو برو حال اهو بہ عوامي راڄ ۾، ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ اچڻ جي ڳالهہ آهي. ڳوٺن ۾ هڪ ئي ماڻهو استاد بہ آهي تہ ڊاڪٽر بہ ۽ وري دُڪاندار يا وڏيرو بہ آهي. اهو هر جڳهہ تان ٿو ڪمائي ۽ انصاف ڪنهن سان بہ ڪونہ ٿو ڪري.

اسان جي ماڻهن کي اخلاقي تعليم ڏيڻ جي بہ سخت ضرورت آهي. انهن کي اهو مٿي ۾ وجهڻ جي بہ ضرورت آهي تہ جيڪو ڪم هو ڪن پيا اهو

ڪڏهن بہ چڱو ڪونهي. فرد ڏنگا تہ پوري دنيا ۾ هوندا آهن اسان وٽ پورو سماج ڏنگو آهي، هر ڪو ڦرلٽ ۾ رڌل آهي وس پهچي تہ سڀ ڪجهہ ڳڙڪايو ڇڏي. هڙتال واري ڏينهن يا جيڪڏهن اوهان سان مريض گڏ آهي تہ رڪشا ۽ ٽئڪسي وارو پئسا ٽيڻا ٻڌائيندو. عيد تي دُڪاندار شيون مهانگيون ڪري ڇڏيندا. فقط خبر پوي تہ سامهون وارو مجبور آهي خريداري ڪرڻي هئي اٿس. سڄي دنيا ۾ ڪرسمس تي سستين شين جو وڪرو ٿيندو آهي ۽ ماڻهو سڄو سال ان مهيني جو انتظار ڪندا آهن اسان وٽ انهن ڏينهن ۾ لُٽ مار مچائي ويندي آهي. ٽريفڪ جا قانون ٽوڙڻ ڪان وٺي، ٽيڪس چوري تائين هر ڪڌو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. تنهن ڏينهن حسن نثار هڪ ٽي وي پروگرام ۾ چيو تہ اهو ريڙهي وارو بہ ڪرپٽ آهي جيڪو فٽ پاٿ تي قبضو ڪيو ويٺو آهي چاڪاڻ تہ فٽ پاٿ تي پانڌيئڙن جو حق آهي ان جي اِها ڳالهہ سچي آهي. اسان وٽ هر ڪو هٿي ڪي دُرست ڪرڻ جا پاٺ پڙهائي ٿو پاڻ ڪي ٺيڪ ڪرڻ جو هو بلجي بہ ڪونہ ٿو سوچي. اوائلي زماني ۾ استاد پيءُ سمان سمجهيا ويندا هئا اڄڪلهہ اهو رشتو، اُها تند ٽٽي پئي آهي، ان ۾ قصور اُستاد جو بہ آهي چاڪاڻ جو هاڻ ان شاگرد کي پنهنجي اولاد جهڙو سمجهڻ ڇڏي ڏنو آهي ۽ جيڪڏهن ايئن نہ هجي ها تہ هو اسڪول ڪان گوسڙو نہ ٻڌجي ها ۽ ايمانداري سان شاگردن کي پڙهائي ها. اسڪولن ۾ اخلاقيات بہ ڪورس ۾ شامل ڪرڻ گهرجي ۽ ننڍي عُمر کان ئي ٻارن کي انسانيت جو سبق سيکارڻ جو ڪم شروع ڪجي. سنڌ جي معاشي ترقي بہ تعليم سان ئي واڳيل آهي. سرڪار کي تعليم تي بجيٽ گهٽ ۾ گهٽ GDP جو 5 سيڪڙو ڪرڻ گهرجي. اڄو تہ ان کي انتهائي اهم ڪم سمجهي گڏجي جاکوڙيون. ان ۾ ئي اسان جو جياپو آهي.

*افيئر ميگزين*

*15 ڊسمبر 2011ع*

# سر ڪٽي آيا سين، سڀ ڪجهه ڇڏي آيا سين
# ٻوڏ ستايلن سان گهاريل 12 ڏينهن

قدرتي آفتون اچڻ هڪ تاريخي سلسلو آهي، زلزلا، ٻوڏون، طوفان ۽ سونامي ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. اهم اهو آهي ته انسان ان آفتن جو مقابلو ڪرڻ جي لائق هجي. عوام ۽ حڪومت ٻنهي جي ذميداري آهي ته مڙس ٿي انهن آفتن جو سائنسي طريقي سان مقابلو ڪن. انسان ئي انسان جو هڏڏوڪي ٿيندو آهي ۽ انهن جي سار سنڀال لهي پنهنجي اخلاقي ذميداري پوري ڪندو آهي. SIUT جي ٽيم جيئن ته پنهنجي مزاج ۾ انسان دوست رهي آهي تنهن ڪري ان اداري طرفان ملڪ جي ڪيترن ئي حصن ۾ مفت طبي ڪئمپ لڳايا ويا. ان ٽيم جو مان به حصو هيس. منهنجي ذميواري سکر جي پرپاسي وارن علائقن مان آيل ٻوڏ ستايلن ماڻهن کي طبعي سهائتا پهچائڻ هئي. شروع وارن ڏينهن ۾ ماڻهن جي حالت انتهائي خراب هئي نه اجهو، نه لٽو ۽ نه اٽو مهيا هين. اهو ڪنهن باضمير ماڻهو جي لاءِ دِل جهورينڊڙ هيو. سکر ۾ گهٽي پاڳي غوثپور، ڪرم پور، ٺل ۽ جيڪب آباد جي پسگردائي جا ٻوڏ متاثر رهيل هئا ۽ انهن پنهنجي لڏ روڊ ڪنارن ۽ تنبو گهرن ۾ لاٿي هئي. پهريان به ٽي ڏينهن ته انهن لاءِ وڏي مصيبت جا هئا. جيستائين سرڪار ۽ سرندي وارا سار لهن. اسان جي موبائل ٽيم سکر شڪارپور باءِ پاس، ٽيڙي، شڪارپور، گولودڙو، ۽ حاجي راجو خان جهڙي ڳوٺن تائين مفت علاج پهچائڻ ۾ مصروف هُئي ۽ ڪيمپ آفيس ايس آءِ يو ٽي ليلا ڇبلاڻي مديڪل سينٽر ۾ قائم هئي. مون انهن مسڪينن سان 12 ڏينهن گذاريا ۽ جيڪي ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ان جو مختصر احوال هِن مضمون ۾ پيش ڪندس. ماڻهو زمين جي رلي ۽ آسمان جي چادر سهاري

زندگي گذاري رهيا آهن ۽ سوال سڀني جي ماني ڪائڻ تي مجبور آهن. سڀ ڄڻا ماڻهو پاڻي سڪڻ جي انتظار ۾ ويٺا آهن. چمڙي جي بيماري، دست، مليريا ۽ ساهه جون بيماريون عام ڏٺم. شروع وارن ڏينهن ۾ اسين دستن جي علاج ۾ فقط نمڪول جو پائوڊر پيئي ڏنو پر ٿوري وقت ۾ ئي اسان محسوس ڪيو ته دستن جو سبب گندو پاڻي آهي ۽ هي ڏتڙيل ماڻهو صاف پاڻي ڪٿان آڻيندا. تنهنڪري اسين ڪئمپ تي منرل واٽر جي ڏيڍ ليٽر واري بوتل ۾ ڏيڍ نمڪول جي پڙي وجهي بوتلون ٺاهي ويندا هئاسون. اسين پاڻ سان صابڻ پڻ کڻي وياسون ته جيئن گندگي ڪي ڪجهه گهٽائي سگهجي. رود ڪناري وينل ماڻهن وٽ ته ٽينٽ به ڪو نه هيا. اسان کي خبر پيئي ته ڳڙهي ياسين گولو دڙو ۾ سوين بوڏ ستايل ترسيل آهن اتي وڃي پهتاسين. دوائن، نمڪول پاڻي، صابڻ سميت روانا ٿياسون. ان سفر ۾ اسان جي رهنمائي محترم رحيم بخش جعفري ڪئي جيڪو ان علائقي جو رهواسي آهي. شڪارپور کان اسان جو سفر ڪچي ۾ شروع ٿيو. اڄرج جهڙي ڳالهه اِها آهي ته هن 21 صدي ۾ اسين اوائلي دور ۾ پيا رهون. اسين اڄان تائين رود به پڪا نه ڪري سگهيا آهيون. ان جو سبب امن امان جي خراب صورتحال کي ٻڌايو ويو. امن امان کي ضابطي ۾ ڪرڻ به ته سرڪار جو ذمو آهي. قبائلي جهيڙا هڪ ٻيو سبب پئي ٻڌايو ويو اسين ڪيترا نه اياڻا آهيون جو پنهنجو نفعو نقصان به ڪو نه ٿا سمجهي سگهون. جيڪڏهن رود ٺهندا ته ماڻهن لاءِ سهوليت ٿيندي اچڻ وڃڻ ۾ وقت بچندو، وڻج واپار سولو ٿيندو. مريض اسپتال آساني سان پهچندو ۽ شهرن سان رابطو آسان ٿيندو. سمورين ڪئمپن ۾ مون هڪ ڳالهه تمام گهٽي ڏٺي ته عورتن ۽ ٻارن ۾ مرض جو ڳاڻاٽو مردن جي مقابلي ۾ ڏاڍو گهڻو هيو ۽ اهو مرداڻي سماج جي ڏيک پيو ڏئي. مرد لڳو پئي ته عورتن جي مقابلي کائن به مناسب ٿا ۽ بيماري ۾ پنهنجو علاج به وقت سر ڪرايو ڇڏين. تنهن ڪري سراسري طور تندرست هئا. انهن ڪئمپن ۾ پري پري کان آيل ٻوڏ ستايل ترسيل هئا. ڪرم پور، غوث پور، ٺل، جاڳڻ، ميرپور برڙو ۽ جيڪب آباد جي پرپاسي وارا ڳوٺ. ڪجهه ماڻهن کي سرڪاري اسڪول مليل هئا. ڪن کي تنبو ۽ ڪجهه وري رود ڪناري امداد جي آسري ۾ ترسيل هئا. سرڪاري اسڪولن وارا تنبو ۾ رهندڙن کان بهتر حالت ۾ هئا. ڇاڪاڻ ته ڇت هئن، بجلي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئي، پاٽي هيو ۽ واش روم هئا. سڀ ڪان وڏيڪ ڏتڙيل روڊ ڪناري تي ويٺل ماڻهو هئا. انهن ۾ ڪجهه اهڙا به هئا جيڪي تنبو ۾ وڃڻ نه پيا چاهين. انهن جو خيال هيو ته اندر گرمي آهي. شروع وارن ڏينهن ۾ ماڻهن جي دانهن پئي پئي ته ماني فقط ٻه ويلا تي ملي ۽ اهي به چانور تنهنڪري طبعيت خراب ٿي ٿي پوي پر ڪجهه وقت گذرڻ ڪان پوءِ ماڻهن کي 3 ويلا ماني، چانهه ۽ بسڪيٽ به ملڻ لڳا ۽ ماڻهو ان حوالي سان بهتر محسوس ڪرڻ لڳا. پنهنجا جهوپڙا ڇڏڻ جو ڏک سيني کي، هيو ۽ انهن جي اکين ۾ سڏڪا هئا. ماڻهن جي اها حالت ڏسي پنهنجي ملڪ جي معاشي، انتظامي ۽ سماجي تاڃي پيٽي تي ڪاوڙ پئي آئي. ٻاهڻ سالن ڪان پوءِ به صاف پاڻي ڪان محروم.. مڙن هڪ ڳوٺ ۾ ڪنهن ڪان باٿ روم لاءِ پڇيو ته چيائين ته ڳوٺن ۾ اڃان تائين باٿ روم جو رواج ڪونهي پيو. حاجت پوري ڪرڻ لاءِ جهنگ جو رخ ڪرڻو پوندو آهي.

بيمارن جو ته ڪو ڳاڻاٽو ئي نه هيو. چمڙي جي بيماري ۾ 40 سيڪڙو ماڻهو ورتل هئا، دستن جي بيماري به هئي ۽ مليريا جا مريض به گهڻا سارا ڏٺم اهي سمورا مسئلا صفائي جي نه هجڻ سان لاڳاپيل آهن. جيئن جيئن وقت گذرندو پئي ويو ذهني پريشاني ان بيمارين ۾ وڌيڪ اضافو پئي ڪيو. ماڻهو عجيب ۽ غريب مسئلي ۾ ڦاسي پيا هيا. ڪڏهن اهو سوچيو به ڪو نه هيائون ته ائين دربدر ٿيندا سين. بظاهر تندرست نظر ايندڙ مرد ڪمزوري، هيانءَ جو منجهڻ، ٿڪجي پوڻ، اکين اڳيان اوندهه اچڻ جون شڪايتون پيا ڪن. ذهني پريشاني جو اندازو هيئين شڪايت جيڪا هڪ تندرست عورت جي جملن مان لڳائي سگهجي ٿي جيڪا سرائيڪي ۾ ڳالهائي رهي هئي ۽ چوي پئي ته ڊاڪٽر مينڪون دل وچ مونجهه هي، ساهه تي سوڙهه پوندي پئي هي، مغز وچ چڪر هن وغيره. اسين قاضي ڪوهه ڪئمپ جي مريضن کي به چڪاسيو. اميد وارين عورتون به چڱي تعداد ۾ اسان جي ليڊي ڊاڪٽر چڪاسيون، سيني ۾ هڪ مشترڪ ڳالهه هئي، خون جي ڪمي. اسين انهن لاءِ Pregnancy Package جو بندوبست ڪيو هيو جنهن ۾ خون جي وڌائڻ جو گوريون ۽ شربت شامل هئا پر بنيادي طرح اميد وارين مائرن جي ڪاڌ خوراڪ سٺي هجڻ گهرجي جيڪا غريبي ڪري ممڪن ڪونهي ۽ اسانجون مائرون خون جي ڪمي جو شڪار آهن. ٻارن جو ڳاڻيٽو خاندان ۾ گهٽ نظر آيو 8 ۽ 9 ٻار ته عام هيا. هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳوٺ هاري عورت ٻڌايو ته ان کي 15 ٻار ڄاوا آهن ان مان 10 مري ويا آهن. پاڪستان جو شمار انهن ملڪن ۾ ٿئي ٿو جنهن ۾ هزارين ٻار زندگي جا 5 سال پورا ڪو نه ڪري سگهندا آهن متيون مثال شايد ان طرف اِشارو ڪري ٿو. هڪ همراهه ٻڌايو ته مان پنڊ ڪراچي ٿو وڃان. پڇيومانس ته ڪڏهن ڪراچي پهچندي؟ چيائين ته مڙيوئي عيد کان اڳ پهچي ويندس.همراهه وٽ ڏوڪڙ ئي نه هيا جو ڪا سواري پڪڙي.ڏاڍا روئاريندڙ ڏيک ڏنم روڊ ڪناري وينل ماڻهن جا ڪنڪ جن جو ڪو واهي نه هيو. سرندي وارن جي سامان ورهائيندڙ ٽرڪن پنيان ايئن پئي ڊوڙيا ڄڻ خوف هين ته جي ٽرڪ هلي وئي ته ٻيهر پيٽ جي باهه وسائڻ وارو ڪو ڪو نه ايندو. ان صورتحال ۾ طاقتور ضرورت کان وڌيڪ وٺي پئي ويو ۽ هيٺو ويچارو تڪيندو ئي رهجي ويو. ذهن ۾ آيو ته جيڪڏهن سرڪار ڪا ڪوآرڊينيشن باڊي ٺاهي ها ۽ مدد ڪندڙن کان سامان ۾ ڪاڏو وٺي ضرورت مندن تائين پهچائي ها ته حقدارن کي عزت ۽ احترام سان پهچي وڃي ها ۽ انسانيت جي ايتري تذليل نه ٿئي ها يا وري سامان ورهائڻ وارا جيڪڏهن هڪ هنڌ بيهي چڱي نموني لائين لڳرائي ماڻهن کي سامان ڏين ته به چڱو ٿئي. ننڍڙن ٻارن لاءِ اهو ڪنهن عذاب کان گهٽ نه هيو ته هو پنهنجي گهرن کان ٻاهر آهن ۽ پنهنجي گهرن کي ياد ڪن ٿا هڪ اهڙو ٻار جيڪو اسان جي ڪلنڪ تي ڏيکارڻ آيو. پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو ته بابا هاڻي گهر هلون، معصوم کي اها ڪهڙي خبر ته بابا بي گهر ٿي چڪو آهي. هڪڙي پوڙهي امان روئندي روئندي ٻڌايو ته ابا جان بچائي نڪتا آهيون ۽ ٻن ڏينهن کان ماني نصيب ڪونهي. اهي آفتون ماڻهوءَ جي مت منجهايو ڇڏيون ٿيون ڇڏين مٿان وري انتظامي مشنري سست هجي ته اذيت ۾ اضافو ٿيو وڃي. سر ڪٽي آياسون ۽ سڀ ڪجهه ڇڏي آياسون جو جملو هر ٻي عورت واتان ٻڌوسين. تقريباً سيني ماڻهن اها شڪايت پئي ڪئي ته اسان جن کي ووٽ ڏنو آهي اُهي اسان وٽ ڪونهن پهتا. ماڻهو نمائندن تي ناراض هيا ۽ چيائون پئي ته جيڪڏهن حڪومت گهر نه ٺهرائي ڏنا ته هن دفعي ڪو ٻيو ڏسبو. ماڻهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي پئي ياد ڪيو ۽ انهن جو خيال هيو ته جيڪڏهن بي بي هجي ها ته ايئن نه ٿئي ها ۽ اسان جي واهر ڪري ها. ان سموري ڏک تڪليف هوندي به هڪ ڳالهه دل کي تسلي ڏيندڙ آهي ته اسان جي ملڪ ۾ چڱن ماڻهن ۽ ادارن

جي ڪمي ڪونهي. ڪيترائي ماڻهو ڪاڌي پيتي جا ترڪ پري اتي ورهائڻ ايندا هئا. ڪراچي مان شاگرد ڪاڌي جا ترڪ کڻي پهتا هئا ۽ شهر ۾ بوڊ ستايلن کي پئي ورهاياڻون. مونکي ماڻهو ڪافي ناراض نظر آيا ۽ پوتارن کي پاراتا پئي ڪڍيائون. ماڻهن کي هاڻ ووٽ جي قيمت جي خبر پئجي وئي آهي چيائون ته هِن دفعي انهن کي ووٽ نه ڏينداسون جيڪي اسان جو خيال نه رکندا. ماڻهن سان ٿي به ته جٽ آهي. هڪ همراهه 3 ٻارن سان گڏ پنڌ ڪندو غوثپور کان شڪارپور پهتو پئسن جي سگهه ڪو نه هيس جو سواري هٿ ڪري سگهي. سرڪاري ٽينٽ گهرن ۽ اسڪولن ۾ رهندڙن کي ٽي ويلا ماني، چانهه ۽ بسڪٽ ملن پيا. انتظام به مختلف ڪئمپن جا مختلف ادارن وٽ هئا. هڪ 1200 ماڻهن جو اسڪول هندو پئنچائت وارا سنڀالين پيا. چانهه ۽ صحت جي سهولتن جو ذمو انهن جو هيو. ڊاڪٽرن ۾ اڳيان اڳيان ڊاڪٽر وجي ڪمار نهال ڊاڪٽر پر پومل ۽ انهن جا ساٿي هئا. هڪ ڪئمپ IBA جا اڳوڻا شاگرد سنڀالين پيا. انهن جي واڪاڻ اتان جا رهواسي ڪن پيا. SIUT جي ڪئمپ روزانو 1000 ماڻهو چڪاسي پئي، دوائون به ڏي پئي. اسان جي ڪئمپ ۾ مليريا ۽ شگر جا ٽيسٽ به ٿيندا هيا. ڪجهه ٽائيم ۾ اسان جي ڪئمپ مشهور ٿي وئي ۽ ٻين ڪئمپن جا ماڻهو به اچڻ لڳا. هندو ڪنهن زماني ۾ خير جي ڪمن ۾ اڳيان اڳيان هوندا هئا ڌرمشالائون ٺهرائيندا هئا. ڪاليج ٺهرائيندا هئا. هندو پئنچائتن کي اڄ به ماڻهن جي مدد ڪرڻ گهرجي.

هاڻي ماڻهن کي بيمارين کان بچائڻ لاءِ صفائي تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. مڇر مار اسپري ڪرائڻ، ماڻهن کي وڏي پئماني تي صابڻ مهيا ڪرڻ، مڇر مارڻ وارا ڪوائل پهچائڻ، صاف پاڻي پهچائڻ جي ضرورت آهي ۽ سڀ کان اهم آهي ماڻهن کي معاشي طرح سگهارو ڪرڻ ۽ اجهو مهيا ڪرڻ. سرڪار جيڪڏهن ان ۾ ڪامياب ٿي ته پنهنجي ساک بحال ڪري ويندي. هونئن به اهي سڀ هاڻوڪي سرڪار جا ووٽر آهن ۽ اهو سرڪار جي پنهنجي حق ۾ ٿي آهي. هن ڪم ۾ جيڪڏهن سوسائٽي ۽ ٻيا ادارا به هٿ ونڊائين ته ڏتڙيل ماڻهن جي صورتحال بهتر ٿي ويندي.

# مها ٻوڏ: ڀهراڙي کي ويران ۾ بربٽ ڪري ڇڏيو

هي چوهڙ جمالي آهي هڪ لک ماڻهن جو ڳوٺ روڊ ٽنل ۾. پاڻي جا ڏٻا ۾ متي برسات کان پوءِ اهي گهمڻ جي لائق ڪونهن رهندا. دڪان ڳتيل، پاڻي اڻلڀ، تعليم پوري ساري، صحت جي سهولت اڻپوري، ساڳيو ئي حال سجاول، ٺٽي ۾ مڪلي جو آهي. اسان جا ڳوٺ ڇڻ ته ڪندر بڻيل آهن. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته نمائندا سچا ڪونهن. اڳ ۾ مڪاني ادارن وارو نظام هيو ان جو ته ڪم ئي هيو ماڻهن جا هيٺين سطح تي مسئلا حل ڪرڻ. انهن پنهنجون ذميواريون نه نباهيون. اسانجي ماڻهن کي هاڻي انهن کان پڇاڻو ڪرڻ گهرجي. اليڪٽرانڪ ميڊيا کي ڀهراڙي جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ گهرجي. ننڍي، وڏي آفيسر کي ٽي وي تي آڻي پڇا ڪرڻ گهرجي ته مسئلا حل ٿيو نه ٿا ٿين. ماڻهو اڳ ۾ ئي مسئلي ۾ ڦاٿل هئا، ٻوڏ ويترا انهن جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي آهي. ڪئمپن ۾ علاج پهچائڻ جڏهن وياسون ته ڀهريائين ماڻهن ڪاڏي، ڪپڙي ۽ پئسن جي پٺي گهر ڪئي. چيائون ته صحت سيني جي ٺيڪ آهي ۽ جڏهن ڪيمپ لڳائي سون ته خبر پئي ته Scabies چمڙي جي بيماري ته تقريباً سيني کي آهي. ڪيترن کي وري دست ۽ بخار (مليريا) هئي. ماڻهن جو سڀ کان وڏو مسئلو پيٽ آهي پيٽ ڀريل هوندو ته پوءِ صحت جو خيال رکبو. ها جيڪڏهن علاج مفت ۾ ٿئي ۽ دوائون ملن ته علاج ڪرائڻ ۾ ڪو نقصان ڪونهي. جڏهن بيماري بلڪل ڳاٽي تي سوار ٿئي يعني وڏي مجبوري جي حالت ۾ علاج ڪرائبو. غربت ۽ مسڪيني جڻ ته اسان جي ماڻهن جو مقدر بڻجي وئي آهي. پيرن ۾ چپل ته ڏنم ڪونه. صحت جو خيال هن حال ۾ ڪيئن ٿي سگهندو. SIUT وارو "مفت علاج سيني لاءِ عزت سان" وارو مول متو هر جڳهه تي لاڳو ٿيڻ گهرجي تڏهن وڃي مسڪينن جي صحت سڌرندي. مون ڪنهن ڀهراڙي ۾ رهندڙ کا پڇيو ته ڀهراڙي ۾ پڪا گهر ڪيترو سيڪڙو

ماڻهن وٽ آهن؟ چيائين 20 سيڪڙو کان گهٽ ماڻهن جا گهر پڪا آهن ۽ اهو به ٻڌايائين ته باٿ روم ڀهراڙي ۾ اجان ڪونهي پهتو. حاجت پوري ڪرڻ لاءِ جهنگ ويٺو پوندو آهي.

هڪ سجاول جي همراهه کان پڇيم ته سجاول جو سڀ کان وڏو مسئلوڪهڙو آهي؟ چيائين پاڻي وڏو مسئلو آهي پڇيم ٻوڏ جو؟ چيائين نه پيئڻ جو پاڻي. تنهنڪري گيسٽرو جي بيماري سجاول ۾ جام آهي. پر في الحال ٻوڏ ٻوڙي ڇڏيو آهي. چوهڙ جمالي ويندي سجاول کي پاڻي ۾ ٻڏل ڏٺم. 11 واردن مان فقط 2 وارڊ بچيل آهن ۽ انهن ٻنهي ۾ هندو رهندا آهن ۽ هڪ هندو ڊاڪٽر جو خيال هيو ته هن واردن ۾ پير فقير گهڻا آهن تنهنڪري اهي بچي ويا. هيو اهو ٻڌايائين ته هڪ هندو وڪيل روز 10 کان 12 ديڳيون چانورن جو نچائي اچي ماڻهن کي کارائيندو آهي ۽ هندو مسلم ڀائيچاري جي ڪافي واڪاڻ پئي ڪيائين. مون چيو ته هندن کي هن مصيبت واري وقت مسلمان ڀائرن جي مدد ڪرڻ گهرجي. سجاول ۾ اجان به 3 کان 4 فٽ پاڻي بيٺل هيو. ڪيترائي ماڻهو رات جو اکين جي روشني گهٽ هجڻ جي شڪايت پيا ڪن ۽ اها بيماري وٽامن (A) اي جي ڪمي ڪري ٿيندي آهي ان مرض ۾ گهڻو ڪري عورتون مبتلا هيون. اڻپوري غذا ان جو وڏو سبب آهي. ڪاڏي پيتي جي ڪمي، کير ۽ گوشت جي ڪمي اهو اسان جي ٻهراڙي جو وڏو مسئلو آهي. هڪ همراهه ٻڌايو ته ڀاڄي ڏينهن ۾ هڪ دفعو پچندي آهي، گوشت مهينن ۾ پچندو آهي. هڪ ٻار کي پير تي فٽ هيو، ان ۾ گند پرجي ويو هئس. گند ڪڍي، پٽي ڪري، ماءُ کي چيومانس ته پير ۾ چپل پارائينس، وراڻيائين ته چپل ڪٿان آڻيون. مون ٿوري دير لاءِ سوچيو ته اسين علامت جو علاج ڪريون ٿا، مرض جو علاج باقي آهي ۽ جيستائين مرض جو علاج نه ڪبو تيستائين علامتون ظاهر ٿينديون رهنديون. چمڙي جي بيماري Scabies علامت آهي. غربت جي، گندگي جي، ڳتيلءِ رش واري ماحول، وڏي خاندان جي ۽ ڪنهن ننڍڙي جڳهه ۾ گهڻن ماڻهن جي رهڻ جي. هاڻي جسم تي ڪريم هڻي علامت جو علاج ته ڪيوسين پر مرض ته اُتي ئي رهيو. مليريا جون ٽڪيون ڏئي علامت جو علاج ڪيوسين پر مليريا جو مڇر جنهن گندگي ڪري پيدا ٿئي ٿو ۽ مليريا جو بخار جنهن مڇر ڪري ٿئي پيو اهو ته پنهنجي جڳهه تي موجود آهي. دست

علامت آهن گندي پاڻي ۽ خراب ڪاڏو واپرائڻ جي دستن جو علاج تڏهن ئي ممڪن آهي جڏهن صاف، ٺهڪيل پاڻي، صاف ۽ تازو ڪاڌو واپرائبو. اسين علامتن جو علاج پيا ڪريون. مرض کي ضرور سوگهو ڪجي اهو ضروري آهي. وڏي سماجي تبديلي جي ضرورت آهي. منهنجو ٽريننگ جي سلسلي ۾ سوئڊن وڃڻ ٿيو. سويڊن جي هڪ ڳوٺ "لنڊ" ۾ هڪ يونيورسٽي جي گردي واري وارڊ ۾ 2 مهينا ٽريننگ ڪيم. هڪ لک آبادي جو ڳوٺ هيو جنهن ۾ 20 هزار شاگرد هئا ۽ يونيورسٽي ۾ پڙهندا هئا جيڪي سوئڊن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ ٻين ملڪن مان آيل هئا. يورپ وارن پنهنجي ڳوٺن ۾ يونيورسٽيون ٺاهي ڇڏيون آهن ۽ يونيورسٽي ۾ هر شعبو آهي. فزڪس، ڪيمسٽري ۽ ميڊيڪل وغيره وغيره. تعليم سڄي سوئڊن ۾ هڪجهڙي آهي ڳوٺ هجي يا شهر. روڊ رستا، پاڻي ۽ بجلي سڀ موجود آهن جيڪي ڊاڪٽر اتي نوڪري ڪن پيا اهي وڏن شهرن ۾ وڃڻ لاءِ تيار ڪو نه هئا ۽ چوندا هئا ته ڳوٺن ۾ سڪون آهي، ڌوڙ گهٽ آهن ۽ سهولتون وڏن شهرن جهڙيون آهن. هر 15 منٽن جي پنڌ تي هڪ ايمبولينس، هڪ نرس ۽ هڪ امرجنسي جي ماهر ڊاڪٽر سميت تيار بيٺي هوندي آهي. مريض کي ايمبولنس ۾ ليٽائيندي ئي علاج شروع ٿي ويندو جيستائين مريض اسپتال ۾ پهچي. ڳوٺن ۾ رهندڙ ڪڏهن به شهر ۾ رهڻ جو ڪونهن سوچيندا. ڳوٺن ۾ ماهر ڊاڪٽر موجود هوندا آهن. ايتريقدر جو پرپاسي جي شهرن مان علاج لاءِ مريض موڪليا ويندا آهن. مون هڪ پاڪستاني کي اتي ڏٺو پرپاسي واري شهر ۾ رهندو هيو ان کي ڌيءُ ڄائي جنهن کي پيدائشي خرابي هئي ۽ ان جي ماهر ڊاڪٽر ان ڳوٺ جي يونيورسٽي اسپتال ۾ موجود هئي. اسان کي به پنهنجي ڳوٺن کي سگهارو ڪرڻ لاءِ اتي اهڙا ادارا ٺاهڻا پوندا ته جيئن ڳوٺن جي معاشي صورتحال بهتر ٿئي، ماحول بهتر ٿئي، ڪا ترقي ٿئي. وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شايد اهو سوچيندي وڏن شهرن بجاءِ ننڍن شهرن ۾ ميڊيڪل ڪاليج ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽيون کوليون. لاڙڪاڻو، نوابشاهه، ڄامشورو ۽ ٻين ان وقت جي غير معروف شهرن کي منظر عام تي آندو ۽ انهن شهرن جي معاشي صورتحال، طبي صورتحال ۽ تعليمي صورتحال کي بهتر بڻائي ڇڏيو. ڪنهن ننڍي شهر يا ڳوٺ ۾ ڪو وڏو ادارو قائم ڪري نه فقط اسين پرپاسي وارن ماڻهن کي فائدو پهچائيندا آهيون پر ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علائقي جي معاشي صورتحال کي پڻ بهتر بڻائي ڇڏيندا آهيون.

جرمني ۾ به ساڳي ئي صورتحال ڏٺم. ننڍي ڳوٺ ورزبرگ (Wurzburg) ۾ هڪ وڏي يونيورسٽي ٺهيل هُئي. عوامي حڪومت کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. ڀهراڙي جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ قدم کڻڻ گهرجي ۽ شروعات هن ٻوڏ سٽيل علائقن کان ڪجي. جديد ڳوٺ ٺاهجن ۽ ڳوٺن کي ترقي وٺرائڻ لاءِ وڏا ادارا ٺاهڻ گهرجن ته جيئن اتان جا ۽ پرپاسي جا ماڻهو فائدو وٺن ۽ ان ڳوٺ جي صورتحال به بهتر ٿئي. ڪئمپ ۾ اڪثر ماڻهو اها ڳالهه ضرور پيا ڪن ته ماني ڪين وقت تي ملي پئي، چانهن بسڪٽ به ملي پيو. ها باقي جيڪي روڊ ڪناري ويٺل آهن ۽ ڪنهن جي ذمي ناهن ڪيا ويا اهي پريشان نظر آيا ۽ انهن جو آسرو سرندي وارن جا ڪاڏي جا ٽرڪ هئا ان جي خرابي اها هئي جو ماڻهن کي ٽرڪن جي پٺيان ڊوڙڻو پوندو هيو. ان ۾ طاقتور وڌيڪ وٺي ويندو هيو ۽ ڪمزور کي ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه به نه ملندو هيو. مان سکر جي ڪئمپ ۾ ٻه هفتا گذاريا آخري ڏينهن ۾ ماڻهو ماني جي حوالي سان ٺيڪ لڳا ۽ واپڊا وارن بجلي جو بندوبست به ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو هيو. هاڻ ضرورت آهي ماڻهن کي معاشي ۽ سماجي طور بهتر ڪرڻ جي رٿابندي ڪرڻ جي. ڪئمپن ۾ مڇر مار اسپري، صاف پاڻي ۽ صفائي سٿرائي جو بندوبست ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي ته ماڻهو وري بيماري ۾ مبتلا نه ٿين. ٻي اهم ضرورت آهي ماڻهن کي باخبر رکڻ جي ان ۾ شاگرد، صحت سان واسطو رکندڙ عملو ۽ استاد ڪافي مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن ڪو تائيم ٽيبل ٺاهي سرڪاري ۽ نجي ادارن جا شاگرد، استاد ۽ صحت وارو عملو ڪئمپن ۾ وڃي ماڻهن جي رهنمائي ڪن ۽ ڪين ٻڌائين ته بيمارين کان ڪيئن بچجي، صحت جو خيال ڪيئن رکجي ته ڪافي مدد ٿي ويندي. سرڪاري ۽ سوشل ادارا گڏجي ڪئمپن ۾ ٻارڙن کي پڙهائڻ جو بندبست ڪن. جيڪي ٻار اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهن ٿا انهن جي پڙهائي عارضي طور جنهن علائقي ۾ هو موجود آهن اُتان جي اسڪولن ۾ جاري ڪرائين ته ٻارن جا تعليمي سال پورا ٿي سگهن ٿا. جيڪي ٻار اسڪولن ۾ داخل ڪونهن انهن کي پڙهائجي ۽ انهن کي تعليم ڏانهن راغب ڪجي. اِها ٻوڏ جي تباهي مان ڪا چڱائي حاصل ڪرڻ جي هڪ ڪوشش ٿي سگهي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪيڏو نه بي رحم آهي، اهو سڀ ڪجهه!!

ٻوڙ مونکي مسڪين ماڻهن جي وڏيڪ ويجهو ڪري ڇڏيو ۽ انهن جي مسئلن کي ڏاڍو باريڪ بيني سان ڏسڻ جو موقعو مليو. اسانجو ماڻهو ڪيترو نہ غريب ۽ لاچار آهي ۽ هر حال ۾ راضي رهڻ وارو پڻ آهي. گذريل 62 سالن کان اف نہ ڪيائين. بس جنهن حال ۾ هئو ان حال ۾ خوش گذاريائين. جيئن اڪثر مان ٻڌندو آهيان تہ "شڪر آهي دال ماني ملي ٿي" ۽ اسين ان ۾ خوش آهيون. منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن اسين اِن ۾ خوش رهندي گوشت مڇي لاءِ جاکوڙ ۽ تمنا ڪريون ها تہ اڄ بهتر حالت ۾ هجون ها. اسان جو طبقاتي سماج ان جو ذميوار آهي. مون SIUT طرفان ٻہ هفتا مختلف ڪئمپن ۾ طبي سهولت ڏيندي گذاريا. سکر ۾ آيل غوث پور، ڪرم پور، ٺل، ميرپور ٻرڙو، جاگڻ، آباد ۽ شڪارپور جي پرپاسي وارن ٻوڏ سٽيل ماڻهن جي چڪاس ڪيم ۽ ڳڙهي ياسين ۾ گولو دڙو ۽ حاجي راجو خان جعفري ڳوٺ تائين سفر ڪيم. مون ڳوٺن ۾ رهندڙ مسڪين ماڻهن جو حال ڏکجهڙو، مسڪيني وارو ڏٺو. بيماريون جنهن جو هو علاج ڪرائڻ جي سگهہ نہ سارينديون بيمارين کي جيئن جو تيئن سانڍڻ تي مجبور هئا. صاف پاڻي انهن وٽ ڪونهي، اسڪول ۽ اسپتالون انهن لاءِ ناهن ٻيو تہ ٺهيو هن 21 صدي ۾ جتي دنيا چنڊ کان اڳتي نڪري وئي آهي، اتي اسان جا ڳوٺ بنيادي سهوليتن کان ئي محروم آهن. ڪئمپون ڪندي مون محسوس ڪيو تہ ڳوٺن جا 80 سيڪڙو ماڻهو چمڙي جي بيماري Scabies ۾ مبتلا آهن. اِها بيماري هڪ جيوڙي (Parasite) جي ڪري ٿيندي آهي ۽ اهو جيوڙو صفائي نہ هجڻ ڪري پيدا ٿيندو آهي. اِها بيماري وچڙندڙ آهي. ماڻهوءَ مان ماڻهو ۾ ويندي آهي وچڙندي. جيڪڏهن گهر ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن هڪ پاڻي کي ٽي تہ سمجهو تہ اِها سيني کي ٽي ويندي تنهن ڪري ان جو علاج بہ سيني گهرياتين جو ڪرڻو پوندو. هاڻ اهو مسئلو جيئن تہ جان ونندڙ ڪونهي ۽ ڳوٺن ۾ بيا ڪيترائي ئي مسئلا آهن جيڪي ان کان وڌيڪ اهم آهن. غربت ايتري گهٽي آهي جو ماڻهو پهريائين پيٽ جي مسئلي کي ٽا ترجيح ڏين. ان کان پوءِ ان بيماري کي، ڇاڪاڻ تہ هونئن بہ اسين علاج ڪندا آهيون درد جو اسين مرض جو علاج ناهيون ڪندا. ان پنيان بہ ساڳي ئي مجبوري آهي ڊاڪٽر جو نہ هجڻ، اسپتال جو نہ هجڻ، صفائي جو نہ هجڻ، پيئڻ جي پاڻي جو نہ هجڻ، تعليم جو نہ هجڻ ۽ سڀ کان اهميئسي جو نہ هجڻ. اسان جا ڳوٺ "نہ هجڻ" جي بيماري ۾ مبتلا آهن. اتي جيڪڏهن ڪجهہ آهي تہ اِها آهي بيماري، اوندهہ، گندگي، ابوجهائپ ۽ قبائلي جهڳڙا. ٿوري گهٽي ڳالهہ تي ماڻهو ماريو وجهن. مون پنهنجي هڪ مريض کي جڏهن صلاح ڏنم تہ بابا ڪپڙا صاف پائي اسپتال ايندا ڪريو تہ، وراڻيائين "هڪڙو ئي جوڙو آهي" جيڪو هتي پائي اچڻ جهڙو آهي ۽ اهو مان ڪلهہ ڌوئي نہ سگهيس. اسڪول ۽ تعليم اجان سوڌو اسان جي ڳوٺن ۾ ڪونهن پهتا. اسان جو هڪڙو پڙهيل ڳڙهيل دوست آهي ڪنهن ڳوٺ ۾ رهندو آهي ان جا ٻار اسڪول ڪو نہ ويندا آهن. پڇيومانس تہ ائين ڇو؟ تہ چيائين تہ اسان جي ڳوٺ ۾ اسڪول ڪونهن، ٻارن کي ڪٿي پڙهايان. مون کي تعجب ٿيو. خير ان ۾ ان دوست جي ڪوتاهي بہ شامل آهي جو هو ڪٿي پرياسي ۾ ٻارن کي پڙهائي سگهيو پئي. مون ڪئمپ ڪندي جنهن کان بہ سندس عمر پڇي تہ وراڻيائين اسين اڻپڙهيل، اسان کي عمر جي ڪهڙي خبر. ٿيو ۽ مڪلي جون ڪئمپون ڪندي مونکي محسوس ٿيو تہ اسان جا ماڻهو ڏاڍا ئي ڏتڙيل ۽ مظلوم آهن. هڪ ڇوڪرڙي کي پير ۾ زخم هُيو، ڌوا ڏيڻ کانپوءِ چيومانس تہ ڇوڪري چپل بہ پائي، چيائين ڪٿان آڻيان. ڪيترائي ماڻهو روڊ ڪناري اجان تائين ويٺل آهن ۽ انهن کي اجان تائين تنبو ڪونهن مليا. هتي بہ ماني ورهائڻ وارن جو ساڳيو ئي حال آهي جيڪو سکر ۾ ڏٺم چانورن جون ٿيلهيون ائين پئي اڇلايائون جڻ ڪو ڪنهن جانور کي ڪاڌو اُڇلائبو آهي. ڪم ڪرڻ وارن کي ان طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي. مونکي هن جو هڪڙو سبب تہ اهو نظر آيو جو سرندي وارا ڪاڌو ورهائڻ پاڻ ڪو نہ ٿا اچن. اهي پنهنجي ملازمن کي موڪليو ڇڏين. اهي آهن اڻ پڙهيل ۽ وري

مسڪين بہ، سو هو ٿوري دير لاءِ شايد اهو ٿا سمجهن تہ اُهي وڏا ماڻهو ٿي ويا آهن ۽ پوءِ مزو ٿا وٺن. ٻيون سبب ٽرڪن جي ڪڍ ماڻهن جو ڊوڙڻ بہ آهي ماڻهو بہ ڇا ڪن. ٻہ ٻہ ڏينهن انهن کي ماني ڪو نہ ٿي ملي. ان ۾ طاقتور ضرورت کان وڌيڪ ٿو حاصل ڪري وڃي ۽ ڪمزور پاراتا ڏيئي چپ ڪريو ويهي رهي. هڪ شڪايت مون گهڻين جڳهين تي ٻڌي تہ جن کي ووٽ ڏناسون اهي ڪونهن پهتا. عوامي نمائندن کي پنهنجي ووٽرز جي سنڀال لهڻ گهرجي. اميد تہ جمهوريت جو هي سفر جاري رهندو. عوامي نمائندن کي وري ماڻهن وٽ ئي وڃڻو پوندو. نئي جي روڊ ڪناري ويٺل ماڻهن کي تپاسڻ تي خبر پيئي تہ انهن وٽ ڪاڏو ڪو نہ ٿو پهچي. تقريباً ماڻهن کي Scabies هئي. ڪجهہ کي دست ۽ ڪجهہ کي مليريا. سکر ڪان وني نئي تائين هڪ ئي ڳالهہ ٻڌم تہ "بابا ڪجهہ ڪائڻ لاءِ بہ ڏيو" پر اهو ضرور آهي تہ ٽينٽ گهرن ۾ رهندڙ ۽ سرڪاري عمارتن ۾ رهندڙ روڊ ڪناري رهندڙن کان بهتر حالت ۾ آهن. ماني ۽ چانهہ ملي ٿي ۽ ڪجهہ هنڌن تي روشني جو بندوبست بہ ٿيل آهي. هاڻ ماڻهن جي ضرورتن ۾ ڪاڏو تہ سڀ کان مٿاهون آهي پر وري وري بيمارين کان بچڻ لاءِ صفائي، مڇر مار اسپري، صابڻ ۽ صاف پاڻي بہ اهم آهن. سرندي وارا اهي شيون بہ پهچائين. پاڻي سڪڻ جو ماڻهن کي شدت سان انتظار آهي ۽ واپسي جي راهہ پيا تڪين. ڪجهہ وقت اڳ اسان جي ملڪ ۾ هڪ سيمنار ٿيو هيو ان ۾ اهو طئي ٿيو هيو تہ اسان جي ملڪ جو سڀ کان اهم اثاثو ڪهڙو آهي ۽ اها راءِ قائم ٿي تہ نوجوان اسان جي ملڪ جو وڏو سرمايو آهن. جيڪڏهن ان نوجوان کي ڪم سان لڳائجي ۽ ان تي ڌيان ڏجي تہ هي ملڪ خوشحال ٿي سگهي ٿو. اسان جي گهڻي آبادي جيئن تہ ٻهراڙي ۾ ٿي رهي ۽ اهو نوجوان اتي ايترو ڪارائتو ڪم ٿو ڪري. جيڪڏهن اهو شهرن ۾ اچي تہ سڀاڻي ٻهراڙي بہ خوشحال ٿي سگهي ٿي. پئرس (فرانس) ۾ روزانو لکين ماڻهو ٻهراڙي مان شهر ۾ اچي ڪم ڪن ٿا ۽ شام جو واپس هليا ويندا آهن انهن جون ٻهراڙيون بہ خوشحال آهن ۽ شهر بہ. يورپ ۾ پوڙهن جي تعداد وڌندي پئي وڃي. پورو يورپ پريشان آهي ڇاڪاڻ تہ اُهي ملڪي ڪم ڪار ۾ شامل بہ ڪونهن ۽ مٿان وري ان عمر ۾ بيماريون بہ گهڻيون ٿين. يورپ جو هيلٿ انشورنس سرشتو اهم آهي. اسان وٽ نوجوانن جو تعداد گهڻو آهي انهن تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. مون سکر ۾ ڪجهہ

نوجوانن کي چيو ته واندا پيا گھمو مزدوري شروع ڪريو ۽ آمدني وڌايو ته توهان جو رهڻ آسان ٿئي. پھريائين ته جواب ڏنائون ته چا ٻارن کي اڪيلو ڇڏي ڏيون. مون چيو ته هڪ مرد ڪئمپ ۾ ڇڏيو ۽ ٻيا ڪمايو ڳالھ نه وڻين پر ڪجھ ڏينهن کان پوءِ مون ڏٺو ته ڪجھ نوجوانن ڇهارا بازار ۾ مزدوري شروع ڪئي. جن سان ساڻ گڏھ گاڏا هئا انھن جي زندگي اجان ڪجھ بهتر ٿي وئي. ٺٽي جي روڊن تي ماڻھو ويٺا نظر آيا ۽ هٿ ٽنگيو خيرات پئي گھريائون ۽ انتظار پئي ڪيائون ته ڪا ٽرڪ، ڪا گاڏي گذري ۽ ڪجھ ڏئي. ماڻھو سخت پريشاني ۾ مبتلا هئا. هن ملڪ ۾ امير ماڻھن جي ڪا ڪمي ڪونهي، جيڪڏهن سڀ اڳتي اچن ته ماڻھن جا ڪجھ مسئلا حل ٿي سگھن ٿا. سرڪار جي ذميداري سڀ کان وڏي آهي روڊ تي ويٺل ماڻھن کي رجسٽر ڪري ڪنهن سرڪاري عمارت يا ٽنبو گھرن ۾ جڳھ ڏني وڃي ته جيئن ڪا به رٿابندي ڪجي ته ان ۾ اهي به شامل هجن. SIUT سنڌ ۾ پير جو ڳوٺ، سکر، سجاول، مڪلي، بدين ۽ هاٽي ڪاڇي ۾ ڪئمپون هنيون آهن سنڌ کان علاوه پنجاب ۾ مظفرڳڙھ، سرحد ۾ نوشهري ۽ بلوچستان ۾ ديري مراد جمالي ۾ به طبي ڪئمپون هنيون آهن. اهو ادارو هونئن به ان سوچ جو آهي ته "مفت علاج سيني لاءِ عزت سان" اها سوچ سنڌ جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ڦهلائڻ ضروري آهي. ماڻھن وٽ پئسا ڪونهن جو دوائون خريد ڪري سگھن. ڪيترائي مريض مون گردي جي سور جا ڏٺم. سالن کان سور سهندا پيا اچن چيو مان ته ان جو مستقل علاج الٽراسائونڊ ۽ ايڪسري کان پوءِ ٿيندو ان لاءِ اوهان کي وڏي اسپتال اچڻو پوندو. انهن جو چوڻ ساڳيو هيو ته "بابا پئسا ڪونهن، غريب آهيون" SIUT ۽ اديب رضوي جي اها سوچ سڄي سنڌ ۽ سڄي پاڪستان ۾ لاڳو ٿيڻ گھرجي. جيڪڏهن اهو هتي ممڪن آهي ته پوءِ ٻين هنڌن تي ڇو نه.. جيڪڏهن سمورا ڊاڪٽر دوائن جي ڪمپنين کان مليل سوغاتون، ٻاهرين دنيا جا دورا مسڪين ماڻھن ڏانهن Divert ڪن ۽ پنھنجي اسپتالن ۾ سرندي وارن کان مدد وٺي بهتري آڻين ۽ سرڪار به پنھنجو حصو وجھي ته صورتحال بھتر ٿي سگھي ٿي. SIUTسرڪار ۽ سرندي وارن جي گڏيل ڪاوش جو نتيجو آهي ۽ ڊاڪٽر اُن ۾ مددگار آهي. ضرورت آهي ان انسان دوست سوچ جي جيڪا موجود ته آهي پر سگھاري ڪونهي ۽ ان کي سگھارو بڻائڻ جي ضرورت آهي، پهريائين جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون عرض ڪيو ته اڳتي هلي بيمارين کان بچاءَ جي ڪا تدبير ڪرڻي پوندي. ماڻهن کي سيڪارڻو پوندو ته بيمارين کان ڪيئن بچجي. شاگرد، ڊاڪٽر، پيرا ميڊيڪل اسٽاف ان ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. شاگردن جو ٽيمون ٺاهي ڪئمپن ۾ موڪلجن اهي ماڻهن کي صفائي جا فائدا ٻڌائينءَ اها صفائي ڪيئن ڪجي، سيکارين ته، فائدو ٿيندو. يونيورسٽي جا شاگرد مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. سرڪار کي ان طرف ضرور سوچڻ گهرجي، پرائيوٽ اسڪول،ڪاليج ۽ يونيورسٽيون پڻ اڳتي اچن.

اچو! ته گڏجي ٻوڏ جهڙي هن عارضي مصيبت کي مستقل غنيمت ۾ بدلايون، پنهنجي ڳوٺن کي جديد بنيادن تي اڏيون ۽ اتان جي رهواسين کي جيئڻ جو حق ڏيون. اهو حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار تي اچ تائين جيڪا تنقيد ٿي آهي ان جو اثر گهٽائي سگهجي ٿو ماڻهن جو شڪايتون تڏهن ئي ختم ٿينديون جڏهن ماڻهن کي ڪجهه ملندو. انهن جا مسئلا حل ٿيندا.ماڻهو وڏي مصيبت ۾ آهن. چونڊيل نمائندا ۽ حڪومت سندن واهر ڪن. گهرن کان دربدر ماڻهن کان وڌيڪ ڪو ڏکويل ٿي ئي نه ٿو سگهي. نه هيٺان زمين ۽ نه مٿان ڇت، ڪيڏو نه بي رحم آهي اهو سڀ ڪجهه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عورتن جي جدوجهد

عورتن جو عالمي ڏينهن پهريون دفعو 28 فيبروري 1909ع تي ملهايو ويو ۽ سوشلسٽ پارٽي آف آمريڪا پهريون دفعو ان ڏينهن جو اعلان ڪيو. 1913ع تائين سڄي دنيا جون عورتون هن ڏينهن کي فيبروري جي آخري آرتوار ڏينهن ملهائينديون رهيون. 1910ع ۾ سوشلسٽ انٽرنيشنل ڪوپن هيگن ۾ هڪ ميٽنگ جو انتظام ڪيو. 1911ع ۾ ڪوپن هيگن واري اُن ميٽنگ جي روشني ۾ پهريون دفعو 19 مارچ تي سوئٽزرلينڊ ۽ جرمنيءَ ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ عورتن کي ووٽ جو حق، ڪم ڪرڻ جو حق، هنري سکيا جو حق ۽ نوڪرين ۾ ٻه اڪيائي نه ڪرڻ جهڙا مطالبا ڪيا ويا. ان ميڙاڪي ۾ 10 لک مردن ۽ عورتن حصو ورتو.

هڪ هفتي کان گهٽ عرصي ۾ 25 مارچ تي ٽرينگل شرٽ ويسٽ فيڪ ۾ باهه لڳڻ ڪري 140 ڇوڪرين موت جو ٻک ٻٽيون، جنهن ۾ اڪثريت اٽلي جي ڇوڪرين جي هئي. هن واقعي ڪري آمريڪا ۾ اهڙن واقعن خلاف قانون جوڙيو ويو.

1913-1914ع پهرين جنگ عظيم کان پوءِ روسي عورتن 1913ع ۾ فيبروري جي آخري آچر ڏينهن اهو ڏهاڙو ملهايو. سڄي يورپ 8 مارچ تي هڪ سال پوءِ يعني 1914ع ۾ اهو ڏهاڙو ملهايو. 2 ملين روسي جوانن جي موت ڪري اتان جي عورتن اهو ڏينهن 23 فيبروري تي ملهايو، اهو جو لين ڪئلينڊر جي حساب سان 23 فيبروري هيو ۽ گريگورين ڪئلينڊر جيڪو رشيا کان علاوه ملڪن ۾ رائج هيو 8 مارچ هيو ۽ انهي طرح اهو ڏينهن هر سال 8 مارچ تي ملهايو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اقوام متحده جو ڪردار: اقوام متحده جو چارٽر جيڪو 1945ع ۾ سان فرانسسڪو ۾ لکيو ويو پهريون عالمي معاهدو هيو جنهن ۾ عورتن جي حقن کي مڃيو ويو ان ڏينهن کان وٺي هن اداري عورتن جي رتبي کي سڄي دنيا ۾ اونچي رکڻ لاءِ مدد ڪئي. اج اقوام متحده جو بنيادي متن اهو آهي ته دنيا جو ڪو به مسئلو پلي اهو سياسي هجي يا معاشي عورتن جي شموليت کان سواءِ حل نه ٿو ٿي سگهي.

## پاڪستان:

قائداعظم محمد علي جناح 1944ع ۾ علي ڳڙهه يونيورسٽي آف انڊيا ۾ تقرير ڪندي فرمايو ته "ڪا به قوم ايستائين ترقي ڪون ٿي ڪري سگهي جيستائين عورت ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي نٿي هلي." اسين غلط رسم ۽ رواج ۾ قاتل آهيون. پاڪستان ڪنوينشن فار دي ايليمينيشن آف آل ڪائينڊس آف ڊسڪرمنيشن اگينسٽ وومن (CEDAW) جو صحيح ڪندڙ آهي جنهن ۾ اهو لکيل آهي ته ملڪ جي قانون کي ان ڪنوينشن مطابق بڻايو ويندو جنهن تي اج سوڌو عمل ڪونه ٿي سگهيو آهي.

يونائيٽيڊ نيشنس ريسرچ اسٽڊي مطابق پاڪستان ۾ 50 سيڪڙو عورتون جسماني تشدد ۽ 90 سيڪڙو ذهني تشدد جو شڪار ٿين ٿيون . عورتن جا مسئلا انيڪ آهن، معاشي، سياسي ۽ خانداني، تعليم کان وٺي روزگار تائين، عورت بدحالي جو شڪار آهي. جيئن ته ملڪ ۾ جمهوريت نالي ماتر آهي ان جو اثر پوري سوسائٽي تي ٿو پوي اسين پنهنجي گهرن ۾ به جمهوري رويو ڪونه ٿا رکون.

اسان جي سوسائٽي مرداڻي سوسائٽي آهي جتي عورت جي ذميداري ۾ ٻار سنڀالڻ ۽ گهر داري ڪرڻ شامل آهن، جنهن جي ڪا به قيمت ڪونهي سمجهي ويندي، حالانڪ عورت جيڪڏهن اهي ذميداريون نه سنڀالي ته اهو ڪم مردن کي ڪرڻو پوندو نتيجي ۾ جنهن ڪم ۽ ڪمائي جي زور تي هو حاڪم بڻيل آهي اها حاڪميت برقرار نه رهندي. اسان جي معاشري ۾ ڪمائي جوڪرن لاءِ ۽ گهر داري چوڪرين لاءِ طئي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته عورت هن ملڪ ۾ 48 سيڪڙو آهي يعني هن ملڪ جي آدمشماري جو لڳ ڀڳ اڌ. هاڻ

جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جو اڌ حصو ملڪ جي ترقي ۾ حصو ڪونہ ٿو وٺي تہ پوءِ اهو ملڪ ترقي ڪيئن ڪندو. شهرن ۾ تہ صورتحال پوءِ بہ بهتر آهي ڳوٺن جو حال انتهائي خراب آهي. تعليم هوئڻ ئي نہ هجڻ جي برابر آهي اتي عورتن جي تعليم جو حال انتهائي خراب آهي. تعليم مفت ۽ معياري ڪونهي. عورت جيئن تہ معاشي غلاميءَ جو شڪار آهي تنهن ڪري معاشري ۾ پنهنجو ڪو بہ ڪردار نڀائي ڪو نہ ٿي سگهي. رياست ۽ معاشرو عورت کي ڪا بہ مدد ڪونہ ٿو پهچائي ويتر عورت کي دٻائي ان کي ذهني پريشاني ڏانهن ڌڪيو ڇڏي. ڪارو ڪاري ڪان وٺي ٻين ڪيترن ئي امتيازي هٿڪنڊن سان عورت کي تشدد جو شڪار ٿو بڻايو وڃي. عورت جوگهر هلائڻ ۽ ٻارن کي تربيت ڪرڻ ۽ انهن کي معاشري ۾ پنهنجي پيرن تي بيهارڻ واري ڪردار کي اپت ۽ آمدني وارن انگن اکرن ۾ ڪونهي ڳڻيو ويندو تنهن ڪري ان جي حيثيت هڪ ڏهاڙي دار مزدور جي رهجي وڃي ٿي. عورت جو اهو ڪم قومي انگن اکرن ۾ شامل ٿيڻ گهرجي. اسان جون عورتون گهر جي ڪمن، هارپي ۽ ٻار سنڀالڻ ۾ جيڪو حصو پتي وجهن ٿيون اهو معاشي بهتري واري مد ۾ شامل نہ ٿو ڪيو وڃي ٻين لفظن ۾ ان جي ڪابہ قيمت ڪونهي. عورتن کي ڪم ڪرڻ لاءِ سهولتون ميسر ڪونهن ۽ انهن جي ڪم جون ترجيحات بہ مختصر آهن. رياست ۽ معاشري انهن کي ان مد ۾ ڪي بہ خاص سهولتون ڪونهن ميسر ڪيون جهڙوڪ ٻارن جي سار سنڀال جا مرڪز، سفر جون سهولتون، ڪم واري جاءِ تي عورتن جي الڳ آرام جون جايون ۽ سڀ کان وڌيڪ عزت ۽ جان جي حفاظت وغيره. عورتون سڀ کان وڌيڪ اناج جي اپت واري ڪم ۾ هٿ ونڊائين ٿيون ۽ مردن کان وڌيڪ تعداد ۾ آهن. هڪ رپورٽ مطابق ان ڪم ۾ 79 سيڪڙو عورتون ۽ 57.3 سيڪڙو مرد شامل آهن. (نيٽ سورس)

شهري علائقن ۾ 1996-1997 ۾ 62.2 سيڪڙو عورتون نوڪري واري مد ۾ ۽ 21.9 سيڪڙو اپت واري مد ۾ ڪم ڪن پيون. وفاقي سرڪار ۾ 44.3 سيڪڙو عورتون گريڊ 9 ۽ ان کان گهٽ ۾ ڪم ڪن پيون، گريڊ 22 ۾ هڪ بہ عورت ڪونهي، تعليم جو حال مردن توڙي عورتن ٻنهي جو خراب آهي. ٿلهي ليکي بالغ مرد ۽ عورت جو 54 سيڪڙو پڙهيل آهي. اڻپڙهيل ماڻهن جو تعداد 1951ع جي مقابلي ۾ 1998ع ۾ ٻيڻ کان وڌيڪ ٿي ويو آهي يعني بہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪروڙ ويهہ لکن مان چار ڪروڙ 80 لک.

چوڪرين جي تعليم جو حال انتهائي خراب آهي يونيسڪو جي انگن اکرن مطابق پرائمري سطح تي چوڪرين جي اسڪول ڇڏي وڃڻ جو تعداد 50 سيڪڙو آهي جيڪو سڄي دنيا ۾ سڀ کان وڏيڪ آهي. تعليمي ماهرن جو خيال آهي تہ مفت ڪتاب، فيس نہ وٺڻ ۽ خاص الائونس چوڪرين جي تعليم کي وڌائي سگهن ٿا.

*روزاني عوامي آواز ڪراچي،*
*ڇنڇر 18 مارچ 2006ع*

# موهٽا پيليس

ڪجهه وقت اڳ جسونت سنگهه ڀارتيه جنتا پارٽي جو اڳوڻو اڳواڻ پنهنجي ڪتاب ”جناح“ بابت موهٽا ۾ هڪ گڏجاڻي ڪئي ۽ سوالن جا جواب ڏنا. مان به اُن ميڙ ۾ شامل هُيس ڪيترائي سوال اُٿاريا ويا جنهن جا تفصيل هِن مضمون جو موضوع ڪونهن پر هڪڙي ڳالهه جو ذڪر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان ته جسونت سنگهه ننڍي کنڊ مان انگريزن جي وڃڻ جو سبب ”ٻين عالمي جنگ“ ڪري انگريزن جي ٿڪجي پوڻ کي قرار ڏنو. منهنجي خيال ۾ اِهو چئي اسين ننڍي کنڊ جي ماڻهن جي 100 سالن واري جدوجهد ۽ قرباني کي وساري ٿا ڇڏيون خيراِهو ”جسونت سنگهه“ جو ذاتي خيال هُيو ۽ اِهو اِن جو حق آهي ته جيئن وڻيس سوچي. هاڻ اصل موضوع تي اچجي ته تنهن ڏينهن جسونت سنگهه به موهٽا پيليس جي تاريخي هُجڻ، اُن جي اڏاوت ۽ خوبصورتي جي ڏاڍي واکاڻ ڪئي مون سوچيو ته اِن خوبصورت تاريخي ماڳ بابت پڙهندڙن کي معلومات پهچائجي. اِن جي اهميت اِن ڪري به وڌيو وڃي ته اِن ۾ هر وقت ڪانه ڪا نمائش به لڳل هوندي آهي ۽ اندر هڪ شاناٿتو عجائب گهر به آهي. اچو ته هِن شاندار محل بابت ڪجهه پڙهون.

موهٽا پيليس ڪراچي سنڌ ۾ ڪلفٽن جي علائقي ۾ آهي. اِهو محل درياهه ڪناري واقع آهي. اِن کي هڪ سک ڏنڏوڙي شِورتن چندرا رتن موهٽا 1927ع ۾ گرمين جي موسم ۾ ٺهرايو. سيٺ جو واسطو مارواڙ سان هُيو. آغا احمد حُسين مشهور آرڪيٽيڪٽ اِن محل جو نقشو ٺاهيو. شِورتن هن محل جو مزو فقط ٻه ڏهاڪا ئي وٺي سگهيو چاڪاڻ ته ڪجهه ئي وقت ۾ ورهاڱي جو عمل واقع ٿي ويو ۽ سيٺ پنهنجي ڌرتي ڇڏي انڊيا روانو ٿيو. محل لاءِ خاص

جوڌپور ۾ گذري جا پٿر گهرايا ويا ۽ ٻنهي گڏجيِ محل نُما هِن عمارت کي مغليہ اڏاوت جو ڏيک بخشيو.

هي عمارت 18500 اسڪوائر فُٽ تي تعمير ٿيل آهي اِن کي 9 قُبا آهن ۽ وسيع ۽ ڪشادا ڪمرا پڻ آهن. هِن عمارت جو پهريون حصو تفريح لاءِ ٺهيل آهي، ٻيون حصو يعني پهرين ماڙ ذاتي استعمال لاءِ ۽ ان جي بالڪوني ڊڪيل آهي تہ جيئن سج جي تپش کان بچي سگهجي. محل ۾ ٽيڪ لڪڙي جو استعمال ڪثرت سان ٿيل آهي. راهداريون ويڪريون آهن دروازا دروازن ۾ کُلندا آهن. برساتي ۾ هڪ خوبصورت مندر آهي جيڪو هندن جي پوڄوان شِوا جي نالي ارپيل آهي. راز واري ڳالهہ اِها آهي تہ هڪ لِڪل سُرنگ جنهن بابت ڪيترن ئي ماڻهن کي خبر ڪونهي اها بہ موجود آهي. اِها سُرنگ اندران ئي اندران هڪ ڪلو ميٽر پري هڪ مندر ۾ کُلي ٿي اِها سُرنگ سيٺ جو خاندان روزانو صبح سوير مندر وڃڻ لاءِ استعمال ڪندو هُيو. اِها سُرنگ اجان تائين موجود آهي جنهن جا ٻئي سِرا بند آهن. ورهاڱي کانپوءِ 1947ع ۾ پاڪستان سرڪار اِن عمارت ۾ پرڏيهي وزارت جو دفتر قائم ڪيو. 1964ع ۾ قائد اعظم محمد علي جناح جي ڀيڻ محترمہ فاطمہ جناح اِن محل ۾ لڏي اچي ويئي. 60 جي ڏهاڪي ۾ اِهو محل "قصر فاطمہ" جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ صدارتي چونڊ ۾ فوجي عامر ايوب خان جي خلاف مهم جو گڙهہ بڻيو. محترمہ فاطمہ جناح جي مرڻ کانپوءِ سندس ڀيڻ شيرين جناح اُن ۾ رهائش اختيار ڪئي.

هن عمارت جو ڏسڻ لائق هڪ ٻيو حصو عجائب گهر آهي. موهٽا پيليس 1995ع ۾ سنڌ سرڪار خريد ڪيو ۽ پاڪستاني نوادرات جو عجائب گهر ٺاهيو. اِن کي هلائڻ لاءِ هڪ ٽرسٽ گورنر جي اڳواڻي ۾ ٺاهيو ويو تہ جيئن اِن محل ۾ ميوزيم جي سار سنڀال چڱي نموني لهي سگهجي. اِن عجائب گهر کي 1999ع ۾ عام ماڻهن لاءِ کوليو ويو. عمارت جي ٻنئين حصي ۾ راڻي وڪٽوريہ جو مجسمو بہ رکيل آهي. عجائب گهر ۾، هر 2 کان اڍائي سالن جي وقفي سان قيمتي شين جي نمائش لڳندي آهي. اڄ سوڌو ٽالپرن، ڪيليگرافي، گنڌارا تهذيب، ٽيڪسٽائل، پينٽنگس، رقص ۽ سرامڪ جون نمائشون لڳي چڪيون آهن. اڄڪلهہ ميوزيم ۾ پاڪستان ٺهڻ بابت نمائش لڳل آهي.

ماهوار سوجهرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گلوبل وارمنگ: ماحول ۾ گرمي جو وڌندڙ پد

موسم جو زميني حياتيات تي وڏو اثر ٿئي ٿو. اِهو انسان جي روزاني زندگي ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو. انٽر گورنمينٽل پينل فار ڪلائميٽ چينج (IPCC) جي رپورٽ مطابق انسان جي چرپُر ۽ عمل به آب و هوا ۽ ماحول کي متاثر ڪندا آهن.

موسم اسان جي چوڌاري آب و هوا جو نالو آهي جنهن ۾ گرمي جو درجو، هوا ۽ جُهڙ وغيره وغيره شامل آهن. گلوبل وارمنگ يعنيٰ ماحول ۾ هر روز وڌندڙ گرمي جو سبب ڇا آهي؟ اِهو هڪ اهڙو سوال آهي جيڪو هر ماڻهو جي ذهن ۾ ضرور ايندو.

گلوبل وارمنگ ماحول ۽ آب و هوا ۾ گئيسن جي نڪرڻ ۽ واڌو مقدار ۾ هُجڻ ڪري ٿئي ٿي. اِهي گئسون ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ ميٿين گئسون آهن جن کي گرين هاؤس گئسون به چئجي ٿو. اِهي گئسون زمين تي قالين جهڙو تهه ٺاهينديون آهن. اِهي تهه گرمي کي قابو ڪندا آهن.

سڀ کان اهم گئس ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ آهي. اِها گئس تيل ۽ گند ڪچري جي سڙڻ ڪري پيدا ٿيندي آهي. ماحول ۾ تبديلي ايندي رهندي آهي. اڄ جهڙي صورتحال پهريان نظر نه آئي آهي. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي مقدار حد کان وڌڻ ڪري آب و هوا، ماحول ۽ سمنڊ جي سطح ۾ تبديلي آئي آهي.

ماحول ۾ وڌندڙ گرمي (گلوبل وارمنگ) اسان جي زندگين تي ڪهڙو اثر وجهندي؟ اِهو سوال به اهم آهي، اِهو انتهائي خطرناڪ ثابت ٿيندو. اسان کي اڃان پوري طرح خبر ڪونهي 2 کان 3 ڊگري فيرهانائيٽ جي واڌ ڊرامائي تبديلي آڻي ڇڏيندي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گذريل 10000 سالن ۾ آب و هوا ۾ 1.8 ڊگري فيرهانائيٽ کان وڌيڪ ڦير گهير ڪونهي ٿي. نالي وارا سائنسدان چون ٿا ته آب و هوا ۾ گرمي جي 3 ڊگري واڌ سان ڏڪار ۽ سوڪهڙو چائنجي ويندو ۽ لکين جانيون ختم ٿي وينديون. سڄي دُنيا ۾ 20 کان 400 ملين ٽن فصل گهٽجي ويندو. 400 ملين وڌيڪ ماڻهو ڏڪار جو شڪار ٿيندا. 3 ارب ماڻهو ٻوڏن کان متاثر ٿيندا ۽ صاف پاڻي کان محروم ٿي ويندا. سڄي دُنيا ۾ سمنڊ جي سطح وڌي ويندي ۽ ٻوڏن جو خطرو وڌي ويندو.

اِها گلوبل وارمنگ ڇو ٿي ٿئي ۽ ان جو ذميدار ڪير آهي؟ ظاهر آهي ته اسان سڀ ذميدار آهيون سڄي دُنيا ۾ اڄ آمريڪا سڀ کان وڌيڪ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ آب و هوا ۾ شامل ڪندو آهي.

آمريڪا گرين هاؤس گئسن جو 22٪ پيدا ڪندو آهي اِهو چائنا ۽ انڊيا جي گڏيل پيداوار کان به وڌيڪ آهي. چائنا 17٪، انڊيا 4.1٪ ، رشيا 6٪، جاپان 4.7٪، آسٽريليا 1.4٪ ۽ سمورو يورپ 17.2٪ حصو گئسن جي مد ۾ شامل ڪن ٿا. آمريڪا ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس ڪوئلي، تيل ۽ قدرتي گئس مان پيدا ٿيندي آهي. ڪوئلي ۽ قدرتي گئس مان بجلي ٺهندي آهي. جيڪا گهرن، ڪارخانن ۽ ڌنڌي ۾ ڪم ايندي آهي ۽ تيل جهازن ۽ ڪارن ۾ استعمال ٿيندو آهي اُن جي سڙڻ سان به گئس پيدا ٿيندي آهي جيڪا ماحول ۾ شامل ٿي خرابي جو سبب بڻبي آهي.

اِها ٽيڪنالوجي بيڪار ۽ صحت لاءِ هاڃيڪار آهي. اِن جي جاءِ تي سورج جي ڪرڻن کي استعمال ڪجي جيڪي صحت لاءِ نقصانڪار ڪونهن ۽ صاف آهن. سائنسدان چون ٿا ته گذريل 12 مان 11 سال انتهائي گرم گذريا آهن.

IPCC پنهنجي چوٿين رپورٽ ۾ لکيو آهي ته انڊسٽري ۽ اُن مان نڪرندڙ گئس ڪري ماحول ۾ گرمي وڌي آهي. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ اڄڪلهه تقريباً 30 سيڪڙو اڳ جي مقابلي ۾ وڌي آهي. ناسا (NASA) چواڻي هر ڏهن سالن ۾ 9 سيڪڙو برف پگهرجي ٿي. آرڪٽڪ اوشن جنهن جي لفظي معنيٰ آهي شديد ٿڌو، جي برف جي ٿولهه 1960ع جي مقابلي ۾ 40 سيڪڙو گهٽجي وئي آهي. اڄڪلهه جنهن تيزي سان سمنڊ جي سطح وڌي ٿي اُها ٽيڻي وڌيڪ آهي.

گذريل 30 سالن ۾ سامونڊي طوفان به وڌي ويا ۽ اڳتي به ائين ٿيندو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندو. غربت ۽ ڪاڌي جي اڻهوند به آب و هوا ۽ ماحول جي منا ستا تي ٻڌل آهي. آرڪٽڪ اوشن ۾ نارٿ پول تي گئسن ڪري برف پگهرڻ لڳي آهي هڪ اندازي مطابق 25 سيڪڙو برف پگهرجي چُڪي آهي. چون ٿا ته اُتان جا رهواسي هِن نئين صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ پريشان آهن ڇاڪاڻ ته هُو ٿڌي موسم ۾ رهڻ جا عادي آهن.

تازي ٽائيم رسالي (آڪٽوبر 2007ع) جي هڪ رپورٽ مطابق آمريڪن جيالوجيڪل سروي (USGS) پنهنجي هڪ پڙتالي ۾ اڳڪٿي ڪئي آهي ته جنهن تيزي سان برف پگهرجي پئي ته پاڳي ٽي جيتري آبادي وچ صدي ۾ ختم ٿي ويندي.

اسان جيڪڏهن پنهنجي خطي ايشيا تي نظر وجهنداسون ته اِهو ڏسبو ته اسان جو خطو گرم خطو آهي جنهن ۾ 3 ارب ماڻهو رهن ٿا جيئن جيئن آب و هوا ۽ موسم گرم ٿيندو برف جا پهاڙ پگهرجندا. انڊيا ۽ چائنا جي وڌندڙ آبادي ڪري اجان ڏٻاءُ وڌندو ۽ گرين هائوس گئيسن جو تناسب به ماحول ۾ وڌندو اِهو عمل اوستائين جاري رهندو جيستائين اُن کي گهٽائڻ جو ڪوتدارڪ نه ڪبو. اسان هِن مصيبت مان جند ڇڏائڻ لاءِ ڪيترا آتا آهيون ۽ سچا آهيون اُهو اسان جي روش ۽ رويي مان خبر پوندي. اسان ڇا ٿا خريد ڪريون ۽ ڇا ٿا پسند ڪريون اِهو اهم آهي.

جڏهن اسان پنهنجون ڪارون هلائڻ ۽ گهر کي روشن رکون ٿا ته تيل، گئيس ۽ ڪوئلو ٻري ٿو ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئيس پيدا ٿئي ٿي ۽ هوا ۾ شامل ٿئي ٿي ۽ ماحول کي خراب ڪري ٿي. هيٺيون 10 تدبيرون ماحول کي گرين هائوس گئيسن کان بچائڻ ۾ مدد ڪنديون ۽ اسان جي ڌرتي ۽ اُتي رهندڙ جاندارن جو بچاءُ ڪنديون.

1. ڪار: بهتر حالت ۾ هجي، ٽائرن ۾ هوا پوري پريل هجي اِن سان تيل گهٽ کپندو. بهتر في ڪلاڪ رفتار واري ڪار هجي ۽ گئيس تي هجي ته فائديمند ٿيندي. جيڪڏهن توهان وٽ به ڪارون هُجن ته هڪ استعمال ڪريو ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ استعمال ڪريو. مقصد آهي تيل ۽ گئيس جو گهٽ استعمال ته جيئن گهٽ دونهون نڪري ۽ گهٽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئيس هوا ۾ شامل ٿئي.

2. صاف ۽ جديد توانائي جو استعمال جهڙوڪ شمسي توانائي ۽ وِنڊ انرجي (هوا جو استعمال).
3. عام بلب جي جاءِ تي فلوريسينٽ بلب استعمال ڪجن اِن سان بجلي جو استعمال گهٽبو. پئسا بچندا ۽ آب و هوا ۾ گرمي گهٽبي.
4. بجلي جي محدود استعمال ۾ بچت به ٿيندي ۽ ماحول جي حفاظت به ٿي ويندي.
5. پاڻي جو گهٽ استعمال ڪريو. پنهنجا گيزر (Geezar) ۽ واٽر هيٽر 120% تائين گهٽايو.
6. بجلي بچائڻ وارا فرج ۽ ايئرڪنڊيشنر لڳايو پئسا به بچندا آب و هوا ۽ ماحول ۾ گرمي به گهٽبي.
7. ٻيلا بچايو ۽ وڻ لڳايو. وڻ ماحول کي ٺڌو رکن ٿا. وڻن جي هڪ خوبي اِها آهي ته آب و هوا مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ اندر ڪڍن ٿا ۽ جذب ڪن ٿا.
8. Recycle کي وڌايو وڃي ته جيئن توانائي جو استعمال گهٽجي ۽ ماحول ۾ گدلاڻ به ختم ٿئي.
9. عوامي سطح تي ۽ پنهنجي چوڌاري ماحول ۾ گرمي خلاف مهم هلايو ۽ ماڻهن کي ساڃهه وند بڻايو. اِهو خير جو ڪم آهي جيڪو اسان کي ۽ اسان جي نسلن کي تباهي کان بچائيندو. پوئتي پيل ٽين دُنيا جي مُلڪن جي باري ۾ هڪ رپورٽ جيڪا ڪئنيڊين پريس ۾ هئي 2007ع ۾ ڇپي. ان رپورٽ ۾ لکيل آهي ته ترقي پذير ملڪن کي مدد جي ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته اُهي آب وهوا ۾ گرمي ۽ گئيسن کان وڌيڪ متاثر ٿيندا. رپورٽ ۾ چيل آهي ته توانائي جا نوان ۽ غير نقصانڪار طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن ۽ گرمي جي در جي کي فقط 2 ڊگريون سينٽي گريڊ وڌڻ ڏجي. آفريڪا، ايشيا ۽ ڪجهه ٻين مُلڪن جي نمائندن چيو ته اِهو تاثر غلط آهي ته انڊيا ۽ چائنا وڏا گدلاڻ پکيڙيندڙ مُلڪ آهن پر اِهي ملڪ پاڻ متاثرن ۾ شامل آهن. آفريڪا ماحول کي خراب ڪرڻ ۾ ڪوبه حصو ڪونه ٿو وجهي پر اُهو اِن کان متاثر ٿئي ٿو. سريلنڪا جي نمائندي چيو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان وٽ ڏوڪٽر ڪونهن تنهن ڪري پئسي وارا مُلڪ اسان جي مدد ڪن. اُنهن جي مدد سان اسان جديد ۽ ٽيڪنالوجي استعمال ڪري سگهنداسون. اُن وڏيڪ چيو تہ گذريل سالن ۾ اسان وٽ سوڪهڙو ۽ ٻوڏين وڌيڪ آيون آهن. اِن رپورٽ جي آخر ۾ لکيل آهي تہ 2080 تائين دُنيا ۾ ٻُکين جو تعداد 140 ملين ٿي ويندو ۽ هڪ ارب ماڻهو سوڪهڙي ۽ ٻوڏن کان متاثر ٿيندا. موسم انتهائي خراب ٿي ويندي، هوا ۾ گرمي جو تناسب وڌندو. گرمي وڌڻ ڪري جيت جڻيا ڦلندا ڦولندا. مليريا، دست ۽ ڊينگي بخار جهڙيون وبائون چوٽ چڙهنديون ۽ دُنيا جا غريب وڌيڪ غريب ٿي ويندا.

پاڪستان ۾ 1999-2001 تائين وڏي عرصي جو سوڪهڙو رهيو ۽ 22 لک ماڻهو ۽ هڪ ڪروڙ سٺ لک جانور متاثر ٿيا. اِهو سڀ گلوبل وارمنگ جو نتيجو آهي.

تازو 2007ع جو نوبيل انعام آمريڪا جي اڳوڻي وائس پريزيڊنٽ الگور ۽ يونائيٽيڊ نيشن جي گروپ جيڪو آب و هوا جي تبديلي تي تحقيق ڪري پيو ڪي مليو آهي. اِن گروپ ۾ هڪ پاڪستاني سائنسدان پروفيسر عادل نجم بہ شامل آهي. پروفيسر عادل اڄڪلهہ فليچر اسڪول ۾ اُستاد آهي، اِهو نوبل انعام گلوبل وارمنگ کي گهٽائڻ ۽ اِن متعلق تحقيق ڪرڻ تي ڏنو ويو آهي. اِن ۾ هڪ سونو ٻلو ۽ 15 لک آمريڪي ڊالر ڏنا ويندا جيڪي الگور ۽ يونائيٽيڊ نيشن جي گروپ ۾ ورهائبا. اِن گروپ کي IPCC جي نالي سان سڃاتو ويندو آهي جنهن جو ذڪر مان مٿي مضمون ۾ ڪري آيو آهيان. اِهو گروپ جنهن ۾ دُنيا جا نالي وارا سائنسدان شامل آهن ۽ اِهو هر 4 کان 5 سالن ۾ پنهنجي رپورٽ پيش ڪندو آهي. جنهن جي بنياد تي آمريڪا ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ وڏي مقدار ۾ پيدا ڪندڙ مُلڪ پنهنجيون پاليسيون جوڙيندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اوم ڪمار جو اغوا

اغوا سنڌ ۾ ڪافي پُراڻو گناهہ آهي. جيڪو ڪئي ڌاڪن ڪان سنڌ جي ناموس تي هڪ ڪارو چٽو آهي. پهريائين تہ فقط وڏن/بالغ ماڻهن ڪي اغوا ڪيو ويندو هيو پر هاڻ ظالمن معصوم ٻارڙن کي بہ پنهنجي ظلم جو نشانو بڻائڻ شروع ڪيو آهي. پنهنجي ماءُ کان الڳ پنهنجي ڪٽنب کان پري اُن معصوم ٻار تي ڇا نہ گذرندي هُوندي اِهو هر ٻارن وارو ماءُ پيءُ آساني سان سمجهي سگهي ٿو ۽ هِن تڪليف کي محسوس ڪري سگهي ٿو. اغوا ڪرڻ وارا شايد ٻي اولاد آهن يا وري انسانيت کان وانجهيل. ماڻهن جو اغوا هونئن ئي نہ معاف ڪندڙ ڏوهہ آهي اهو اهڙو جُرم آهي جنهن جي سزا جيتري تجويز ڪجي اوتري گهٽ آهي.

اوم ڪمار جي ماءُ جنهن جو هو اڪيلو پٽ آهي اڄ غم کان بيحال لڳي پئي آهي. اُن جو پيءُ جيڪو مِنائي وڪڻندڙ ننڍڙو دُڪاندار آهي ۽ ڏينهن رات محنت ڪري پنهنجي ٻچڙن جو پيٽ پاليندو آهي سخت پريشان ۽ مصيبت ۾ آهي.

چند سڪن خاطر ظالمن هن ٻي گناهہ معصوم ٻار جنهن جو نہ ڪو ڏوهہ ۽ نہ گناهہ. کي پنهنجي مائٽن کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي هُو ڪهڙي حال ۾ هوندو اُن تي ڇا گذرندي هوندي سنڌ جو هر با ضمير ۽ با اولاد ماڻهو سمجهندو هوندو. جيڪب آباد وارا گذريل 10 ڏينهن کان احتجاج ڪن پيا. ٻُڪ هڙتال ڪان وٺي ويندي جلوسن تائين پر اجان تائين ڪو ڪڙ تيل ڪونهي نڪتو. سرڪار ڇا پئي ڪري، پوليس ڇا پئي ڪري اِهو سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي. اِن معصوم ٻار لاءِ سموري سماجي، سياسي ۽ سجاڻ ڌرين کي آواز اُٿائڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن هن دفعي ظالمن کي اوم ڪُمار ڦهي ويو تہ اِهو هڪ سلسلو شروع ٿي ويندو ۽ جيڪو سهڻي سنڌ جي پيشاني تي بد نما داغ ثابت ٿيندو.

اوم ڪمار جي ماءُ کي تسلي ڪير ڏيندو ۽ اُها تسلي ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ هڪ ماءُ کي صبر جي تلقين ڪيئن ڪجي ماءُ کي ڇا چئجي تہ پنهنجي جگر جي ٽڪر کي وساري ڇڏ. اوم ڪمار جيڪو فقط 7 سالن جو آهي اغوا ڪندڙ ظالم اُن کي ڪيئن خاموش ڪرائيندا هوندا؟ مار ڏئي، تشدد ڪري يا نشي جون دوائون ڏئي. هُو معصوم ڪائيندو ۽ پيئندو بہ هوندو يا نہ؟ الاهي ڪهڙي حال ۾ هوندو. سمورا درد مند ۽ اولاد وارا ماڻهو پاڻ کي اِن صورتحال ۾ رکن تہ اُن درد کي محسوس ڪري سگهندا. سمورا سنڌ واسي اِن انسان دُشمن قدم تي هڪ آواز ٿي ڳالهائن ۽ احتجاج ڪن، سرڪار ۾ ويٺل، پوليس ۾ ويٺل اعليٰ عملدار پاڻ بہ ٻارن ٻچن وارا هوندا اُنهن کي بہ اِن ڏک کي محسوس ڪرڻ گهرجي.

اِن واقعي تي سپريم ڪورٽ جيڪڏهن پاڻ مُرادو قدم کڻي تہ اِهو ڪو وڏاءُ نہ ٿيندو ۽ انصاف جون تقاضائون پوريون ٿينديون. اِهو سموري انسانيت جو مسئلو آهي، اسان سڀني جو مسئلو آهي، پوري سنڌ جي سڄاڻ ذرين جو مسئلو آهي. سياڻي اِهو ڪنهن سان بہ ٿي سگهي ٿو. ڏوهارين کي هن وقت ئي جيڪڏهن نہ روڪبو ۽ پڪڙي سزا نہ ڏبي تہ اِهو ڪوڙهہ جو مرض بڻجي ويندو.

*روزاني عوامي آواز*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# معاشري جا اڏوهي ڪاڌل ذهن!

عوامي آواز ۾ ڇپيل هن هڪ جهڙين ٻن خبرن مون کي سوچڻ تي مجبور ڪيو ته ڇا معصوم ٻارڙين سان منهن ڪارو ڪندڙ اهي وحشي ڪتي نفسياتي مريض ته ڪونهن. مون علم نفسيات جي ماهر Psychologist صالحاسمي (Saleha Sami) کان ان بابت پڇيو. هن وراڻي ڏني ته ها ڇئي سگهجي ٿو ته اهي ماڻهو نفسياتي طرح ٺيڪ ڪونهن، پر انهن کي نفسياتي مريض چئي آزاد نٿو ڪري سگهجي. ڪوٽڙي جي 5 سالن جي معصوم ٻارڙي ۽ ميرپور خاص جي 12 سالن جي نياڻي ٻئي ڪن درندي صفت مردن جي حوس جو شڪار ٿيون. اهي ٻئي واقعا اسان کي ٻڌائين ٿا ته انهن ماڻهن جي وحشي پڻي جو ڪو نه ڪو علاج ته ضرور ڪجي، اسان جي رياستي مشينري جيڪڏهن اپاءَ وٺي ته انهن جو تدارڪ ٿي سگهي ٿو. اهو روز جو معمول بڻجي ويو آهي ته نياڻين کي اغوا ڪري انهن سان زيادتي ڪري قتل ٿو ڪيو وڃي. ڏوهارين جو ڪجهه بگڙجي ڪونه ٿو. هن مضمون جو مقصد آهي زنا جو نفسيات جي روشنيءَ ۾ جائزو وٺڻ. اهو ڪڏو ڪم ڪرڻ وارن جي نفسياتي صورتحال ڪهڙي ٿي هجي ۽ جنهن سان اهو ظلم ٿئي ٿو. انهن تي نفسياتي اثر ڪهڙا ٿا پون. اهو آهي هن مضمون لکڻ جو مقصد. نفسيات جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن ڏسجي ته خبر پوندي ته اهي ماڻهو جيڪي اهو ڪڏو ڪم ڪندا آهن ٻين مردن کان سماج دشمنيءَ ۾ مختلف هوندا آهن. انهن ۾ قانون ٽوڙڻ جون عادتون وڌيڪ هونديون آهن. اهي پاڻ کي ٻين مردن جي مقابلي ۾ وڌيڪ طاقتور ۽ جاندار سمجهندا آهن. انهن مردن ۾ عورتن جي خلاف ناڪاري جذبات هوندا آهن ۽ اهي هميشه عورت کي فتح ڪرڻ چاهيندا آهن. ڪجهه سزا يافته زانين تي تحقيق ڪندي خبر پئي ته اهي جذباتي طور تي عورتن کان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ ناراض هوندا آهن ۽ انهن کي پنهنجي ضابطي ۾ ڪرڻ چاهيندا آهن. اهي ماڻهو پنهنجي نِنڍپڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن جي هٿان ذليل ٿي چڪا هوندا آهن. فرائڊ (1983ع) لکي ٿو تہ اهي زاني، زنا تي راضپي واري ميلاپ کي ترجيع ڪونهن ڏيندا ۽ مارشل (2001ع) لکي ٿو تہ انهن زانين کي عورت لاءِ ڪا همدردي بہ ڪونهي هوندي. اهڙن ماڻهن جو ٻچپن پاڻ ان مصيبت ۾ گذريو هوندو آهي ۽ پنجن مان هڪ اڳتي هلي پين لاءِ مصيبت جو سبب بڻبو آهي. انهن کي ٻئي کي ذليل ڪرڻ ۾ مزو ايندو آهي ۽ اهي گناهہ کي گناهہ ناهن مڃيندا. اهڙا ٻار ڪنهن اهڙي ماحول ۾ پليا هوندا آهن، جنهن ۾ مار ڌاڙ وارو ماحول هوندو آهي، ۽ انهن جا پيءُ ٻارن جي چڱي سنڀال لهڻ وارا مائٽ ناهن هوندا.

ان مسئلي تي مون هڪ نفسياتي ماهر ڊاڪٽر نعيم صديقيءَ کان راءِ ورتي، ان جو چوڻ هو تہ اهي ماڻهو بيشڪ ذهني طرح ٺيڪ ناهن هوندا پر ان جو مقصد اهو ڪونہ آهي تہ اهي نفسياتي مريض هوندا آهن. جيڪڏهن اسان هنن کي نفسياتي مريض چونداسون تہ پوءِ اها نفسياتي مريضن سان زيادتي ٿيندي. اهي ذهني طرح قانون ٽوڙ ماڻهو هوندا آهن ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان ڪجهہ ذهني مريض بہ هجن پر اهو چئي انهن کي ڪو بہ فائدو خاص ڪري قانوني فائدو نہ ڏيڻ گهرجي. ها انهن جي چڪاس ٿيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن کي قتل ڪرڻ، ڪنهن کي زنا ڪرڻ ۽ خاص ڪري ڪنهن معصوم سان بدفعلي ڪرڻ اهو ذهني بيمار ئي ڪري سگهن ٿا. اسان جا ادارا جهڙوڪ پوليس ان معاملي ۾ ڦڙتي ڏيکاري تہ صورتحال بهتر ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن ڏوهيءَ تي ڏوهہ ثابت ٿي نہ ٿيندو يا اسان جا ادارا ڏوهہ ثابت ڪرڻ لاءِ مواد ۽ ثبوت ٿي پيش نہ ڪندا تہ پوءِ مائي مختاران وارو حال ٿيندو، ڏوهي آرام سان گهمندا وتندا. ڏوهہ تہ سڄي دنيا ۾ ٿين ٿا پر ڏوهي پڪڙيو وڃي ٿو ۽ ان کي سزا بہ ملي ٿي.

قانون بہ مختلف ملڪن ۾ مختلف طرح جو هوندو آهي، ڪجهہ ملڪن ۾ اهو قانون ڪافي سخت هوندو آهي ۽ سزا بہ ڳري هوندي آهي، ايتري تائين جو مڙس بہ جيڪڏهن زال جي مرضيءَ کان سواءِ پنهنجي خواهش پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو تہ ان کي بہ زوري زنا جي زمري ۾ آندو ويندو ۽ ان جي بہ سزا مقرر آهي. ڪجهہ ملڪن ۾ قانون ۾ جهول آهي ۽ زيادتي ٿيندڙ کي قانون جي مدد وٺڻ کان روڪيو ويندو آهي ۽ ان کي اهو بہ خوف هوندو آهي تہ ڪٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الٽو اهو چئي ته تو ڪوڙو ڪيس داخل ڪيو آهي، ان ڪي ٿي نه سزا ڏني وڃي.

ڪجهه عورت پرستن جو چوڻ آهي ته اهو سڀ ڪجهه مردن جي مضبوط سماجي ۽ سياسي سگهه ڪري ممڪن ٿيندو آهي. مرد سدائين عورت کي پنهنجي ضابطي ۾ رکڻ ٿو چاهي. نيويارڪ ٽائيمس ۾ ڊينيل گولمين جي ڇپيل مضمون ۾ زانيءَ جي ذهن جو نقشو سائنس جي روشنيءَ ۾ ٺاهڻ متعلق لکيل آهي، ان ۾ چيل آهي ته اهي زاني عورت کي تڪليف پهچائڻ ۾ خوش ٿيندا آهن. اها ڳالهه ڪوئينس ڪاليج ڪنگسٽن، اونٽيريو جي ماهر نفسيات ڊاڪٽر هاورڊ باربيري به ڪئي.

هڪ ٻئي ماهر نفسيات ڊاڪٽر ملاموٿ جو چوڻ آهي ته اهي زاني عورت کي جنسي مزي جي شئي سمجهندا آهن ۽ اهي ٻچپن ۾ پاڻ ان شئي جو شڪار ٿي ويا هوندا آهن. اهي واقعا مهذب دنيا ۾ ٽين ٽا پر اتي مجرم پڪڙجيو پون ۽ انهن کي سزا به ملي ٿي. اسان وٽ جيئن ته مجرم پڪڙجي ڪونه ٿو ۽ جيڪڏهن پڪڙجي ٿو ته ان تي ڪيس ثابت ڪونه ٿو ٿئي ۽ هو ڇڏائجي ٿو وڃي. تڏهن اهڙن مجرماڻي ذهن رکندڙ ماڻهن جي ٻيگهي مچي ٿي پوي. نيويارڪ اڪيڊمي آف سائنسز طرفان جنوري 2000ع ۾ ڇپيل هڪ مضمون"مرد زنا ڇو ٿو ڪري" جيڪو رينڊي ٿارن هل ۽ ڪريگ ٽي پامر لکيو آهي، ۾ چيل آهي ته اهو موضوع هڪ سائنسي راند آهي جنهن کي حل ڪرڻ ڪجهه مشڪل ڪم آهي. ڪيترن ئي سماجي ماهرن زنا کي هڪ ڪڏو گناهه چيو آهي، جيڪو غير صحت مند معاشري جو اهڃاڻ آهي. جنهن ۾ مرد عورت کي ڊيڄاري ٿو ۽ ان جي تذليل ڪري ٿو. 1975ع ۾ عورت جي حقن جي علمبردار ليکڪا سوسن براؤن ملر زور ڏيندي لکيو ته زنا مزي وٺڻ لاءِ نه ڪيو ويندو آهي، پر اِهو عورت تي ضابطو رکڻ ۽ ان تي حڪمراني ڪرڻ واري خواهش جو اظهار آهي. ان کان پوءِ 25 سالن تائين ملر جي اِها سوچ وڏي اهميت رکندي آئي. اها ٿيوري چوي ٿي ته هر مرد کي جنسي خواهش ٿيندي آهي، پر هر مرد زنا ڪونهي ڪندو. زنا هڪ غير فطري ورتاءُ آهي، جنهن جو جنسي مزي سان ڪوبه واسطو ڪونهي ۽ ان جو مثال جانورن جي دنيا ۾ به ڪونهي. پر سماجيات جا ماهر اها ڳالهه مڃڻ لاءِ تيار ڪونهن ته زاني کي جنسي خواهش ڪونهي ٿيندي. هو ضرور اها خواهش رکندو آهي چاهي اهو هارن سان زنا هجي

يا عورتن سان. جنگين جي زماني ۾ فوجين جو اجتماعي زنا به هن سلسلي جي ڪڙي آهي، جنسي خواهش ضرور موجود هوندي آهي. سوشوبائيلاجي ۽ ارتقائي نفسيات واري سائنس مطابق عادتون، ڪائڻ پيئڻ ۽ زبان ماڻهوءَ جون دريافت آهن. مرد ۽عورت جون خواهشون به سڪيل عمل هونديون آهن ۽ سموريون ثقافتون نفسياتي هم آهنگي ڪري وجود ۾ ايندڀون آهن. جيڪي وڏو وقت سيڙائيندڀون آهن. انهن جا جينياتي ۽ موسمياتي حصا به هوندا آهن. ڊارون جي سائنس مطابق هر شئي ارتقا جي عمل تحت ٿي آهي. اهڙي طرح زنا سان به ٿيو آهي. ان کي روڪڻ جا به سائنسي طريقا ڳولهڻا پوندا. ٻي صورت ۾ اها برائي ختم نه ڪري سگهبي. ڊارون جي ارتقا جي سائنس مطابق هر شئي جي ارتقا ٿي آهي. عورت به ان عمل مان گذري آهي. جيتري ذهني تڪليف عورت کي پنهنجي ڪنهن ويجهي جي مري وڃڻ ڪري ٿئي ٿي ان کان وڌيڪ تڪليف ان کي زنا مان ٿئي ٿي. نيسني ڊبليو ٿارن هل پنهنجي تحقيق ۾ چيو آهي ته سورتون جيڪي ٻار پيدا ڪرڻ واري عمر ۾ هونديون آهن انهن لاءِ زنا ذهني پريشانيءَ جو وڏو ۽ وڏو سبب بڻبو آهي. ان کان بچڻ لاءِ ضروري آهي ته ٻارن جي تربيت ڪجي ۽ قانون کي سخت ڪجي. اهڙا واقعا جيڪڏهن سڌريل دنيا ۾ ٿيندا آهن ته قانون حرڪت ۾ اچي ريندو آهي. عملدار ٻارن ۽ انهن جي مائٽن سان ملندا آهن. انهن جو طبي ۽ نفسياتي معائنو ٿيندو آهي. انهن کي ذهني طرح سگهارو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ان دنيا ۾ انهن ٻارن کي جواني تائين ذهني پريشاني لاءِ ڇڪاسيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته زنا جي ڪري ٻارن جي ذهنن تي ڪافي اثر پئجي سگهجن ٿا. ايڊز کان وٺي ويندي ذهني بيمارين تائين. اهڙيون ڇوڪريون سڄي زندگيءَ لاءِ مسئلي ۾ به پئجي سگهن ٿيون. نفسيات جي ماهر شرمندگيءَ کي هيٺين پنجن طريقن سان خطرناڪ مڃيو آهي. پهريون علاج نه وٺڻ. ٻيون پاڻ کي اڪيلو متاثر سمجهڻ ٽيون پاڻ کي ٻين کان الڳ ڪري ڇڏڻ. چوٿون ڪاوڙ ۽ پنجون مار ڌاڙ. ٽيگنٽي چيو ته شرمندگي نفسياتي مسئلن کي به جنم ڏئي ٿي. جهڙوڪ ننڊ نه لڳڻ،پريشاني ۽ ٻيا نفسياتي مسئلا. هڪڙي تحقيق اهو به ٻڌائي ٿي ته اهي ٻار اڳتي هلي ڏوهاري ذهن جا مالڪ به ٿي وڃن ٿا. اهڙا ٻار يا وڏا خودڪشيءَ طرف مائل به ٿي ويندا آهن. ايٿوپيا ۾ زيادتي سهندڙ اسڪولي ڇوڪرين جو 6

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيڪڙو خودڪشيءَ طرف مائل ٿيو وڃي ٻارن تي نفسياتي دٻاءَ تمام گهڻو ٿيندو آهي، ان ۾ ڊپريشن، ذهني پريشاني، ٻڪ نہ لڳڻ، خود اعتمادي جي گهٽتائي، جسم ۾ هر وقت سور، وڏي هوندي ڏوهاري ٿيڻ شامل آهي. جيڪڏهن اها زيادتي ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ واري يا رشتيدار ڪئي آهي تہ پوءِ ان جو نقصان اڃا بہ وڌيڪ آهي. ڪو بہ مهذب معاشرو ان کي درست ڪونہ ٿو سمجهي. مون پنهنجي پٽ راهل کان جيڪو يونيورسٽيءَ جو شاگرد آهي پڇيو تہ تنهنجو ان باري ۾ ڇا خيال آهي، ان ڏاڍو دلچسپ جواب ڏنو، هن چيو تہ اُهي ماڻهو نفسياتي بيمار تي سگهن ٿا ڇاڪاڻ تہ ٻارن کي ڏسندي ئي اهي پيارا لڳندا آهن ۽ انهن جو خيال رکڻ تي دل ٿيندي آهي، انهن جي سنڀال ڪرڻ جي دل ٿيندي آهي، پر جيڪڏهن ڪو ان جي ابتڙ ڪري ٿو تہ اهو پوءِ ڪو جانور ئي ٿي سگهي ٿو يا ذهني مريض. ڊاڪٽر ناصر لڪ جگر جو ماهر جيڪو مذهبي معلومات بہ رکندو آهي ان چيو تہ مذهب ان جي اجازت بلڪل ڪونہ ٿو ڏئي ۽ ان جي سزا ڏاڍي سخت هجڻ گهرجي. آمريڪا ۾ مختلف سياستدانن، ان جي سزا موت تجويز ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو سوال بہ ذهن ۾ اچي ٿو تہ ايترن ننڍڙن ٻارن کي ڪيئن انهن جا مائٽ اڪيلو ڇڏي ٿا ڏين، جو انهن جي سنڀال ڪونہ ٿا ڪن. مائٽن جي بہ اها ذميواري آهي تہ ننڍن ٻارن کي پنهنجي نظر آڏو رکن، انهن کي اڪيلو نہ ڇڏين ۽ درندن کان انهن کي بچائي رکن ۽ معاشرو بہ ان جو اوترو ئي ذميوار آهي. سماج کي بہ پنهنجي ٻارن جي تربيت ڪرڻ گهرجي، انهن کي سٺو انسان بڻائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ جيئن هو وڏا ٿي سٺا انسان بڻجن. ان سلسلي ۾ قانون بہ سخت ٺهڻ گهرجن ۽ سزا بہ سخت هجڻ گهرجي. مون لائيڊ مائوس جي لکيل مضمون ”دي اوريجن آف وار ان چائلڊ ابيوس“ ۾ پڙهيو تہ ننڍن ٻارن سان منهن ڪاري ڪرڻ واري روايت اوائلي دور ۾ هوندي هئي. جڏهن انسان اڃان جنگلي دور ۾ رهندو هو، ٻار سان زيادتيون، ننڍي عمر ۾ شاديون، نياڻين کي جيئري دفنائڻ،ننڍن ٻارن کي ٻڌي ڇڏڻ واريون ڪيڏيون رسمون رائج هيون، پر هن 21 هين صديءَ ۾ اهو ٿيڻ ٻڌائي ٿو تہ اهو ڪيڏو ڪم ڪرڻ وارا اڃا اوائلي دور ۾ ٿا رهن، ان دور ۾ جڏهن جهنگ جو قانون هو ۽ ”جيڪو ڏاڍو سو ڳابو“ واري سوچ جو راڄ هو.

*عوامي آواز سنڌي مئيگزين، آچر 9 کان 15 سيپٽمبر 2012ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گُردي جو عالمي ڏينهن

گردا جيڪي تعداد ۾ ٻه هوندا آهن جسم جي پٺئين پاسن ۾ پاسيرين جي بلڪل هيٺان ۽ ڏُن جي ساڄي ۽ کاٻي پاسي هوندا آهن. گردن جو ڪم جسم مان خراب مادا ٻاهر ڪڍڻ هوندو آهي.

اِهي خراب مادا پيشاب جي رستي خارج ٿيندا آهن روزانو 2 کان 3 ليٽر پيشاب انساني جسم مان خارج ٿئي ته صحت لاءِ بهتر رهندو خاص ڪري پٿري جي مريضن لاءِ.

گردي جو عالمي ڏينهن پهريون دفعو مارچ 2006ع ۾ ملهايو ويو. اِهو هر سال مارچ جي ٻي خميس تي ملهايو ويندو آهي. هن دفعي اِهو 13 مارچ 2008 تي ملهايو ٿو وڃي. هن ڏينهن ملهائڻ جو مقصد اِهو آهي ته ماڻهن ۾ گردي جي بيمارين کان بچڻ جو شعور پيدا ڪجي.

گردا هر روز 200 ليٽر خون صاف ڪندا آهن گردا اسان جي بلڊ پريشر کي به ضابطي ۾ رکندا آهن گردن جو هڪ هيو ڪم خون جا ڳاڙها جُزا ناهڻ ۽ هڏين کي مضبوط ڪرڻ به آهي. گردي جي بيماري ڪڏهن ڪڏهن خاموشي سان شروع ٿي ويندي آهي ۽ اسان کي اِن جي خبر ڏاڍي دير سان پوندي آهي. هڪ اندازي مطابق هر 10 بالغ مردن ۽ عورتن مان هڪ کي ڪنهن نه ڪنهن قسم جو گردي جو مرض هوندو آهي.

گردي جي مستقل بيماري وارا مريض دل جي عارضي ۾ ڪنهن صحت مند ماڻهو جي مقابلي ۾ 10 دفعا وڌيڪ موت جو شڪار ٿي سگهن ٿا. گردي جي خرابي اتري ته وڌي ويندي آهي جو مريض کي گردي جي تبديلي جي ضرورت پوندي آهي يا وري سڄي عمر خون صاف ڪرڻ واري مشين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊائلسس تي رهڻو پوندو آهي. خوش قسمتي سان گردي جي مستقل بيماري کان بچي سگهجي ٿو يا وري اِن جي رفتار کي گهٽائي سگهجي ٿو.

جيڪڏهن وقت سان گردي جي مستقل بيماري کي پڪڙيو ويو ته گردي جي تبديلي ۽ ڊائلسس کان گهڻو وقت بچي سگهبو اهو سڀ سولو آهي.

پيشاب ۽ خون جي چڪاس ۽ بلڊپريشر چيڪ ڪرڻ سان اِهو حاصل ڪري سگهجي ٿو. وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي ۾ ته وڏا ادارا آهن اُهي اِن چڪاس جو بندوبست گردي جي عالمي ڏينهن تي ڪن ٿا پر سنڌ جا ٻيا شهر ان سهولت کان وانجهيل آهن. جيئن ته اڪثر گردي جي بيماري جون نشانيون شروع واري زماني ۾ ظاهر ڪونهن ٿينديون تنهن ڪري اڳواٽ ڄاڻ ضروري آهي. گردي جي بيماري کي پيچيدگي کان اڳ پڪڙڻ لاءِ ڪا ٽيسٽ جي ضرورت ڪونهي هڪ سادو ٽيسٽ يعني پيشاب جو سادو ٽيسٽ ڪافي آهي.

اِهو ڏينهن سنڌ جي هر ضلعي هيڊڪوارٽر ۽ تعلقي اسپتالن ۾ ملهائڻ گهرجي اِها ذميداري سرڪار، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ۽ ٻين سماجي تنظيمن جي آهي. پاڪستان ۾ ساليانو 25000 ماڻهو گردي جي مستقل بيماري ۾ مبتلا ٿيو وڃن ۽ اُنهن کي ڊائلسس ۽ گردي جي تبديلي جي ضرورت پوي ٿي. هن عالمي ڏينهن تي ٻه وچن ڪري سگهجن ٿا. هڪ ته گردي جي مستقل بيماري کان گهٽ کان گهٽ ماڻهن کي بچائڻو آهي ٻيو جيڪي اِن مرض ۾ مبتلا ٿي چُڪا آهن اُنهن جي زندگين کي بهتر بڻائڻو آهي. سڄي سنڌ ۾ ڊائلسس جون سهولتيون مهيا ڪرڻ سرڪار جي ذميداري آهي ۽ گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي سموري وڏين سرڪاري اسپتالن ۾ گردي جي تبديلي جو بندوبست هجڻ گهرجي.

سوسائٽي پنهنجي هڪ ٻي ذميداري پوري ڪري اُها آهي موت ڪانپوءِ عضون جي عطيي جي ذميداري. هزارين مريض اِن آس ۾ مريو وڃن ۽ ڪيترن مريضن کي پنهنجي خاندان ۾ گردي ڏيڻ وارو ڪونه ٿو هجي، عضون جي عطيي وارو قانون پاس ٿئي ڪجهه مهينا ٿي ويا پر اڃا سوڏو گردي جي بيماري ۾ سوگها ماڻهو موت ڪانپوءِ گردن جو عطيو ڪرڻ وارن جي ڪمي ڪري مريو وڃن. سريلنڪا جا رهواسي جيئن اڪيون عطيو ڪرڻ ۾ مشهور آهن

اسانجا ماڻهو گردن عطيو ڪرڻ ۾ چونه ٿا ڳوءِ ڪڻن.

گردي جي عالمي ڏينهن جو اهم مقصد ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ آهي ته جيئن هو اِن بيماري کان بچي سگهن. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا اِهو ڪم بخوبي سر انجام ڏئي سگهن ٿا. اِهو فقط سال جي هڪ ڏينهن تائين محدود نه هُجڻ گهرجي. سڄو سال ماڻهن ۾ اِها سجاڳي پيدا ڪندو رهجي. اڄو ته وچن ڪريون ته ايندڙ سال 25000 گردي جي مستقل خرابي جي مريضن ۾ ڪمي ايندي ۽ اِهو انگ هاڻ چند هزارن ڪي پهچندو. سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن ڪراچي هر سال هڪ سيمينار منعقد ڪندو آهي ۽ ماڻهن جو رت،پيشاب ۽ بلڊپريشر بغير ڪنهن معاوضي جي چڪاس ڪيا ويندا آهن ته جيئن ماڻهن ۾ گردي جي بيماري ڪي وقت کان اڳ پڪڙيو وڃي هِن سال 13 مارچ تي هڪ سيمينار جو بندوبست ڪيو ويو آهي ۽ 14،13 ۽ 15 مارچ صبح 9 کان شام 5 بجي تائين ماڻهن جي چڪاس ڪئي ويندي، گهٽي کان گهٽا ماڻهوان سهوليت مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا.

مان اُميد ٿو ڪريان ته اِها سهوليت سنڌ ۽ مُلڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مهيا ڪئي ويندي. اِن لاءِ پاڪستان سوسائٽي آف نيفرالوجسٽ ۽ پاڪستان ايسوسيئيشن آف يورالوجيڪل سرجنس (PAUS) پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.

*روزاني عوامي آواز ڪراچي*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هڙتال بدران بُک هڙتال
# عوام دوست عمل آهي

گذريل هڪ مهيني کان وڌيڪ سنڌ يونيورسٽي بند آهي. سنڌ يونيورسٽي پاڪستان جي ٽين پراڻي يونيورسٽي آهي ۽ سنڌ ۾ تعليم جي حوالي سان ڪرنگهي جهڙي اهميت رکي ٿي. اسان جو صوبو هوندي به تعليم جي لحاظ کان دُنيا جي تيز ترقي ۽ گهرجن جي پورائي ۾ پوئتي آهي لٽريسي انگ به وڏن شهرن جي مقابلي ۾ ننڍن شهرن ۾ ڪافي گهٽ آهي. مثال طور جيڪب آباد ۾ پڙهيل ڪڙهيل ماڻهن جو انگ فقط 34 سيڪڙو آهي. ڪراچي ۾ اِهو انگ 77 سيڪڙو، اسلام آباد 87 سيڪڙو ۽ جهل مگسي بلوچستان فقط 20 سيڪڙو آهي. اسان جي محترم استاد صاحبن کي پنهنجي شاگردن جي پڙهائي جو خيال ڪندي ڊاڪٽرن جي نقش قدم تي هلڻ گهرجي جن ڪجهه ئي وقت اڳ بک هڙتال ڪري پنهنجا مطالبا مڃرايا. بُک هڙتال سان پاڻ کي تڪليف پهچي ٿي پر مريض متاثر ڪونه ٿا ٿين اهڙي طرح جيڪڏهن اُستاد صاحبان پڙهائي جي هڙتال ڇڏي بُک هڙتال ڪندا ته شاگردن جي پڙهائي جو نقصان نه ٿيندو ۽ سرڪار تي زور بار به وڌيڪ پوندو. پڙهائي جي نقصان ڪري اخلاقي طور اُستاد صاحبن جو ڪيس ڪمزور ٿي ٿو وڃي. سنڌ يا ڪنهن به صوبي لاءِ تعليم ترقي لاءِ ائين ئي آهي جيئن جياپي لاءِ آڪسيجن. هونئن به صوبي ۾ سرڪاري ڪاٿي ۾ ڪيترائي اسڪول بند پيا آهن. اسڪول کليل آهن ته ماستر ڪونهن. جيئن معاشري ۾ ٿورو ٿورو ڪري ڊاڪٽري جي نوبل پيشي لاءِ عام ماڻهو جي راءِ تبديل ٿيڻ لڳي آهي اُستادن سان ائين نه ٿيڻ گهرجي نه ته وڏي تباهي ايندي. سرڪار کي به هڪدم مسئلن جو تدارڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ گهرجي اِها ڪا مذاق جي ڳالهه ڪونهي ان ڪي سنجيدگي سان وٺڻ گهرجي. شاگرد جيڪڏهن پڙهندا نه ته پوءِ صوبي ۽ ملڪ جي بين يونيورسٽين جي شاگردن سان مقابلو ڪيئن ڪندا، ڇتا پيٽي وارن امتحانن ۾ ڪيئن ويهندا، تعليم جي ترقي سان هي اسان جي ترقي جڙيل آهي. دُنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ ڪيتري به اُٿل پٿل ٿئي تعليمي ادارا بند ناهن ٿيندا. سوويت يونين ٽٽو پر هڪ ڏينهن به اتي اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون بند نه ٿيون اِهو مونکي اتي پڙهندڙ هڪ شاگرد ٻڌايو. سڄاڳ قومون پنهنجا تعليمي در بند ڪونهن ڪنديون چاهي مُلڪ اُٿلي پوي. هتي هر ٻئي ڏينهن اسڪول، ڪاليج بند آهن ڪرڪيٽ ٽنٽڻ ڪان وٺي ويندي ڪرڪيٽ هارائڻ تائين تعليمي ادارن ۾ موڪل ٿيو وڃي صحت ۽ تعليم ڪي سرڪار ۽ عوام ٻئي اهميت ڏين اسان ڪي اِن جي سخت ضرورت آهي. سڄاڻ ڌريون، سياسي پارٽيون، ليڪڪ صاحبان، شاگرد، پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا اِن طرف خاص سوچين ۽ جتن ڪن، فقط وڏين ڳالهين سان ڪجهه نه ورندو. ڊاڪٽرن بک هڙتال ڪري پنهنجا مطالبا ميڙايا اُستاد به ائين ٿي ڪن ته جيئن يونيورسٽي ۾ تعليم شروع ٿي سگهي. بيو طريقو آهي انصاف جو در ڪڙڪائڻ وارو ان طرف به رجوع ڪنجي. جيڪو به طريقو ڪجي اُن ۾ اِهو خيال رکجي ته تعليم جو نقصان نه ٿئي، اِن ۾ ئي اسان جو جياپو آهي.

*روزاني عوامي آواز*
*21 فيبروري 2012ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انساني عضون جي پيوندڪاري ۽ قانون

پاڪستان ۾ هڪ اندازي مطابق 50,000 ماڻهو هر سال عضون جهڙوڪ گردا، جگر ۽ دل جي ناڪارا ٿيڻ ڪري مريو وڃن. ان ۾ 25000 گردي جي بيماري ۾، 10000 جگر جي خرابي ۽ 6500 دل بيهي وڃڻ ڪري مريو ٿا وڃن ان جو سڀ کان وڏو سبب عضون جو دستياب نہ هجڻ آهي. پاڪستان ۾ گردي جي پيوندڪاري ۾ ڏهاڪا اڳ شروع ٿي. اڄ پاڪستان ۾ هر سال 1000 کان گهٽ گردي جي پيوندڪاري جا آپريشن ٿين ٿا جڏهن تہ ضرورت 25000 آپريشن ڪرڻ جي آهي. سيني گردي جي مريضن وٽ گردو ڏيڻ وارو ڪونهي هوندو يا وري ساڳي گروپ وارو گردي ڏيڻ وارو خاندان ۾ موجود ڪونهي هوندو.

پاڪستان ۾ عضون جي گهٽتائي ڪري عضون جي وڪري جو ڪاروبار شروع ٿي ويو. ضرورت مند هر طريقو استعمال ڪندو آهي. پاڪستان گردي جي ڪاروبار جو مرڪز ٿي ويو آهي. مختلف مُلڪن جا ماڻهو هتي گردو خريد ڪري لڳرائي ويندا آهن ۽ اسين دُنيا ۾ بدنام ٿي ويا آهيون.

اُميد جو ڪرڻو صرف پنهنجا رشتيدار ئي آهن ۽ اُهو بہ فقط گردي جي سلسلي ۾ ممڪن آهي. جگر،دل ۽ لبلبو ڪونہ ٿو لڳائي سگهجي ڇاڪاڻ تہ اِهي عضوا موت ڪانپوءِ حاصل ڪري سگهجن ٿا. اِهي عضوا موت ڪانپوءِ حاصل ڪرڻ وارو قانون ضرور هُيو اِهو قانون اڄڪلهہ پاس ٿيڻ ۽ قابل عمل ٿيڻ واري عمل مان گذري رهيو آهي. اِن ۾ ڪجهہ ڪمزوريون موجود آهن جن کي ٺيڪ ڪرڻ ضروري آهي. ٻي صورت ۾ عضون جي وِڪري وارو ڪاروبار هلندو رهندو. اِهو قانون اِن ڪري بہ ضروري آهي جو اسين گُردن وڪڻڻ جي منڊي جي طور تي سڃاتا ويندا آهيون. ميڊيڪاس نيٽ ميگزين پنهنجي هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شماري ۾ لکيو تہ غريب پاڪستاني پئسن خاطر پنهنجا عضوا وڪڻن ٿا. اِهو اسانجي معاشي بد حالي ڪري ٿئي پيو ضرورت مند ہيو ڪو رستو نہ ڏسيءِ اهو ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا. اِن مئيگزين اِهو لکيو تہ نسيم ڪوثر، اُن جي پيٽ، ڇهن پاٿرن، ٻن پائٽين ۽ ساهرن پنهنجا گردا وِڪيا آهن. سي اين اين (CNN) پنهنجي رپورٽ ۾ چيو تہ پاڪستان جي گرد منديءِ ترقي پئيءِ ڪري. ايشين پيسفڪ پوسٽ 10 مئي 2006ع تي لکيو تہ امير پرديسي گردي جا مريض سستي اگهہ ۾ گردا خريد ڪرڻ پاڪستان اچن ٿا. ترقي يافتہ مُلڪن جا ماڻهو هتي اچي گردا خريد ڪيو وڃن ۽ اُهي بہ فقط 2500 ڊالرن ۾ اِن ئي مئيگزين اِهو بہ لکيو تہ 24 گردا ڏيندڙ مختلف سببن ڪري ۽ آپريشن ڪانپوءِ بهتر سنڀال نہ ڪرڻ ڪري، مري ويا آهن. گردي ڏيندڙ جي باقاعدي سار سنڀال بہ ضروري آهي جيڪا هن ڪاروباري دُنيا ۾ ممڪن ڪونهي. ڪرنٽ افيئر پنهنجي شماري ۾ لکيو تہ انڊين ڇا لاءِ پاڪستان مان گردا خريد ڪرڻ وينڊا آهن.

- پاڪستان ۾ عضون جي وڪري تي پابندي ڪونهي.
- گردي ڏيڻ وارا آساني سان ملي ويندا آهن.
- صحت ڪاتي کان ڪاہ اجازت وٺڻ جي ضرورت ڪونهي.
- سستا گردا ملي ويندا. فقط هڪ لک روپئي ۾.

چيف جسٽس چوڌري افتخار پاڻ مُرادو قدم کڻي گردي جي وڪري تي پابندي هنئي ۽ اِن ڪاروبار ۾ شامل ماڻهن لاءِ 10 سالن جي سزا مقرر ڪئي. هُن اِهو بہ حڪم ڪيو تہ: جلدي اهڙو قانون ناهيو وڃي جنهن ۾ گردي جي وڪري تي پابندي هجي ۽ موت ڪانپوءِ عضوا حاصل ڪرڻ قانوني هُجي اِهو قانون اڄڪلهہ اسيمبلي ڏانهن موڪيلو ويو آهي ۽ اسيمبلي جو اجلاس هاڻي ختم ٿي چُڪو آهي. تنهن ڪري هڪ دفعو ٻيهران ۾ دير لڳي ويندي. اِن قانون کي عمل ۾ نہ آڻڻ لاءِ اِن جون مخالف قوتون پنهنجي نهن ۽ چوٽي جو زور لڳائي رهيون آهن. هڪ اندازي مطابق ساليانو 1.2 بلين جو ڪاروبار گردي جي وڪري مان پيدا ٿئي ٿو. جيڪڏهن اِهو قانون عمل ۾ اچي ويندو تہ اُنهن ماڻهن جو جيڪي هِن ڪاروبار ۾ شامل آهن، انهن جو نقصان ٿي ويندو.

سنڌ انسٽيٽيوٽ آف يورالوجي ۽ ٽرانسپلانٽيشن ڪيترن ئي سالن کان هِن قانون کي عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي تہ جيئن گردي جي

ضرورتمندن کي تہ فائدو پهچي ٿي پر جگر، ليلبو، دل ۽ ٻيا عضوا بہ حاصل ڪري سگهجن. جگر جي پيوند ڪاري اسان جي مُلڪ ۾ ڪونہ ٿي ٿئي جيڪڏهن اِهو آپريشن مُلڪ کان ٻاهر ڪرائبو تہ تقريباً هڪ ڪروڙ روپيا فقط آپريشن تي خرچ ٿيندو اهي خرچ يا تہ انتهائي امير ماڻهو برداشت ڪري سگهن ٿا يا وري وڏا سرڪاري آفيسر، وچين طبقي ۽ غريبن جي مجال ئي ڪونهي. جيڪي اسپتالون راولپنڊي ۽ اسلام آباد ۾ گرُدي جي وڪري ۾ شامل آهن اُن مان فائدو حاصل ڪرڻ وارن جو 66 سيڪڙو ٻاهر جي گردي جي مريضن جو آهي ۽ 34 سيڪڙو پاڪستاني ضرورت مند اِن مان فائدو وٺن ٿا. گردي وڪڻڻ وارا گهڻو ڪري وڏيرن جا قرضائي آهن ۽ قرض لاهڻ لاءِ پنهنجا گردا وڪڻندا آهن يا وري پنهنجون ننڍيون ننڍيون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ جسم جو عضوو وڪڻندا آهن جهڙوڪ گهر ٺهرائڻو آهي، شادي ڪرڻي آهي وغيره وغيره.

عضون وارو قانون ڇا آهي؟ ڪجهہ اِن بابت لکندس. اِن قانون مطابق گردي جو وڪرو منع آهي پر جيڪڏهن ڪو ضرورت مند آهي ۽ اُن کي ڪو پنهنجو مائٽ گردو ڏيڻ وارو ناهي ۽ ڪو محبت ۾ ۽ بغير ڪنهن لالچ جي گردو ڏيڻ ٿو چاهي تہ هڪ ڪاميٽي ٺاهي ويندي جيڪا اِها تسلي ڪندي تہ اِن ۾ ڏيتي ليتي شامل ڪونهي ان کان پوءِ هي اِهو عمل ممڪن ٿيندو ٻاهرين مُلڪن جي مريضن لاءِ ڪنهن پاڪستاني کان گردو حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هوندو.

اِن قانون تحت فقط ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ، ماءُ جو ڀاءُ، ماءُ جي ڀيڻ عضوو ڏئي سگهن ٿا. زال مڙس جيڪڏهن رشتيدار ڪونهن تہ پوءِ اُها ڪاميٽي اِهو طئي ڪندي تہ اِهو آپريشن ڪجي يا نہ. جيڪڏهن گردي جي مريض وٽ گردي ڏيڻ وارو ڪونهي ۽ اُن جي زندگي خطري ۾ آهي تہ پوءِ چند ڄاڻ واري ڪاميٽي اِهو طئي ڪندي تہ غير رشتيدار عضوو ڏئي سگهي ٿو يا نہ. چند ڄاڻ ڪاميٽي ۾ سرجن، فزيشن، گردي جي پيوندڪاري جا ماهر، دماغ جو ماهر ۽ انتهائي نگهداشت جو ڊاڪٽر سڀ شامل هوندا ۽ بہ عزت وارا شهري جن جو عوامي خدمت ڪرڻ جو ماضي هجي شامل هوندا. اِها ڪميٽي هر اسپتال ۾ ٺاهي ويندي جتي 25 گردي جي تبديلي جا آپريشن ساليانو ٿيندا آهن. اِها ڪميٽي موت کانپوءِ عضوا ڪڍڻ جو بہ فيصلو ڪندي.

غير رشتيدار جو عضوو ڪڍڻ جو فيصلو بہ اِها ڪميٽي ڪندي.

وفاقي سرڪار هڪ اهڙي ڪاميٽي بہ ٺاهيندي جيڪا سموري عمل جي نگراني ڪندي کهڙين اسپتالن ۾ اِهو آپريشن ٿي سگهي ٿو اِهو بہ اِها ڪاميٽي طئي ڪندي. اِن قانون تحت هڪ رجسٽري ٺاهي ويندي جنهن ۾ بغير معاوضي گردي ڏيڻ وارن ۽ گردي جي خرابي وارن مريضن جا نالا لکيا ويندا. جيڪڏهن ڪو ماڻهو عضون جي وڪري واري ڪاروبار ۾ شامل هوندو تہ پوءِ اُن کي 10 سالن جي سزا ۽ هڪ ملين روپيا ڏنڊ وجهي سگهجي ٿو.

اسان جي ملڪ جي صوبي پنجاب ۾ گردي جي وڪري لاءِ ڳوٺن جا ڳوٺ مشهور آهن، جنهن ۾ ڳوٺ جي ڳوٺ پنهنجا گردا وڪڻيا آهن. انهن ڳوٺن کي ”سستي گردي جي بازار“ جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. آمريڪا ۾ گردي جي وڪري جي منع آهي، چائنا بہ هاڻي قانون جوڙي رهيو آهي تہ جيئن گردي جي خريدو ۽ وڪرو نہ ٿي سگهي.

پنجاب ۾ سلطان پور هڪ ڳوٺ آهي جتي اِهو ڪاروبار زورن تي هُيو. گردي خريد ڪرڻ وارو ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي پنهنجي جان بچائڻ خاطر ٻئي جي مجبوري کي خريد ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو وڃي. جيڪڏهن گردي جي ضرورت مند کي ٻيو آسرو هجي جهڙوڪ موت کانپوءِ عطيو ٿيل عضون حاصل ڪرڻ جي سهوليت وغيره تہ شايد اِهو ڪاروبار وڌي ويجهي نہ سگهي. گردي وڪڻڻ وارو پنهنجي معاشي حالت کان بيزار ٿي پنهنجي جسم جو عضوو وڪڻي ٿو ۽ سڄي زندگي پريشان ٿو گذاري ڇاڪاڻ تہ جيترا پئسا ملن ٿا اُن مان اُن جامسئلا حل ڪونہ ٿا ٿين. نظام جي تبديلي ۾ اِن جو حل آسي. عضون جي پُول کي وڌائڻ لاءِ اسپين وارو ماڊل ڪامياب آهي. اسپين ۾ هر ملين آبادي تي 60 عضوا عطيو ڪرڻ وارا موجود آهن. اسپين ۾ اِهو قانون موجود آهي تہ جيڪو بہ ماڻهو موت کانپوءِ عضوو عطيو نہ ڪري اُهو سرڪار کي اطلاع ڪري ٻي صورت ۾ اِهو طئي آهي تہ هر ماڻهو موت کان پوءِ عضوَن جي عطيي جو اُميدوار آهي.

اِهو قانون گردي، جگر، دل ۽ مثن پيشابن جي هزارين مريضن کي فائدو پهچائيندو ۽ مُلڪ بہ بدنامي کان بچندو. سوال اِهو آهي تہ هِن قانون کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ايتري دير ڇو ٿي وئي. اِهو قانون دُنيا جي تقريباً سمورن ملڪن ۾ لاڳو آهي. ايتري قدر جو ڪيترن ئي اسلامي مُلڪن ۾ بہ اِهو قانون موجود آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاہي ڌر: غير فعال ۽ چڙوچڙ

پاڪستان ۾ ڪاہي ڌر پاڪستان ٺھڻ سان ئي وجود ۾ آئي ۽ مختلف حوالن سان ڪم ڪندي رهي. هتان جي ڪاہي ڌر سدائين روسي ڪميونسٽ تحريڪ کان متاثر رهي نہ صرف ايترو هِتان جي ڪميونسٽ پارٽي جا رهنما انڊين پارٽي کان ورثي ۾ ورتا ويا. ڪم ڪرڻ جو طريقو 1954ع کان ئي زير زمين رهيو اُن ۾ سرڪاري جبر ۽ تشدد بہ هڪ سبب رهيو. ڪاہي ڌر سدائين لبرل ۽ قومپرست پارٽين سان يا تہ اتحاد ۾ رهي يا وري اُنهن سان گڏجي ڪم ڪندي رهي تنهن ڪري عوام ۾ ڪا جڳهہ نہ ٺاهي سگهي. ڪم هي ڪندا رهيا ليڊري ۽ نالو ڪمائڻ جي چڪر ۾، چائنا نواز، ترانسڪائيٽ، روس نواز وغيرہ وغيرہ جي چڪر ۾ ٽُڪرن ۾ ورهايل رهيا. هو سرمائيدار پارٽين سان گڏ ڪم ڪرڻ لاءِ تہ تيار رهيا پر پاڻ ۾ ملي هڪ ٿي ڪم ڪرڻ ڪڏهن بہ نہ چاهيو.

حالانڪ ڪاہي ڌر مختلف وقتن تي شاندار تحريڪون بہ هلايون 1968ع واري تحريڪ 1972ع واري تحريڪ پر عوام ۾ جڙون نہ هجڻ ڪري ۽ پاڻ ۾ متحد نہ هجڻ ڪري اُنهن تحريڪن جو ڪولاڀ حاصل نہ ڪري سگهيون. ڪامريڊ سوڀو گيانچنداڻي هڪ دفعي چيو تہ اِهي عوام دوست ننڍڙا فرق ختم ڪري هڪ ٿي سگهن ٿا ۽ اُنهن جا اختلاف ڪي وڏا اختلاف ڪونهن.

جيڪڏهن ڪاہي ڌر جا دوست سرمائيدار پارٽين سان اتحاد ڪري سگهن ٿا. پيپلز پارٽي، نيپ، اي اين پي،، بي اين پي ۾ ويهي سگهن ٿا تہ اِهي سڀ پاڻ ۾ هڪ ٿي ڪنهن محدود پروگرام تحت ئي گڏجي چونہ ٿا ويهي سگهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوويت يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ پاڪستان ۾ جهڙوڪر ڪاٻي ڌر جي حوالي سان هر شئي ختم ٿي وئي. ملڪ جا مسئلا جڻ تہ حل ٿي ويا. هاري مزدور ۽ وچين طبقي جون پريشانيون بہ جڻ ختم ٿي ويون ۽ بيروزگاري بہ جڻ ختم ٿي وئي جي ائين نہ ٿيو تہ پوءِ ڪاٻي ڌر پنهنجي هرشئي ختم ڇو ڪري ڇڏي.

گذريل ڪجهہ سالن کان ڪاٻي ڌر ڊپريشن مان نڪتي آهي ۽ وري چر پر نظر اچڻ لڳي آهي پر ننڍڙا گروپ ٿاهي ڪجهہ بہ حاصل ڪونہ ٿو ڪري سگهجي. مُلڪ ۾ ڪجهہ وقت کان ايتري اُٿل پٿل جاري هئي. پر ڪاٻي ڌر ڪٿي بہ نظر ڪونہ آئي. مذهبي انتها پسندي وڃي پئي وڌندي اِن جو ڪٿو حل اِن لاءِ ڪا جدوجهد ڪرڻ جا ڪاٻي ڌر جي ذميداري ڪونهي؟ سوويت يونين ٽٽڻ سان جيڪو خلا پيدا ٿيو اُن کي ڪاٻي ڌر کي هاڻ ختم ڪرڻ گهرجي. ننڍڙن ننڍڙن ٽڪرن ۾ ورهائجي ڪاٻي ڌر ڪو بہ لاڀ لائق ڪم ڪونہ ٿي ڪري سگهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪاٻي ڌر ڪي متحد ٿيڻو پوندو

سوويت يونين ٽٽڻ ڪانپوءِ پوري دُنيا ۾ ترقي پسند لاڙن کي ڪاپاري ڌڪ لڳو. دُنيا ٻن وڏن دڙن مان بدلجي Unipolar ٿي پئي. آمريڪا ۽ اُنهن جي ساٿارين کي روڪڻ وارو ڪوبہ نہ رهيو ۽ نتيجي ۾ هڪ هٽي قائم ٿي وئي.

اسان جي مُلڪ ۾ بہ ڪاٻي ڌر جي پارٽين ۾ مايوسي پکڙجي وئي ۽ اُهي ٽٽي ڇڙوڇڙ ٿي ويون. پاڪستان ۾ ڪم ڪندڙ ترقي پسند پارٽين بشمول ڪميونسٽ پارٽي آف پاڪستان جيڪو ڪجهہ 50 سالن جي محنت کان پوءِ حاصل ڪيو سمورو تتر بتر ٿي ويو. پارٽي تہ اڳ ئي اڪثريت ۽ اقليت ۾ تبديل ٿي ٽٽي پئي ۽ آخر ۾ ٽڪرن ۾ رهائجي ختم ٿي وئي، هاڻ فقط نالو رهجي ويو آهي.

روشن خيال ۽ ترقي پسند ڌرين جي نہ هجڻ يا نالي ماتر هجڻ ڪري فقط رجعت پرست ڌريون ئي ميدان تي رهيون ۽ پرچار ڪنديون رهيون نتيجي ۾ فقط رجعت پرستي جو پرچار ئي نظر اچڻ لڳو. سوويت يونين ٽٽڻ جو ايترو وڏو اثر هتان جي ترقي پسند ڌرين تي اِن ڪري بہ پيو جو هتان جي ڪميونسٽ ۽ ترقي پسند تحريڪ سدائين روسي ڪميونسٽ تحريڪ کان متاثر رهي.

ماضي ۾ ڪاٻي ڌر مختلف وقتن تي شاندار تحريڪون بہ هلايون ۽ هر اُن مسئلي تي اڳيان اڳيان رهي جنهن ۾ عوام جا مفاد شامل هُيا. اُنهن سمورين تحريڪن جو فائدو ڪاٻي ڌر اِن ڪري حاصل نہ ڪري سگهي جو پاڻ ۾ متحد نہ هئي ۽ ٽڪرن ۾ ورهايل رهي. جيڪڏهن ڪاٻي ڌر جا دوست عوامي نيشنل پارٽي، پيپلز پارٽي، پاڪستان نيشنل پارٽي ۾ ويهي سگهن ٿا ۽ ڪم ڪري سگهن ٿا تہ پوءِ پاڻ ۾ گڏجي ڇو ڪو نہ ٿا سگهن. اِهي سڀ پاڻ ۾ گڏجي

ڪنهن محدود پروگرام تحت ٿي گڏجي ويهن.

1954ع کان ڪاهي ڌر سياسي عمل ۾ شامل آهي رياستي جبر ڪري زير زمين ڪم ڪرڻ تي مجبوري رهي. ڪم ڪرڻ جي اِن طريقي ڪري ترقي پسند تحريڪ عوام ۾ پنهنجي جڳهه نه ناهي سگهي.

گذريل ڪجهه سالن کان ڪاهي ڌر ڊپريشن مان نڪتي آهي ۽ وري چڙ پُر نظر اچڻ لڳي آهي. پر ننڍڙن ٽڪرن ۽ گروپن ۾ ورهايل ڪاهي ڌر ڪنهن سياسي اُٿل پٿل ۾ نظر ڪونه ٿي اچي.

اِهو چوندي ڪو وڌاءُ نه ٿيندو ته ڪاهي ڌر ۾ تحريڪ جو جذبو موجود آهي. ڪجهه ساهه کڻڻ جو جيڪو موقعو مليو آهي اُن مان فائدو وٺڻ گهرجي. اِهو نيشنل ۽ انٽرنيشنل حالتن جي ڪري ممڪن ٿي سگهيو آهي.

ڪاهي ڌر کي ڪم ڪرڻ لاءِ مسئلن جا انبار ملندا جن کي کڻي هو ڪم ڪري سگهن ٿا. خالص جمهوريت، 73 جو آئين، ڪارو ڪاري، بيروزگاري، زمين جا سُذارا، عورتن جا مسئلا، هارين جا مسئلا، مزدورن جا مسئلا ۽ اڄڪلهه چيف جسٽس وارو مسئلو. مسئلا انيڪ موجود آهن جن لاءِ ڪم ڪري عوامي حمايت حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ڪاهي ڌر جيڪڏهن ملي هڪ ٿئي يا گهٽ ۾ گهٽ پروگرام تي اتحاد ڪري ته اثرائتي نموني اِنهن سمورن مسئلن تي هڪڙو موقف رکي پاڻ کي عوام ۾ مڃرائي سگهي ٿي. موجوده اقتداري پارٽيون مصلحت پسندي جو شڪار آهن ۽ پنهنجو موقف اثرائتي نموني ڪونه ٿيون رکي سگهن. اِهي پارٽيون ڪُرسي جي چڪر ۾ رهي پنهنجي ڪنهن پروگرام يا منشور تي عمل ڪرڻ کان به قاصر آهن.

مونکي ذاتي طور ڪاهي ڌر ۾ اختلافن جي بجاءِ چڱ مڙسي جو مسئلو وڏيڪ لڳندو آهي. جيڪڏهن ليڊر پاڻ ۾ ڪونه ٿا ٺهن ته سڀني ڪاهي ڌر جي ڌڙن ۽ ننڍڙن گروپن جا ڪارڪن پاڻ ۾ هڪ ٿي رضامندي سان پنهنجا نوان ليڊر چونڊين ته اِهو ٻنڪي پائڻ وارو چڪر ختم ٿئي ۽ ڪاهي ڌر نئين سر طاقت سان ۽ نظر ايندڙ انداز ۾ وجود ۾ اچي ۽ پنهنجون ذميداريون نڀائي.

ڪاهي ڌر جون پارٽيون وقتن بوقتن پاڻ ۾ اتحاد ڪري عوام ۽ ڪاهي ڌر جي ڪارڪنن کي خوش ڪنديون رهيون آهن پر اُهو به ڪجهه ڏينهن لاءِ ۽


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري ڪنهن ننڍڙي ڳالهہ تي وڙهي الڳ ٿيو وڃن اِهو سلسلو بہ ڪيترن ئي سالن کان جاري آهي.

ڪاهي ڏر سدائين هڪ نہ ٻئي سرمائيدار ليڊر جي حمايت ۾ اُن سان الحاق تي زور ڏنو اُنهن ڪڏهن بہ پنهنجي عوامي پارٽي ٺاهڻ طرف نہ وچيوئي نہ شايد اعتماد جي ڪمي اِن جو سبب رهيو يا وري حڪمت عملي ۾ جهول. اڄ ڪاهي ڏر پاڪستان ۾ ڪا خاص اهميت ڪونہ ٿي رکي.

تازو چيف جسٽس وارو مسئلو ٿيو. اسلام آباد ۾ جيڪو ڪجهہ ٿئي پيو ڪاهي ڏر ڪٿي آهي ۽ ڇا پئي ڪري اسان جا دوست اڃان بہ پراڻي طريقي سان پيا ڪم ڪن اُهي بند سياست تي ڪار بند آهن ائين هاڻ ڪونہ ٿيندو. جيستائين ميڊيا کي استعمال نہ ڪبو نظر نہ اچبو عوام ۾ وڃي نہ سگهبو ۽ ميڊيا اهميت تڏهن ڏيندو جڏهن ڪاهي ڏر ۾ ڪجهہ وزن هوندو ڪا سگهہ هوندي ڪاهي ڏر متحد ٿي هڪ آواز ۾ ڳالهائيندي ۽ عوامي سگهہ رکندي هوندي. عوامي سگهہ حاصل ڪرڻ لاءِ عوام جي ڳالهہ ڪرڻي پوندي اُنهن جي مسئلن تي جدوجهد ڪرڻي پوندي اِهو ٻہ طرفو عمل آهي.

مايوس ٿيڻ جي ضرورت ڪونهي جيستائين ماڻهن جا مسئلا موجود آهن. بک بيرو زگاري موجود آهي اُنهن جي مسئلن لاءِ جدوجهد ڪرڻ وارن جي ضرورت پوندي.

تازو هرڪشن سنگهہ سُرجيت پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو آهي تہ پاڪستان ۾ تحريڪ جو جذبو موجود آهي ۽ اُن لاءِ گهربل مواد بہ آهي اِهو جيڪو ساهہ کڻڻ جو وقت مليو آهي اُن جو فائدو وٺڻ گهرجي. گهرو ۽ بين القوامي دٻاءَ جي ڪري ننڍي پيماني تي ئي صحيح سياسي آزادي ڏني وئي آهي حالانڪ سوسائٽي ۽ سرڪار ۾ اهڙا عنصر بہ موجود آهن جيڪي اِن ننڍڙي ڇوٽ کي بہ ختم ڪرائڻ چاهين ٿا.

ڪاهي ڏر جي تحريڪ لاءِ هن وقت چڱو موقعو آهي اُن کي اِن جو فائدو وٺڻ گهرجي. اِهو بہ ڪونهي تہ ڪاهي ڏر کي سياست ڪرڻ لاءِ مواد ڪونهي ڪوڙ سارا مسئلا اهڙا آهن جنهن کي ڪٽي اڳتي وڌي سگهجي ٿو ڊان پنهنجي 7 مارچ 2005ع واري ايڊيٽوريل ۾ لکيو تہ ڪاهي ڏر وارا پنهنجي ڏينهن جو وڏو حصو چانهہ جي ڪوپ تي هوٽلن ۾ ويهي بحث مباحثي ۾ گذاريندا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارٽي ناهڻ، آرگنائزيشن ۾ عملي ڪم تي گهٽ ڌيان ڏيندا آهن. اِن ۾ به ڪجهه نه ڪجهه صداقت آهي، ڪاهي ڌر پراڻي روش ۾ طريقڪار ڪي ڇڏي جديد سيات جو طريقو اپنائي ۾ ننڍڙا ننڍڙا اختلاف وساري پاڻ ۾ متحد ٿي ۽ اهو سوچي ته هِن وقت ڇا ضروري آهي. هتان جي حالتن ۾ ضرورتن مطابق حڪمت عملي جوڙي. هِن وقت صرف پڳڙي واري چڪر مان نڪري موجوده وقت جي مسئلن کي نظر ۾ رکي گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه نڪتن ئي تي صحيح متحد ٿي پنهنجو تاريخي فرض نڀائي ته عوام ۽ تاريخ ڪڏهن به معاف نه ڪندا. ترقي پسند ڌرين کي هِن وقت اِهو نه سوچڻ گهرجي ته 20 سال پوءِ ڇا ٿيندو. ٽراٽسڪي صحيح آهي يا اسٽالن درست هُيو. هتان جي حالتن کي ڏسي لائحه عمل ناهجي. هن وقت جون حالتون ڇا ٿيون تقاضا ڪن هن وقت جا مسئلا ڪهڙا آهن. هڪڙو پروگرام ڪٺي اڳتي وڌ جي. آن طرح ڪابي ڌر هڪ ٻئي جي ويجهو ايندي ۽ پنهنجون ڪمزوريون ختم ڪندي.

*روزاني عوامي آواز*

*27 اپريل 2007ع*

# هولي

هولي هندن جو اهو ڏڻ آهي جنهن ۾ هندو ماڻهو هڪ ٻئي تي مختلف قسمن جا رنگ اڇلائي خوشيءَ جو اظهار ڪندا آهن. رنگ هونئن به خوشيءَ جو مظهر هوندا آهن. ڳاڙها، ساوا، گلابي ۽ نيرا رنگ. هر عيد، هر خوشي جي پنيان کانہ کا کهاڻي ضرور هوندي آهي. هندن جي هن ڏڻ (عيد) پنيان بہ هڪ کهاڻي آهي، هڪ ڪٿا آهي.

ڪنهن زماني ۾ هرڻا ڪش نالي هڪ بادشاهہ ٿي گذريو آهي جنهن جو هڪ پٽ ڀڳت پرهلاد نالي هيو ۽ هڪ ڀيڻ جو نالو هولڪا هيو. هرڻا ڪش هڪ ظالم ماڻهو هيو. جنهن کي پاڻ ڀڳوان سڏائڻ جو جنون جي حد تائين شوق هيو. ڪيس هڪ دعا ملبل هئي تہ هو نہ ڏينهن جو مرندو ۽ نہ رات جو، نہ اندر مرندو ۽ نہ ٻاهران تڪبر، بادشاهہ کي ظالم بڻائڻ ۾ وڏو ڪردار اداڪيو. رعيت ويچاري، ڏنڊي جي زور هيٺ هئي، مجبور هئي. جيئن تہ اهو قدرت جو قانون آهي تہ ظلم جڏهن پنهنجي انتها کي پهچندو آهي تہ اهو دور ڪنهن سورهيہ، ڪنهن جوڌي کي جنم ڏيندو آهي ۽ ائين ظالم جو انت ٿيندو آهي.

هرڻا ڪش جي ظلم جو توڙ ان جي پنهنجي گهر ۾ ڀڳت پرهلاد جي صورت ۾ موجود هيو. ڀڳت پرهلاد ننڍ پڻ کان ئي نيڪ ماڻهو هيو ان کي اها خبر هئي تہ ڀڳوان ڪو ٻيو آهي، سندس پيءُ هرڻا ڪش نہ. سو ان بغاوت شروع ڪئي. ڀڳت پرهلاد پنهنجي پيءُ کي ڀڳوان مڃڻ کان انڪار ڪيو. هرڻا ڪش پنهنجي پٽ جو دشمن ٿي ويو. ڪيئي دفعا پرهلاد کي مارائڻ جي ڪوشش ڪيائين، ڀڳت هر دفعي بچي ويو. هاڻ هن دفعي ظالم پڪو پهہ ڪيو. هن پنهنجي ڀيڻ هولڪا کي استعمال ڪيو. جيڪا پرهلاد جي پڦي هئي، جنهن وٽ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ اهڙي چادر هئي،جيڪا جيڪڏهن ويڙهجي ته باهه اثر نه ڪندي.

هڪ وڏو آڙاهه ٻاريو ويو. هولڪا چادر اوڙهي ڀڳت پرهلاد کي باهه ۾ وٺي وئي، پر ٿيو ائين جو زبردست قسم جو طوفان شروع ٿي ويو ائين اها چادر هولڪا تان لهي وڃي پرهلاد تي پئي ۽ اهڙي طرح هولڪا باهه ۾ سڙي وئي ۽ پرهلاد بچي ويو. پر هلاد جي بچڻ جي خوشيءَ ۾ ۽ هولڪا جي سڙي مرڻ ڪري هندو ماڻهو "هولي" جو ڏڻ ملهائيندا آهن ۽ خوشي جو اظهار هڪ ٻئي تي رنگ اڇلائي ڪيو ويندو آهي.

هن دفعي هولي جو ڏڻ هڪ سياڳي موقعي تي آيو آهي ملڪ ۾ چونديل حڪومت واڳ سنڀالي آهي. هر دور ۾ وقت جي راوڻ سيتائن جي لڄ لٽڻ جي ناڪام ڪوشش پئي ڪئي آهي ۽ هر دور ۾ رامچندر جهڙن سورهيه بهادرن جنم وٺي ظلم جو انت آندو آهي. اهي ڪٿائون ، اهي ڪهاڻيون اسان کي حوصلو ڏين ٿيون سچ ڳالهائڻ جو، ظلم خلاف آواز اٿارڻ جو. چاڪاڻ ته ظلم سهڻ وارو به اوتروئي گنهگار آهي جيترو ظلم ڪرڻ وارو.سچ سدائين سوڀارو رهيو آهي. هي ڌرتي به اڄ جهڳڙن، فسادن، ڌوهن، ڌاڙن، هٿيارن ۽ بارود سان سٽي پئي آهي. هي ڌرتي دانهن ٿي ڪري، پڪاري ٿي، اڄ به ڪنهن ڀڳت پرهلاد کي، ڪنهن ڀڳت ڪنور کي، ڪنهن هيمون ڪالاڻي کي، هن دور جي راوڻ، هن دور جي هرڻاڪش خلاف. انهن کي ناس ڪرڻ لاءِ، جيئن هي ڌرتي ماتا سمورين براين، هٿيارن جي بار، ائٽمي جنگين کان آجي ٿئي ۽ انسان ذات سک جو ساهه کڻي. اچو ته اسان به اڄ هڪ وچن ڪيون ، ته سدائين حق سچ جي ڳالهه ڪنداسون ۽ ظلم اڳيان نه جهڪنداسون.

*روزاني هلال پاڪستان*
*ڇنڇر- 08 اپريل-1989ع*

# هندو جنرل پنچائت ۽ سماجي ڀلائي

هندو جنرل پنچائت وجود ۾ ڇو آئي؟ اِها انهيءَ ڪري وجود ۾ آئي ته ڌرمي پرش غريبن، مسڪينن، اپاهجن، ضرورت مندن، بيروزگارن ۽ وڌوائن لاءِ جيڪي ڌرم ڪري ويا يا ڏن ڏئي ويا تنهن جي حفاظت ڪئي وڃي ۽ ان ۾ ٿيندڙ اُپت يعني آمدني جو جائز استعمال ڪجي. جيڪڏهن اسان غير جانبدار ۽ سماج جا با ضمير فرد ٿي سوچيندا سون ته اسان کي خبر پوندي ته پنچائت جي 35 سالن جي تاريخ ۾ ڪو به چڱو ڪم، ڪو به سماجي ڀلائي ءَ جو ڪم ڪو نه ٿيو آهي. اهو سڀ ڪجهه جيڪو پنچائت کي ڪرڻ گهرجندو هيو پر اهو ڪو نه ٿيو. شروعاتي دور ۾ ٿورا ڪي گهٽا ڪم ٿيا پر اهي به نالي ماتر ۽ نه ٿيڻ جهڙا باقي گذريل تقريباً 25 سالن ۾ ته بس چڱن مڙسن جون چڱ مڙسيون ئي نظر اينديون رهيون، باقي مڙيوئي سڪ. سماج کي مسئلا ڏينهون ڏينهن ويا وڪوڙيندا مثلاً ڪافي مسڪين غريب گهرن جون نياڻيون سماج ۾ پيل ڏيتي ليتي جهڙي بڇڙي رسم جي ڪري ڪو نه ٿيون اگهجن ظاهر آهي ته هن گندي ۽ غليظ، ناپاڪ ۽ بي رحم روايت جي هوندي پلا غريبن جون نياڻيون جيڪي اهي شرط پورا نٿيون ڪري سگهن ڪيئن اگهبيون. هاڻي جيڪڏهن پنچائت پنهنجا فرض ايمانداري سان نڀائي ۽ پنچائتي پئسي جو جائز استعمال ڪري ته اهو مسئلو هندو سماج لاءِ ڏکيو نه رهي. اهو مرض جنهن کي اسين ڪوڙهه ڪان به ڪنو مرض ڪوٺيون ته وڌاءُ نه ٿيندو. جنهن ڪري متاثر ٿيندڙ گهر اجا ٿي پون ۽ اسان جون اهي نياڻيون، پينرون جيڪي هن خطرناڪ مرض جو بک ٿين ٿيون اهي به سينڌ ۾ سنڌور پري گهر گرهستيءَ واري زندگي گذارين، جيڪو انهن جو بنيادي حق آهي. دراصل ڳالهه اها آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنچائت جون واڳون اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ آهن جيڪي پاڻ سرنديءَ وارا آهن، انهن صاحبن کي انهيءَ سور جي ڪل ئي ڪهڙي جيڪو انهن کي پاڻ کي ڪونهي، ”جتي باهه لڳي هنڌ اهوئي سڙي“ صاحبن کي ته صرف ڪرسي گهرجي. چئي، ڏسون ته اسان ڪان ڪير ٿو پئنچائت جون واڳون کسي.

هاڻي اچون ٻين مسئلن طرف.... ڪيترين ئي مسڪين، غريب ۽ وڌوا عورتون پنهنجو ۽ پنهنجي ابهم ٻارڙن جي پيٽ جو نرڳ پرڻ لاءِ پيون در در جا ڌِڪا کائين ۽ واجهائين ڪي سرنديءَ وارن جا برتن صاف ڪري، ڪپڙا ڌوئي ۽ ڪي وري انهن جو گند ڪچرو صاف ڪري پيون وقت گذارين. ڇا سماج ۾ انهن کي ڪو عزت ڀريو مقام نه ٿو ڏئي سگهجي؟ بلڪل ڏئي سگهجي ٿو ۽ اهو به هن پنچائت جي معرفت، سلائي مشينون وٺي ڏيڻ، ننڍڙي پئماني تي گهرو ڪارخانا کولڻ ۽ دستڪاري کي همٿائڻ جنهنجي ذريعي مسڪينن، غريبن ۽ وڌوا عورتن کي سُٺا سُٺا اجورا ڏئي اهو منش شيوا جو ڪم ڪري سگهجي ٿو.

ٽيون مسئلو آهي ٻارڙن جي پڙهائي جو. اميرن جي لاءِ ته پبلڪ اسڪول به آهن ته انفرادي طور تي ٽيوشن جا چڪر به موجود آهن. هونئن به اسڪول ته اڄڪلهه نالي لاءِ ئي آهن سڄو ڪمال ته ٽيوشن ۾ رکيل آهي. ٽيوشن پڙهي ته ٻارڙو مڙيئي چڱيرڙو ٿيندو ۽ امتحان به پاس ڪندو نه ته پيو ليڪا ڪڍيندو. هاڻي ٽيوشن به ته پئسن سان پڙهبي گهر ۾ تي ويلاتئو به مشڪل سان تپي پوءِ پلا ٽيوشن جا پئسا ڪٿان اچن. هاڻي جي هُجي پئنچائت ۾ حال ته اهڙن مسڪين ٻارڙن لاءِ جيڪي ٽيوشن جو خرچ نه ٿا ڀري سگهن، ڪوچنگ ڪلاسز جو انتظام ڪيو وڃي جيئن اهي معصوم ۽ مسڪين ٻارڙا به ٻين جي ٻارن جيان تعليم حاصل ڪري سگهن جيڪو انهن جو بنيادي حق آهي. ڳالهه آهي سڌي سنئين امير ماڻهو ڪٿي ٿو چاهي ته غريب جو ٻار پڙهي ۽ هن جي ڪرسي سنڀالي، يا وري هن جي پُٽ سان ڪڏ ساڳي ڪرسي تي ويهي.

چوٿون مسئلو آهي نياڻين لاءِ هنري اسڪول جو. هاڻي غريب ماڻهو ڪٿي ٿو پنهنجي نياڻين کي پرت ۽ ٺويو سيکارڻ جي سگهه ساري. جيڪڏهن پئنچائت طرفان ڪو هنري اسڪول هجي جنهن ۾ نياڻيون هنر سکي پوءِ اڳتي هلي ڏکئي وقت ۾ پنهنجي ور سان معاشي مسئلي ۾ هٿ ونڊائين. جيئن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نالو وڏيري جو" واهه سائين واهه- اوهان جو ڏنڊو-

35 سالن جو حساب ته ڏيڪاريو؟ يا وري ڪو چڱو ٽيل ڪم ئي ڏيڪاريو جيڪو اوهان ڪيو هجي ۽ ان تي پئسا خرچ ٿيا هجن، جي نه ته پئسا آخر ويا ڪيڏانهن؟

اسين هندو جنرل پنچائت جيڪب آباد کي پُرزور اپيل ڪريون ٿا ته 35 سالن جو حساب ڪتاب تفصيل سان ڏيو ۽ جلد از جلد نيون چونڊون ڪرائي پئنچائت جون واڳون چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪيون وڃن.

اسين غريب، مسڪين، ڏتڙيل ماڻهن ۽ نوجوانن کي به اپيل ٿا ڪريون ته پئنچائت جي چڱ مڙسي صرف چند اميرن جي ميراث ڪانهي، اوهان جو به حق آهي پئنچائت جا اصلي وارث اوهان ئي آهيو، اچو ته سڀ گڏجي سماج شيوا ۾ هٿ ونڊايون ۽ وڏن يعني پرشن جي ڏنل جو صحيح استعمال ڪري انهن جي آتما ۽ خواهش کي پورو ڪريون، اهو سڀ ڪجهه جنرل پئنچائت جي آمدنيءَ مان ئي ٿي سگهي ٿو

*هفتيوار سنڌ سجاڳ*
*جيڪب آباد، 1983ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هندو جنرل پئنچائت جو حساب ڏيو

محترم ايڊيٽر صاحب:-

اوهان جي اخبار جي توسط سان هن خط ذريعي هندو جنرل پئنچائت جيڪب آباد بابت ڪجهہ حال اورينداس.

پئنچائت ڪي نهي تقريباً 50 سال ٿيندا. پئنچائت جي ڪروڙين روپين جي ملڪيت ٿيندي. جيڪڏهن هن ملڪيت جي آمدني جو جائز استعمال ڪيو وڃي تہ هوند ڪيترا مسڪين هن مان فائدو حاصل ڪن ۽ ڪيترن غريبن جا ڪارج سنور جي وڃن.

ڌرمي پرشن اها جائداد انهيءَ ڪري خيرات ۾ ڏني تہ جيئن ان جي آمدني مان سماج جي غريبن ۽ مسڪينن جا ڪارج سنورجن. غريبن جي نياڻين جي انهيءَ پئسي مان شادي ڪرائجي تہ جيئن اهي ويچاريون بہ ٻين اميرن جي ڌيئرن جيان سينڌ ۾ سنڌور ڀري پنهنجو گهر وسائين ۽ گرهستين واري زندگي بسر ڪن. جيڪو انهن جو حق بہ آهي. سماج کي ڪيترائي مسئلا درپيش آهن.

ڪيتريون ئي وڌوا عورتون پيٽ گذر خاطر پيون در در جا ڌڪا کائين. ڪيتريون ئي نوجوان استريون ڏيتي ليتي جهڙي موذي مرض جو شڪار ٿي حياتي ڀر سينڌ ۾ سنڌور ڀرڻ کان محروم آهن. ڪيترائي مسڪين ۽ ڏتڙيل ماڻهو روزگار لاءِ پريشان آهن ۽ ڪيترن کي تہ وري رهڻ لاءِ ڀرو اجهو ئي ڪونهي. جيڪڏهن خيراتي ملڪيت جي آمدني جو جائز ۽ ايماندارانو استعمال ٿئي تہ شايد ڪيترائي مسئلا حل ٿي وڃن. هتان جي هندو جنرل پئنچائت جو حال اهڙو آهي تہ 50 سالن ۾ نہ ئي ڪڏهن حساب ڪتاب ڏنو ويو آهي ۽ نہ ئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوندون ڪرايون ويون آهن. آخر چو ۽ ڪيستائين.

اصولاً ته هر سال پئنچائت جو حساب ڪتاب ڏيڻ کپندو هيو پر ائين ناهي ٿيو. عام ماڻهو کي خبرئي ناهي ته ڪروڙن جي جائداد مان حاصل ٿيندڙ آمدني ڪيڏانهن پئي وڃي. وريَ جيڪڏهن ايستائين بس هجي ته به نهيو حالت اها آهي جو جڏهن ڪو مسئلو درپيش ٿو اچي ته چندي تي زور ٿو لڳايو وڃي جنهن جو وزن به عام ماڻهو تي پوي ٿو جنهن مان عام ماڻهو ڪڪ ٿي پيو آهي.

پئنچائت جي صحيح ڪم نه ڪرڻ سبب عام ماڻهو جا مسئلا حل ڪو نه پيا ٿين جنهن جي نتيجي ۾ روز ٿيون نيون پئنچائتون ٺهنديون وڃن ۽ روز نيون ڌڙي بنديون پيون ٿين جنهن ڪري ڪڏهن ڪڏهن پائيچاري وارو عمل به متاثر ٿو ٿئي جنهن جي ذميوار به پئنچائت آهي. ظاهر آهي ته ماڻهن کي پنهنجن مسئلن حل ڪرائڻ لاءِ ڪجهه ته ڪرڻو ئي آهي جنهن جو نتيجو اهي مختلف پئنچائتون آهن.

سماجي ڀلائي، سماجي ايڪتا، سماجي جوڙجڪ تڏهن ڏانوان ڏول ٿي ويندي آهي جڏهن ان سماج جا ذميدار ادارا ۽ جوابدار ماڻهو سماجي ايڪتا ۽ سماجي ڀلائي ۾ رنڊڪون وجهندا آهن ۽ سماجي فرض ايمانداريءَ سان پورا نه ڪندا آهن. هتي به اهوئي ٿيو آهي.

منهنجي هندو جنرل پئنچائت کي پرخلوص گذارش آهي ته پئنچائت جو حساب ڪتاب جلد ازجلد ڏئي پائرن کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ته جيئن سمورا شڪ شبهه ختم ٿي وڃن.

*هفتيوار سنڌ سجاڳ، جيڪب آباد*

*31 ڊسمبر 1983ع*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چيو تہ آمريڪي حڪومت ايران خلاف ڪيس ٺاهڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي ۽ اهو ثابت ڪرڻ چاهي ٿي تہ ايران وڌيڪ خطرناڪ آهي. جيڪڏهن ڏسجي تہ سني شدت پسندن عراق ۾ آمريڪا جا وڌيڪ ماڻهو ماريا آهن آمريڪا اهو ايران کي چيڙائڻ لاءِ ڪري رهيو آهي تہ جيئن هو ڪجهہ ڪري ۽ انهن کي ان تي حملو ڪرڻ جو موقعو ملي. بش پنهنجي 10 جنوري واري تقرير ۾ چيو تہ ايران ۽ شام پنهنجي زمين شدت پسندن کي استعمال ڪرڻ ڏين ٿا تہ جيئن هو عراق ۾ اچي سگهن ايران کين هٿيار مهيا ڪري ٿو. اسان ان تاجي پيٽي کي ٽوڙڻ چاهيو ٿا.

گذريل هفتن ۾ انتظاميا طرفان ايران تي عراق جنگ ۾ مداخلت جا الزام پڻ لڳايا ويا. 11 فيبروري جي رپورٽ ۾ چيل آهي تہ عراق ۾ جيڪي تباهي آڻيندڙ هٿيار ڏنا ويا اهي ايران کان آيا آمريڪي فوج ڪيترن ئي ايرانين کي عراق ۾ پڪڙيو ۽ جاچ ڪئي. هڪڙي ئي وقت 5 سئو ايراني بہ پڪڙيا ويا ۽ بش انتظاميا ايران تي ڪيس ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ چيو تہ اهي آمريڪي فوجين جي موت جا ذميوار آهن.

اسان ايران خلاف جنگ تيار ڪونہ پيا ڪريون اهو نئين ڊفينس سيڪريٽري رابرٽ گيٽس 2 فيبروري تي چيو پر تنهن هوندي بہ بحران شديد ٿيندو ويو. نون ۽ پراڻن اينٽيليجنٽس آفيسرن جي چوڻ مطابق لبنان ۾ ڳجهي آپريشن سان ايران خلاف ڳجهو آپريشن بہ شامل آهي. آمريڪي ڳجها ادارا ايران خلاف معلومات حاصل ڪرڻ ۾ رڌل آهن پينٽاگون جو دهشتگردي خلاف اڳوڻو ماهر چوي ٿو تہ ايراني مداخلت ڪارن جو پيڇو ڪندي باردر بہ ڪراس ڪيو وڃي ٿو. آمريڪي صدر پنهنجي فوجين کي بچائڻ ۽ انهن جي سلامتي لاءِ ڪجهہ بہ ڪري سگهي ٿو. ڊڪ چيني پنهنجي 14 جنوري واري فاڪس ٽي وي خبر ۾ چيو تہ ايران مستقبل ۾ نيوڪليئر ايران هوندو جيڪو پنهنجي پاڙي سرين لاءِ خوف جو سبب بڻبو. هن چيو تہ توهان مصر، سعودي عرب، اسرائيل ۽ اردن ڪٿي بہ وڃو اُهي سڀ ايران کان پريشان آهن. ايران جو خطرو وڌي پيو وڃندو.

مضمون نگار لکي ٿو تہ پينٽا گون ايران تي بمباري لاءِ سوچي پيو اهو عمل گذريل سال شروع ٿيو جنهن جو ڊائريڪٽر صدر آهي ويجهڙائي وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهينن ۾ اڳوڻي اينٽيليجنٽس آفيسر چيو تہ اسپيشل پلاننگ گروپ جوائنٽ چيف آف اسٽاف جي آفيس ۾ ٺاهيو ويو آهي. جنهن ۾ ايران خلاف بمباري عمل ۾ آندي ويندي، جنهن جو حڪم صدر ڏيندو.

گذريل مهيني هوائي فوج جي مشير ۽ پينٽاگون جي دهشتگردي خلاف ماهر چيو تہ ايران خلاف حملي واري ٽيم کي نئون ڪم ڏنو ويو آهي اهو آهي تہ ايران ۾ ٽارگيٽ ڳولهيو جيڪي ايران ۾ وڙهندڙن کي مدد تا پهچائين پهريائين. سڄو زور ايران ۾ موجود نيو ڪليئر سهولت طرف ۽ ايراني حڪمرانن جي تبديلي ۾ هڪ مقصد هيو. عربي سمنڊ ۾ آمريڪا جي موجودگي ٻڌائي وڃي ٿي آئزهاور ۽ اسٽينس ٻئي عربي سمنڊ ۾ موجود آهن.

(دي نيوز جي ٿورن سان)

*روزاني عوامي آواز ڪراچي*
*10 اپريل 2007ع*

ج- انهيءَ ڪانسواءِ اسان وٽ ٻيو ڪو حل ڪونهي اسان ٻيو ڪري به ڇاٿا سگهون. ٻهريائين سادات ۽ هاڻي حسني مبارڪ اسان کي اهڙئي طريقو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيا آهن. ڇا زوري مڙهيل قانونن جي موجودگي ۾ ڪا مخالف جماعت پر امن رهي ڪري ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪري سگهي ٿي. مصر ۾ اڄڪلهه مخالف جماعتون صرف پنهنجو بچاءُ ڪري رهيون آهن. اسان کي پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪرڻ تيْ مجبور ڪيو ويو آهي.

س- ڇا توهان کي فوج جي حمايت حاصل آهي؟

ج- فوج هارين، مزدورن ۽ پڙهيل لکيل خاندانن جي ٻارن تي مشتمل هوندي آهي ۽ جڏهن انهن خاندانن تي ڪا آفت آئي ته مون کي يقين آهي ته اهي صحيح فيصلو ڪندا.

س- حڪومتِ مصر جي مخالف گروهن جا لبيا سان ڪهڙا ناتا آهن؟

ج- لبيا سان اسان جا ناتا ائين آهن جيئن شام -عدن يا تنظيم آزاديءَ فلسطين سان.

س- جيڪڏهن ڪرنل قذافي توهان کي مصري حڪمرانن تي حملي ڪرڻ لاءِ فوجي امداد جي پيش ڪش ڪئي ته ڇا توهان قبول ڪندا؟

ج- مان هڪ عرب جي ٻئي تي حملي جي حمايت نه ڪندس، مونکي پختو يقين آهي ته اسان حسني مبارڪ ٽولي جو تختو بنان ڪنهن ٻاهرين امداد جي اونڌو ڪنداسين-

س-جيڪڏهن مصر ۾ توهان جي حڪومت آئي ته ڪيمپ ڊيوڊ معاهدي جو ڪهڙو حشر ٿيندو؟

ج- اسان هڪدم مصري عوام کان پڇنداسين ته اهي ڪيمپ ڊيوڊ معاهدي جي مخالفت يا حمايت چوڻا ڪن. اسان جيڪو به فيصلو ڪنداسين عوام جي راءِ کي مٿيرو رکي ڪنداسون.

س- جيڪڏهن مصري عوام فيصلو انهيءَ جي حق ۾ فيصلو ڏنو ته؟

ج- اسان کي ڪوئي اعتراض نه ٿيندو.

س- حسني مبارڪ جي باري ۾ توهان جو ڇا خيال آهي؟

ج- مان پهريائين به چيو ته مصر ۾ جيڪو ڪجهه ٿيندو رهيو آهي انهيءَ جي سڄي ذميداري سادات تي عائد ٿئي ٿي، حسني مبارڪ انهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ آهي.

آمريڪا جي تاريخ ۾ اِهو پهريون دفعو آهي جو سوين رضاڪار ٻاهرين مُلڪن پنهنجا مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ موڪليا ويا آهن. اُنهن لاءِ نہ تہ چئي سگهجي جن جا پيارا جنگ جي ميدان ۾ موڪليا ويا آهن.

بس جي لفظن کي ڏسجي تہ ٿوري دير لاءِ ڪٿي صَحيح بہ سمجهجي ته جيڪي عراق ۾ وڙهن ٿا اِهي اسان لاءِ پيا وڙهن ۽ اسان کي موت جي راند کان بچايو اٿائون. انتظاميا دُرست ٿي سگهي ٿي پر عراق ۾ حملي جو بڌايو ويو يعني ڪيميائي هٿيارن جو هجڻ اِن جي سچائي اڃان ثابت ڪونهي ٿي سگهي. صدام جي ڌهڻ ڪانپوءِ جي مذهبي جهڳڙن لاءِ تيار نہ هئاسون تاريخ پنهنجي ئي تال تي هلندي آهي اسان جي اخباري خبرن تي نہ زميني صورتحال مايوس ڪُن آهي.

هي مضمون جنگ ۾ مري ويندڙ فوجين جي مائٽن ڏانهن فوجين جي لکيل خطن بابت آهي. اصل مسئلو جنگ جو حامي يا مخالف هجڻ، بُش حمايتي يا بش مخالف هجڻ ناهي اصل مسئلو تہ اُنهن نوجوانن جو آهي جيڪي جنگ ۾ مارجي رهيا آهن. اهڙو اظهار ليري پيج ڪيو جنهن جو پُٽ جنگ ۾ مارجي ويو.

هڪڙي فوجي پنهنجي مائٽن ڏانهن لکيو تہ وقت گهڻ آهي سدائين جيان ۽ وري لکيائين تہ ڪڏهن لڳندو آهي تہ اسين ڪٿون پيا ۽ ڪڏهن وري لڳندو آهي تہ نہ . ڪالهہ هڪ ننڍڙي ڇوڪري بيگناهہ وچ ۾ مارجي وئي، اِهو چڱو نہ ٿيو. شهر گند جو ڍير لڳو پيو آهي ۽ عراق دشمنن سان ڀريل. اِهو ڪو چرچو ڪونهي، بلڪل نہ. ماڻهو مڪين وانگيان مرن پيا.

توهان جنهن جوڌن جا آواز ٻڌو پيا اُهي هينڊيل وانگيان جيئڻ چاهين ٿا اُهي ڪنهن وڏي حڪمت عملي جا متلاشي ڪونهن. ڪوڙ سارا ماڻهو گهر وڃڻ چاهين ٿا سينٽ پيٽرڪ چيو. ڪوڙ سارا ماڻهو واپس وڃڻ چاهين ٿا پيزا کائڻ لاءِ نہ پر تحفظ لاءِ.

تشدد مستقل آهي ۽ ان کان بچي ڪونہ ٿو سگهجي. منهنجي ٽينڪ اڄ صبح هڪ ٻيو RPG کنيو بلارڊ پنهنجي ماءُ کي نجف مان لکيو. اِهو هاڻ هڪ قسم جي راند ٿي پئي آهي. اُهي حملو ڪن ٿا اسان مرون ٿا ۽ اسين حملو

ڪريون ٿا اُهي مرن ٿا اهو وري وري ٿيندو رهي ٿو.

اِهو نجف، فلوجا، بغداد ۾ امبر صوبن ۾ ٿئي پيو. اِهو اڪثر آمريڪن لاءِ سمجهائڻ مشڪل آهي ته اِنهن سمورن ٽڪرن کي ڪيئن جوڙ جي ۾ کهڙي نئين شئي سنين کان شيعن کي الڳ ڪندي ۾ ٿاينڪو عراق ڪيئن لڳندو. اِهو نہ سمجهڻ وارو جهڳڙو آهي.

بيلارڊ پنهنجي گهر لکيو تہ قومون جنگيون ڪنديون آهن پنهنجي سوچ، سياست ۾ فلسفي لاءِ ۾ اِهي تبديل بہ ٿيندا رهندا آهن. اِهي هر وقت هڪجهڙا ڪونهن هوندا جيڪا شئي ابدي آهي اُها آهي جوڏن جو انسان هجڻ ۾ اُنهن جا ڏک سُور، درد ۾ پيڙا جيڪي پنيان رهجي ويا. پنيان رهجي ويلن لاءِ نہ اُهي هٿ چهڻ لاءِ رهيا ۾ نہ اُهي آواز ٻڌڻ لاءِ رهيا رهجي ويا تہ اُهي لفظ جيڪي اوهان ٿورو اڳ پڙهيا.

*افيئر مئگزين*

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکجڻ لڳا. ڪجهہ ادبي تنقيد ڏانهن بہ ٿورڙي توجهہ ٿيڻ لڳي.

ان جا ڪيترائي سبب ٿي سگهن ٿا. سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي گهمسان ادب ڪي گهٽو توجهہ ۾ ناهي رکيو. بلوچي زبان جي رسمي تعليم ۽ تربيت نہ هجڻ ڪري ادبي سرمائي کي وڌائڻ. ان ۾ وڌيڪ جدت پيدا ڪرڻ ۽ تنقيد ۽ تحقيق جو حق ادا ڪرڻ جي ايتري اهميت نظر ڪو نہ ٿي اچي جيڪا پڻ هڪ وڏو سبب آهي. ان جي باوجود ادب جا ڪي شيدائي ان حق کي ادا ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اها تمام وڏي ڳالهہ آهي. بلوچي ادب جي انهن عاشقن ۾ سڀ کان پهرين ۽ قد آور شخصيت محمد سردار خان گشڪوري بلوچ جي آهي. جنهن 1945ع کان بلوچي زبان ۽ ادب لاءِ ڪم شروع ڪيو. جڏهن هيو ڪو بہ ان طرف سوچي بہ نہ پيو. سندس لکيل بلوچي ادبي تاريخ جون بہ وڏيون جلدون سندس ڪاوشن ۽ ڪوشش جو ثبوت آهن.

جڏهن تہ اهو سلسلو اڃا تائين جاري آهي. البتہ هن انگريزي ٻوليءَ کي وسيلو بڻايو اهي، ڇاڪاڻ تہ بلوچي ادب جي تاريخ کي پڌرو ڪرڻ جو اهو بهترين طريقو آهي. هاڻي انهن مشهور لکڻين جو بلوچي ترجمو، بلوچي زبان ۽ ادب ۾ هڪ وڏو اضافو ثابت ٿيندو. بلوچي ادب ۾ تنقيد جو ميدان اڃا ايترو وسيع ناهي، ان جا سبب ظاهر آهن. جيتري بہ ادبي تنقيد نظر اچي ٿي ان ۾ سيد ظهور هاشمي مرحوم آزاد جمالي مرحوم ميرگل خان، نصير ڪريم رشيد، عبدالحڪيم بلوچ، حاجي عبدالقيوم بلوچ ۽ عبدالله خان جمال دين جون ڪوششون شامل آهن.

ميرگل خان "نصير" کان سواءِ ٻين صاحبن جا بہ چڱا چڱا مضمون ڇپيندا رهيا آهن. پر تنقيدي مجموعن جي ترتيب، جون ڇپائڻ لاءِ اڃان ڪنهن همت پرائي جي بظاهر ڪوٽ نظر اچي ٿي. مخصوص رسالن خاص ڪري "اولس" ۾ جيڪي مضمون ڇپجندا رهن ٿا، اهي بہ ڪنهن مرتب جا منتظر آهن.

مير گل خان نصير (مرحوم) بلوچيءَ جو ناميارو شاعر آهي ان جي نثري لکڻين جي ٻولي اردو آهي، جن ۾ بلوچي شاعري متعلق ٽي ڪتاب آهن. بلوچستان کي کهاني شاعرون کي زباني "بلوچستان کي رزميا شاعرا" ۽ بلوچستان کي عشقيہ شاعري" جن مان پهريون تہ تنقيدي ڪاتي ۾ ڪو نہ ٿو اچي پر باقي بہ ڪتاب سندس تنقيدي شعور کي نمايان ڪن ٿا.

ڇاڪاڻ تہ مير صاحب شاعري سان نظرياتي بحث بہ ڪيو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾بلوچي ڪلاسيڪل شاعري جو تجربو به ڪيو آهي جيڪو چڱي حد تائين معروضي آهي. جنهن کي اسان سائنسي تنقيد به چئي سگهون ٿا. ان جي تنقيد ۾ تجزياتي ۽ تشريحي رنگ پيدا ٿي وڃي ٿو.ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته انهن ڪتابن جو بلوچي ترجمو ٿئي ته جيئن بلوچي ادب ۾ قيمتي اضافو ٿئي.

تحقيق جي سلسلي ۾ جيڪي ڪجھ ٿيو آهي اهو پنهنجي جاءِ تي گهڻو قيمتي آهي، پرضرورت ان ڳالھ جي آهي تهان کي حقيقي معنيٰ ۾ پنهنجو ڪري وڏيڪ ڪوجنا ڪئي وڃي.

قديم شاعرن جي شاعري ۽ خانہ بدوش شاعري جي سلسلي ۾ اهو ضروري آهي ته ان ئي جي تحقيق ڪئي وڃي.ته ان جا اصل خالق ڪير آهن. ناميارن شاعرن جي شخصيت ۽ حالتن بابت جيڪي افسانوي ڳالهيون ٿين ٿيون انهن جي تحقيق ڪئي وڃي.اهڙي طرح ڪلاسيڪي شاعري جي لڳ لاڳاپن بابت تحقيق ڪئي وڃي.ان جي اصل خلقيندڙ جي جاچ ڪئي وڃي ۽ جن ماڻهن سان اهي لاڳاپيل آهن اهو معلوم ڪيو وڃي ته ڇا اهي واقعي اهي شخصيتون شاعر هيون يا ڪجھ ماڻهن جي شاعراڻي انداز بيان کي شاعري قرار ڏنو ويو. اهي مڙيئي ڪم اهڙا آهن، جن تي سوچ ويچار ۽ تحقيق جي ضرورت آهي. اهو ڪم ماڻهو به ڪري سگهن ٿا ته ادارا به. جيڪڏهن ادبي ادارا اهو ڪم ڪن ته هُوند تحقيق جو حق ادا ٿي سگهي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي هڪ سچو صنعتي معاشرو تشڪيل ڏنو ويجي تہ جيئن محروم طبقن لاءِ روزگار جا جهجها وسيلا مهيا ٿين ۽ اهي سماج ۾ مرڪزي وهڪري ۾ شامل ٿي پنهنجي داغدار ماضيءَ کان جان ڇڏائي سگهن. سماج ۾ اُهي باعزت مقام حاصل ڪن ۽ پاڻ کي مختلف نسلن مان چوائڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ ٿئي.

*هفتيوار "سنڌ سجاڳ" جيڪب آباد*
*4 نومبر 1982ع*

# ڪوٽا سسٽم

ڪوٽا سسٽم ئي هڪ واحد گس آهي، جنهن رستي پوئتي پيل علائقن جو محنتي غريب شاگرد سکيو ستابو رهي سگهي ٿو. اڄ ڪلهه ڪوٽا سسٽم جي لاءِ ڪجهه افواهون پکڙجي رهيون آهن ته ڪوٽا سسٽم ختم ڪيو پيو وڃي. هونئن ته بي- ڊي- ايس (B.D.S) ۾ ڪوٽا سسٽم ختم ڪيو ويو آهي. هاڻ ٻين پيشورانه ادارن لاءِ به افواهون عام جام آهن. جيڪڏهن واقعي ڪوٽا سسٽم رد ڪيو پيو وڃي ته پوءِ اهو پوئتي پيل علائقن جي شاگردن ۽ عوام سان وڏو ظلم ٿيندو.

ڪوٽا سسٽم جي هجڻ ڪري ئي هر هڪ کي پنهنجا پورا پورا حق ملي سگهن ٿا. اڳي به ڪيتروئي وقت ٻهراڙي ۽ پوئتي پيل علائقن جي شاگردن کي نظر انداز ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن هاڻ به ائين ڪيو ويو، ته پوءِ اهو سراسر ظلم ٿيندو.

جيڪڏهن ميڊيڪل پاليسي کي ئي وٺجي

ميڊيڪل ڪاليجن ۾ ڪوٽا سسٽم کي ختم ڪيو ويو ته پوئتي پيل علائقا جتي اڳ به طبي سهوليتون ميسر نه آهن ۽ جيڪڏهن هاڻ به ڪوٽا سسٽم رد ڪيو ويو ته پوءِ اها زيادتي صرف ٻهراڙي جي شاگردن سان نه پر پوئتي پيل علائقن جي غريب عوام سان پڻ ٿيندي.

پٺتي پيل علائقن جا شاگرد جيڪي ڪيترا سال ڊاڪٽر ٿيڻ کان محروم هئا انهن لاءِ هاٽوڪي پاليسي فائدي واري آهي، جنهن تحت اڄ هو به ڊاڪٽر بڻجي سگهن ٿا. جيڪڏهن اها هاٽوڪي پاليسي رد ڪئي وئي ته پوءِ ساڳي طرح اڳي جيان غريب پٺتي پيل علائقن جا شاگرد محرومي جو شڪار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج اسپتال ۾ دوائن ۽ ضروري سامان جي کوٽ

## لاڙڪاڻو (مرلي ڌر وتان)

چانڊڪا ميڊيڪل اسپتال هوندي به نالي ۾ ميڊيڪل ڪاليج اسپتال آهي پر هتي نه دوائون پوريون آهن نڪي ضرورت جو هيو سامان ئي موجود آهي.

اسپتال ۾ ڪافي شعبا ته شروع ڪان آهن ئي ڪونه جيئن چمڙي جي بيمارين جي شعبو هڏن جي بيمارين جو شعبو وغيره جنهن لاءِ مريضن کي ڪراچي ۽ ٻين وڏن شهرن ڏانهن وڏا وڏا خرچ ڪري وڃڻو پوي ٿو.

هتان جي آپريشن ٿيئٽر ۾ اوزار پورا ڪونه آهن جنهن لاءِ ڊاڪٽرن کي مريضن جي آپريشن ڪرڻ وقت سخت پريشاني جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. ڪيترن ئي مريضن کي انهيءَ سبب ڪري ڪراچي علاج ڪرائڻ لاءِ موڪليو وڃي ٿو.

ويچارا مريض جيڪي لاڙڪاڻي جون تڪليفون ۽ خرچ به نٿا برداشت ڪري سگهن اهي ڪراچي يا ٻئي ڪنهن شهر وڃڻ تي مجبور آهن.

هتان جا شهري اپيل ٿا ڪن ته ان ڏس ۾ جوڳا اُپاءَ وٺي عوام کي پريشاني کان بچايو وڃي.

ياد رهي ته هي اسپتال ميڊيڪل ڪاليج جي اسپتال آهي جنهن جو اهو حشر آهي.

هفتيوار ”سنڌ سجاڳ“ جيڪب آباد
تاريخ: 8 آڪٽوبر 1981ع




## اکڙيون ڏيلا مَن گهايل

### گهايل مَن ۾ انسانيت جو درد!

سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي تہ "هنذ اهو سڙي جتي باھہ ٻري" سو جنهن ماڻهوءَ زندگيءَ ۾ ڏک ڏٺا هجن. ڪشالا ڪٽيا هجن ۽ ڪنهن ڪرب مان گذريو هجي. زندگي ڇا آهي؟ ان جو قدر بہ ڪو بہ ان کان پڇي. سو ڊاڪٽر مرلي بہ زندگيءَ جي اهڙين ڪيفيتن مان نہ رڳو گذري آيل آهي بلڪہ وڃي ريٽو ٿيل شخص آهي. هُن کي غريبن جو سهارو بڻجڻ جي سُتي ڪيس جنم کان ئي پيل آهي. هو پنهنجي ڪٽنب جي وڏڙن سان گڏجي سماجي برائين خلاف جُهد ڪندو رهيو. هو ڊاڪٽريءَ وسيلي تہ بيمار ماڻهن کي صحت ڏيڻ لاءِ جاکوڙيندو ئي رهيو ٿو، پر هڪ حساس شاعر طور بہ هن سماج جي هر ان اڻنگي روش کي پنهنجو موضوع بڻايو آهي. جيڪا انسان کي اندران ئي اندران ڪپي ڪورهي رهي آهي. هو ان سلسلي ۾ هڪ هنذ پاڻ ئي پنهنجي پاران پنهنجي ڪتاب "اکڙيون ڏيلا من گهايل" نالي شاعري جي آيل ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ "منهنجو نظم "سنڌ" ان عورت تي لکيل آهي، جيڪا ٻار نہ ٿيڻ ڪري پريشان هئي، هن پنهنجي طبي چڪاس تہ ڪرائي هئي، پر مڙس پاڻ کي چڪاسڻ لاءِ تيار نہ هو." ذڪر ڪيل نظم ۾ جتي هڪ حساس شاعر طور مردن جي سماج ۾ عورت جي حيثيت جو سوال اٿاريو ويو آهي. اتي هڪ معالج طور عقليت پسندي وارو گس بہ ڏسيو ويو آهي تہ سنڌ رڳو عورت ئي نہ بلڪہ ان مريض ۾ مرد بہ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

حالانڪہ مرداڻي سماج ۾ اهڙو تصور ڪرڻ کي انتهائي خراب سمجهيو وڃي ٿو. شاعريءَ جي هن ڪتاب ۾ مرلي ڌر گهڻو تڻو سياسي ۽ سماجي مسئلن کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي. عشق ۽ رومانس سندس پسنديده موضوع ناهن. هو عوام جي محروميءَ ۽ ڏکن جو شاعر آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهاڳ ۾ اسان جي دوست ۽ 'عوامي آواز' جي ايڊيٽر ڊاڪٽر جبار خٽڪ هن ريت پنهنجي راءِ ڏني آهي.

"هو هڪ نظرياتي ماڻهو آهي. هن عام ماڻهوءَ کي انڌن اونڌن ويڄن کان بچائڻ، دائمي دردن جي ڇوٽڪاري جي واٽ ٻڌائي آهي... هن عملي طور علاج کان محروم ماڻهن جي خدمت لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي. جيئن ته هو عام ماڻهوءَ جي جسماني ۽ طبي آزارن کان واقف آهي تنهن ڪري علاج توڙي دوائن جي ڳاٽي ٽوڙ خرچن کان بچائڻ لاءِ، هن، هن قسم جي ڪتاب کي ترتيب ڏنو آهي."

اسان وٽ هن پائي جي ڪتابن جي سخت ضرورت هئي، جيڪا ڊاڪٽر مرلي ڌر پوري ڪري انسان ذات جي خدمت جو وڏو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. هي ڪتاب سنڌ جي هر گهر، خاص طرح سان ٻهراڙين جي اٻوجهه ۽ بي پهچ ماڻهن لاءِ وڏو ڏڍ ڏيندڙ ۽ بيمارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ، نهايت اهم ڪتاب آهي. هر گهر ۾ هن ڪتاب جو هئڻ اٽر آهي.

**تاج بلوچ**

سوجهرو، ڪراچي

# پيڪاڪ پرنٽرس ۽ پبلشرس پاران ڇپايل ڪتاب

| نمبر | ڪتاب | ليکڪ/سهڙيندڙ/سنڌيڪار | قيمت |
|---|---|---|---|
| .1 | محمد ابراهيم جويو: جديد سنڌ جي شعور جو اَڏيندڙ! | پروفيسر اعجاز قريشي | 200 |
| .2 | ساماڻي تان سک ويا | نيلوفر جويو | 250 |
| .3 | ڪجهه يادون ڪجهه ڳالهيون | فضل الله قريشي | 800 |
| .4 | پاڻيءَ جي وسيلن بابت ٽيڪنيڪل ڪميٽيءَ جي رپورٽ | آءِ. اين. جي عباسي | 300 |
| .5 | سون ساريکي سنڌ | عذره سرور ڪنڊر | 300 |
| .6 | تاريخي ماديت | ملوڪ لُنڊ | 600 |
| .7 | ون يونٽ ۽ سنڌ | پروفيسر اعجاز قريشي | 800 |
| .8 | مهتاب: شخصيت- ڪردار-ميحتا | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | 500 |
| .9 | ڪتيم سپ جمار (آتم ڪٿا) | شمس جعفراڻي | 600 |
| .10 | سنڌو لکت تي ٿيل تحقيق جو جائزو | ڊاڪٽر آفتاب ابڙو | 400 |
| .11 | شاهه لطيف: سنڌ جي آزادي جو پهريون عظيم شاعر | يوسف شاهين | 200 |
| .12 | آءُ جي اهائي ذات | فاطمه زهره قاضي | 500 |
| .13 | سنڌ جي جديد تاريخ | ملوڪ لُنڊ | 500 |
| .14 | هڪ ليکڪ جو تخليقي سفر: امر جليل (واليم ٽيون) | مختيار احمد ملاح | 350 |
| .15 | ڏاها هن ڏيهه جا | پروفيسر اعجاز قريشي | 300 |
| .16 | سنڌ بچايو بر اعظم بچايو | امان الله شيخ | 200 |
| .17 | هونداسي حيات (سراج الحق: علمي ادبي ڪم) | پروفيسر محمد سليم ميمڻ | 250 |
| .18 | سفر زندگيءَ جو (جيوٽي) | قاضي علي محمد ڏيپلائي | 500 |
| .19 | ٻه فڪري ڪتاب (انقلاب جي تاريخ ۽ غدر سورما) | امان الله شيخ | 200 |
| .20 | منڍي ڪاريڊ امڙ (ڪاريڊ شانتا) | سيد مڪرم سلطان بخاري | |
| .21 | اڄي رات، ڪارو چنڊ (ڊراما) | محمد علي پٺاڻ | 600 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| 02 | ڳالهيون ٻيٽ ورن جو (ياڱو پهريون) | سلطانه وقاصي | 400 |
| 03 | ڳالهيون ٻيٽ ورن جو (ياڱو ٻيو) | سلطانه وقاصي | 300 |
| 04 | مرد مٽيادار | سيد صفدر علي شاهه | 200 |
| 05 | منهنجا مرشد | حاجي شاد راڄڙ | 300 |
| 06 | سنڌ جا سور | فقير محمد لاشاري | 500 |
| 07 | لاڙڪانه ليڊرون کي ڌرتي | ستار پيٽي | 750 |

## عريبه پبليڪشنس پاران ڇپايل ڪتاب

| نمبر | ڪتاب | ليکڪ/سهيڙيندڙ/سنڌيڪار | قيمت |
|---|---|---|---|
| 01 | صلوة حضوري (بزرگان دين کی نمازے محبت) | محمد حضور بخش صديقي | 300 |
| 02 | شفاء صدور في حيات اصحاب الحضور (ختم شد) | محمد حضور بخش صديقي | 250 |
| 03 | جواہر صديقه | محمد حضور بخش صديقي | 250 |
| 04 | احوال النور | محمد حضور بخش صديقي | 300 |
| 05 | بوسه جلد اول (حصه اول، حصه دوم) | محمد حضور بخش صديقي | 300 |
| 06 | بوسه جلد دوم (حصه سوم، حصه چهارم) | محمد حضور بخش صديقي | 300 |
| 07 | کلام لطيف مير - شرح حضور فقير | محمد حضور بخش صديقي | 250 |
| 08 | ميهڙ جون ديني درسگاهون | مفتي ڪريم بخش | 300 |
| 09 | شهيد راڻي تنهنجي عظمت کي سلام | قاضي آصف | 250 |
| 10 | ديوان غفاريه (ڪلام) حضرت محمد الغفار المعروف پير مٺا رحمة الله عليه | ديدء دل | 750 |
| 11 | مخدوم ابوالقاسم نقشبندي رحمة الله عليه | حامد الله سرهندي | 500 |
| 12 | قاسم الحائق (سوانح: حضرت محمد قاسم مشوری) | فقير فيض الله قاسمی | 1000 |


ڪتاب ملڻ جو هنڌ

**پيڪاڪ بُڪ هائوس**

404 رفيق سينٽر، ويجهو زيب مارڪيٽ، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي.

فون نمبر: 021 35680607 موبائيل نمبر: 0300 2152634

رابطي لاءِ: اقبال ابڙو 0341 2570527


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪانئُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعویٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصي ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَڙِي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جانِّ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڇڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book